ورثو

تهذيب جي بڻ بڻياد جي ڳولا

مائيڪل ووڊ






هي ڪتاب شروعاتي سڀيتائن ۽ انهن
جي جاري ورثي بابت آهي. هڪ لحاظ
کان اڳوڻي دنيا بابت پڻ آهي، پر
ان جون پاڙون پنج هزار سال اڳ
زرخيز چنڊ ۾ شروع ٿيندڙ اُن
انقلاب ۾ ڪتل آهن، جڏهن انسان
شهرن ۾ رهڻ شروع ڪيو. هي
ڪتاب عراق، مصر، هندستان، چين،
۽ آمريڪا کنڊ ۾ آزاديءَ سان اُسريل
شهري سڀيتائن جو احاطو بہ ڪري
ٿو، جيڪي چڱائيءَ يا بُرائيءَ ۾ اڄ
بہ ڌرتيءَ تي هر هڪ حياتيءَ مٿان
اثر انداز ٿين ٿيون. هيءُ ڪتاب
1990ع واري ڏهاڪي جي شروعات
۾ بي بي سيءَ پاران ٺاهيل فلمن جي
هڪ سيريز تي ٻڌل آهي، پر هاڻي
هي ڪتاب هڪ وڏيڪ آڳاٽي اتساهہ
جو مظهر پڻ بڻجي ويو آهي. جڏهن
مون ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ وليم
لوفٽس جي وارڪا ڏانهن سفر واري
وارتا پڙهي تہ اُن اصل ڇرڪائي
وڌو. ساڳي صورتحال سنڌو سڀيتا

LEGACY

A Search for the Origins of Civilization

CS CamScanner

مغل شهنشاهه جهانگير دنيا جي حاڪمن تي، هڪ صوفي بزرگ کي ترجيح ڏئي رهيو آهي. تصوير جي ڪُنڊ ۾، ايلزبيٿي پوشاڪ پاتل هڪ انگريز پنهنجي اکين ۾ ڀريل بي مروتي سان ڄڻ پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيو آهي.

ورثو

تهذيب جي بڻ بڻياد جي ڳولا

مائيڪل ووڊ

سنڌيڪار: اسلم خواجا

سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ پبلشرز ڪراچي

ورثو

تهذيب جي بڻ بنياد جي ڳولا

ماٺيڪل ووڊ

سنڌيڪار: اسلم خواجا

ڇاپو پهريون: جولاءِ 1999ع

ڇپائيندڙ: سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ پبلشرز

اردو بازار ڪراچي

قيمت: 200 رپيا

سنڌ پبلشنگ هائوس ڪراچي ۽ ڪاٺياواڙ اسٽور ڪراچيءَ جي گڏيل پيشڪش

اسٽاڪسٽ: ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار ڪراچي -74400

فون: 2638025 - 218025

LEGACY

A Search For The Origins Of Civilization

By: MICHAEL WOOD

For Rebecca and Jyoti

First Edition: July, 1999

Published By: SINDH AND KATHIAWAR PUBLISHERS

Urdu Bazar Karachi

Price: 200/=

سناءُ

پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي
پيش لفظ: مائيڪل ووڊ

باب پهريون

عراق: سڀيتا جو هندورو 15

1_ سڀيتا جي شروعات 18
2_ اَوائلي شهر 27
3_ ايجادُن جي ماءُ 37
4_ سُمير جو زوال 40
5_ آڳاٽي دور کان اسلام تائين 43
6_ اسلام جو شروعاتي دور 45
7_ بغداد: دنيا جو پهريون شهر 49
8_ بغداد جي تباهي 53
9_ جديد دور 54
10_ سُمير جي تباهي 1991ع 57
11_ عراق جو ورثو 58

باب ٻيو

هندستان: روحاني سلطنت 61

1_ هندستان جي تاريخ کان اڳ واري دور جي، نئين سر دريافت 62
2_ سنڌوءَ جا گم ٿيل شهر 66
3_ سنڌو سڀيتا 69
4_ اجان ۽ وڏيڪ گهرا بنياد: بلوچستان ۾ نيون کوٽايون 70

5_ مهاڀارت جو سورهياٽو دؤر 74
6_ گنگا جي سڀيتا 77
7_ ٻڌ مت ۽ جين مت 81
8_ موريا راڄ 83
9_ انيڪتا ۾ ايڪتا 85
10_ اسلام جي آمد 86
11_ مغل سلطنت 90
12_ دارا شڪوه: سپني جو انت 93
13_ ڏڪڻ 96
14_ آخري اڳرائي: انگريزن جي آمد 102
15_ آزادي 107
16_ پڇاڙي 109

باب ٽيون

چين: آسمان کان مليل اختيار 110

1_ انيانگ: چيني تاريخ جي شروعات 111
2_ ڪنفيوشس: روايت کي روپ ڏيندڙ 118
3_ تائوازم: هڪ واٽ 121
4_ چين جي ايڪتا 124
5_ اوله سان شروعاتي لهه وچڙ 127
6_ زبان: دنيا جو محور 130
7_ سُنگ: سونهري دور 135
8_ دنيا جي عظيم ترين سڀيتا 139
9_ تارن ڀري آڪاش مان آيل شاندار ادراڪ 142
10_ بيهڪ تي اٿاريل سوال 145
11_ اوله سان ٽڪراءُ 147
12_ چين جو ورثو 150

باب چوٿون

مصر: سڀيتا جي عادت 154

1ـ هڪ روايت جي پڄاڻي 157
2ـ شروعاتون 159
3ـ هائراڪونپولس: مصري تاريخ جي شروعات 161
4ـ اهرامي دور 166
5ـ مصري تاريخ جي بناوٽ 169
6ـ زوال 173
7ـ يوناني مصر: هڪ آڳاٽي ديس ۾ اُوپرا 174
8ـ آڳاٽي دنيا کان اسلام تائين 177
9ـ مصري بت پرستيءَ جو خاتمو 180
10ـ اسلامي مصر 184
11ـ قاهره اسلامي ورثو 187
12ـ ابن خلدون ـ مصري تاريخ بابت 189

باب پنجون

وچ آمريڪا وقت جو بار 191

1ـ جابلو ديس مايا جي بقا 195
2ـ بنيادن جي قدامت 201
3ـ ٽيوٽيهيوئيڪن 202
4ـ قديم مايا 205
5ـ لڪت 209
6ـ ايزٽيڪ 212
7ـ ٽينوڪٽيٽلان جو زوال 217
8ـ گوادلوپ: پراڻن ديوتائن جي قائميت 217
9ـ نئون نظام 219
10ـ لاس ڪياس: سڀيتا ڇا آهي؟ 219
11ـ مايا سال جو زوال 221
12ـ جديد مايا 222

باب ڇهون

وحشي يورپ 225

1۔ يونان جو ورثو 228
2۔ ايشيا تي يوناني سوڀ 230
3۔ هڪ دنيا جي شروعات 232
4۔ روم جو عروج 234
5۔ اونداها دور 236
6۔ جديد يورپ جا بنياد 238
7۔ اسلام جي نڪور جاڳرتا ۽ اولھ 240
8۔ باقي دنيا 241
9۔ روشن خيالي 244
10۔ آمريڪا جي آزادي 246
11۔ صنعتي انقلاب ۽ عالمي واپار 247
12۔ موٽ 248
13۔ اُرڪ ڏانهن موٽ 254

مددگار مواد 259
ميتا 264

پبلشر جو نوٽ

تهذيبن جي اُسرڻ ۽ ميسارجڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ۽ تهذيبون ڪيئن جڙن ٿيون، انهن جا مُحرڪ ڪهڙا آهن، عمل يا عادتون ڪهڙيون آهن. مائيڪل ووڊ انهيءَ ٿي وارتا جي تري لهڻ جي، هيءَ جيڪا ڪوشش آهي، تنهن جي سچ تہ ڪنهن بہ انگريز مان توقع ئي نہ ٿي ڪري سگهجي. مجيوسين تہ انگريز وڏا اڪابر سوجهہ ٻوجهہ وارا سو صلاحيتن وارا پر جت بہ ايشيا يا خاص اسلام جي ڳالهہ ايندي آهي. هو اتي چٽاچٽا انگريز ٿي بيهي رهندا آهن.

مائيڪل ووڊ ڪمال خوبيءَ سان تهذيبن جي بڻ جي ڳولا ڪئي آهي، پر ان جي هن ڳولا سموري دنيا جي سماجي، مذهبي ۽ سياسي تاريخ پڻ نروار ڪري ڇڏي آهي.

۽ آخري باب ۾ سڄي مطالعي مشاهدي آهر، هن دنيا جي هن سموري زوال جو ڪارڻ يورپ جي هوڙ ڀري سوچ ۽ پاليسين کي قرار ڏيندي يورپ کي وحشي جو لقب ڏنو آهي.

هن عراق، هندستان، چين، مصر، وچ آمريڪا ۽ يورپ جي ماضيءَ جي ماضي حال جي حقيقتن ۽ ان تسلسل ۾ هن مستقبل کان بہ آگاهي ڏني آهي، تہ هي هت جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ضرور سيائي ان جا اهي اثر ظاهر ٿيندا.

هي مختصر پر باتصور ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ اوهان کي ائين لڳندو جهڙو ڪر اوهان انسانذات جي ماضي جو ماضي ۽ بڻ بنياد ڏسي چڪا. ڀنڀجائپون، ڪروڌ، پاپوهہ ۽ حملا، رت ۽ باجهہ، آس ۽ چانوءَ.

هي ڪتاب جيئن تہ پنهنجي جوهر ۾ بہ هڪ ٽي وي سيريل جو مواد آهي. پر پني تي اڪرجڻ ڪانپوءِ بہ اوهان کي ائين پيو لڳندو، جهڙو ڪر سڀ ڪجهہ اوهان جي اکين اڳيان گذري رهيو آهي، گذري ويو آهي يا ايا گهٽو ڪجهہ تجسس ڀريو منظر اچڻ وارو آهي.

۽ ائين اوهان ويٺي ويٺي دنيا جي شروعات وچ ۽ اڄ پڙهي، ڏسي وٺندا. هونءَ تہ تاريخ سان لاڳاپيل مواد ٺيٺ ۽ خشڪ هوندو آهي، پر هن ڪتاب جو اهو بہ هڪ وڏو ڪمال آهي. جنهن دنيا جي سچي ڪٿا ڏاڍي شاعرائي انداز ۾ پيش ڪئي آهي.

بس رڳو اوهان هڪمنا ٿي ڪتاب کڻي ويهو، پوءِ ڪتاب ختم ٿيڻ کان اڳ اوهان ان مان هٿ ڪيڏڻ وارا ڪيئن ٿا ٿي سگهو.

وڏيڪ پڙهو ۽ پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪريو.

آخر ۾ پنهنجن دوستن سليم انور عباسي ۽ قاضي اياز مهيسر جا ٿورا نه مڃڻ وڏو گناهه ليکبو، جن پنهنجي هن ڪتاب کي غور پڙهيو، اٽڪلين ڪوتاهين کي درست ڪيو، پروفن ۾ ڀرپور مدد ڪئي، پيسٽنگ مهل ته ٻئي دوست، مانواري پياري دوست قمر گهانگهري سان آيا ٿيا بيٺا رهيا، قمر گهانگهرو جا به لک ٿورا جنهن پيسٽنگ مهل اسان جا لک انگل ميچيا ۽ دل سان ڪم مڪمل ڪري ڏنو.

اهم ڳالهه

هاڻي سنڌ پبلشنگ هائوس ۽ ڪاٺياواڙ بُڪ اسٽور ملي ڪري ڪتاب شايع ڪندا ۽ ان ميلاپ مان اوهان اها اميد رکي سگهو ٿا ته هاڻي ڪتاب جلد ۽ وڌيڪ بهتر ڇپڻ پڌرا ٿيندا.

انعام عباسي

پيش لفظ

هي ڪتاب شروعاتي سيپيتائن ۽ انهن جي جاري ورثي بابت آهي. هڪ لحاظ کان اچوڪيءَ دنيا بابت پڻ آهي، پر ان جون پاڙون پنج هزار سال اڳ زرخيز چنڊ ۾ شروع ٿيندڙ اُن انقلاب ۾ کتل آهن، جڏهن انسان شهرن ۾ رهڻ شروع ڪيو. اهو عراق، مصر، هندستان، چين ۽ آمريڪا کنڊ ۾ آزاديءَ سان اُسريل شهري سيپيتائن جو احاطو به ڪري ٿو، جيڪي چڱائي يا بُرائي ۾ اڄ ڌرتيءَ تي هر هڪ حياتيءَ مٿان اثرانداز ٿين ٿيون. هيءُ ڪتاب 1990ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ ٺاهيل فلمن جي هڪ سيريز تي ٻڌل آهي، پر هاڻي اهو هڪ وڌيڪ آڳاٽي اتساهه جو ظهر ٻڌجي ويو آهي. جڏهن مون ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ وليم لوفٽس جي وارڪا ڏانهن سفر واري وارتا پڙهي ته اُن اصل چرڪائي وڌو. ساڳي صورتحال سنڌو سيپيتا جي پُر اسراريت بابت سر مورٽيمير وهيلر جي خوشگوار نثر پڙهڻ تي پيش آئي هئم. بعد ۾، شاگرد طور منهنجو پوسٽ گريجوئيٽ تحقيقي ڪم اينگلوسيڪسن انگلينڊ بابت هو، پر آڳاٽي سيپيتائن سان منهنجو شروعاتي چاهه ڪڏهن به ختم نه ٿيو. آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پيٽر براؤن جي اتساهيندڙ پڙهائيءَ منهنجي ٿهيءَ جي شاگردن جي نظر وڌيڪ.اوپر واري ثقافت، اسلام هٿان آڳاٽي دنيا جي تبديليءَ کان پوءِ واري سموري تاريخ لاءِ سخت ضرورت بابت، مينيڪيئن ۽ علميت پرستن (اسلامي علميت پرستن جي عظيم الشان ذارا سميت) جهڙن ڏگهو عرصو ڏمر جو شڪار رهندڙ متبادل روايتن سان مڪاميل ٿيڻ جي انتهائي پرجوش ڪيفيت ڏانهن به وڌهرائي.

ڪجھ سالن تائين منهنجي اڀياس ۽ تحرير جو خاص شعبو ڏهين صديءَ واري انگلينڊ هئي ۽ منهنجي خيالن جي اُڏام جو لاڙو روم تائين نه ته به يونان ۽ اناطوليا تي پئي ٿيو. اهو ئي گهٽي پاڳي منهنجي سفر سان به ٺهڪي اچي ٿو. پر ان کان پوءِ فلمون ٺاهڻ يا رڳو گهمڻ واسطي گذريل پندرهن سالن کان دنيا جي سياحت، اوله جي تاريخ جي تقابلي اهميت بابت نوان دڳ کوليا. ڪئفينگ (چين) جنهن دنيا کي ڏهين صديءَ ۾ صنعت، سائنس ۽ ڇپائي ڏني، جي يهودي حصي ۾ هيبي سمنڊ ۾ ايندڙ طوفان ڏسندي. ذڪر پارتي شهر چدامبرم جي ڏهين ۽ ٻارهين صدي سان تعلق رکندڙ وشال مندر ۾ داد ڏيندڙ تهواري سامعين لاءِ تامل ٻوليءَ ۾ ڳائجندڙ ڇهين صديءَ جا ڀڄن ٻڌندي. جابلو گوئٽي مالا جي موموسٽينانگو ۾ مسيحيت کان اڳ واري پنهنجي ڪئلينڊر جي نون مايائي سنپالينڊرن جي آڳاٽي ”اٺ پولڙا“ واري تهوار

CamScanner

ڪان گد گد ٿيندي، اهي اهڙا تجربا آهن، جيڪي تاريخ کي اهڙو ته سولي انداز ۾ اوهان آڏو ورجائين ٿا، جيڪو ڪو ڪتاب نٿو ڪري سگهي ۽ يقيني طور تي اهي دنيا بابت هڪ انتهائي مختلف نقطهء نظر ٿا آڇن. جيڪڏهن مثال ڏئي پنهنجي ڳالهه واضح ڪرڻ جي نوبت اچي ته چئي سگهجي ٿو ته چيني تاريخ پنهنجي شاهوڪاري ۽ نياري پڻ ۾ اولهه سان پيٽ جهڙي آهي.

نار جي جنگ وارن ڏينهن ۾ بغداد گهمڻ به اوترو ئي روشن ۽ جوش ڀريو مرحلو هو. ساڳي ڏهين صديءَ دوران بغداد ۾ وڏيل ۽ ويجهيل گهڻ طرفي ثقافت جي انتهائي حيرت انگيز عهد جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي اهڃاڻ هاڻي وڃي باقي رهيا آهن. پر جلاوطن عراقي عالمن ۽ دوستن سان ڪچهرين ۾، مون کي اهو لڳاتار ياد ايندو رهيو ته ان وقت جو شاندار ادب ۽ فلسفو اڄ به پڙهيل ڳڙهيل عربي ثقافت ۾ عام جام آهي، جنهن جو اولهه ۾ به ڪو ثاني ناهي. ان سموري تسلسل منهنجي ڏهين صديءَ واري اينگلو- سيڪسنس تي هڪ مختلف انداز ۾ ڏيان ڇڪايو ۽ ان تسلسل انهن کي گهڻ اهميت وارو ئي بڻايو، پر اها ڪنهن به ريت سندن قدر گهٽائڻ جي ڪوشش ناهي. اونداهي دور جي پڙهيل ڳڙهيل مردن ۽ عورتن (انهن مان ڪيترين ئي ڪاتب ۽ فنڪار عورتون هيون) وڏا شاهي دانشور ڪٿي نه به هجن، پر انهن انهيءَ ڍير مان اهو ڪجهه گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو "ڄاڻ، انسان لاءِ انتهائي ضروري هو." ۽ انهن مان ڪي ته حقيقي معنائن ۾ سورما پڻ هئا، جيئن ٻي مهاڀاري جنگ کان ترت پوءِ لکندي مرهيات آرنيلڊو موميگليانو ميجيو، "اسين فولاد جي ڪڙم جا ياتي هاڻي گهٽ درجي وارن انسانن جو قدر ڪرڻ سکيا آهيون." انهن اِهو ڪجهه بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪو هو بچائي پئي سگهيا ۽ جن ابتدائي سکيا/ تعليم جي فرض کي اوڏي مهل به گهٽ نه سمجهيو، جڏهن اُن جي ضرورت هئي. اسين به اهڙي ئي دور ۾ رهون ٿا. ٽيڪنالوجيءَ ۾ اسان جي انتهائي عظيم الشان ترقيءَ جي ڪري اسان جي پنهنجي "عظيم روايت" جو ڀاڱو پڻ ڀڏتر ۾ آهي.

پر انهن وسيع تر اشارن پاڻ ڏانهن مُتوجه ڪيو. ڀيو ته ڇا پر خود ماهرن ئي به اهو بنيادي مواد جيئن پوءِ تيئن انتهائي اثرانداز ٿي رهيو آهي. اسلامي ڪتب خانن ۾ وچئين دور جي محفوظ قلمي نسخن جي ڳاڻيٽي بابت ٺئون تخمينو ڇهه لک لڳايو ويو آهي. جڏهن ته 800ع کان اڳ يورپ ۾ لکيل سمورن محفوظ لاطيني قلمي نسخن جو اِي- اَي لووي (E. A. LOWE) وارو شاندار ڪيٽلاگ رڳو ٻن هزار نسخن جو ڏس ٿو ڏي. ايندڙ صديءَ وچ ۾ ان

ڪيٽلاگ ۾ ويتر وڌيڪ ست هزار نسخن جو اضافو ٿيو ۽ 900ع ۾ اهو تعداد ايا وڌيو، پر اهو فرق ويجهي اوير جي روايت جي بي پناه پيداوار جو ڏس ٿو ڏي، (جنهن جو سبب يقيني طور تي انين صديءَ جي وچ ڌاري چيني ايجاد کان پوءِ گهربل مقدار ۾ سستي ڪاغذ تائين رسائي هو.) جيستائين چين جو تعلق آهي، ڏهين صديءَ دوران سنگ ڇاپا گهر، جيڪي گهٽي پاڳي ڪنفنگ ۾ هئا، تن ۾ ڇپيل مواد جي هڪ تازي ڪيٽلاگ جو ڳاڻيٽو ڏهه هزارن کان وڌيڪ ٿو ڄاڻائي. جنهن جي ڀيٽ ۾ ڏاڍي غير معمولي آهي ئي آهي پر اُن جا موضوع پڻ ڄاڻ سان مالا مال آهن.

انهيءَ نقطئہ نظر کان اولهه ۾ تاريخي لکتين جي گهٽي پاڳي ترقي ۽ اوسر (Teleological Tarjectory) اٽپوري ٿي لڳي. شعور ۽ ادراڪ واري جاڳرتا وسيلي يونان ۽ روم کان ايندڙ سنگدل راه هاڻ "اولهه جي سوڀ"، "نئين نظام" (۽ ايستائين جو "تاريخ جي انت" تائين) انسان ذات جي گڏيل تاريخ ته ڇا پر خود اسان جي پنهنجي تاريخ (اولهه) تي نظر مشڪل سان اطمينان جوڳي ٿي لڳي. جيڪڏهن ايندڙ صدي هاٺوڪيءَ جي ڀيٽ ۾ گهٽ آفتن ڀري، ماحول ۽ جذبي کي گهٽ هاڃو رسائيندڙ، سڄي دنيا جي عام ماڻهن جي اُميدن لاءِ گهٽ تباهيءَ ڀري آهي ته پوءِ ئي اسان جو گڏيل ورثو نصاب ۾ ڏيڻ جهڙو ٿي سگهندو. هيءَ ته رڳو انهن وسيع نقطئہ نظرين کي ڏسڻ جي ڪوشش آهي. جيڪا هڪ اهڙي غير ماهر پاران عام پڙهندڙن لاءِ سوکڙي آهي، جنهن کي انهن پرڏيهي ثقافتن ۾ ڪجهه وقت گهارڻ ۽ سندن ذهني ۽ طبعي ڪائنات جي هڪ ننڍڙي ڪُنڊ ۾ ترسڻ جو موقعو مليو.

هن سڄي ڪتاب ۾ لفظ Civilization (سيپيتا) ڪتب آندو ويو آهي. اهو اصطلاح پنهنجي نسلي ۽ ثقافتي برتريءَ واري اظهار سبب اڄڪلهه مسئلي ڀريو بڻيل آهي، جيئن اولهه جا سياست دان خود پنهنجي لبرل جمهوري ثقافت جي ذڪر طور "Civilized World" (سُڌريل دنيا) جو لفظ ڪتب آڻيندا آهن. انٿراپالجسٽن ۽ آرڪياجسٽن لاءِ سيپيتا هڪ مادي لفظ آهي، انهن لاءِ لفظي طوري تي سيپيتا جو مطلب "شهرن جي جيوت" آهي. اسين "سيپيتا جي اوسر" يا "شروعاتي سيپيتائن" جو ذڪر اِن حوالي سان ٿا ڪريون. جيئن اسين ڏسنداسين، دنيا جي شروعاتي سيپيتائن جو اخلاقي ۽ روحاني ڪردار انتهائي انيڪتا ڀريل رهيو هو. پر مادي حوالن سان سندن گڏيل سونهان ظاهري طور تي عالمگير هُئا. جيئن شهر، ڪنجهيءَ جي ٽيڪنالوجي، لکت، عظيم الشان تهواري عمارتون، پوڄا گهر، يادگار فن، ديني بزرگن جو انتظام ۽ طبقاتي

فرق، جن جي منظوري قانون جي ڪن نوعيتن ڪئي ۽ انهن کي فوجي سگهه وسيلي ترتيب ڏنو ويو. ڇهن بنيادي سڀيتائن عراق، مصر، هندستان، چين، وچ آمريڪا ۽ پيرو جي رڳو آخري تهذيب کي هن ڪتاب ۾ تفصيل سان بحث هيٺ نه آندو ويو آهي، جو ته ان سڀيتا جا سمورا اهڃاڻ نه مليا (گهٽ ڪري ان سبب هيٺ ته شروعاتي پيرو واسين وٽ لکت نه هئي) تنهن هوندي به اهي هڪ جهڙا مادي عنصر ته سڀيتا اصل ۾ ڇا آهي؟ بابت انتهائي مختلف نقطه نظر کي لڪائن ٿا، جيڪي ڌرتيءَ تي منظم انساني حيوت، اخلاقيات، ڏاهپ، سياست ۽ روحانيت جا بنيادي مقصد آهن. ان ڪري اسان جي سفر سان گڏ اسان جي وصف ۾ اوڏي مفصل وشال ٿي سگهي ٿي، جڏهن اسين انهن بنيادي نقطه نظرين کي دريافت ڪندي جيئن ڏاهن جي اها چوڻي به ذهن ۾ رکون ته "ضروري ناهي ته سدائين جاڻ ۾ آيل حقيقت سان ٺهڪاءَ ۾ اچن."

واضح ڪندو هلان ته هن ڪتاب ۾ سڀيتائن جي چونڊ وڏي پيماني تي شهري حيوت جي 'آزاداڻي' عروج تي ٻڌل آهي. ان ڪري جاپان، ڪمبوڊيا، ڪريٽ يا اوله آفريڪا جهڙين ساڳين ۽ ريت موهيندڙ ثقافتن کي شامل نه ڪرڻ جو فيصلو، انهن کي عام طور تي بنيادي نه ليکڻ سبب ڪيو ويو آهي. هن وقت سڀيتا جي آزاد بنيادن بابت اهو نڪتو اسان لاءِ خاص اهميت رکي ٿو. ڇاڪاڻ جو پهرين سڀيتائن جي شروعات ۽ انهن جي ڏکيي ۽ لاڳيتي اثر تي غور ڪرڻ کان پوءِ ئي اسان جي پنهنجي تاريخ ۽ تجربي مان "ڪهڙي عالمگير واسطيداري آهي؟" ۽ "ڪهڙي اوله جي رڳو لباڙ آهي" بابت [illegible] ٿيڻ جي اميد رکي سگهون ٿا. جديد اوله جي ڪجهه بنيادي قاعدن، جهڙوڪ مالڪيت پيري انفراديت، سائنسي ڪارج ۽ آزاد مارڪيٽ جي فلسفيءَ کي انهيءَ روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي، نه ڪي "تاريخ جي انت" واري آفاقي وکر طور. فطرت ۽ ماحوليات ڏانهن اوله وارا رويا پڻ روايتي اوڀر جي سڀيتا جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ سان هڪ مختلف انداز ٿا اختيار ڪن، جڏهن ته آزادي، برابري ۽ فطرت متعلق اهم ۽ حساس سوالن کي ڪنجهيءَ واري دور جي شهري انقلاب ۾ ڳولي سگهجي ٿو، جنهن جي ڇانوري ۾ اسين اڃا تائين رهون پيا.

مائيڪل ووڊ

باب پهريون

عراق

سيپيتا جو هندورو

1849ع جي سياري ۾ هڪ انگريز نوجوان وليم لوفٽس گهوڙيسوارن جي هڪ ننڍڙي جٿي جي سرواڻي ڪندي بغداد کان ڏاکڻي عراق جي ميدانن ڏانهن اُسهيو. ڪنهن دؤر ۾ آڳاٽي ڪئلڊيا يا بابل طور مشهور هيءُ ديس هاڻ بيابانن ۽ ڊبڻين جي اٽڪ سلسلن سميت نيم رولو قبائلي بدوئن جي راڄ هيٺ هو، جن عراق تي ڏگهي تُرڪ راڄ دوران عملي طور تي ضابطي هيٺ اچي نه سگهندڙن طور پاڻ کي ميڄرايو هو. لوفٽس جي سفر جو پهريون مرحلو فرات جي اُجڙيل ڪنارن کي پيئنٽ هو. واريءَ جي پورن پٿرن واري شهرن ۾ يهودي ۽ عيسائي ٻٽيل مقامي ماڻهن جون برادريون پنهنجي مسلمان پاڙيسرين سان گڏ رهندي بابل جي انيڪ ريتن رسمن کي قائم رکندي پئي آيون. ڪجهه ڏينهن گاڏڙ سوچن سان لوفٽس شيعن جي مقدس شهرن ۾ داخل ٿيو ۽ سنڌن سيني کان ڏار ۽ ڪنهن حد تائين ڳجهيون رکيل مذهبي ريتن رسمن کان هو انتهائي متاثر ٿيو. سنڌس مقبرن جا پروقار ۽ شاندار وجود ۽ انداز ۽ پراڻن قبرستانن جون اڏاوتون پنهنجو بڻ بنياد اسلام کان به اڳ جو ڏسي رهيون هيون. ڪيس نيسٽوري عيسائين جا اهڙا راڄ به نظر آيا جيڪي عراق ۾ پنهنجي موجودگيءَ کي عيسائيت جي اَوائلي ڏينهن کان ليکي رهيا هئا ۽ جن جون عبادتون ۽ ريتون رسمون علائقي ۾ موجود رومي ۽ آرٿوڊڪس گرجائن کان نه مختلف هيون. هر پاسي هڪ گهري تسلسل جو راڄ هو. ايستائين جو خدا



بابل پرسان بورسپا جي زيگورات جا کنڊر، عراق ۾ اولهه جي شروعاتي سياحن هٿ آسمان ڏانهن رخ ڪندڙ اسٽوپا بابت بائيبل جي داستان جو پڙاڏو ڏٺو. (1840)

جي وحدت تي ويساهه رکندڙ ٽئي مذهب (يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام) ابراهيم جي هن ڌرتيءَ تي پنهنجي بنياد جي هڪ مرڪز جا دعويدار هئا. سڄي دنيا تي اثرانداز ٿيل پنهنجي ثقافت جي بڻ بنياد تي اچرج ڪاڏل اوڻهين صديءَ جي يورپي پڙهيل ڳڙهيل عيسائين موجب سندن جڙون هتي کتل هيون ۽ اُهي به يونان جي بيمثال شان شوڪت کان گهٽيون پراڻيون. لوفٽس موجب، "جيئن اسان کي ٻالجتيءَ کان وٺي انساني نسل جو پهريون هندورو ان (علائقي) کي ئي ٻڌايو ويندو هو. هتي ئي باغ عدن هو، بابل ۽ نينوا جا مُنارا، نوح جي ٻيڙي ۽ پوڊ به هن سرزمين جو قصو آهي." عيسائين جي مقدس صحيفي 'جنيسس' موجب هتي "شينار جي ڌرتيءَ مٿان مٽيءَ جي سرن جا پهريان شهر اڏيا ويا." شينار اڪر ڏاکڻي عراق جي آڳاٽي نالي 'سُمير' يا 'شُمير' جو بدليل نالو لڳي ٿو. ان صحيفي ۾ ته انهن مان ڪجھ شهرن جا نالا بابل، عڪاد ۽ اريڪ به ڄاڻايل آهن.

ميداني علائقن جي ڏور ڏاکڻي حصي جي گهٽي ٻاڪي ايراضي هاڻ ڏهڻين سان ڍڪيل هئي ۽ خشڪ موسم کان سواءِ آڳاٽي سيپتا جو مرڪزي علائقو ٻيڙين وسيلي ئي پهچڻ جوڳو هو. ان علائقي جا رهواسي پراسرار 'مدن' هئا،

جيڪي مصنوعي ٻيٽن تي ٻير وحشي حالت ۾ مڇيون پڪڙيندي ۽ بانس پوکيندي پنهنجين ٻيڙين ۾ رهندا هئا. سندن سروائي ۽ نظرداري ۾ لوفٽس 'لوٽياڻي ڪنارن سان سٽيل مٺل سمنڊ' اورانگهيو. ڪيس هر هنڌ آڳاٽي آبادين جا ڪنڊر ۽ ڊڙا نظر آيا. ان راهه جو هو ڪو پهريون يورپي پانڌيئڙو نه هو. 1750ع واري ڏهاڪي دوران جرمن واسي 'ڪرسٽن نائبوهر' به انهن عربن سان گڏ رهيو هو ۽ 1820ع واري ڏهاڪي ۾ 'جيءَ بٽلي فريزر' ڏاڪٽي ميدانن جا ڪجھ ماڳ پيٽيا هئا. پر هاڻ لوفٽس ڪي ڪوتائي وسيلي انهن آڳاٽن قصن جي تصديق ڪرڻي هئي. سندس منزل 'ڪلڊيا جي سمورن ڊڙن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم، انتهائي غير معمولي' ۽ مقامي عربن ۾ 'وارڪا' سڏجندڙ هو.

"منهنجي لاءِ ڪلڊيا خطي جي انهن عظيم الشان ماڳن مان هڪ هنڌ تي نظر پوڻ کان وڌيڪ اثرائتي يا جوش ڀري ڪا شيءِ نه هئي." ايندڙ ڏينهن ۾ هن لکيو، "خاص طور تي چوڏاري نيڻ نهار تائين پکڙيل ميدانن ۾ جهنگ مان اڪيلي سر نمودار ٿيل ڪنهن ماڳ تي، پره ڦٽيءَ مهل نظر پوندي ئي من ۾ رقص ڪرڻ جون انيڪ خواهشون ڦٽي پونديون هيون."

ڇمڙي ساڙيندڙ سج جي تپش، واريءَ جي طوفانن جا حملا سهڻ کان پوءِ لوفٽس نيٺ 'وارڪا' جي ڊڙي تائين پهچي ويو. هو مٽيءَ جي ڊڙي تي ڪنڊر ٺٽيل ڇھ ميل ڊگهي پٽ ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو، جيڪا اجا تائين ڪٿي ڪٿي پنجاھ فٽن جي اوچائي تائين به موجود هئي، انجي وچ تي لڳل مٽيءَ جي اهرامن ڪي شهر جي ديوتائن جي پوڄا۔ گهرن لاءِ پليٽ فارم طور استعمال ڪيو ٿي ويو. "زندگيءَ ۾ ڏٺل سمورن منظرن ۾ وارڪا ڪي سڀ کان وڌيڪ شاندار ڀانيم." ايندڙ ڏينهن ۾ هن چيو.

لوفٽس 'اُرڪ' نالي پراڻو شهر ڳولهي لڌو، جنهن کي عيسائي صحيفي ۾ بابل جو شهر 'اريڪ' سڏيو ويو هو، عربي وارڪا ۾ مقامي قبائلين ان جو قديمي نالو هڪ هزار سالن کان به وڌيڪ عرصي تائين شهر جي گم رهڻ جي باوجود مخصوص رکيو هو. ڪجھ جاين تي شهر هڪ سئو کن فٽ ڪنڊرن ۾ دٻيل هو ۽ ان تي تهن مٿان ته انساني وسندين جا اهڃاڻ هئا. لوفٽس اهو ڏسي پئي سگهيو ته عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ يونانين، پارٿين ۽ ساساني فارس واسين، جي اُتي پنهنجا گهر اڏڻ ۽ پنهنجي ٿانون، سڪن، مئل دفن ڪرڻ جي انداز ۽ پنهنجي لکتين جي روپ ۾ پنهنجو داستان ڇڏڻ تائين. اهو هزارين سالن تي پٽدل انساني آبادي جو مشاهدو ڪندو رهيو. اها الڳ ڳالھ آهي ته لوفٽس کي اهو پتو نه هو ته دنيا جي پهرين باضابطي لکتي به ڏاکڻي عراق سان

تعلق رکندڙ هئي. ايترو سوچڻ ۾ ڪا قباحت نه ٿيندي ته شايد ان جو تعلق خود اُرڪ سان ئي هجي!

ڪنڊرن جي ڇڪاس ڪندي لوفٽس لکيو، ”انهن جي ماضي، تاريخ ۽ بنياد، انهن جي آهستي آهستي آيل عروج ۽ تڪڙي زوال بابت ذهن ۾ هزارين خيال ۽ نظريا ٿي آيا.“ لڳ ڀڳ ڏيڍ صدي لنگهڻ کان پوءِ اهي سوال اڃا حل ٿي نه سگهيا آهن ۽ اسان جديد ماڻهن آڏو ڌرتيءَ تي شهري جيوت جي شروعات جي سببن کي جاچڻ جي پتوڙ جيئن پوءِ تيئن تيز ٿي رهي آهي. لوفٽس دنيا جي پهرين اصل شهر کي ڳولهي لڌو هو، هڪ اهڙو شهر جيڪو پنهنجي انت کان اڳ هڪ صدي کن پوري جوڀن سان قائم دائم رهيو. بهرحال ڌرتيءَ جي گرهه جي سڄي تاريخ کي چڱائي يا برائي لاءِ تبديل ڪندڙ تاريخ جي انهيءَ انقلابي دور بابت ڪيترائي سوال اڃا تائين جواب جا منتظر آهن.

سپيتا جي شروعات

سميرين جي ٻوليءَ ۾ ’ماتر ٻه سي‘ سڏجندڙ اهو خطو ٻوڏين جو ماريل ٿي سؤ ميل ڊگهو ۽ ڪنهن ٻه هندان ڏيڍ سؤ ميلن کان وڌيڪ ويڪرو نه هو. اهو علائقو انهن ميدانن مان لنگهندڙ ٻن ندين دجلا ۽ فرات جي پيٽ سڪڻ سبب وجود ۾ آيو هو ۽ انکري متس يوناني نالو ’ميسوپٽيميا‘ (ٻن ندين جي وچ واري زمين) پيو. آرمينيا جبلن مان نڪرندڙ دجلا ٻنهي ندين مان وڌيڪ تيز، وڏي ۽ غيرمتوقع، ٻوڏ وسيلي وڌيڪ موتمار آهي، ايستائين جو گذريل هڪ سو سالن دؤران ان پنهنجي ڪنارن کي پائي ڪيترائي ڀيرا بغداد تي تباهي آندي آهي. فرات نندي ۽ گهٽ هاڃا رسائيندڙ آهي. گهٽي ڀاڱي آڳاٽا شهر ان جي پيچريءَ واري وهڪري تي اُپريا ۽ اُسريا. اهي ٻئي نديون ڏکڻ جي ڪن ڏيڍ سئو کن ميلن جي واڌ ويجهه جو بنياد هيون. انهن جي پاڻي ۾ وهندڙ حياتيءَ ڀري پوري مٽي، گرمين ۾ دوزخ جهڙن ميدانن ۾ جرڪندي رهي ٿي. آبپاشيءَ کان سواءِ اهڙي علائقي ۾ پوکي ناممڪن هئي ۽ شهرن جي وڏين آبادين جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ گهربل آبپاشي وڏي پئماني تي سهڪاري ڪاروباري زندگيءَ کان سواءِ ممڪن نه هئي. اهو علائقو ڪنهن ٻئي قدرتي وسيلي کان ٻه وانجهيل هو. پٿر بنهه ٿورا هئا، نه ڪاٺ هو، نه ڪو ٻيو ڌاتو. بانس ۽ زيتون جي وڻ کان سواءِ اتي اڏاوتي استعمال لاءِ مٽيءَ جا



ڏکڻ عراق، فرات ۽ دجله جا پراڻا وهڪرا ڏيکاري رهيو آهي.
سُميرءِ نيپور کان سمنڊ تائين پکڙيو، بعد ۾ اُر ۽ اريڊو تائين بهءِ
آڳاٽن شهرن مان هاڻ ڪوبه آباد ناهي.

ڏڍا هئا، جن وسيلي علائقي جي رهواسين شاندار تخليقي مقبرا ۽ ٻيڙا تيار ڪيا. هن دنيا کي ڪجھ سڀ کان وڏيون ۽ انتهائي پروقار اڏاوتون ڏنيون.

ڏاکڻي ميدان ۾ دلڪش منظر، شهر جي سڀيتا کي برقرار رکڻ جي ضرورت پوري ڪندڙ آبپاشيءَ جي ڀرپور سرشتي سُميرين تي ٻاهرين حملي آورن کي چڙهائين لاءِ همٿايو. اهو سندن تاريخ جو هڪ اهم عنصر رهيو آهي. قدرتي سرحدن کان محروم مِيسوپُٽيميا سدائين پنهنجي پاڙيسرين خاص طور تي اوڀر کان ڀرين اليمنس ۽ پوءِ ايرانين، عراق جي ايرندي پاسي زيگروس جبلن جي هُن پار افغانستان ۽ سنڌوءَ تائين پکڙيل قديمي ويرين هٿان

بغداد جي ڏکڻ ۾ ٽيسيفون. ساساني ايراني محل (ڇهين صدي عيسوي) جو هيءُ ڊانچو اجا تائين دنيا ۾ ڪنهن ٿنڀ کان سواءِ بيٺل سرن جي سڀ کان وڏي گول ڇت آهي.

جوکم جو شڪار رهيو آهي. جابلو ماڻهن جي ميداني رهواسين سان جنگ ۽ خانه بدوشن جي آباد وسندين سان ويڙهه انساني تاريخ جي انتهائي قديم ٽڪرائن ۾ شامل آهن.

اوله ۽ ڏکڻ ۾ ريگستاني ماڻهو هئا، جن کي سميرين جي بقول 'ڪنهن شهر جي ڪا ڄاڻ نه هئي.' هو ٻه وقفي وقفي سان شهر جي دولت ڦرڻ لٽڻ لاءِ چڙهائي ڪندا رهيا. اهي عراقي تاريخ جا مستقل سلسلا هئا. ريگستان جا خانه بدوش ته شايد ٽڪراءُ جوڳي قوت نه رهيا هجن پر ميسوپٽيميا جي رهواسين روايتي دشمن ايران سان جنگ بند نه ڪئي آهي. اجا تائين اتريان جابلو ڪرد بغداد سان ويڙهه کان پوءِ پنهنجي ٿوس ۽ غير مهمان نواز جبلن ۾ داٻيو ٿا ڪن.

زميني منظرن ۽ موسم ۾ ٿي اسين علائقي جي تاريخ کي شڪل ڏيندڙ ڏکيي عرصي وارا لاڙا ڏسي سگهون ٿا. اهڙن گهرن تسلسلن ۾ ئي ان جي رهواسين پنهنجون زندگيون گهاريون آهن ۽ پنهنجي سڀيتائن کي تخليق ڪيو آهي، جيڪي پنهنجي دؤر ۾ اڀريون ۽ اڳتي هلي تباهه ٿي ويون. ان بابت

ڪو شڪ ناهي ته زميني منظر ۽ ٻنڊون سڀيتا جي عروج جا اهم عنصر آهن. پراڻي دنيا جون چارئي عظيم سڀيتائون ندين ۽ دريائن جي ڪنارن تي اڀريون. اهي سموريون دنيا جي اترين اڌ جي گرمي پد واري زون جي ٽيه ڊگري واري علائقي ۾ هيون. اهي سڀيتائون دجلا ۽ فرات، نيل، سنڌو ۽ Yellow River سان لاڳاپيل هيون. پنهنجي انداز ۾ اهي هڪ ٻئي کان ڪوهين ڏور تي سگهن ٿيون، پر ترقي ۽ عروج جي مادي بنيادن تي وٽن ساڳيون حالتون ۽ هڪ جهڙيون ڳڻتيون ملن ٿيون.

سڀيتا جو پهريون شرط بلاشڪ خوراڪ آهي. اڄ جيان تن ڏينهن ۾ به شهرن ۽ وڏين آبادين جو ماڻهن جي خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ کان سواءِ پنهنجو وجود برقرار رکڻ ممڪن نه هو. ان ڪري ڪڻڪ ۽ جَوَن جهڙن فصلن جي پوکي ۽ استعمال وڏي پيماني تي ٿانيڪو معاشرن ڏانهن سفر جو پهريون ڏاڪو بڻيو. انساني تاريخ ۾ ترقي جي انهيءَ پهرين قدم کي يقيني بنائيندڙ زراعت جي ترقي امڪاني طور تي ڏهن کان ٻارهن هزار سال اڳ 'زرخيز چنڊ' سڏجندڙ جابلو سلسلي جي ماٿرين جي سلسلن، فلسطين، اردن، اسرائيل ۽ شام کان وٺي ڏکڻ اوڀر ترڪي، سموري اتر عراق کان وٺي اولهه ايران تائين ٿي. اٺين صديءَ (ق- م) ۾ پٿر جي دور جي انهن آخري زرعي برادرين اردن ماٿري ۾ جيريڪو جهڙا ننڍا شهر اڏيا، جنهن جي ٻارهن ايڪڙن تي پٿر جا دفاعي مورچا حفاظت ڪري رهيا هئا. اجا تائين رڳو جزوي طور تي کوٽائي ٿيل اناطوليا واري 'ڪيٽل هيوڪ' (Catal Huyuk) جو شاندار ماڳ ڇهين صدي قبل مسيح ۾ ٻٽيهن ايڪڙن تي پکڙيل هو، جيڪو هڪ هزار گهرن ۽ پنج هزار ماڻهن جي آباديءَ جو ڏس ٿو ڏي ۽ ان جي بناوت اڄوڪي دور ۾ ڪرد علائقي جي مٿانهين سطح واري آبادين جي سڌين سنواٽين ڇتين وارن شهرن جهڙي هئي.

اهڙين وسندين جي سماجي ۽ سياسي ضابطي جي ڪا ڄاڻ ناهي، پر مذهب سندن عروج ۾ شايد اهم عنصر بڻيل هو. ڪيٽل هيوڪ ۾ کوٽائي ڪندڙن هڪ عبادتگاه سان گڏوگڏ پوڄا ٿيندڙ ڍڳو ۽ تاريخ کان اڳي واري دور ۾ پوڄيندڙ 'ماتا ديوي' جا اهڃاڻ به ڳولهي لڌا، اها ديوي سموري قديمي اناطوليا ۽ ويجهي اوڀر مان پڻ ملي آهي. ترڪيءَ ۾ عرفا پرسان فرات جي مٿين واديءَ مان تازو ئي مليل هڪ شاندار دريافت هيل تائين ڄاتل شايد سڀ کان وڏيڪ پراڻي عبادتگاه آهي. اٺين صدي قبل مسيح جي ٽنين، چاٽيل ريتي ۽ رڱيل فرش واري اها عمارت پنجٽيهه چورس فٽن تي پکڙيل آهي. ان جو



رنگيل اسٽور ۽ ورڪشاپ ايندڙ ڏينهن جي وچڙهي اوپر وارين عبادت گاهن ۽ انساني شڪليون اينڌڙ دؤر جي وچڙهي اوپر واري مذهبي تصورن جي اثراتي ياد ٿيون ڏيارين. اردن ۾ عين غزال مان هٿ آيل نثين دريافت پڻ امان کي علائقي ۾ عبادتن ۽ پوڄائن جي گهري تسلسل جو پتو ٿي ڏي. هتان دنيا جا قديم ترين ست هزار سال قبل مسيح جا قد آدم مجسما پڻ هٿ آيا آهن. اڇي جپسم پلاسٽر سان رڱيل مجسمن جون اهڙيون ني ڪاريون اکيون آهن، جيڪي گريڪو رومن دؤر تائين ۽ شروعاتي عيسائي دؤر تائين ميسوپوٽيميا جو اهڃاڻ رهيون.

عراق ۾ به زرعي برادريون اترين جبلن ۾ ستين صدي قبل مسيح ۾ قائم ٿيون. ڇهين صدي قبل مسيح ۾ هن سع جي تپش تي خشڪ ڪيل سرن سان بڻاءِ پريا گهوٽ اڏيا. انهن مان ڪجھ قديمي ٿاڪ اڃا تائين انساني آباديون شل آهن. موصل ڪان شام ڏانهن ويندڙ پراڻي قافلي واري رستي تي هڪ ترڪومن شهر طيل عقار مان پنجين صدي قبل مسيح جا ٽاڻو شهر جي حفاظتي ڪوٽ مان هٿ آيا آهن. عظيم زيب نديءَ پرسان دڙي وارو 'اربل' به ان جبري ني پراڻو ٿي سگهي ٿو. اهي پنهنجي ڌرتيءَ تي سڀ ڪان وڏيڪ عرصو رهندڙ انساني آباديون آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته آبادين جي آهستي



پهريون سڀيتائون: پراڻي دنيا جون سموريون شروعاتي سڀيتائون
ندين جي ڪنارن تي، هڪ جهڙي آبهوا ۽ ساڳي ويڪرائي
ڦاڪ ۾ اُڀريون. عراق جو مصر سان لاڳاپو، ايراني بلند هموار
ميدان ۽ سنڌو تاريخ کان اڳ واري دور ۾ ڏورانهون ويل آهي،
چين هڪ مڪمل اصلوڪي واڌ لڳي ٿو.

آهستي واڌ سان انسان ماحول تي پنهنجو اُگرو اثر ڇڏيندي ٻيلن کي وڍي، ڪيي ۽ ساڙين ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ اهڙائي پونا جبل ۽ ميدان ٿا ايرن جهڙا اڄ اسين ڪردستان ۽ اوپر اناطوليا ۾ ڏسون ٿا. مٿي، سياري جي هر بارش سان گڏ ندين ۾ لڙهي ٿي وڃي، ڪوٽائي جي ماهر 'جارمو' موجب اها 'جبلن کي چاڪليٽي رنگ جي پاڻي ۾ لوڙهيو ڇڏي.' نتيجي طور چوٿين صدي قبل مسيح کان عراق جي ڏاکڻين ميداني علائقن ۾ سوين ميلن جو اضافو ٿيو آهي. ان ريت خود ميدانن ۾ پهرين شهرن جي عروج کان اڳيئي انسانذات فطرت سان تناسب ڦٽائڻ جو اهو سلسلو شروع ڪيو، جيڪو اڄ تائين جاري آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته وڌندڙ آباديءَ کي نئين ڌرتيءَ جي ڳولا جو ڏياءُ ني هو جو ماڻهن جا وڏا وڏا ٽولا ڏور ڏکڻ لاءِ پهريون ڀيرو لڏپلاڻ

ڪرڻ لڳا.

انسان ان علائقي ۾ پهريون پيرو ڪڏهن آباد ٿيو؟ پڪ سان تاريخ ڪان اڳي واري دؤر ۾ اتي شڪاري ائين ئي ڀٽڪندا هوندا، جيئن اسان جي زماني جا خانه بدوش رلن ٿا. پر هن اريدو واري سڀ ڪان آڳاٽي ڏاڪٽي عبادتگاه ڪان سواءِ ڪو اڏاوتي ثبوت نه ڇڏيو آهي. پر ان ڪان ڏه ميل اتر ۾ امڪاني طور تي پنج هزار سال (ق- م) وارو ماڳ 'وارڪا' اهڙي وسندي طور سامهون ٿو اچي جيڪو سونهون بڻجي سگهي ٿو. تي سؤ فٽن جي وٿي وارو اهو شايد ٿن ڪٿنبن جو ٿاڪ هو. هُن ٿانو گهڙيا، چار سان مچيون پڪتيون ۽ مٽيءَ جا وَٽ ٺاهيا، وٽن پٿر جا اوزار، پيسائي جا پٿر ۽ هڪ چڪي جهڙا اٿاٿا هئا، هن ايندڙ دور ۾ عام استعمال ٿيندڙ 'ديوي ماتا' جي مٽيءَ وارن مجسمن کي پڪيڙيو، سندن گهر شايد مٽي ۽ بانس جا ٺهيل هئا. اهڙين آبادين جي عروج کي ايندڙ هڪ هزار سالن تائين سندن شاندار ٿانون وسيلي ڳولهي سگهجي ٿو، جن کي هڪ انتهائي آڳاٽي ماڳ پويان 'اُبيد' (Ubaid) طور سڃاتو ويو. هو ڏکڻ جا شايد پهريان مستقل رهواسي هئا. هو سميري نه هئا، تنهن ڪري اها ٻولي نه ڳالهائيندا هئا، جنهن کي سميري سڏيو ٿو وڃي. سُمير جا پراڻا علائقائي نالا 'ار، اريدو' اُرڪ ۽ نيپوز به ان ٻوليءَ جا ناهن. امڪان اهو آهي ته اُبيد برادريءَ وارن ئي سڀ ڪان پهرين ڏاڪٽي علائقي جو ڪو نالو رکيو هوندو. سميري ٻولي ڳالهائيندڙ امڪاني طور تي چار هزار (ق-م) ڌاري ڏکڻ اوڀر ڪان ان علائقي جي اڳيئي موجود ثقافت ۾ اچي شامل ٿيا هئا. پر انهن سميرين جي بڻ بنياد بابت سوال اڃا تائين آڳاٽن آثارن جي ماهرن لاءِ هڪ پراسرار ڏندڪٿا بڻيل آهن. سندن ٻوليءَ جي ڪنهن هاٺوڪي يا متروڪ ٻوليءَ سان ڪا مشابهت نظر نٿي اچي، پر آڳاٽي ايران يعني فارس جي آڳاٽي ٻولي اليمائيٽ بابت نيون دريافتون شايد سميري بڻ بنياد جا اهم عنصر ڇاٽائي سگهن.

انهيءَ ڏورانهين ماضيءَ جا تاحال موجود اهڃاڻ اسان کي سيپتا ڏانهن انهن آڳاٽن قدمن جو تصور ڪرڻ ۾ مدد ٿا ڏين. ابيدي ماڻهن جون مستقل وسنديون اڄ ڪان ٽيهارو ڪن سال اڳ تائين ميداني علائقي ۾ نظر ايندڙ روايتي مٽي جي ٺاهيل ڳوٺن سان ملندڙ جلندڙ هيون. سُمير جي مرڪز ۾ قديمي شروپيڪ ڏڙي پرسان 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ڪئنال سُڪڻ سبب ويران ٿيل هڪ ڳوٺ ان جو بهترين مثال آهي. ان جي آبادي ٻه سؤ ماڻهن تي ٻڌل هئي. جيڪي مٽي ۽ بانس جي ٺاهيل جهڳين ۾ رهندا هئا. هر ڪٽنب وٽ



سُمير جو مقدس شهر نيپور. پٽيون، دروازا ۽ ٻيون چاڻايل ٻيهڪون تيرهن سؤ (ق-م) ڌاري جوڙيل هڪ شاندار نقشي مان اخذ ڪيل آهن. عيسوي سن جي پهرين هزار سال دوران اوله وارو دڙو شهر جو مرڪز هو.

سندن گهر جي حفاظت لاءِ سج جي تپش تي سيڪيل مٽيءَ جي پٽ، سمهڻ لاءِ هڪ ٿلهو، چوپائي مال لاءِ واڙو، اناج گودام ۽ ماني پچائڻ لاءِ چُلهه هئي. ان ڳوٺ جي هڪ پوڙهي مذهبي مناجاتون ياد ڪرڻ ۽ پڙهڻ سان گڏوگڏ دائي جو ڪم پڻ ڪندي هئي. اڏاوتي فن، ريتن رسمن ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان سندن دنيا جون پاڙون اسلام کان گهڻو اڳ واري دؤر ۾ ڪتل هيون. ميداني علائقي جي ڏور ڏکڻ ۾ اچوڪيون مارش (ڍٻڻين واريون) عرب وسنديون پڻ ڪنهن دؤر جي ابيدي ۽ سميري وسندين سان ميل ڪائيندڙ آهن، جيڪي پاڻي جي وهڪري سان لڳولڳ ۽ مٺي پاڻي جي جهرڻ سان هٿراڏو ٺاهيل بندن تي ٺهيل هيون، جتي رهندڙ مڇيون ماري، بانس وڍي ۽ ڪناري سان لڳولڳ زرخيز زمين کيڙي پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هئا. سندن ويڪرا بانس جا گهر، جن مان ڪي ته هڪ سؤ فٽ ڊگها به هئا ۽ پاڻي جي قدرتي وهڪرن تي ترندڙ

سنڌن سوڙهيون ۽ پُر وقار ٻيڙيون اڄ به پنج هزار سال پراڻي سميري فن جو جيئرو جاڳندو نمونو آهن. نار واري جنگ تائين انهيءَ آڳاٽي ڏندڪٿائي دنيا ۾ داخل ٿيڻ ممڪن هو. اها دنيا بانس جي جهڳي، لوڙهي، چيڪي مٽيءَ جي سرن ۽ چلهه سان گڏوگڏ هڪ چنيل ٻيڙي واري ننڍن مصنوعي ٻيٽن تي ٻڌل هئي. هٽ هر ڪٽنب پنهنجي چوپائي مال خاص طور تي مينهن ۽ ڍڳيءَ سان گڏ رهندو هو. (هن علائقي ۾ مينهن ٽي هزار قبل مسيح ڌاري هندستان کان آئي هئي.) اهي ٻيٽ انساني فن جو شاهڪار آهن، اهي ڏاکڻي عراق جي رهواسين جي انهن ڪاوشن جو اظهار آهن جيڪي هنن هزارين سالن تائين پاڻي مان نئوس زمين ڪڍڻ ۽ صحرا ۾ حياتي ۽ سيپتا جي تخليق لاءِ ڪيون.

سو اڄ به ڏاکڻي ميداني علائقي ۾ ڪو مشاهدو ڪندڙ تاريخ کان اڳ واري دؤر جي معاشرن وارو اندازو شهر جي دروازي ٻاهران پروڙي سگهي ٿو. اڄ به مستقل آبادگارن ۽ مال چاريندڙن جا مٽيءَ مان ٺاهيل گهرن وارا ڳوٺ ڏسي سگهجن ٿا. اڃا تائين بدو خالص خانہ بدوش زندگي گهارين ٿا، جيڪي گرمين کان سياري تائين پنهنجي ڪارن خيمن سميت ميدانن ڏانهن ۽ اتان مٿانهن علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪندا رهن ٿا. ان کان سواءِ مارش عرب ٻنهي جو گاڏڙ ٻنيل آهن. اهڙي وڌندڙ ويڇهندڙ دنيا ۾ مستقل وسندين جا موقعا اڻٽر آهن. مارش آبادگارن يا بدو ڌراڙن پنهنجي اپايل اناج ۽ سبزين عيوض املھ ڌاتن ۽ عياشين ماڻ لاءِ به ڏورانهان سفر ڪيا. شهري ترقي جي سماجي ۽ معاشي سببن سان گڏوگڏ اسان کي انساني خواهشن کي به معمولي حيثيت نہ ڏيڻ گهرجي. سُمير واسين دنياوي ترقيءَ لاءِ چڱي موچاري جاکوڙ ڪئي آهي.

مذهب پڻ ان ۾ پنهنجو حصو ادا ڪيو. پنهنجي واڌ ويجھ تي سمير جي شهرن ميدانن ۽ ٻنين ٻارن جي ديوين ديوتائن، هوا، طوفان ۽ آسمان، شرابي انگورن، اناج ۽ زرخيزي جي ديوتائن جون عبادتگاهون ۽ ڌراڙن، چوپائي مال ۽ مهانن لاءِ بتخانا جوڙيا. اهي اڪثر سرحدي علائقن ۾ هوندا هئا. 'ڪيش' ۾ ٻار جي جڻ واري ديوي ميدان جي اوچي جاءِ تي هئي، هوا جي ديوتا اينلل جو شهر نيپور به سمير جي اترين ڪنڌ ۾ هو، تازي پاڻي جو ديوتا اريدو جو انيڪ ڏيهن جي ٽري تي هو، چنڊ ديوتا 'سِن' سمنڊ پرسان 'اُر' ۾ هو. اهي ئي هنڌ هئا جتي مڇيون ماريندڙ يا سرسبز علائقن جا ڌراڙ ٿانيڪو آبادگارن سان ڏي وٺ ڪري پئي سگهيا. اڄ به ريگستانن جي مسافرن کي رڱيل سرن وارين اسلامي مزارن ۽ عبادتگاهُن ۾ هرٽين جا سنگ، سائيڪليون، هر، اوزار، ريڊيو نظر ايندا جيڪي وقتي ڌراڙ يا خانہ بدوش حفاظت لاءِ ڇڏي ويندا آهن. شايد

ابيد سان تعلق رکندڙ ٽامي جو اهي اسم شينهن جي ڳچيءَ واري سرڻ ديوتا 'اِم دگد' کي سگڻ سان ظاهر ٿو ڪري. اهو اصل ۾ ٻارن جي چمر واري ديوي ننهر سيگ جي پوڄا گهر جو سجاوٽي پيس آهي. 2700 (ق- م)

آڳاٽي زماني ۾، ملاقاتن جون اهي جايون وڏي وڻ ٽيون ۽ خزاني ۽ سامان سڙي ۽ پيداواري اوزار رکڻ لاءِ مستقل ٺاڪ ٽيڻ کان پوءِ اڳتي هلي ڏيتي ليتي جا ماڳ بڻيون. ميسوپٽيميا شهر جو بنياد عملي طور تي شايد اهي عبادتگاهون ئي هيون.

اَوائلي شهر

ٽي هزار سال قبل مسيح کان ڪجهه اڳي دنيا جا پهريان سچا پچا شهر ميسوپٽيميا ۾ ظاهر ٿيا. اڳتي هلي سميرين جي لکت سُمير ۾ پهرين ماڳ، سڀ کان اوائلي، عبادتگاهه جو نالو 'اريدو' ڄاڻايو. ٻن هزار سالن کان وڌيڪ عرصو دنيا جي نظرن کان اوجهل رهندڙ اريدو کي بصري ۾ برطانوي نائب قونصل جان ٽيلر 1853ع ۾ ڳولهي لڌو، هو ابراهيم جي شهر 'اُر' تي ٽيل کوٽائي واري ڪم جو بہ باني هو. اُر کان ٻارهن ميل پري ريگستان ۾ اريدو جي ڏڙي کي مقامي خانہ بدوش ابوشاهرين 'ٻن شروعاتي چنڊن جو ابو' سڏيندا هئا. اهو نالو شايد ان جي پٽين تي مليل چٽ مان اخذ ڪيو ويو هو. (اريدو مان نئين چنڊ گهاٽ جو چٽ مليو آهي) جيتوڻيڪ اِهو پسگردائيءَ واري اُر جي آڳاٽي اعتقاد کان متاثر ٽيل تي سگهي ٿو، جنهن جي يادگيري مقامي عربن ۾ 'چنڊ- نگر' طور برقرار آهي.

اريدو اڄ اڪيلو، طوفانن جا سوسات سهندڙ ۽ لاوارث بڻيل شهر آهي، ان سان هلندڙ عراقي جنگ دوران هي هڪ جهاز- مار توپ جو اڏو بڻيل هو. هي ميسوپٽيميا جي تاريخ ۾ انتهائي مشهور جاين مان هڪ رهيو آهي. سميرين جو خيال هو ته هي شهر تخليق جي ٽيڻ وارو ماڳ آهي، پهرين زمين جيڪا وقت جي شروعات مهل اٿاه سمنڊ مان ظاهر ٿي. سندن خيال هو ته بادشاهت جيڪو سياسي معاشرو آهي، ڌرتيءَ تي پهريون ڀيرو هتي ئي وجود ۾ آئي. سندن ڏندڪٿا اهو به ٿي ٻڌائي ته سڀيتا جو فن ۽ ڪرت ڪنهن ٻئي شهر کان اڳ کهڙي ريت 'اريدو' جا ثمر هئا. اهو شروعاتي ذڪر ڏانهن وهندڙ تازي ۽ مٺي پاڻي جي عظيم الشان سمنڊ 'ابپسو' جي ڪناري تي هو، جيڪو گهري ۽ اٿاه پاڻي لاءِ استعمال ٿيندڙ انگريزي لفظ Abyss جو ماخذ آهي. هتان جي عظيم الشان عبادتگاه جو نالو جيڪا سمير جي سڀ کان قديم عبادتگاه هئي، پڻ ابپسو هو. سندن نظريو هو ته اها پاڻي ۽ ڏاهپ جي ديوتا اينڪي جو ٿاڪ هئي، جتان سموري انساني ۽ فطري زندگيءَ جو وجود پيو. ڏهين صدي عيسويءَ تائين ڏاکڻي ڏٻڻين ۽ ڪنارن تي پراڻا فرقا آباد هئا، جيڪي پاڻي جي پوڄا ڪندا هئا ۽ جن جون ڏندڪٿائون ۽ ڪائناتي تصور سميري ڏندڪٿائن مان نڪتل هئا. هت به هڪ چارديواريءَ واري باغ ۾ مقدس KisKanu وڻ هو، جيڪو شايد بائيبل جي باغ عدن واري زندگي جي وڻ جو نقل هو.

اريدو کي 1949ع تائين اوسيئڙو ڪرڻو پيو جڏهن پسگردائي واري اُر جي بادشاهن هتان به هزار قبل مسيح ڌاري جوڙايل زيگورات عبادتگاه جي اڳڻ واري دڙي جي وڏي پيماني تي کوٽائي ڪئي وئي. کنڊرن جي ماهرن کي عبادتگاه واري ٽڪريءَ جي کوٽائي مان زيگورات هيٺان اٽويه ته مليا، جيڪي پنج هزار سال قبل مسيح ڌاري عبادتگاه جي اڏاوت تائين جي تاريخ جا سونهان هئا. تري ۾ مٽيءَ جو هڪ ننڍڙو دڙو هو، جنهن جي چوڌاري بانس جي لوڙهي اندر ننڍڙو عبادتخانو هو، جيڪو تخليق جي ڏندڪٿائي دڙي جي علامت هو. جيڪڏهن ڪٿي ڪو حقيقي روپ هو ته پوءِ باغ عدن جي بائيبل واري داستان جا پيرا اتي ئي ڪُٺا. بائيبل ۾ بهشت لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ عدن (Eden) اصل ۾ سميري لفظ عدن (Edin) آهي، جنهن جو مطلب آهي ذڪڻ جي وشال، اڪيڙيل پر گاهه سان ڀريل زمين ۽ بهشت جا ڪنڊر جاچيندي بائيبل جي نفسياتي سچ کي نه پروڙڻ ڏکيو ٿيندو: جڏهن اسان چاڻ جو ميويدار وڻ چکيو ته سڀيتا ڏانهن اسان جي عروج جي شروعات ئي زوال هئي، جن وسيلن





مارش عرب. ڏکڻ عراق ۾ دجله ۽ فرات وچ ڊيٽين ۾ ننڍڙن ٻيٽن جي هڪ دنيا آباد آهي، جتي گهر ۽ ٻيڙيون ٽي هزار (ق- م) سان تعلق رکندڙ مهرن تي اُڪر وانگر ئي ٺاهيا ويندا آهن.



ڪانن سان اوطاقي جهڳيءَ جو اندريون حصو.

سان اسين ذرتيءَ جا مالڪ ٻڌياسين، انهن سان ئي پنهنجي تباهيءَ لاءِ سگهه حاصل ڪئي سين.

اهي اتومان اوڏي محل وڏيڪ پختا ٿا لڳن جڏهن اريدو جي انهن تهن ڏانهن ٿا نهاريون، جيڪي مٽي ۽ بانس واري پنهنجي عبادتگاه جي حوالي سان پهرين اُبيدي ڳوٺ جو تسلسل ٿا لڳن. چار هزار قبل ميسح ڌاري جبلن تي هڪ ڊرامائي تبديلي آئي. تهوارن تي ڪم ايندڙ وڏيون شاهي عمارتون جوڙيون ويون ۽ اڏاوت جي هڪ مانائتي انداز واري هڪ شاهي عبادتگاه تعمير ٿي.اشرافيائي طبقي ڪي ممتاز ڏيکاريندڙ وڏا شاهي مقبرا اڏيا ويا. اشرافيائي طبقي لاءِ شاهي مقبرا طبقاتي فرق جي نشاندهي ڪن ٿا. سون ۽ ڌاتو جو ڪم پرڏيهه مان گهرايل عياشيءَ جو سامان ظاهر ٿو ڪري ته اريدو جي اضافي دولت هاڻ اشرافيا جي قبضي ۾ هئي. هاڻ جبل جي چوڌاري هزارين ماڻهو رهڻ لڳا هئا. شايد انهن اشارن مان اسين 'بادشاهت جو زمين تي اچڻ' ۽ سياسي اقتدار ڪجھ ماڻهن جي هٿ ۾ اچڻ جون گهڙيون پروڙي سگهون ٿا.

ان ڪري شايد اريدو واريون ڏندڪٿائون ميداني علائقي جي ذڪڻ ۾ منظم برادرين جي تخليق ڪان وٺي عبادتگاه، شهر ۽ سلطنت جي آمد تائين جي حقيقي تاريخي تسلسل جو اولڙو آهن. حاصل مطلب ته اهي سڀيتا جا بنيادي عنصر هئا، جيڪي سميري ڏندڪٿائي اعتقادن موجب اريدو ۾ اُسريا ۽ ديوتائن



اُر زيگورات 1920ع واري ڏهاڪي ۾ کوٽائي دوران. اصل ۾ اها چنڊ- ديوتا سن سان لاڳاپيل هڪ پوڄا گهر جو ماڳ هئي.

اريدو کان مستقبل ۾ درياءَ جي پهرين حقيقي شهر 'ارڪ' ڏانهن منتقل ٿيو.

اڄڪله اريدو کان ارڪ وڃڻ لاءِ 1991ع واري جنگ کان پوءِ شهرت ماڻيل اُر ۽ ناصريه کان ٿيندي ڏکڻ عراق اورانگهٽو ٿو پوي. ان لاءِ سماوا پويان فرات اورانگهي ڏکڻ اوڀر پاسي ريگستان ڏانهن رخ ڪري واريءَ جي ڍڳن سان ڀريل وشال بنجر زمين واري ميداني منظر ۾ ٿو داخل ٿجي. جتي بنيءَ جهڙي گرمائش ۾ ڪوهيڙي سان ڍڪيل پٽن جو اڻکٽ سلسلو آهي. گرميءَ جي مند ۾ هتي گرمي 135 ڊگري فارن هائيٽ تائين پهچيو وڃي. نيٺ هڪ شهر جي دروازي تي ٿو پهچجي، جيڪو پنج هزار سالن کان پوءِ ظاهر ٿيو آهي، ان ڏانهن ويندڙ پيچرو ٿانون ۽ هڏين جي ڳهري ته سان سٿيل آهي. هيءَ اها جاءِ آهي جتي وليم لوفٽس 1849ع ۾ بيٺو هو.

ايا تائين پنجاه فوٽ اوچي ڀريل پٽ جو اهڃاڻ دائري کي وڪوڙيل آهي. شهر جي مرڪز تي گهٽي پاڳي هڪ عظيم الشان ڏاڪڻين واري مينار زيگورات جا ڪنڊر ڪنهن دور ۾ شهر جي ديوي 'انانا' جيڪا هاٽي اشتار سڏبي آهي، جو ڏاڪو آهي. پهريون شهر شايد هڪ مذهبي مرڪز طور شروع ٿيو هو، اهو شايد ميداني علائقي جي ڌراڙن لاءِ ڪولابا سڏجندڙ جاءِ تي آڪاش ديوتا جي عبادتگاه هو. ديويءَ جو ماڳ بعد ۾ آيل ٿو لڳي.

زيگورات جي اوچائي تان سُمير جي شاندار منظرن جو ٻچيل خزانو ڏسي سگهجي ٿو. ڪنهن دؤر ۾ ڪئنالن وسيلي پوکجندڙ زرخيز زمين واري اها ڌرتي هاڻ نيٺ نهار تائين بيابان ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. اُتر اوڀر پاسي فرات جي سُڪل پيٽ جي هُن پار فارس دور جو هڪ ٽڪندو مقبرو آهي. سڄي بيابان ۾ انساني آباديءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا جن ۾ آبپاشي وارن ڪئنالن جا ڪنڊر ڀڳل ٽٽل ٿانوءَ آهن، جن مان ڪن بابت ته اڳاٽي دور جي ماڻهن جو خيال هو ته اهي طوفان نوح کان به پراڻا آهن. سج جي جرڪندڙ روشني ۾ نيٺ نهار تائين 'لارسا' جا ڪنڊر ڏسي سگهجن ٿا. ان کان اڳتي سُمير جي سڀ کان پراڻن شهرن مان هڪ 'اُما' ۽ وچئين دؤر ۾ به محفوظ رهندڙ 'طيل جدر' آهن. اتر ڏانهن نيٺ نهار کان اڳتي واري اڻکٽ سلسلي ۾ سميرين جي نوح جو اباڻو شهر شروپڪ آهي. ان ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ ناهي ته اتي انهن کان سواءِ به دنيا جا مقدس ۽ شاندار ڍيڪ موجود آهن.

زيگورات جي ديويءَ جي اوچائي تان ڇهن ميلن کان وڏيڪ پٽين جي گهيراءَ واري شهر ارڪ جو مڪمل منظر واضح ٿو ٻنجي. اتي چار هزار سال (ق-م) جون به آباديون آهن، جيڪي ايندڙ هزار سالن ۾ هڪ مناسب شهر



اُرڪ، دنيا جو پهريون شهر: اترين دروازي تي مٽي بٽيل پٽيون.
گلگاميش جي بعد واري روايت موجب اِهي پٽيون پهريون ڀيرو
2700 (ق- م) ڌاري اڏيون ويون.

لاءِ ڪافي هيون. پر جديد آثار قديمه جي ماهرن موجب اهي پٽيون ٽي هزار (ق- م) کان 2700 (ق- م) تائين جي ڪجھ نسلن واري عرصي دوران اُرڪ جي چئوڻ ٽي وڌي وڃڻ کان پوءِ اڏيون ويون هيون. امڪاني طور تي تن ڏينهن ۾ ٻاهريان هزارين ماڻهو ان شهري زندگيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ شهر ۾ داخل ٿي رهيا هوندا. ڳوٺ کان شهري جيوت ۾ ان قسم جي وڏي پئماني تي تبديليءَ جا ڪي ٻيا مثال پڻ ملن ٿا. چين ۾ 1100 کان 1250 عيسويءَ تائين هينگچو جهڙا ڏاڪٽيان شهر پنجوڻ تي وڌي ويا. ان جو وڏو سبب زراعت ۾ انقلاب ليکيو ٿو وڃي. برطانيا ۾ صنعتي انقلاب دوران 1800ع کان اڳ واري رڳو هڪ صدي ۾ آبادي چئوڻ تي وڌي وئي. وچئين دؤر واري يورپ جي ڪجھ حصن ۾ پڻ 1100ع کان 1300ع تائين واري عرصي ۾ آبپاشي ۽ مالڪيءَ سميت زمين ملڻ وارن علائقن ۾ آبادي ڏهوڻ تي وڌي وئي هئي. يورپ ۾ اهو عمل شاديءَ لاءِ ڄمار واري حد گهٽائڻ سان گڏوگڏ ٿيندي نظر ٿو اچي، جنهن ڄمَ جو تعداد وڌائيندي نسلن وچ ۾ وٿي گهٽائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

اهي نقطهٔ نظر آڏو رکندي اسين چئي سگهون ٿا ته ٽي هزار سال (ق-

م) ۾ ڪھڙي ريت ملندڙ جلندڙ عنصرن جي گاڏڙ پنهنجي ڪرت ڏيکاري. بهتر ٻنايل آبپاشيءَ واري سرشتي ۽ زمين جي مالڪيءَ واري اختيار وڌيڪ زمين تخليق ڪئي، پوکيءَ ۾ واڌ خوراڪ ۾ اضافو ڪيو، وڌيڪ ۽ وڏين پٽين وارين وسندين بهتر سلامتي مهيا ڪئي. وڌيڪ زمين، وڌيڪ خوراڪ ۽ بهتر سلامتي ماڻهن کي پسگردائي بدران شهرن ۾ رهڻ تي اتساهيو ۽ هو جابلو ۽ مٿاوان علائقا ڇڏي ڏاکڻي ميداني علائقي ڏانهن راهي ٿيا. واهپي واري سامان ۽ پرتعيش شين سان ڀريل شهر جي مندرين پڻ ماڻهن کي ائين هرکايو هوندو جيئن اُهي تاريخ جي هر دؤر ۾ ڪنديون آيون آهن. ان ڪانپوءِ طاقتور حاڪمن پوءِ ڀل هو بادشاه هجن، مذهبي اڳواڻ هجن يا معتبر ڪٽنب (يا وري ٽنهي جو گاڏڙ) پنهنجي اختيارن کي نافذ ڪرڻ جو اهل ٿينديءَ ٿي بيشڪ غريبن ۽ هارين نارين تي ڳورو بار وجهڻ جا اهل بڻيا هوندا. پراڻي سمير جي رهواسين مان ڪن لاءِ 'شهري معجزو' ائين ئي پيڙا جو سبب بڻيو هوندو جيئن اٺويهين صديءَ ۾ صنعتي شهر ٿيو. انهيءَ عظيم الشان تاريخي تبديليءَ جو ڪارڻ بڻجندڙ اختياراتي ۽ سماجي ڍانچن ۽ خاص طور تي بادشاهت بابت ڪيترن ئي سوالن جي جوابن کان اسين محروم آهيون. پر اٺويهين صديءَ جي پنهنجي پوئرن وانگر پنهنجي حاصلاتن ۾ هو ٻه بي شڪ انتهائي معتبر هئا. 'اُرڪ جي پٽين کي ڏسو، قلعي لڳل ٽامي وانگر ٿيون چمڪن. ان جي اندرين پٽ تہ جاچيو، انسان ان جو مثال نٿو ڏئي سگهي! اُرڪ جي پٽ تي چڙهي چوڌاري گهمي ڏسو، ان جا بنياد جاچيو، ان جي سرن تي ٿيل ڪم جاچيو... هڻ! اندريون ته ٻہ سيڪيل سرن جو ٺهيل اٿس. ستن ڏاهن ان جي گڏيل رٿابندي ڪئي آهي."

گلگاميش جو رزميہ داستان

هڪ ٻيو سميري نظم 'اينٽا جو قصو' پڻ اسان کي اهڙن شهرن جو اڏامندڙ تصور ٿو ڪرائي ۽ انهيءَ پهرين شهري معجزي ۾ رهندڙ انهن شروعاتي نسلن جي تفصيل کان واقف ٿو ڪري. وڏي اوچائي کان هيٺ پوري ريگستان ۽ نيري سمنڊ، گهرن جي سلسلي ۽ ان جي آبادين تي نظر سان ٿيبهون ڏيندڙ اينٽا پنهنجي ماحول کي نئون روپ ڏيڻ واري انساني اهليت جي تعريف ۾ وچانجي ختم ٿي چڪو آهي.

ٽي هزار سال (ق- م) واري عروج جي دور ۾ سُمير ۽ عڪاد ۾ ڪي چاليھ شهر هئا، جيڪي گڏجي بابل جو خطو ٿي بڻيا ۽ اهي شهر گهٽي ڀاڳي آزاد شهري رياستون هئا. اهي گهٽيل آباديءَ وارا هئا. لاگاش جهڙي وڏي شهر واري رياست ۾ ڪو ڇٽيھ هزار بالغ مرد رهندا هئا، اُرڪ جي ٻہ اوتري ئي

آبادي هوندي. اهي انتهائي منظم ۽ ڪنٽرول وارا شهر هئا. ايندڙ دور ۾ نيپور (Nippur) جي علائقي ۾ ٻه سؤ سهڪاري ڳوٺ هئا، اهي سمورا راڄ جي هڪ پختي اصول تحت ضابطن، فرضن ۽ اختيارن هيٺ ٻڌل هئا.

جيستائين خود شهر جي جوڙجڪ جو تعلق آهي ته گلگاميش جي رزميه داستان موجب اُرڪ جي هڪ حصي تي اڏاوت ٿيل هئي، ٻيو باغن تي ٻڌل هو، جڏهن ته ٽيون حصو عبادت گاهن جي ملڪيت هو. اُرڪ ۽ نيپور ۾ کوٽيل گهٽيون پراڻي اربل، ڪرڪُڪ، طيل عفار يا نجف شريف ۾ اجا تائين نظر ايندڙ گهرن جي احاطن جهڙيون ٿيون لڳن. اجوڪي اربل ۾ هاڻ جهرندڙ گرجا گهر ۾ رهندڙ چار هزار ماڻهو ٽن واردن سان تعلق رکن ٿا، هرڪو ڪنهن هڪ دروازي، هڪ ننڍڙي مقبري ۽ حمام سان سلهاڙيل آهي، گڏوگڏ هر ڪنهن جو ڏار مذهبي پيشوا پڻ آهي. اهي انتظام آڳاٽي اُر يا نيپور جهڙائي آهن. قديم شهرن جون اڏاوتون علائقي ۾ ايئرڪنڊيشن اچڻ تائين جاري رهيون، جن ۾ گرميءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ مرڪزي اڱڻ، هوادان ۽ روشندان هئا. گهٽين جو انداز اهڙو رکيو ويندو هو جنهن سان چانورو رهي ۽ هوا گهلڻ لاءِ وٿي رکي ويندي هئي. بس گذريل ويهن سالن کان ئي اهو عراق گم ٿيل آهي.

آڳاٽي شهر جي مرڪز ۾ عبادتگاهه هوندي هئي، جيئن هاڻ مسجد آهي، انهن ٻنهي جي ڪرت ۾ ڪو فرق ناهي. مثال طور ٻه هزار سال (ق- م) ڌاري نيپور ۾ اُر- ميم ڪٽنب ڪيترن ئي سالن تائين انانا عبادتگاهه جو انتظام سنڀاليندڙ هو. ساڳي ريت اجوڪي اربل ۾ گذريل ڇهه سؤ سالن کان جامع مسجد جو انتظام الملا ڪٽنب جي حوالي آهي، جنهن ڪيترائي پلوڙ شاعر، جوتشي، ڏاها ۽ عالم پيدا ڪيا آهن. بغداد جو گيلاني ڪٽنب ٻارهين صدي عيسوي کان شهر جي اهم مذهبي ادارن جو منتظم آهي ۽ علائقي ۾ پنهنجي خير وارن ڪمن، لائبريري، وڏي شاهي لنگر خاني، هاسٽل ۽ ديالا واري علائقي ۾ وسيع زمين جي مالڪي ۾ اهو ڪٽنب پراڻي عبادتگاهن جي سنڀاليندڙن سان ميل نٿو کائي. سو ان ريت آڳاٽي شهر وچئين دور ته ڇا، پر ڪن معاملن ۾ جديد اسلامي دور ۾ به پنهنجو تسلسل جاري رکيو آهي.

هڪ ٻئي حوالي سان به ميسوپُٽيميا جو شهر پنهنجي جديد پيچيءَ سان مشابهت نٿو رکي. هو مٽي ۽ ماحول جو ويري هو. ڪنهن دور ۾ اُرڪ جي اوسي پاسي واري ايراضي ڪڻڪ جي شاندار فصل جو مرڪز هئي. هتان جو فصل وچ اوله ۽ ڪينيڊا جي فصل جهڙو هو پر اڄ اهو علائقو نيٽ نهار تائين

سم لڳل ۽ بنجر بڻيل آهي. جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ آباديءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ وڌيڪ زمين ۽ فصل جي گهرج علائقي ۾ زمين جو توازن بگاڙي ڇڏيو. جيتوڻيڪ ثابتي هتان ئي ملي. ان جي سڀ کان وڏي پڪي پختي ثابتي اها آهي ته ميسوپٽيميا تاريخ قديم جي دورن دوران، يوناني ۽ ساساني، اسلامي ۽ جديد دورن وچ ۾ زمين جي استعمال جو تسلسل نٿو ملي. آبپاشيءَ واري سرشتي ۽ پاڻ ۾ بهتري، پوکي نه ٿيڻ واري عرصي ۾ بهتر استعمال ۽ خاص طور تي ساسانين ۽ عربن جي ڪنيل ڪجھ اپائن ڪجھ ايراضيءَ کي نئين حياتي ڏني آهي. پر بنيادي طور تي انهن مان هر هڪ دور پوکيءَ لاءِ نوان علائقا هٿ ڪري بنجر بڻيل زمين کي ريگستان ۾ تبديل ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏنو.

سو اڄ زماني ۽ موسم جي مار کاڌل 'ويڪرين راهُن واري اُرڪ' ڏانهن سفر واحد تجربو آهي، جيڪو انسان جي ڏکي پنڌ، جيڪڏهن آهي ته، جو ڏس ٿو ڏي. هتي گرجا گهرن جيڏيون وڏيون عبادتگاهون هيون، نيري رنگ جي اڳياڙي وارين انهن عبادتگاهُن جي بيهڪ اڄوڪي عراق جي مسجدن ۾ نظر اچي ٿي. سڪندر اعظم جي يوناني پيشروئن جي راڄ ۾ ٽين صدي (ق-م) دوران روايتي بابلي انداز ۾ نئين سر ٺاهيل وڏين شاهي عبادتگاهُن جا ٿلها اڃا تائين پوڃا جا اهم مرڪز بڻيل هئا. عيسائيت واري دؤر تائين به سندن پراڻي جيوت جا ڪي رنگ ڍنگ باقي هئا. شهر جي مرڪز جي ڏکڻ اوڀر پاسي مقامي ديوتا گيرئس (Gareus) جي عبادتگاهه هئي، جيڪا موسل پرسان آباد يوناني ڳالهائيندڙ مقامي ماڻهن نومبر 110ع ۾ قائم ڪئي، اهي يوناني امڪاني طور تي نار ۽ انڪان پرپرو بحرين ۽ سنڌوءَ سان واپار ڪندا هئا. ان عبادتگاهه جي پوئين پٽ تي مڇيءَ جي پيچ واري ساموندي ديوي اُڪريل آهي، جيڪا گجرات ۽ ڪيمبي جي نار ۾ عباتگاهَن تي به اڪريل آهي، تي عراقي واپاري اڄ به واپار وڻج ۾ رڌل آهن.

جيوت جي سمورين لاهين چاڙهين سان اُرڪ جو شهر ۽ ان جا ادارا ٽي سئو عيسوي سالن تائين قائم رهيا. ان جي باوجود ته اٺين صدي عيسوي جي مقامي عيسائي بشپ پاڻ کي 'اُرڪ ۽ ڪاسڪر جو بشپ' سڏرائيندو هو، پر تن ڏينهن ۾ اهو شهر پنج هزار سال قائم رهڻ کان پوءِ پنهنجو وارو وڃائي چڪو هو.

ايجادن جي ماءُ

انساني تاريخ جي انهيءَ وسيع ڪنڊر مان، انهن پهرين شهر جوڙيندڙن جي حاصلاتن جو پتو لڳي ٿو. هر پاسي ٿانون جا ٽڪر ۽ ڦيٿن وانگر گول ٿانو ملن ٿا، جن تي سائي رنگ جا سهڻا چٽ ۽ ڪاري رنگ جي چٽسالي ٿيل آهي. سُمير مان ئي دنيا جي پهرين ڦيٿي جا اهڃاڻ ملن ٿا. انهيءَ کان سواءِ، هتان اهڙين ڪيترين ئي ايجادن جا ڏس ملن ٿا جيڪي اڄ ڏينهن تائين انساني استعمال هيٺ آهن. هتي ئي پهرين ستاره شناسي، پهريون ادب، پهريون قانون،

ٽي هزار . . - م) سان تعلق رکندڙ هڪ بابلي جيسپر سلينڊر مهر جيڪا هڪ چنڊ- ديوتا کي ظاهر ڪري رهي آهي. پهرين منظم مذهب ۽ ويچهي اوير جي ثقافتي روحاني اظهار وحدانيت جي شروعات سُمير ۾ ئي ٿي.

قديم ترين لکڻيءَ جو هڪ مثال، اڪاد ۾ ڪش سان تعلق رکندڙ هڪ ٽڪي.

اڄوڪو اربل: قلعي مان لنگهندڙ رستو ويجهڙائي وارو آهي.
نه ته اها اڃا تائين قائم ميسوپوٽيميا شهر جي هڪ شاندار شبيهه آهي.

پهريون اسڪول ۽ دنيا جو پهريون نقشو وجود ۾ آيو. هتي ئي پهريون ڀيرو وقت جي ورهاڱي کي سٺ سان ورهائڻ جو تصور قائم ڪيو ويو. اڄ به گهڙيءَ ۾ وقت ڏسڻ مهل اسين سندن مقروض ٿا ٿيون.

بهرحال سميرين جي مڙني ايجادن ۾ عظيم ترين ايجاد 'لکت' هئي. دنيا جي قديم ترين لکت اُرڪ مان هٿ آئي آهي، جيڪا شهر جي ڪنهن گمنام ڏاهي ٽي هزار سال (ق- م) کان ڪجهه پهريون ايجاد ڪئي هئي. عراقي کنڊرن مان مليل لکت جو پنجانوي سيڪڙو کان وڌيڪ حصو اقتصادي مواد تي ٻڌل آهي، انهيءَ لکت ۾ انگ اکر، بل، اڪائونٽ، فهرستون، دالين يا جَوَن جا ماپا، هر ايڪڙ، ٻاري ۽ فرلانگ اندر زمين جي پيمائش شامل آهن. سنسڪرت جي اڳاتي تحريرن (مذهبي صحيفا) يا چيني الهامي هڏين (جنگي داستان) سان انهن جي ڀيٽ ڪرڻ تي انهن سيپتائن جي شروعات ۾ ئي مختلف هئڻ جا واضح اشارا ملن ٿا. ميسوپٽيميا اهڙي معاشي انسان جي پيدائش جو ماڳ آهي، جنهن جا ناتا سيڪيولر قانون وارا ئي ٿيندا هئا ۽ اهو ئي جديد اولهه جي بڻ بنياد جو نظريو آهي.

تنهن هوندي به ميسوپُٽيميائي ثقافت جو انتهائي اهم اثاثو ان جي



اُر جو 'شاهي معيار'؛ سيپتا جي دولت بادشاه کي پيش ڪئي پئي وڃي. ڪاٺ جو اهو اسم 2700 (ق- م) سان تعلق رکي ٿو.

تصوراتي ادب ۽ خاص طور تي ڏندڪٿائن کي ڪوٺي سگهجي ٿو. عراقي سدائين پِلا داستان گو رهيا آهن. اهو سلسلو هڪ هزار هڪ راتين جي قصي کان وٺي سميريءَ ۾ دنيا جي پهرين ادب ۽ گلگاميش جي قصي تائين پکڙيل آهي. گلگاميش بابت ذري گهٽ خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته هو سچو پچو ماڻهو هو، شايد جيئن ايندڙ دؤر جي ڏندڪٿا جوي ٿي، هو اُرڪ جو بادشاه هو جنهن ستاويهه سئو (ق- م) ڌاري پيتيون اڏايون. هن سان عظيم ٻوڏ ۽ ٻيڙي وارو داستان به لاڳاپيل آهي. جيڪو صديون پوءِ بائيبل ۾ ظاهر ٿيو ۽ اڄ تائين دنيا ۾ موجود آهي. گلگاميش جي آخري مهم سداحيات زندگيءَ لاءِ پتوڙ هئي، جنهن ۾ سندن وفادار دوست اينڪدو به ساٿس گڏ هو، جيڪو سڌريل شهري شخص جي مختلف رنگ ڍنگ وارو اڻا رکندڙ، داناءُ شخص هو. اها مهم اوڊيسي کان وٺي مقدس گرئين ۽ انڊياناجونز تائين سمورن ڳولائو ۽ مهم جوئن لاءِ ڏياتي رهي آهي. سندن داستان يوناني دؤر تائين ويجهي اوير ۾ نقل ٿيا، ترجما ٿيا ۽ بيان ڪيا ويا. ان جا ڪجهه پهلو اٺين صدي (ق- م) جي- ايجين (Aegean) دنيا واري هومرڪ داستانن ۾ پڻ شامل ٿيا. اهي يهودي ۽ يوناني عنصرن سميت پهرين صدي عيسوي تائين به محفوظ رهيا. ان کان پوءِ اهي مسلم دور ۾ اسلامي رنگ سان هڪ هزار هڪ راتين واري الف ليلائي داستان، الادين ۽ سنڌباد جي قصن وسيلي ٻيهر نمودار ٿيا، جن ۾ بلوقيا جي سدا حيات زندگي ۽ بهشتي وڻ جي ڳولا گلگاميش جو پڙاڏو ٿي لڳي.

ٽين صدي عيسويءَ ۾ سندس داستان کي ڪاسڪر جي پراڻي ڏاکڻي علائقي ۾ ياد ڪيو ويندو هو، هاڻ تباهه ٿي ويل ان شهر جون پٽيون هن شايد اوڏي مثل ڏاهپ هيون، جڏهن ته مقامي دستوري بشپ هڪ مذهبي ڪتاب ۾ ڪيس ٻوڏ کان پوءِ وارن بادشاهن ۾ شامل ٿو ڪري. هو لکي ٿو ته، "سندس دور ۾ ابراهيم، ڪلديا جي اُر ۾ ڄائو." ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته بشپ اهو قصو پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ ٻڌو هوندو، ڇاڪاڻ جو اهڙا داستان اڄوڪي عراق ۾ به مروج آهن.

گلگميش جو داستان پڻ ميسوپُٽيميائي سڀيتا جي انفرادي خاصيتن مان هڪ آڳاٽي دور کان اڄ تائين اسان آڏو ٿو آڻي، اها آهي نراسائي. آڳاٽي دورن کان وٺي اسلام جي سونهري دور تائين واري ٽن هزار سالن کان به وڌيڪ عرصي دوران ان جو ادب، چوڻيون، پهاڪا ۽ مذهبي صحيفا ساڳي حساسيت جو اظهار ٿا ڪن، جيڪا مصري سڀيتا جي اميديت پرست خاصيت يا ڪلاسيڪل چين جي اخلاقي اعتماد کان گهڻو مختلف آهي. لڳ ڀڳ تيرهن سئو (ق- م) ڌاري اُرڪ جي نامياري ڪاتب 'سن- ليقيونيني' جي ڪيل گلگميش جي نظرثاني ۾ اجهو هيئن ٿو چيو وڃي؛ جيڪي آڳاٽي بابل جي ادب جون انتهائي مشهور سٽون آهن:

گلگميش! تون جيڪي چاهين ٿو، سو ڪڏهن به حاصل ڪري نه سگهندين. ڇاڪاڻ جو ديوتائن جڏهن انسان کي تخليق ڪيو ته سندس موت به مقرر ڪيائون، اَمر حياتي هٿ منجمد ڪري ڇڏي. جيون جو هر ڏينهن خوشيءَ سان گهار، پنهنجي آگر جهلي هلندڙ ٻار سان پيار ڪر، پنهنجي زال کي پنهنجي ٻڪن ۾ دنيا جون سموريون خلوتون ڀرڻ ڏي، جو اهو ڪجهه ئي انسان جو حاصلات آهي.

سمير جو زوال

پنهنجي پوکيءَ لاءِ فرات ندي تي مڪمل انحصار سبب عراق جي سمورين ڏاکڻين شهري رياستن جي مفاد ۾ هو ته اختلافن هوندي به هڪ ٻئي سان سهڪار ڪن، پر خونخوار جنگيون شهرن جي پهرين مرحلي، ٽي هزار (ق- م) جو مستقل ڏيک رهيون. ان ڳالهه ۾ اهي مصر کان مڪمل طور تي تضاد ۾

رهيون، مصر شروعات ۾ ئي متحد ٿيو ۽ عام طور تي ايڪتا واري صورت ۾ رهيو. شهري رياستن وچ ۾ ٽڪراءُ اڪثر تلخ هوندا هئا. 2500 کان 2300 (ق م) دوران فرات تي ڪنٽرول لاءِ عما ۽ گرسو وچ ۾ ڊگهي عرصي تائين هلندڙ ويڙهه ان جو مثال آهي. 2300 کان 2150 (ق- م) تائين علائقي جي اُتر تي ڏاڪو جمائيندڙ عڪاد سلطنت وارو راڄ به ٽڪراءَ جو هڪ دور رهيو آهي. آزاد ڏکڻ جو آخري سُرهائي پيريو ڊيڊ 2100 کان 2000 (ق- م) دوران اُر شهر جي سرواڻي هيٺ رهيو. هڪ جنرل اُرنامو جي قائم ڪيل اُر جو ٽيون راڄ اڳاٽي ۽ باوقار سمير ماضيءَ جي هڪ جهلڪ هو. اُرڪ، اريدو، اُر، لارسا ۽ نيپور ۾ سُمير جي پراڻن معبودن تي وڏا شاهي منارا زيگورات جوڙايا ويا. سندن عبادتگاهون سهٽيون ٿيون ۽ انهن ۾ مال متاع جا ڍير ڪيا ويا. اُرنامو ۽ سندس پونيئرن پراڻي سميري دور جي سورمن/ اُرڪ جي بادشاهن خاص طور تي گلگاميش بابت ادب جا نقل تيار ڪرڻ لاءِ سهائتا ڪئي، سندن دعويٰ هئي ته هو ان بادشاهه جي نسل مان آهن. پنهنجي اٺيتاليهن سالن جي راڄ دوران اُر جي حاڪم 'شلگي' جوڳا ۽ لاجواب انتظامي سڌارا شروع ڪيا، جن ۾ نيپور واري 'قومي' عبادتگاهه تي سمير جي اوڙهيهن شهرن جي خراج واري پراڻي رسم جي نئين سر شروعات شامل هئي، جنهن ۾ هر مهيني وڏي تعداد ۾ جانور ۽ سامان عبادتگاهن تي پيٽا لاءِ پيش ٿيندا هئا. انهيءَ شاهاڻي خرچ جو راڄ جي معاشي ڏکيائين تي لازمي اثر پيو هوندو. ميداني علائقي جي موسم ان دور ۾ ڊگهي عرصي کان ئي خشڪ ٿيندي پئي ٿي. جنهن سبب گهٽي پاڳي زرعي زمين استعمال جوڳي نه رهي ۽ معاشي دستاويز ظاهر ٿا ڪن ته انتظامي اهلڪار انهيءَ خشڪ ساليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪٽڪ بدران لوٽيان جي وڏيڪ مزاحمت ڪندڙ فصلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳا. ان کان سواءِ اهو ته ٻاهرين خانه بدوشن جا ميداني علائقي تي حملا جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خطري جو سبب بڻجي رهيا هئا. شلگيءَ جي جانشين شو-سن، شام کان ڪاهه ڪندڙن جي هڪ ٽولي کان بچاءُ واسطي اتر اوله ۾ هڪ 'مارتو يت' اڏائي ان کي دفاعي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو. اها آفت اڳتي هلي سندس جانشين 'ابي سيف' مٿان ڪڙڪي. ان ڳالهه جون ثابتيون ٿيون ملن ته ان دور تائين ڪنهن پاڳي زمين خشڪ ساليءَ جي ور چڙهي چڪي هئي. آباديءَ جي ڪاڌ خوراڪ جو پورائو نه ٿي سگهيو، عام واهپي جي شين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا جن مان اناج جو اگهه ته سٺ ڀيرا وڌي ويو. پرڏيهي واپار جنهن تي سُمير سدائين پنهنجي خام مال تي ڀاڙيندو هو، ختم ٿي ويو ۽ سگهو ئي حڪومت، ادارا ۽ ضابطا

'ڳجهن جو ٿاڪ' : منظم جنگجوئي جي شروعات، 2400 (ق- م).

اچي پٽ پيا. ويرين جي گهيري سخت ٿيڻ جا اطلاع بادشاهه ۽ سندس ويجهن حمائتين ۾ ڌهڪاءُ وجهندا رهيا. قدرتي سرحدون نه رکندڙ پر شاهوڪار ۽ آبادي سان ڀرپور علائقي کي کهڙي ريت انهن دشمن کان بچائجي جيڪي ان جي دولت تي ڏند ڪرٽي رهيا هئا، عراق جو 1990ع واري ڏهاڪي تائين تاريخ جو اهو هڪ انتهائي اهم مامرو پئي رهيو آهي.

اُر جي ٽئين راڄ جو خاتمو سمير جي تاريخ جي اهم ترين واقعن مان هڪ آهي. 2000 سال (ق- م) ڌاري اهو علائقو ان جي دشمن اچوکي ايران جي ايليميٽين ۽ ريگستان سان تعلق رکندڙ سندن اتحادين تباهه ڪري ڇڏيو. سمير جي سمورن وڏن شهرن کي معطل ڪيو ويو، سندن عبادتگاهون تباهه ڪيون ويون، سندن خزانو لٽيو ويو ۽ آباديءَ جو قتلام ڪيو ويو، غلام بڻايو ويو يا ڀاڄ تي مجبور ڪيو ويو. آخرڪار اُر به کنڊر بڻايو ويو ۽ تاراج ڪيو ويو. ابي سيف کي ٻانڌي بڻائي 'ايلام' نيو ويو. انهن ڀوائتن واقعن ثقافت جي نفسيات تي هڪ اڻمٽ نشان ڇڏيو. سمير ۽ ان جي شهرن جي تباهيءَ جو ذڪر ڪندڙ ڪيترائي ماتمي نوحا ان جو اجهو هيڻ ٿا اظهار ڪن.

اُر تباهه ٿي چڪو آهي ۽ ان جو ماتم انتهائي نڪ آهي، هن
ديس جو رت ان جي ڪڏن ڪوهن ڪي ائين ٿو ڀري جڻ
ڪنجهيءَ جو سانچو پرجندو هجي. لاش سج جي تپش ۾
ڳرندڙ چربيءَ جيان ٿا رجن. اسان جون عبادتگاهون تباهه ڪيون
ويون آهن، ديوتائن اسان کي سانگي پکين جيان ٻي واهرو ڇڏي
ڏنو آهي. اسان جي شهر تي دونهون ڪفن جيان ڇانيل آهي.

اهي نوحا هيلنسٽڪ يوناني دؤر تائين هر سال ذڪر ۾ عبادتگاهُن جي تهوارن تي پڙهيا ويندا هئا. اهي جنگ يا امن ۾ عبادتگاهُن جي ڍهڻ کان پوءِ ٻيهر اڏاوت مهل ٻه پڙهيا ويندا هئا ته جيئن ماڻهن کي سڀيتا جي نزاڪت ۽ ڪمزوري سدائين ياد رهي. نوحاگيري خود سميري ثقافت جو هڪ پراڻو انداز آهي ۽ شهر جا نوحا عبادتگاهُن جي دستاويزن مان بچيل انهن وڏي تعداد ۾ جوڙيل نوحن، جن کي 'ارسيما يا بالاگ' سڏيو ويندو هو، جو ننڍڙو حصو آهي. اهو خزانو رنج و الم بابت اسان جي نقطهٔ نظر جي تصديق ٿو ڪري ۽ جيئن اڳتي مشاهدو ڪنداسين ته انهيءَ حساسيت کي ڏاکڻي عراق جي زرخيز زمين مان ايندڙ دور ۾ اڀرندڙ شيعيت واري ثقافت سان پيٽ ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نه هوندو.

آڳاٽي دور کان اسلام تائين

ڏاکڻي عراق جي شهري سڀيتا 2000 (ق- م) واري تباهي کان پوءِ بحال ڪئي وئي، ان جا شهر ۽ عبادتگاهون نئين سر اڏجي ويا. تمام گهڻين تباهين جي باوجود اها وڏيڪ عرصو هلندڙ ۽ پائيدار ثابت ٿي. ٻئي ۽ پهرين هزار (ق-م) ۾ ميسوپُٽيميا تي عرب فتح کان اڳ هڪ ٻئي پويان بابلي، ڪيسائيٽ، حتي، اسيري، نبوڪدنضر جا جديد بابلي، فارس واسي، يوناني، پارٿي ۽ ساساني فارس واسي راڄ ڪندا رهيا. اهي راڄ گهڻي ڀاڱي ٻاهريان هئا، پر ثقافت ميسوپُٽيميا جي ئي بالادست رهي، ريتون رسمون، انداز ۽ ٻولي، علائقي ۾ حڙون ڪتل آباديءَ جون رهيون، جنهن جي عربي ٻولي شروعاتي عيسائي دورن ۾ ويجهي اوير ۾ ڳالهائجندڙ ايرامڪ Aramaic مان اخذ ڪيل آهي، جيڪا وري 2000 (ق- م) ڌاري بابل جي سڄي علائقي ۾ ڳالهائجندڙ سميٽڪ عڪاديءَ مان نڪتي. (سميري تن ڏينهن ۾ ٻه متروڪ ٿيل ٻولي پائنجي ٿي، جيتوڻيڪ اها يوناني دور تائين ادبي ۽ مذهبي صحيفن جي تحرير وغيره لاءِ.

استعمال ٿيندي هئي،) ٽين صدي (ق۔ م) تائين ڏکڻ ۾ عظيم الشان سڌنگهون پنهنجي رسمن ۽ نظم و نسق کي قائم رکنديون آيون ۽ انهن کي آڳاٽي معني انداز ۾ ٻيهر اڏيو ويو. پر دنيا تيزي سان تبديل ٿي رهي هئي. سڪندر اعظم جي سرواڻي ۾ ويجهي اوڀر تي يوناني فتح علائقي تي فڪر ۽ نظرين جا نوان دڳ کوليا. عراق سدائين جيان اهڙو ئي واٽو هو، جتي اوڀر ۽ اولهه گڏيا ٿي ۽ يوناني سيپتا جي بين الاقوامي ثقافت، سيپتا ۽ تاريخ ته ڇا پر خود ديوتائن بابت به نئين سوچ جو دور شروع ڪيو. اينديڙ صدين دوران ’زرخيز چنڊ‘ واري انهيءَ ڌرتيءَ نون آفاقي مذهبن کي جنم ڏنو، جيڪي سمورا يوناني عهد تائين سخيتڙيل رابطن ۽ روايتن ۽ فارس عرب، يهودي ۽ يوناني مذهب ۽ ثقافت جو گاڏڙ هئا. چوٿين صدي عيسوي ۾ عيسائيت ۽ مانيڪي عالمي مذهب بڻجڻ جا خواهشمند هئا. پر نتيجو اهو سامهون آيو ته ويجهي اوڀر ۾ تبديليءَ جي اٿل پٿل ۾ سڀ کان وڌيڪ اسلام سوڀارو رهيو. ٻين جيان اسلام به يهوديت، عيسائيت ۽ زرتشتين جي بنيادي عنصرن تي ٻڌل هو پر ان جي جديد ۽ جمهوري پيغام ۽ ان ۾ عربي ٻوليءَ جي استعمال ان کي ويجهي اوڀر جي آڳاٽي ثقافتن تي حاوي بڻائي ڇڏيو.

ستين صدي عيسويءَ ۾ عرب فوجن اسلام جي نئين ايمان هيٺ ميسوپوٽيميا تي ڪاهه ڪئي ۽ زوال پذير ساساني، فارس سلطنت جي فوجن تي سوڀ حاصل ڪيائون. تاريخ جي اڪثر حملي آورن جيان هو به اقليت ۾ هئا. عراق جي اڪثريتي آباديءَ اينديڙ چار سؤ سالن ۾ اسلام قبول ڪيو، پر هن پنهنجي عرب حاڪمن جي روايتي سُني مسلڪ کي قبول نه ڪيو. پراڻي سمير جهڙي ڏاکڻي عراق ۾ عرب فتح کان پوءِ اسلام هڪ واضح مقامي روپ اختيار ڪيو جيڪو شروعاتي بنيادي شيعيت سان ڳانڍاپي/ رابطي ۾ رهيو. عراقين جي اڪثريت جيڪا اسلام کان اڳ واري ميسوپوٽيميا جي ايرامڪ ڳالهائيندڙ آبادي هئي عبادت جي پنهنجي آڳاٽي طريقن کي ڪڏهن به نه ڇڏيو، جيتوڻيڪ سندن ايمان هاڻي ستين صديءَ ۾ شهيد ٿيندڙ حسين ۽ علي کي پنهنجو مرڪز بڻايو هو، جن کي هو پيغمبر جي روحاني ورثي جو وارث ليکيندا هئا. ڪربلا جي مقدس شهر ۾ شيعن نوحاگيريءَ جي آڳاٽي سميري روايت کي اهڙي ريت پنهنجي هنئين سان هنڊايو جنهن جو ڪنهن ٻئي دنيا يا فرقي ۾ مثال نٿو ملي. شيعن جون اڪثر ريتون رسمون، سندن عبادت ۽ مناجات جو طريقو، مذهبي بيان، شاديءَ جو بندڻ، عالمن جو نظم و ضبط ۽ ڪفن دفن جا طور طريقا آڳاٽي عراقي ماضيءَ سان ميل کائيندڙ هئا. شيعا

CamScanner

نوحاگيري خاص طور تي ان جو عورتاتو انداز پڻ اِڳاتي دور سان انتهائي ويجهي مشابهت جو اظهار ڪري، اهي ڏيان جوڳيون روايتون شايد انتهائي گهريون پاڙون رکندڙ ميسوپٽيميا جي مذهبي تجربي جون وجودي حيات آهن. ايستائين جو ڪربلا ۾ حسين ۽ عباس علمدار ۽ نجف ۾ عليءَ جي مقبرن جو اڏاوتي انداز پڻ پراڻي سمير جي عمارتن جي ساروڻي ڏياري. جيتوڻيڪ لاپ پراڻيندڙ ايرانين هٿان انهن جي ڪيترائي پيرا فارسي/ ايراني انداز ۾ نئين سر اڏاوت جي باوجود انهن تي لڳل واضح ۽ وشال ڪاشيگري ۽ جاميٽري پريون ڊزائينيون اجا به اُرڪ، اُيد ۽ اريدو جي مقبرن/ عبادتگاهن تي ٿيل ڪم جو اولڙو آهن، سميري چوڻين موجب: ”سچا مَرقد جرڪندڙ آڪاش ۾ اندلڻ جيان پسجن ٿا.“

اسلام جو شروعاتي دور

مسلمان عرب راڄ جي پهرين صديءَ دوران عراق انتهائي خوشحال ۽ شاهوڪار رهيو. ڏهين صديءَ جا به ميسوپٽيميا جا نمونا جيڪي بچي سگهيا آهن، سي هڪ ابن سيراب 900ع جو ۽ ٻيو 982ع واري فارسي جاگرافي بابت آهي. ٻئي اتان جي زرخيزي ۽ اٿلون ڪائيندڙ شهري جيوت جو اظهار ھيئن ٿا ڪن: ”عالمن ۽ واپارين جو ٿاڪ... وهندڙ پاڻي ۽ وڏندڙ ويڇهندڙ پسگردائي سميت“ تن ڏينهن جو هڪ خوشحال شهر ميسوپٽيميا جو آڳاٽو مقدس شهر نيپور هو. مسلم فتح کان پوءِ وارين صدين ۾ هيءُ شهر گهڻ ثقافتي مرڪز ۽ گڏيل سڏيل معاشري طور اڀريو، جيئن اجوڪي آمريڪا ۾ ٿي رهيو آهي، اهو عمل اجوڪي اوله جي اسلام تي قدامت پرست هٿڻ واري الزام جي نفي ٿو ڪري. منيءَ جي سرن سان اڏيل گهٽين جي ورن وڪڙن ۾ خوشحال ۽ ڪامياب يهودين جي آبادي پنهنجي مذهبي اسڪولن ۽ ادارن سميت موجود هئي. عبراني رواج جو سڀ کان اهم ڳنڍڪو تالمود به نيپور جهڙن ڏاڪٽي عراقي شهرن ۾ عيسوي سن جي پهرين هزار سالن دوران اوڏي محل لکيو ويو جڏهن يهودي ۽ اسلامي ثقافت پرامن گڏيل بچاءَ لاءِ هڪٻئي تي پنهنجا اثر ڇڏي رهيون هيون. جامع مسجد سان لڳولڳ هتي هڪ بشپ سميت هڪ نستوري عيسائي چرچ هو، امڪاني طور تي ڏهين صديءَ ۾ عيسائي هتان جي اڪثريتي آبادي هئا. هتي ميندائي ۽ مانيڪائي به هئا. سندن پيغمبر ماني ٽيسيفون پرسان ڄائو ڏيٺين ۾ وڏي وڌو ٿيو ۽ اهڙو عالمي مذهب جوڙيائين جيڪو عراق کان سڄي ايشيا ۽ چين تائين پکڙيو.

پر توهان جو تعلق ڪنهن بہ برادريءَ سان هجي، توهان جو دارومدار ايا تائين گرهن، تارن ۽ ڀوت پريت بابت پراڻي بابل وارن ڏنڊڪٿائن/ چاڻ تي هو. ايستائين جو اڄ بہ گهٽي بارش ڪان پوءِ نيپور پراڻي شهر جي اولہ پاسي جادوئي پيالو ڦيرايو ويندو آهي، عبراني، شامي، مينڊائڪ ۽ ايرامڪ ٻولين ۾ اُڪريل اهي ٿانو مانيءَ جي پوئلگن استعمال ڪيا هئا. اهي اسان کي مسلم سوڀ تائين ۽ ان کان پوءِ وارن سالن تائين هلندڙ پراڻي ميسوپٽيميا جي جادوئي دنيا جي تفصيلي ڄاڻ ڏين ٿا. سندن ڪرت انتهائي سولي هئي. جيڪڏهن توهان کي ڪو مسئلو درپيش آهي تہ پوءِ جادوگر سان ملڻ ٿي ويا جيڪو شهر ۾ اوهان جي مهمان خاني ۾ ٽڪيل هو. هن پيالي تي اوهان جو نالو لکي اوهان لاءِ منتر ٿي پڙهيا. هڪ آڳاٽي بابلي بدروح للٿ جو منتر زندگين مان نڪرڻ، زال، ڪٽنب، رڍ ٻڪري، ڍور ڍڳر، ٻنی ٻاري مان واسو ختم ڪرڻ بابت ٿي پڙهي سگهيو. انهن مان ڪي وِچون جهڙا جيوَ هئا. ٻين جا وري منارن جهڙا مٿا هئا، جڻ ڪنڌر ٻٽيل ٿنين ۾ ايجا بہ ڪا ديومالائي سگهہ هئي. ان ڪان پوءِ اهو پيالو گهر ڪٺي ان ڪي گهرجي پٽ يا چائوٽ ۾ اونڌو دفن ڪيو ويندو هو تہ جيئن بدروح ان ۾ ڦاسي پوي. اهي پيالا آڳاٽي بابلي ديوتائن جي زوال جو دستاويز ٿا پيش ڪن، هاڻي جادوئي پيالن تي رڳو شهري غريبن لاءِ ئي منتر ٿا پڙهجن. انهن ۾ بيل، نيرگال ۽ يوناني ديوتا بشمول زيوس، هرميس ۽ اپالو ۽ عراق تي ساساني راڄ جا ايراني جن ڀوت شامل آهن. اهڙي ڪرت کان پوءِ ڪائنات جي عظيم ديوي 'انانا' جو اهڙو دڪدائڪ انت آيو، جو هوءَ پيالن تي 'نانا' جن طور نمودار ٿي. اهڙي ريت وقت گذرڻ سان گڏ اعتقادي ۽ مافوق الفطرت دنيا تبديل ٿي ٿئي. حيرت جوڳي ڳالهہ آهي تہ انهن پراڻن اعتقادن مان ڪجهہ خاص طور تي جادوگري عراق جي غريب يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن ۾ اسان جي دور تائين بہ هلندا آيا. 1960ع واري ڏهاڪي تائين بہ لوڪ مذهب جا ماهر، عالم يا ٻاڳن واري جنتري پڙهائيندڙ موجون ڪندا رهيا.

ٽائين صديءَ دوران عراق جي ڏکڻ ۾، عربي ۽ فارسي ثقافتن، يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام جي گاڏڙ هڪ نئين صوفياڻي تحريڪ کي جنم ڏني دنيا جا ڪجهہ شاندار مذهبي شاعر ۽ صوفي پيدا ڪيا. ان دور ۾ بغداد ۽ ٻيا عراقي شهر اسلامي دنيا جو مرڪز هئا. ڪوفي ۽ بصري جهڙا واپاري ۽ صنعتي شهر دانشوراڻي ۽ مذهبي جوش ۽ ولولي جا هندورا هئا. هندستان ۽ وچ ايشيا، مصر ۽ ڳاڙهي سمنڊ واري علائقي سان سندن وڻج واپار نظرين ۽ خيالن جو هڪ ذريعو بڻيو. بغداد ۽ بصري سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي شروعاتي صوفين اهڙي ئي



يزيدي وچين دورن ۾ عيسائي، يهودي ۽ اسلامي نظرين ـ
گاڏڙ مان اپريا. مينيڪيني دوئي ۽ سنڌن اعتقاد جو حصو هئي،
هن موجب پهريان شيطان کي ميڙٺو پوندو.

وسيع تر اتساهه مان لاڀ پرايو. عظيم صوفي شهيد منصور الحلاج عيسائي ۽ يوناني علميت پرستن کان چڱي ريت واقف هو ۽ هندستان ۾ پيٽي آيو هو جتي پڪ سان اپنشدن ۽ ڀڳوت گيتا مان لاڀ پرايو هوندو. هڪ ٻيو عظيم صوفي النفاري آڳاٽي مقدس شهر نيپور ۾ ڄائو هو. منصور الحلاج وانگر نفاري به 950ع ۽ 960ع وارن ڏهاڪن دوران مصر سميت ڪيترن ئي ملڪن جي سياحت ڪندو رهيو. پر سدائين ڏکڻ ڏانهن بصره، نيل ۽ نيپور ڏانهن موٽي پنهنجي تجربن ۽ ادراڪن کي نوٽ بڪ ۾ "خدا جي سوڪڙي ۽ نوازش وسيلي مليل لفظن" ۾ لکندو رهيو. ڪا حيرت جوڳي ڳالهه نه ٿيندي ته شايد اهڙين ئي قديم روايتن جي موجودگيءَ ۾ ارنامو جي ڪنڊر ٿيل عبادتگاهه جي چانوري مان نفاريءَ جو ادراڪ اسان مان ساڳي پراڻي سميري ٻولي ۾ ڳالهائڻ چاهيو هجي.
"مون ڏنو ڊپ اميد کي وکوڙي ويو ۽ مال متاع ڌوڙ ٿي ويا، مون غربت کي ديويءَ طور ڏٺو، هن دنيا کي فريب پاتيم ۽ بهشت (ٻي دنيا) کي دوکو. هر تخليق ٿيل شيءِ، کي پاڻ مان نڪرندي ڏٺم ۽ مون کي هتي اڪيلو ڇڏيو ويو آهي."

اوائلي مسلم ميسوپٽيميا جون کهنڀي پاکي وسنديون جديد دور ۾ به قائم رهيون. چوڏهين صديءَ ۾ جڏهن آخرڪار نيپور جو انت آيو ته ميندبيئن راڄ ڏيٽين ۾ عمارا ۽ سُڪ عيشيوخ ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي، انهن سميت ٽيهارو ڪن ڳوٺن جو ذڪر اوائلي يورپي سياحن به ڪيو آهي. اُتي هو ويهين صديءَ ۾ پنهنجي روايتي سونارڪي ۽ ٻي ڪاريگريءَ جي آڌار تي بغداد منتقل ٿيڻ تائين رهيا. هو اجا تائين اتي رهيل آهن. آسماني ڪتاب جي پيروڪار هئڻ ناتي قرآن ۾ تحفظ ڏنل ميندائي آڳاٽي ميسوپُٽيميا جي مذهبي روايتن جو هڪ تاحال موجود اهڃاڻ آهن، هو اسان کي پٽسمائي ثقافت سان له وچڙ ۾ ٿا آڻين جنهن مان عيسائيت اُڀري. يسوع مسيح وانگر فلسطين ۾ بڻ بنياد رکندڙ هو پنهنجو پاڻ کي ’جان بيپٽسٽ‘ منڊائي يا نسوريا جا پوئلڳ ٿيا سڏرائين. (ڇا يسوع مسيح نظرتي هو، جيئن ميٿيو ٿو چوي، ته پوءِ هو نظرت جو قطعي نه پر نيسورين ’مشاهدو ڪندڙ‘ يا علميت پرست هو؟)

ميندائي شاديءَ جي ريتن رسمن ۾ دجلا منجھ مڪمل غوطو لڳائڻ پڻ شامل آهي، جنهن کي هو اجا تائين ڏرمي لحاظ کان جارڏن (Jordon) سڏيندا آهن. ريتون رسمون ميندائڪ ۾ ادا ٿينديون آهن، جيڪو ايرامڪ ٻوليءَ جو



سمارا ۾ پيچدار مينار. بابل جو ٽاور اسلام ۾ هڪ شروعاتي ٻرڙلاءُ؟ ائين صدي عيسويءَ ۾ ٺهيل انهيءَ مينار جي اوچائي 164 فٽ آهي.

اهو لکيو آهي، جنهن ۾ يسوع مسيح ڳالهايو هو. ڀيا رواج ته سنڌن بابل ۾ ٻه هزار سال کن سانڀيل هئڻ جو اظهار ڪن ٿا. جڏهن ٻيڇ ڪنهن نئين پادريءَ کي مقرر ڪندو آهي ته کيس شيطاني اک جي رنگ واري گهري نيري خيمي ۾ ست ڏينهن ست راتيون رهڻ سان گڏ مناجاتون پڙهندو آهي، گلگاميش کي ته پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابيءَ لاءِ ساڳي انداز ۾ مناجات ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. مينڊائن اسان کي ياد ٿا ڏيارين ته ايڪتا ۽ سڀ کهڙي ريت سڀيتا جون بنيادي خاصيتون آهن ۽ گڏوگڏ اهو به ته ڪهڙي ريت معمولي عراقين پنهنجي تاريخ جي آفتن جي باوجود پنهنجي انتهائي آڳاٽي ريتن رسمن کي سنڀالي رکيو آهي. ’حياتي سوپاري آهي‘ منڊائن شاديءَ جي مناجات ۾ چيو ويندو آهي ۽ ان هوندي به جيڪڏهن ڪو انسان سڄي دنيا حاصل ڪري وٺي ۽ پنهنجو روح وڃائي ويهي ته پوءِ ڇا هٿ حاصل؟

بغداد: دنيا جو پهريون شهر

بغداد جو بنياد عراق جي عرب فاتحن دجلا جي اولهائين ڪناري اٺين صديءَ ۾ رکيو، اهو ميسوپوٽيميا جي عظيم الشان رٿابندي وارن آخري شهرن مان هڪ هو. جتي بابل ۾ هڪ معين شڪل ۾ هيو. بورسپا چوڪندو ۽ عڪاد ٽڪندو هو اتي عباسين جو بغداد هڪ وڏي گول شڪل ۾ ٻن ميلن تي پکڙيل هئو، جتي مسجد جي چوڌاري ٻن ميلن جي ايراضيءَ ۾ واپار، هنرمندي صنعت ۽ دڪانن لاءِ علائقا مخصوص هئا. پسگردائي ۾ ڪئنالن جي ڄار وارو اهو شهر ڄڻ ته وينس وانگر پاڻي تي ٽهيل هو. اهو دنيا ۾ هڪ عظيم ترين ثقافتي مرڪز بڻيو. 982ع جي ايراني جاگرافيدان چيو، ”ڏاهن عالمن ۽ اَملهه دولت جو شهر، دنيا جو سڀ کان وڏيڪ خوشحال شهر، واپارين جي توجه جو مرڪز ۽ ماڻهن سان سٿيل شهر“. هاڻ تنهن دور جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ اهڃاڻ ئي باقي آهن. بغداد جي لاڳيتو تباهين عملي طور تي سمورا نشان ميساري ڇڏيا آهن، بس رڳو پراڻو قبرستان ۽ منصور الحلاج جو يادگار ئي بچيل آهي. وچئين دور جو ڪوٽ لڳل شهر اوپارين ڪناري تي هو، جتي ڀتين، دروازن ۽ ڪجھ عمارتن جا کنڊر اڃا تائين موجود آهن، انهن ۾ اهم ترين شهر جي نامياري بزرگ عبدالقادر جيلاني جي مسجد آهي جيڪا اڄ به ماڻهن جي عقيدت جو مرڪز بڻيل آهي. اها ان وقت قائم ٿي جڏهن سڄي اسلامي دنيا ۾ ڪاليج (مدرسا) ۽ خيراتي ادارا قائم ڪيا پئي ويا ۽ اها اولهه جي نامياري يونيورسٽين آڪسفورڊ، سوربون ۽ بولونيا ۽ جي شروع ٿيڻ کان به اڳ جي ڳالهه آهي.



بغداد 800ع کان 1000ع دوران. گول شهر، هنرن ۽ وڻج واپار وارين پسگردائين سان گهيريل هو، سارت ۽ بازازن ڪئنالن جي وچ ۾ سوين ڪتاب وڪڻندڙ به هئا.

انهيءَ وڏي شاهي مدرسي ۽ مقبري جي لنگر خانن ۽ ماتحت عمارتن کي ميسوپوٽيميا جي مذهبي ادارن واري پراڻي انداز ۾ ٺاهيو ويو هو. ان جي دالان ۽ اڱڻ جو عظيم الشان ڏيک ذهن ۾ ماضيءَ جي انهن عظيم ڏاهن جو تصور ٿو اڀاري، جن هتي پڙهيو ۽ پڙهايو، اُهي ڏاها عالم جن يهودين ۽ عيسائين جا مقدس صحيفا ”خدا جا فيصلا بهتر انداز ۾ سمجهڻ“ لاءِ ترجما ڪيا. وچئين دور جو بغداد اهڙن وسيع دماغن ۽ ڪارنامن سان ڀريل آهي، ڏهين صديءَ جي بغداد ۾ اٺ سئو کن ڪتاب فروش مان هڪ جي پٽ النديم کي وٺو جنهن عربن يا پرڏيهين جا عربيءَ ۾ تفصيل واسطيدار علمن بابت ڪتابن جي ڏسٽي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ انهن ليکڪن جو احوال پڻ شامل هو. المسعوديءَ پنهنجي ”تاريخي رسالن“ کي سهيڙڻ لاءِ عيسائين، زرتشتين، يهودين، يونانين ۽ ايسائين جو هندن سان به احوال اوريا ۽ سندس تحقيق کيس ترڪيءَ کان هندستان ۾ دکن تائين وٺي وئي، طب ۾ انقلاب آڻيندڙ الرازي به هتان جو ڄائو هو. هتان جي بهترين معلمن مان هڪ عبداللطيف لکيو، ”دردمند



بغداد، ڊسمبر 1989ع، ميندين امام تقديس ھنڌي، اسلام کان پهرين واري دنيا جو حصو جيڪو اڃا تائين زنده آهي.

ڇهين صدي: نيپور جو ڦٽي وارو پيالو، ڏاڪڻي عراق ۾ اهڙو جادو 1960ع تائين هلندو رهيو، ۽ شايد اڃا تائين هلي ٿو.



وچئين دؤر جي شيئنا خطاطي جي عظمت، مشھد ايران جو قرآن. ”اھا عربي ٻولي آھي“ البيروني لکيو، ”جنھن ۾ سڄي دنيا جي سائنس ترجمو ڪئي وئي آھي. ۽ اھا پڻ عربي ٻولي ئي آھي، جنھن جي ڪري سندن خيال اسان جي دل جي اعتقاد سان ھم آھنگ ٿيا آھن ۽ انھن جي ڪشش اسان جي رڳن کي صاف ڪري ٿي.“



نيپور، سمير جي پاڪ شهر کي ديني زندگيءَ جو هڪ عظيم الشان تسلسل هو، جيڪو اسلام تائين جاري ۽ ساري رهيو.

چاڻ، پرنور روشنيءَ جي ڪرڻي وانگر پوريان ايندڙ لاءِ مشڪ ڇڏي ٿي.“

جيلانيءَ جي مزار ۾ ويندڙ کي هڪ ڀيرو ٻيهر ميسوپوٽيميا ۾ ٿيندڙ سادتن جي پراڻي طريقن جي ياد ٿي اچي. شيشن ۽ چمڪندڙ ڏاتن واري اها مزار اسلامي دور کان اڳ وارن مقدس ماڳن جو سلسلو ٿي لڳي. بزرگ، شاعر ۽ صوفي عبدالقادر جيلاني صوفين جي هڪ اهم سلسلي قادريه جو باني هو ۽ مقدس مزار اندر ذهن جا خيال عراقي اسلام، شيعه ۽ سني جي تاريخ ۾ پُروقار تسلسل ۾ گم ٿي وڃن ٿا. 1979ع واري ايراني انقلاب کان خميني ۽ ٻين مذهبي عالمن جي سهائتا واري 'بنياد پرست' شيعت وچئين دور جي انسان دوستي واري اسلام کان گهڻو مختلف آهي. انهن انسان دوستن ۾ ابن عربي ۽ سهروردي جهڙي اعليٰ ذهن هئا. هاڻي ويهين صديءَ جي پڇاڙڪن سالن ۾ شاهوڪار ۽ آسودي اولهه جي خواهش جي ابتڙ اسلام هڪ ڀيرو ٻيهر دنيا ۾ اهم قوت آهي، جيڪا گهڻو ايشيا ۽ آفريڪا جي ڏتڙيل ماڻهن لاءِ روشنيءَ جي

ڏنائين آهي. هو هڪ اهڙو اڳرو آهي جنهن لاءِ ماڻهو اڄ به ائين جيئڻ ۽ مرڻ لاءِ هڪ اعليٰ سطح تي جنگ روايتي ۽ جديد ٻنهي سبب اسلام اولهه جي جديد سيڪيولر نظرئي جو سچو پچو ۽ مڪمل متبادل پيش ڪري ٿو.

بغداد جي تباهي

هارون الرشيد (763ع کان 809ع تائين) جي دور کان وٺي ٻارهين صدي عيسوي تائين بغداد ترڪيءَ جي شهر قسطنطنيه ۽ چين جي ژيان (Xian) سميت دنيا جي ٽن عظيم الشان شهرن مان هڪ هو. پنهنجي ٻين همعصر شهرن وانگر بغداد به اڳئين دور جو ثقافتي ورثو وٺي ۽ جديد دور تائين منتقل ڪرڻ جو ذريعو ٿيو. وچين دور واري شهر جي ڪاتبن اٺين صديءَ جي وچ ڌاري چين پر ايجاد ٿيل ڪاغذ وسيلي نه رڳو سميرين وٽ پر گهڻو اڳ ئي شايع ٿيل ڪتاب وٺي بغداد پر ماڻهن تائين به پهچايا. اها لکڻ پڙهڻ، لائبريرين ۽ ڪتابن جي دڪانن جي دنيا هئي، ان کي ڪتابي ثقافت سڏي سگهجي ٿو. بغداد فارس ۽ عرب ثقافتن جي ميلاپ جو عظيم الشان سنگم پڻ رهيو آهي، جنهن جو تسلسل به جاري آهي ۽ جنهن ماضيءَ پر دنيا جي شاندار فن، ادبيات، فلسفي ۽ ادب کي پڻ جنم ڏنو. ان کان سواءِ اولهه پر اڪثر اها ڳالهه وساري ويندي آهي ته اتي پهچندڙ گهڻي ڀاڱي يوناني فلسفو ۽ سائنسي ورثو به عربن وسيلي آيو. جيڪو بغداد پر نه رڳو اسلام سان لاڳو ٿيو پر آيو پر ستارا شناسي، حسابن ۽ انسانن جو علميت پرستي ۽ ستاري شناسي ۽ ڪيميا جي جادوئي روايتن واري ميسوپوٽيميا جي تسلسل سان به تمثار ٿيو. گڏجي ٺاهيندڙ انهيءَ عظيم الشان ٿانو پر سائنس، طب ۽ فلسفي بابت عيسائي، يوناني ۽ ايراني نظرين کي عربي ٻولي، ثقافت ۽ ڌاڳي وسيلي نئون روپ ڏنو ويو. اڳتي علمن جي وڌي جي نئين سر جوڙجڪ اڳتي هلي يورپ جي نکور جاگرتا جو سبب بڻي.

پر جا مصيبت ۽ علمي پتوڙ واري اها معمر جوڻي جنهن تي وچين دور جي اسلامي ثقافت جا پير کتل هئا، وچين اوڀر جي روايتي معاشرن جي نئين سر جوڙجڪ جو ٿمر ماٺي نه سگهي. اندروني ڇڪتاڻ ۽ سماجي بيچينيءَ سان تيرهين ٻارهين صديءَ وارو بغداد اڳي جهڙو نه رهيو هو. سڄي عراق وانگر هو به معاشي زوال پذيري جو شڪار هو. ان کان پوءِ ميسوپوٽيميا جي تاريخ جو رخ تبديل ڪندڙ واقعن مان هڪ پيش آيو. جيڪو ايئن ڏيکارڻ تائين عراق جي دڪناڪ تاريخ جي وڏن هاڃن پر شمار ٿيندڙ 1258 واري بغداد تي منگولن چڙهائي هئي، جنهن شهر کي مڪمل طور تي ناس ڪري ان جي

آبپاشي وارن نهرن کي ڪنڊر بڻائي بغداد ۾ شاندار ثقافت جي هڪ دڳ کي دور جي پڄاڻي آندي. شهر جي لائبريرين جي تباهي کي جديد دنيا لاءِ پورهيو نه سگهندڙ نقصان آهي. ضايع ٿيل تحريرن مان رڳو اُن جو ئي ذڪر ڪجي، هڪ ناياب جي صحي مان جوڙيل ڪتابن جي عظيم الشان ڪُسٽي 'فهرست' جنهن جو جزوي حصو بچي سگهيو ۽ مسعوديءَ جي شاهڪار تخليق 'تاريخ' جيڪا سڌارن لاءِ الڳ ٿي ولي. بغداد ۾ بچي ويلن مان هڪ شخص قرآن جي نسخي تي لڳل هڪ رقعي ۾ لکيو، جيڪو اڄ به جيلاني لائبريري ۾ محفوظ آهي.

"هي ڪتاب مون دجلا مان ڪڍيو، جنهن ۾ اهو منگولن 656 هجري (1258ع) ۾ اڇلايو هو. آءٌ خدا جي ٻاجه جو طلبگار محمد عبدالقادر مڪي." اهو عقيدي ۾ پختي ويساه جو اظهار آهي، ويساه نه رڳو خدا ۾ پر سڀيتا جي تخليق ۾، لڪيل اکرن جي سگهه ۾، اهو ويساه جيڪو ميسوپوٽيميائي سڀيتا ۾ ان جي بنياد کان ئي مقدم هو.

فارسي شاعر سعدي شيرازي "دنيا جي پهرين شهر" جي تباهي بابت خبر ملڻ مهل عدن ۾ هو. جنهن جي ڏاڪ کان دجلا ڏانهن نهاريندي، پنهنجي من جي اکين سان هن پڪ سان دجلا کي رت سان ڀريل ڏٺو هوندو. "تون مون کان بغداد جي تباهيءَ بابت ٿو پڇين؟" هن لکيو، "اها ايتري ته ڀيانڪ هئي جو لفظ ان جو اظهار ڪرڻ کان قاصر آهن. ڪاش بيوقوفن هٿان ڄاڻ ۽ علم جي انهن خزانن جي تباهيءَ کان اڳ مون کي موت اچي وڃي ها. منهنجو خيال هو ته آءٌ دنيا کي سمجهان ۽ ڄاڻان ٿو پر اها تباهي ايتري ته عجيب ۽ بي مقصد هئي جو حواس وڃائي ويٺو آهيان. زماني جي انقلابن ۽ انهن جي فيصلن 'سڀ ۽ ڄاڻ' کي شڪست ڏئي ڇڏي آهي."

جديد دؤر

1258ع ۾ بغداد ۽ ان جي آبپاشيءَ وارين ندين نالن جي تباهي وچ اوڀر جي تاريخ جو هڪ اهم موڙ هئي. "ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته" فارسيءَ جي هڪ ليکڪ پيغمبرائي لفظن ۾ لکيو، "ايندڙ هڪ هزار سالن تائين به جيڪڏهن عراق تي ڪو شيطاني ڌمر نه ڪڙڪي ته به اهو پنهنجي اڳوڻي حالت تي موٽي نه سگهندو." سورهين صديءَ جي پڄاڻي تائين، سڀيتا جو هندورو عراق، انتهائي ڪمزورين ۾ غرق ٿي چڪو هو. ڏکڻ جا پراڻا شهر ختم ٿي چڪا هئا، زرعي زمين بيابان ٿي چڪي هئي. ايستائين جو اسلامي دور جا نوان بنياد ڪوفو ۽

شيعا مقدس شهر ڪربلا، حسين ۽ عباس جي مقبرن ۽ مسجدن وچ
۾ گس سميت پراڻي شهر جو وچون حصو، جيڪو 1991ع واري
اُپار کان پوءِ ميساريو ويو.

واسط ۽ ميسارجي چڪا هئا. بغداد، جيتوڻيڪ اجا تائين واپاري شهر طور سرگرم ته هو پر رڳو پنهنجي اڳوڻي وجود جو پاڇولو ئي بڻيل هو، متيءَ جي سرن وارين پٽين پويان دجلا جي اوڀارين حصي ۾، خليفن جو شهر هاڻ ڀٽي پاسي کان وڏو شاهي کنڊر بڻيل هو. ڏکڻ ۾ رڳو بصره جي بندرگاه ۽ يونيورسٽي ۽ نجف شريف ساهه کڻي رهيا هئا. چار سؤ سالن جي عثمانيه راڄ ان ڌرتيءَ کي هيٺين لشڪرن جي پيرن هيٺان لتاڙيو. نئين جاڳرتا، روشن خيالي ۽ نئين دنيا جي دريافت جهڙا واقعا ان کان ڪوهين ڏور لنگهي ويا. ان ريت پنهنجي عظيم الشان حاصلاتن کانپوءِ عراق جديد دور ۾ هڪ اهڙي معاشري طور داخل ٿيو جنهن کي چڻ وقت جي قيد ۾ جڪڙيو ويو هجي. 1920ع واري ڏهاڪي تائين، ان جا شهر ٽي هزار سال (ق- م) وارن ماڳن کان مختلف نه لڳندا هئا. 1920ع واري ڏهاڪي ۾ انگريزن جي سهيڙيل هوائي تحريري رڪارڊ اسان کي پراڻي عراق خاص طور تي شيعن جي مقدس شهرن سامراءِ نجف، ڪربلا ۽ خادمين جو آخري اهڃاڻ ڏئي ٿو. تڏهونڪو نجف رڻ پٽ ۽

ماضيءَ جي ڪنهن امڪاڻ جيان هو، جيڪو تن ڏينهن ۾ به پنهنجي مٽيءَ جي سرن وارين ڀتين اندر محدود هو، جن جي پاهران فرات جا سڪايل ميدان ۽ اوله پاسي رڻ پٽ جي ديوار هئي. شهر جي مرڪز ۾ حضرت علي جي مسجد اُتي واضح هئي، جيئن اسان پنهنجي تصور جي اک سان اُرڪ يا اريدو جي آڳاٽي عبادتگاهُن کي ڏسون ٿا مزار جي اتر اوله پاسي سان لڳو لڳ ويڪريون گهٽيون، ڪوهه ۽ چٽين وارن باغن، درين ۽ ڪُنڊن وارا گهر هئا. پنهنجي هنر مندن جي مرڪزن، قلمي نسخن جو نقل بڻائيندڙن، ان جي ڪتابن جي دڪان ۽ هاسٽلن، ان جي مذهبي پيشوائن استادن ۽ زيارتن سبب ان گهڙي نجف وچئين دور واري دنيا جي پڙاڏي مثل هو.

عراق جي پراڻي دنيا وارو اهو جادوئي ڏيک خاص طور تي مقدس شهرن ۾ اسان جي دور تائين برقرار رهيو. هتي وچئين دور جي فلسفي ۽ قانون جي شيعه روايتن کي ساڳيو احترام ڏنو پئي ويو. ايستائين جو 1960ع واري ڏهاڪي دوران نجف ۾ ڪتب فروشي ۽ هٿ سان قلمي نسخا نقل ڪرڻ واري پراڻي ثقافت به موجود هئي. پر اهو سڀڪجهه گذريل ٽيهن سالن جي واقعن ٿونڊاڙي ميرانجهڙو ڪري ڇڏيو آهي، انهن ۾ حڪمران باٿسٽ پارٽي طرفان جديد ترقيءَ لاءِ بيرحم ڪاوشون، خاص طور تي 1980ع کان 1988ع تائين ۽ 1991ع واريون به ٻه نار جنگيون، ڪردستان جي لڙائي ۽ ڏکڻ جي هاڻوڪي شورش شامل آهن.

تيل جي دريافت، جنهنجو دنيا ۾ ٻيو نمبر وڏو ذخيرو آهي عراق ۾، تنهن عراقي تاريخ جي وهڪري کي بدلائي ڇڏيو. عثمانيه سلطنت جي خاتمي کان پوءِ ۽ نئين عراقي رياست جي آزادي کي ماضيءَ ۾ ميسوپٽيميا تي چڙهائي ڪندڙن کان وڌيڪ وڏين ۽ ڏورانهين طاقتن سان اتحاد وسيلي مشروط بڻايو ويو، اها ڌار ڳالهه آهي ته علائقي جا ماڻهو ۽ رياستون ميسوپٽيميا جي قدرتي دولت تي قبضو ڪرڻ/ برقرار رکڻ لاءِ اڃا تائين هڪ ٻئي تي حملن ۾ رڌل آهن. ان بعد ويجهي اوڀر تاريخ ۾ اهم ترين ماهرن مان هڪ طور سامهون آئي. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ٻيهر عراق زيگروس جي ٻئي پر پنهنجي روايتي آڳاٽي ويري ايران (فارس) سان جنگ جوٽي. شيعه وري سنين سان وڙهيا ۽ سنه شيعن سان وڌيڪ خونخوار ٿيا.



1989ع ۾ صدام حسين جي راڄ هيٺ بابل جي نبوڪدنضر جي محل جي نئين سر اڏاوت. تاريخ ڏاڍ جي خدمت ۾.

سُمير جي تباهي - 1991ع

1991ع ۾ ميسوپٽيميا جي ڏکڻ واري رڻ پٽ ۾ جتي پهريان شهر ايريا هئا هڪ نئين جنگ وڙهي وئي، ڌرتيءَ جي قدرتي وسيلن تي هڪ وڏيڪ ويڙهه، وحشي پڻي خلاف سيپتا جي هڪ نئين ويڙهاند. اسان اڳاتي وسندين وانگر سُمير مٿان ”ڪفن وانگر چانيل“ دونهون ڏٺو.

1991ع واري ويڙهه کان پوءِ ڏکڻ جا شيعا پنهنجي بغداد وارن سُني حاڪمن خلاف اٿي کڙا ٿيا، جيڪي هو وڇڙيل دور کان ڪندا پيا اچن. نتيجي طور سمير جي مقدس شهرن ڪربلا ۽ نجف کي ڀيهر سزا ملي ۽ انهن جي مقبرن ۽ مزارن جي بيحرمتي ٿي. مسجدون ۽ عبادتگاهون مسماريون ويون، عالمن ۽ استادن کي قتل ڪيو ويو يا باندي بڻايو ويو، لائبريريون تباهه ڪيون ويون، قلمي نسخا ساڙيا ويا ۽ ڦريا ويا.

1991ع واري بغاوت کان پوءِ پنج هزار سال پراڻي مارش عربن جي ثقافت جو ناس، ڏاکڻي عراق جي ڍنڍن کي ناس ڪيو ويو ۽ اڳئي هلي انهن کي جزوي طور تي پاڻيءَ ۾ لوڙهيو ويو، آباديون تباهه ڪيون ويون، ڍنڍن ۾ ڏٻل

۽ سڀ ڪجھ اهڙي ملڪ جي ماڻهو ئي گهر ٺاهيا، بغداد حڪومت طرفان خود پنهنجي عوام سان هوئيل وڳهي جنگ نيٺ ڪردستان جي تباهه ڪيل ڳوٺن ۽ شيعن جي معلوت مقدس شهرن سميت ڏهڻن واري علائقي جي مرڪز تائين پهچي وئي. عراق جي روايتي مقامي ثقافت کي تباهه ڪرڻ لاءِ رٿيل ڪوشش پنهنجي عروج تي رسڻ واري هئي ۽ اهو ڪجھ ان ڌرتيءَ جي پاڳن ۾ آيو هو جي سيپتا سڀ کان اڳ پنهنجا انسان دوست مقصد بيان ڪيا، جبر پري ڪندڙ کي واڳ وجھڻ لاءِ قانون جوڙيا، جيئن هتان جي هڪ آڳاٽي چوڻي آهي، ”ڌرتيءَ تي انصاف برقرار رهي ته جيئن ڏاڍا ڪمزورن تي جبر ۽ ڏاڍ نه ڪن.“ بابل جي آڳاٽي عالمن جو خيال هو ته تاريخ اڳتي نٿي وڌي، ان جي بدران اها انساني حاصلات جو ڦيرو آهي، جيڪو ڪنهن به وقت ڪنهن اڻچاتل حادثي سبب ناس ٿي ويندو. پر هر ڀيري انسانذات هر صورت ۾ نئين سر تعمير ڪري ۽ نئين ريت سفر شروع ڪري. ”ڪنهن دور ۾ خدائي قانونن جي عظيم ڌرتي سمير وٽ اهو سڀڪجھ هو جيڪو حياتي لاءِ گهربل هوندو آهي. تو سمير، انسانذات لاءِ سيپتا جا آدرش ۽ نظريا جوڙيا، جيڪي جرڪندڙ روشنيءَ ۾ ڦريا ۽ لٽيا ويا. ڪو وقت هو... جڏهن ڪو ڏپ نه هو، ڪو ڌڪڪاءُ نه هو.“

عراق جو ورثو

عراق جي آڳاٽي سڀيتا ڪنهن شهر جي معاشي ۽ سماجي جيوت جي مرڪز هئڻ تي ٻڌل هئي. اها عالمي واپار، گهڻ رخي معيشت ۽ ماحول جي مناسب ڪنٽرول واري هئي. ان پنهنجي آباديءَ جي وڏي انگ کي مخاطب ڪرڻ لاءِ قانون جوڙڻ ۽ انهن کي تحريري صورت ۾ آڻڻ جو طريقو استعمال ڪيو. هيل تائين جي ٿيل تحقيق موجب اهو وسيع بنياد معاشرو هو، پنهنجي انتهائي شروعاتي دور کان گهڻ نسلي معاشرو پنهنجي انداز ۾ اها سانت ۽ رنج ڀري سڀيتا هئي يا شعر جوان ”پراعتماد رنج والم“ واري. اهو مظهر ڏيٺين واري حصي جي پسمنظر ۾ گهرين پاڙن سان ڪٽل آهي، جتي ماڻهن جو پورهيو سگهن يا فطرت هٿان تباهه ٿيندو رهيو آهي.

ميسوپوٽيميا سڀيتا کي فطرت کان ڌار هڪ وٽ طور نپايو، جيڪا انسان جي تعلق ڪيل هڪ مصنوعي ماحول ۾ ٻڌل هئي، جيڪو انساني سماج کي اصل فطرت جي سرڪش ۽ خطرن کان بچائي پئي سگهيو. هڪ خدا جو تصور وسعي ٿيڻ واري ثقافت سو روحاني اظهار، فطرت کي ساڳي انداز ۾ ٿو

سُمير 1991ع ۾. ”طوفان ميدان کي ڍڪي ڇڏيو... ڏينهن دونهين جي پاڇولي ۾ لڪي ويو... اُڀ ڏنڌ ۾ الوپ ٿي ويو.“

ڏسي، جتي تخليق ڪندڙ خدا/ ديوتا پنهنجي تخليق کان ڌار بيهي پنهنجا قانون پڌرا ڪري رهيو آهي. ميسوپُٽيميا شهري سڀيتا اڳتي هلي تاريخ کان اڳ واري دنيا جي ثقافتي تسلسل سان ڊرامائي ٽوڙ جو جهنڊو بلند ڪيو، جيڪو لکين سال جاري رهيو ۽ جيڪو اسان کي اڳتي هلي هندستان، چين ۽ آمريڪا کنڊ جي ڪلاسيڪل ثقافتن بابت باخبر ڪندو. رڳو ويجهو اوڀر ئي هو جنهن اڳتي وڌڻ لاءِ اها پلانگ پري، ٽيڪنالوجيءَ ۾، وڏي پئماني تي واپار ۾، آبپاشي ۾، معاشي مقصدن لاءِ لکت جي استعمال ۾، روايتي راڄن ۽ برادرين بدران علائقائي سطح تي شهري رياست جي نظرئي ۾، ڪائنات بابت علم واري انقلاب ۾ جنهن ديوتائن کي فطرت کان ڌار ڪيو. ٽي هزار سال (ق- م) ڌاري اهو معاملو رڳو ويجهي اوڀر ۾ ئي ڇو پيش آيو؟ اهو سوال تاريخ جي اهم ترين سوالن مان هڪ آهي. اهي نظريا ۽ خيال اوله جي اڳتي ايرندڙ سڀيتائن ڏانهن منتقل ٿيا، جتي وڌيا ويجهيا ۽ گڏريل ٽن صدين دوران اوله طرفان آفاقي ۽ عالمي تجربي طور سگهارا ٿيا، ان سان گڏوگڏ انفرادي آزادي بابت نظريا هاڻي تاريخ جي محرڪ طور ڏٺا وڃن ٿا.

پر اوير ۽ آمريڪي کنڊ ۾ انساني نفسيات ۾ اها ٽوڙڦوڙ ٿي نه سگهي، انهي شعر ۽ فطري ماحول هڪ ڪائناتي علم واري ڏانچي جو حصو رهيا، جيئن جيئن اوڻويهين صديءَ تائين ان کي حڪومت جي هڪ بامقصد بنياد طور برقرار رکڻ ۾ ڪامياب رهيا. اوله ۾ شعر سيپيتا جو هڪ مظهر هو، اهڙو هند جتي قانون ۽ ادارا فرد جي سڃاڻپ کي ابتدائي فطرت واري سڃاڻپ کان شدت سان ڌار واضح ڪري رهيا هئا ۽ هاڻ ٻيشڪي ۽ سامراجي دور ۾ انتهائي ضرورت جي ڪري هيٺ باقي دنيا پنج هزار سال اڳ واري انقلاب کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جنبيل آهي.

باب ڇهون

هندستان

روحاني سلطنت

1856ع ۾ برطانوي انجنيئر جان برنٽن ۽ وليم برنٽن ڪراچيءَ کان لاهور تائين ايسٽ انڊيا ريلوي جون پٽڙيون وڇائڻ واري ڪم ۾ رڌل هئا. جان برنٽن کي پرائڻ ڪنڊرن جي تاريخ ۾ چڱي موچاري دلچسپي هئي. ايجا ٻه سال اڳ ئي ڪِرميئن واري لڙائي دوران ڊارڊينيلس ۾ فوجي زمين ۽ اسپتالون ٺاهيندي هن فوجين کان هسارلڪ واري دڙي جي کوٽائي جو ڪم ورتو هو، اها "ٽراءِ" جي پهرين کوٽائي هئي. هاڻ هندستان 'بغاوت' وارن ڏينهن ۾ آبائي ديس کان پري اڏاوتي ڪم ۾ جنبيل هوندي سندس ترجيحون مختلف هيون. سنڌو درياءَ جي سيلابي علائقي ۾ ريلوي انجنيئرن لاءِ وڏو مسئلو اهو بڻيل هو ته پٽڙيءَ لاءِ مناسب بنياد ڪيئن وڌا وڃن ۽ ان لاءِ پٿر ڪٿان هٿ ڪجي. ڏاکڻي سنڌ ۾ انهن ان جو مناسب حل ڳولهي ورتو هو ۽ هالا پرسان هڪ وڏي شاهي ڪنڊر بڻيل آڳاٽي دور جي دڙي جون ٻنيءَ ۾ سيڪيل هزارين سرون ڪٽ آنديون ويون. اتر ۾ ملتان ۽ لاهور وچ ۾ ريلوي پٽڙي هڪ ٻئي اجڙيل شهر جي پرسان ٿي لنگهي، جيڪو اڄ ٻه پنهنجي ڪنڊرن سان لاڳاپيل نالي 'هڙپا' طور مشهور آهي. سِرن جي انتهائي حفاظتي ته سان محفوظ بڻايل اهو ڪوٽ راويءَ جي سُڪل پيٽ تي هو، راوي جيڪا برنٽن ڀائرن جي ڏينهن ۾ ٻه هندن لاءِ هڪ اهم ياترا هئي، جيڪا 1947ع تائين برقرار رهي. ڪوٽ جي مٿين پاسي مسلمانن جو هڪ قبرستان، مغل دور جي سرن سان ٺهيل هڪ

نئيڙي مسجد ۽ هڪ مسلمان بزرگ جي مزار سان گڏوگڏ شوديوتا جو لنگر ۽
ٻولي پٿرن وارو هڪ پراڻو مندر به موجود هئا. (جيڪڏهن برٽن پيالر هڪ
پل لاءِ به انهيءَ جوڙجڪ تي سوچن ها ته پڪ سان ڄاڻي وٺن ها ته اهو ماڳ
مسلمانن اٺين صدي عيسويءَ ڌاري فتح ڪيو هوندو) بهرحال وڪٽورياڻي
اڏاوتن جي انهن ٺولهه - ڪاٽ الجليٽرن پنهنجو ڪم شروع ڪندي انهيءَ سوين
ميل ڊگهي ريلوي پٽڙيءَ جو بنياد وجهڻ لاءِ ڪوٽ جون پٿيون ڊاهڻ شروع
ڪرايون، جتان اڄ به ريل گاڏي هلي ٿي.

واهڻ ۽ کوٽائي دوران سنڌن مزدورن کي کيترين ئي پراڻيون شيون هٿ
آيون، جن ۾ لڪ جي اڻڄاتل انداز جي اکر وارين مهرون شامل هيون، جن
تي انسانن، وڻن ۽ جانورن جون خاص طور تي ڍڳن جون عجيب شڪليون ٺهيل
هيون. اهي شيون اتان جو دورو ڪندڙ هڪ انگريز جنرل کي ڏيکاريون ويون،
جيڪو اتفاق سان 1861ع ۾ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي قائم ٿيڻ
تي ان جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيڻو هو. جنرل اليگزينڊر ڪننگهم يڪدم ڄاتو ته
اهي دريافتون تاريخدانن جي ڄاڻ ۾ آيل هندستان جي پراڻي شين کان بلڪل
مختلف آهن، تنهن وقت تائين هندستاني تاريخ چوٿين صدي (ق م) جي ڇيهاڙ
جو موريا سلطنت تائين ڄاتل هئي. هڙپا ڪننگهم کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو ۽
1870ع واري ڏهاڪي دوران هن انهن مان ڪن جا عڪس شايع ڪرايا. پر
انهن مهرن جي بنياد بابت راز تان پڙدو کڄڻ ۾ اڃا اڌ صدي باقي هئي. اصل
۾ اهي ڪنجهيءَ واري دور جي شهري سڀيتا جي هڪ اهم مرڪز سان تعلق
رکندڙ هيون، جنهن جون پاڙون تاريخ جي ريڪارڊ کان هزارين سال پراڻيون
هيون. اهو هڪ اهڙو ماڳ هو، جنهن جو اڳاٽو نالو به هزار سال (ق- م) جي
وچ ڌاري ان شهر جي تباهه ٿيڻ کان پوءِ جبل جي چوٽيءَ تي رهندڙ ۽
پوڄا-پاٺ ڪندڙ ماڻهن زباني طور تي ياد رکيو هو.

هندستان جي تاريخ کان اڳ واري دور جي نئين سر دريافت

1920ع واري ڏهاڪي تائين، تاريخ کان اڳ واري هندستان بابت اڻڄاڻائي هئي.
چين جي ابتڙ هتي اسلام اچڻ کان اڳ تائين تاريخي- جاگرافيائي روايتون نه
رهيون آهن، تنهن ڪري تاريخدانن لاءِ ڪارائتا ٿيندڙ اڳاٽن راڄن يا واقعن
جا ڪي مناسب تحريري رڪارڊ نه هئا. بس مهاڀارت ۽ رامائڻ جهڙا داستاني
نظم ۽ صحيفا ئي هئا جيڪي سورهياڻپ واري دور سان تعلق رکندڙ هئا. اهي

مقدس ڪتاب هندن ۾ زباني روايتن وسيلي هلندا پئي آيا. اهي وچئين دؤر ۾ 'مقدس ٻولي' سنسڪرت جي ذريعي لکت ۾ آندا ويا. سنسڪرت اصولڪي اتر ڀارت جي گهڻي ڀاڱي ٻولين ۽ لهجن جو بنياد ليکي ويندي آهي. شروعات ۾ پنڊتن جي ذات جي برهمڻ ٻين ذاتين وارن کي اهي صحيفا ڏسڻ يا نقل ڪرڻ جي اجازت نه ڏني، ڇاڪاڻ جو سندن خيال هو ته اهي اڇوت ڇيات کان محفوظ رهڻ گهرجن. (ساڳي ريت جوليس سيزر موجب برطانوي ڊروئڊس جو خيال هو ته سندن عقيدا لکت ۾ آڻڻ سندن اصول جي خلاف ٿيندو.) اهو مامرو هندستان ۾ ڪجھ عرصو هلندو رهيو. ايستائين جو خود اسان جي دور ۾ به ڪي غيرمعمولي واقعا پيش آيا، مثال طور بنارس جي هڪ اٽيڙهيل برهمڻ پنڊت سنسڪرت ۾ هڪ اهڙي ڏکي مذهبي تحرير لکرائي جيڪا ان وقت تائين ڪٿي به درج ٿيل يا ٻڌل نه هئي ۽ جيڪا پنهنجي انداز ۽ ٻوليءَ مان آڳاٽي دور يا ان کان به اڳي جي ٿي لڳي. اها پنڊتن ۾ هڪ کان پوءِ ٻئي نسل تائين زباني پئي آئي.

سنسڪرت اولهه ۾ سترهين صديءَ کان روشناس ٿي. ان جي شروعات 1605ع جو رابرٽو ڊي نوبلس جي ماڌورائيءَ ۾ هندو ۽ عيسائي مابعد الطبعيات جي سنگم جي ڪوشش کان پوءِ ٿي. ارڙهين صديءَ دوران جڏهن يورپي هندستان ۾ واپاري ۽ فوجي ڪارجن وسيلي تمام گهڻو وچڙي رهيا هئا ته ساڳي وقت روشن خياليءَ وارن ڪجھ عالمن هندستان جي ديوتائن ۽ اشلوڪن بابت اهو انومان لڳائڻ ۾ ته هندومت ويجهي اوپر جي وحدانيت کان به اڳي واري دور جو مذهب ٿي سگهي ٿو ۽ انهن ۾ هنن به دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. 1786ع ۾ ساڳيو دانشوراڻو ماحول هو، جو هڪ انگريز جج سر وليم جونز ڪلڪتي جي ايشياٽڪ سوسائٽيءَ ۾ پنهنجي مشهور دريافت ظاهر ڪئي ته سنسڪرت ڪنهن اباڻي ٻوليءَ جي وسيلي لاطيني ۽ يوناني ٻولين سان ڳنڍيل آهي:

> سنسڪرت پنهنجي قديم هئڻ جي باوجود يوناني کان وڌيڪ ڪامل، لاطيني کان وڌيڪ پلئه پوندڙ ۽ ٻنهي کان وڌيڪ نفاست ڀري آهي، ان هوندي به انهن ۾ وڌيڪ ڳانڍاپو آڻڻ ڪنهن حادثي جو نتيجو نٿو ٿي سگهي، اهو ڳانڍاپو ايترو سگهارو آهي جو ڪو به فلسفي اهو سمجهڻ کان سواءِ ٽنهي (ٻولين) کي نٿو جاچي سگهي ته اهي ڪنهن اهڙي ڳنڍيل ذريعي مان نڪتل آهن، جنهن جو هاڻ شايد وجود ناهي رهيو.

جونز جي ڇاڻايل اثرائتي هڪ جهڙائين ۾ پيءُ لاءِ ڪتب ٿيندڙ لفظ آهي، جيڪو يونانيءَ ۾ 'Pater' لاطينيءَ ۾ Pater ۽ سنسڪرت ۾ Pitar آهي. جيڪو جرمن ۾ Fader ۽ انگريزيءَ ۾ Father جو ماخذ ٿو لڳي. ويلش ۽ فارسي ٻولين تي ٻه ڪم ڪندڙ جونز چيو ته ڪيلٽڪ ۽ جرمن ٻوليون پڻ انهيءَ ”اندو- يورپي“ وڻ جون ئي ٽاريون آهن. اڳتي هلي ڪيترين ئي گمنام يورپي ٻولين جي ٻه ان سان مشابهت سامهون آئي، مثال طور گهوڙي لاءِ سنسڪرت ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ 'اسوا' (Asva) ليٿونيا جي لفظ 'اسزوا' (Aszwa) سان ملندڙ جلندڙ آهي. پر جيڪڏهن انهن ٻولين جو هڪ گڏيل بنياد آهي ته ڇا سندن مشترڪ جاگرافيائي نسب ٻه آهي؟

جونز جي ڏينهن کان ابتڙ يورپي ٻولين ۾ 'مشترڪ ذريعي' وارو سوال ساڳي وقت وڌيڪ واضح ۽ وڌيڪ منجهيل بڻجي ويو آهي ۽ اهو اجا تائين آثار قديمه ۽ ٻولين جي ماهرن وٽ تڪراري بڻيل آهي. بهرحال اڪثريت جو خيال آهي ته سنسڪرت هندستان مان نه پر ڏکڻ روس يا اوڀر يورپ جي وسيع تر اندو يورپي علائقي مان ايري جتان سنسڪرت ڳالهائيندڙ ٻه هزار سال (ق- م) ذاري اتر اولهه هندستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪري آيا. سندن لڏپلاڻ جي راهه ڳولهي سگهجي ٿي. چوڏهين صدي (ق- م) ذاري اندو يورپي ڳالهائيندڙن جو مٿانهين ميسوپٽيميا ۾ ميتاني جي سلطنت تي راڄ قائم ٿيو. تن ڏينهن جي ڪجهه مٽيءَ جي تختين تي اُڪريل سندن ڪجهه ديوتائن جا نالا مترا، ورونا ۽ اندرا سنسڪرت ۾ استعمال ٿيندڙ نالن جهڙا ئي آهن. ويڙهه جي ڪلاسيڪل اندو يورپي انداز 'رٿ باني' لاءِ سندن اصطلاحون ٻه سنسڪرت سان ملندڙ جلندڙ آهن. چوڏهين صدي (ق- م) واري ساڳي ئي دور ۾ اتر اوڀر ايران ۾ آڪسس (Oxus) جي ڪنارن تي آتش پرستن جي پيغمبر پنهنجا عظيم الشان فرمان جاري ڪيا، پراڻي فارس جي 'گاٿاس' ۾ درج اهي اعلان آڳاٽي سنسڪرت سان تمام گهڻي هڪ جهڙائپ رکن ٿا. ان وقت ۾ اندو يورپي ٻولين جون اهي ٽئي شاخون ڪو گهڻيون مختلف نه هيون، جيتوڻيڪ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اوستائين سنسڪرت ڳالهائيندڙ اُتر اولهه سرحدي صوبي ۽ هندو ڪش ۾ ٺانيڪو ٿي چڪا هئا.

تنهن ڪري سنسڪرت ڳالهائيندڙ اندو يورپي اتر اولهه کان هندستان اچي ٻه هزار (ق- م) جي طويل دور ۾ ڪابل نديءَ جي ڪنارن تي ۽ اجا هيٺ پنجاب ۾ آباد ٿيڻ لڳا. دراصل قديم ترين سنسڪرت مواد اسان کي انهن ڏيکن کان واقف ٿا ڪن. رگ ويد 1028 ڀڄن ۽ منترن جو ڳٽڪو آهي.

جيڪو پندرهن سؤ کان نَو سؤ (ق- م) واري صدين تائين پکڙيل عرصي ۾ اچي ويو. جيتوڻيڪ ان جو قديم ترين پڇن ان کان وڌيڪ پراڻو ٿي سگهي ٿو. رگ ويد جو اڄ ڏينهن تائين روز هندو مندرن ۾ پاٺ ٿيندو آهي. جڏهن ته وچئين دور ۾ ئي ان کي لکت ۾ آندو ويو، پر اها ڪنجهيءَ واري دور جي لساني انداز ۾ مڪمل درستگيءَ سان محفوظ رهي. آڳاٽا اشلوڪ سنسڪرت ڳالهائيندڙن کي اتر اولهه هندستان جا رهواسي ڄاڻائيندي سندن ٻاهران اچڻ بابت ڪو اشارو نٿا ڏين، پڪ سان ڪين اتي رهندي گهڻو وقت گذري چڪو هوندو. هو پنهنجو پاڻ کي آريا سڏرائيندا هئا، جنهن جو لفظي مطلب 'مانوارا' (Noble) آهي. (اهو اندو يورپي لفظ ايران ۾ آئري جي نالن ۾ به محفوظ ٿو رهي) سندن علائقا اتر اولهه سرحد سان لڳولڳ ڪابل نديءَ کان آڪسس (Oxus) تائين هئا. ان کان پوءِ ترتيبوار پڇن ڄاڻائين ٿا ته بعد ۾ هو "ستن دريائن جي ديس" (هاڻوڪي پنجاب) ۾ پکڙجي ويا. ترتيب جي آخر ۾ ئي هندستاني سڀيتا جي مرڪز گنگا ۽ جمنا جي ماترين واري تاريخي علائقي ۾ ٿاڪ جو ڏس ملي ٿو. ان ريت رگ ويد، سنسڪرت ڳالهائيندڙن جي ڏکڻ اوير پاسي آڪسس (Oxus) کان گنگا تائين ڦهلاءُ واري ڪيترين ئي صدين تي ڇانيل دور جو ذڪر ٿو ڪري، پر رگ ويد مان اهو به معلوم ٿو ٿئي ته ڪنجهيءَ واري دور جي پڇاڙ ۾ رگو آريا ئي اتر اولهه هندستان جا رهواسي نه هئا، ان ۾ اڪثر توهين ڀري انداز ۾ "داس، داسيو يا ڀانيا" جو ذڪر به اچي ٿو. جن جو لفظي مطلب 'ڪاري چمڙي وارا' يا 'غلام' آهي. (ساڳي ريت آڳاٽن انگريزن پنهنجي انگلستان جي پاڙيسرين کي Weallas يا ويلش لفظي مطلب غلام سڏيو) بيشڪ داس ان خطي جا وڌيڪ آڳاٽا رهواسي هئا، جيڪي ڏورن ڍنگرن جي حوالي سان ڏاڍا شاهوڪار هئا ۽ سونارڪو ڪم ڪندا هئا، وٽن قلعا ۽ شهر هئا پر ڳالهائڻ، منهن مهاندن ۽ پنهنجي چمڙيءَ جي رنگ ڪري اهي آرين کان مختلف هئا. آرين کي پسند نه پوڻ جو هڪ سبب سندن 'سسنا ديوي' جو پوڄاري هئڻ پڻ هو. رگ ويد آرين ۽ داسن وچ ۾ ڊگهي عرصي جي تعلق جو ذڪر ڪري ٿو، ذڪر جيڪو ڪڏهن پُرامن ته ڪڏهن وري شهرن ۽ قلعن جي تباهي آڻيندڙ جنگ ڀريو. پر اهي آڳاٽا ماڻهو هئا ڪير؟

اهو آڳاٽي ترين سنسڪرت ذريعي جو پڌرو ڪيل داستان آهي ۽ رگ ويد جي ستن دريائن واري سرزمين پنجاب ۽ سنڌ ۾ 1921ع ۾ ٿيل ڀرين سائنسي کوٽائي تائين چاڻ جو اهو واحد ذخيرو هو. ان مرحلي تائين اهو عام



’موهن جو دڙو‘ پاڪستان، پاڪ حوض. 2500 (ق- م)

طور تي سمجهيو ويندو هو ته هندستاني ڪلاسيڪل ثقافت ۽ هندومت پنهنجي بنياد ۾ آريا آهن. هڪ اهڙو نقطئہ نظر جيڪو اندو يورپين جي نسلي ۽ ثقافتي بالادستي بابت اولهه جي اثرائتي انداز ۾ سرايت ڪيل نظرين سان رچيل هو. اوستائين اهو سمجهڻ ناممڪن هو ته آريائي سڀيتا هڪ اهڙي آڳاٽي دور جي جانشيني اختيار ڪئي آهي جيڪو آڳاٽي مصر ۽ عراق جو همعصر هو. اهو 22_1921ع واري کوٽائي ۾ ٿيل دريافت جو نتيجو هو، جنهن هندستاني تاريخ جي حدن کي هزارين سال پراڻي دور تائين وڌي ويندي ان کي هيل تائين جي ڄاتل سڀ کان آڳاٽي تاحال قائم سڀيتا بڻايو.

سنڌوءَ جا گم ٿيل شهر

1920ع ۾ هڪ هندستاني آرڪيالاجسٽ ديارام ساهنيءَ جي نگراني ۾ اليگزينڊر ڪننگھم جي ڇڏيل پيرن جي روشني ۾ هڙپا جي کوٽائي شروع ٿي. برٽش پائرن جي ڪيل نقصان باوجود به پهرين آزمائشي کوٽائي 1850ع

موهن جي دڙي جو
”پنڊت- بادشاهه“
سنڌس چوغي تي ٻڌائين
ميسوپٽيميائي ديوتائن
جي ”آسماني پوشاڪ“
سان هڪ جهڙائپ رکي ٿي.

واري ڍڪي ۾ هٿ آيل مهرن جا وڏيڪ ذخيرا ظاهر ڪيا. ماڳ جي مٿاهين ته چوٿين کان ٽين صدي (ق- م) دوران موريا راڄ جا اهڃاڻ ظاهر ڪيا. هيٺيان تهه پڪ سان تاريخ کان اڳ واري دور جا هئا، پر ڪيترو اڳ جا؟ جنهن جو جواب ڊرامائي تيزي سان سامهون آيو.

ايندڙ سال آر ڊي بينرجيءَ هتان کان ڏکڻ ۾ سنڌ جي موهن جي دڙي واري وڏي شاهي ماڳ جي کوٽائي شروع ڪئي. پهرين صدي عيسويءَ جي سرن واري اسٽوپا وارو موهن جو دڙو ظاهري طور تي ٻڌمت جو کنڊر هو ۽ بينرجي پڻ ٻڌمت جا کنڊر ملڻ جي توقع ڪري رهيو هو. پر هُن اُتان ٻه تاريخ کان اڳ وارا اهڙا آثار هٿ ڪيا جهڙا هڪ سال اڳ هڙپا مان مليا هئا. ڪوٽ اهڙي وسيع ايراضيءَ تي هو جنهن کي مقامي طور تي ’پيٽ‘ سڏيو ٿي ويو، جيڪو سنڌوءَ جي وڏن سيلابي واهن سان پائجي چڪو هو ۽ لڳ ڀڳ هڪ ميل چورس ايراضيءَ تي پکڙيل آڳاٽي ماڳ جي ايرندي پسگردائي وچ ۾ پيچرو ٺاهي ڇڏيو هئائين. اهي دريافتون آڳاٽي دنيا سان تعلق رکندڙ انتهائي شاندار حاصلاتن ۾ شامل هيون.

لڳ ڀڳ 450 وال ڊگھي ۽ امڪاني طور تي پختي اڏيل ڪوٽ ۾ هڪ وڏن ٿنڀن وارو هال، هڪ وسيع اناج جو گودام ۽ سڄي هندستان ۾ نظر ايندڙ پوچا. پاڻ لاءِ سنان واري چاليه فٽ ڊگھي، ٽيويه فٽ ويڪري ۽ اٺ فٽ اونهي غسلخاني سميت باوقار تعوار جايون ۽ حڪومتي عمارتون هيون. غسلخاني سان لڳولڳ ڪوٽائي ڪندڙن جي بقول، هڪ وڏي درسگاه هئي. مندر (جيڪڏهن اتي ڪو هو) امڪاني طور تي ٽڪريءَ جي چوٽي تي ٻڌمت واري اسٽوپا هيٺ هو، پر اهو (اسٽوپا) هٽايو نه ويو آهي. اوسي پاسي وڏن گهرن سميت ويڪريون گھٽيون هيون، هر بلاڪ لاءِ کوه ۽ عوامي ڪاڪوس هئا ۽ گٽر ويڪرا هئا. اها ثقافت ڪجھ حوالن سان مصر يا ميسوپٽيميا کان ڪجھ وڌيڪ جديد لڳي ٿي. موهن جو دڙو مان هٿ آيل مهرون ۽ ان دور جون ٺيون لڳن، جڏهن ٽي هزار قبل مسيح جي وچ ڌاري سمير جا شهر وڏي ويجھي رهيا هئا.

موهن جو دڙو جا ڪجھ پهلو خاص طور تي ان جي ٻاڙهي سرن واري هڪ جهڙائپ چرڪائيندڙ آهن. ’ڪوبه ان مان پهريون پيرو لنگھندي‘ ڪوٽائي ڪندڙن مان هڪ لکيو، ”پنهنجو پاڻ کي اڄوڪي دور جي لنڪاشائر جي ڪنهن شهر جي ڪنڊرن سان گھيريل محسوس ڪندو.“ اتان ٻاهرين سجاوٽ جو ڪو ورلي ئي نشان ملي ٿو ۽ گھٽين جي رٿابندي ۽ اڏاوتي انداز ۾ هڪ جهڙائپ ۽ مستقل مزاجي پريل نظر اچي ٿي. ”ڪارج لاءِ ئي ٺهيل“ ڪوٽائي جي حتمي رپورٽ ۾ چيو ويو. مختصر اهو ته اتي اهو ڪجھ هو جيڪو جديد دور جي ننڍي کنڊ ۾ اٿلي آهي. ان کان سواءِ اتي اڳتي واري هندستاني جيوت سان رابطي جا واضح نشان به هئا. مهرن تي مقدس وڻ ۽ جانور، بشمول ڍڳي ۽ ڪُٻ وار ڍڳو اُڪريل هئا، جيڪي اڄ به ڪنهن پرهجوم پارٽي بازار ۾ ڇڙواڳ گھمندي ڦرندي ڏسي سگھجن ٿا. ديوي ماتا جي مٽيءَ وارن مجسمن جهڙا مجسما اڄ به ڀارت ۾ ٺاهيا ٿا وڃن. اتان مليل ڍڳي گاڏي اڄ به ساڳي ريت ننڍي کنڊ جي ڪيترن علائقن ۾ استعمال ٿئي ٿي. انهن سڀني کان وڌيڪ چرڪائيندڙ هڪ مُهر هئي، جنهن تي جهنگلي جانورن جي گھيري ۾ سڱن واري پوشاڪ ۽ يوگا واري انداز ۾ هرڻين جي تخت تي ڪنول جي روپ ۾ ويٺل هڪ بُت آهي. کوٽائي ڪندڙن جو خيال هو ته اها شڪل ٽه روپي ۽ Ithyphallic هئي، پر اها مهر ايتري ته ننڍڙي آهي جو اهي تفصيل چٽي ريت ڏسي نه پيا سگھجن. اهي سموريون وصفون، جيتوڻيڪ اڳاٽي ۽ جديد هندومت ۾ اهم ديوتا شيوا سان، خاص طور تي ’جانورن جي

نِنليڙي مهر (هڪ چورس انچ) ”جانورن جي ديوتا“ يا منهن- ديوتا کي ظاهر ڪري ٿي. شايد اهو شيوا جو پهريون روپ آهي.

اوتار/ ديوتا‘ واري سندس ڪردار سبب ويجهو تعلق رکن ٿيون. ڪجھ عرصو اڳ انهيءَ شاندار شبيھ جي بعد واري شيوا سان ڳانڍاپو ڪڍڻ جي ڪوشش ٿي پر ان جو ڪو ڪڙتيل نه نڪتو. مجسمن جي ڪنهن ريت جو هزارين سال جاري رهڻ ممڪن ناهي ۽ نه وري علامتون ئي لازمي طور تي ساڳيو ئي مطلب پيش ڪن، پر ان شبيھ کي ڪنهن حد تائين ’اصل شيوا‘ شايد پنهنجي وجود ۾ اچڻ مهل ’مينهن ديوتا‘ (Baffalo-god) طور ڏسڻ شڪ کان مٿيرو آهي.

ان ريت عراق ۽ مصر وانگر هندستان ۾ ڪنجهيءَ جي دور واري هڪ شاندار سڀيتا کي جنم ڏنو ۽ انهن جيان اها به پڙهيل ڳڙهيل هئي، ان جا بعد واري تاريخ سان جڏهن ته مسئلن پريا رهيا آهن. ان جي سڀ کان وڏي خطاءِ سنڌو واسين جي سڄاڻپ جي نشاني ’لکت‘ هئي. لکت جا اهي مثال سوين مهرن تي اُکر جي صورت ۾ ئي باقي بچيا آهن. ڪي به نقش آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ڪردارن کان وڌيڪ نه هئا، جيڪو انهن جي ظاهر ٿيڻ کي انتهائي ڏکيو ٿو بڻائي. بهرحال اها لکت پراڻن ڪندرن جي عظيم ترين ڏندڪٿائن مان هڪ طور اڃا نڙهجي نه سگهي آهي.

سنڌو سڀيتا

گذريل ڪجھ ڏهاڪن دوران موهن جو دڙو ۽ هڙپا واري سڀيتا جي وڌيڪ مڪمل تصوير سامهون آئي آهي. افغانستان کان دهليءَ تائين ۽ هماليائي جابلو

سلسلي کان بمبئي تائين هڪ هزار ڪان وڌيڪ وسنديون ڇانٽ ۾ آيون آهن، اها ايراضي اولهه يورپ جيتري ۽ آڳاٽي مصر يا عراق کان گهڻي وڏي آهي. بهرحال انهيءَ وڏي شاهي ايراضيءَ ۾ انتهائي ذڪر جوڳي ڳالهه ان جي ثقافت، فن، لکت ۽ ٽيڪنالوجي ۽ ايستائين جو ماپن ۽ تورن ۾ به هڪ جهڙائپ هئڻ آهي. ان جو سڀ کان وڏو شهر موهن جو دڙو هاڻوڪي اندازي موجب اسي هزارن جي آباديءَ تي رسيو هوندو ۽ جيڪڏهن اُتي ڪا رياست هئي ته ان جي آبادي پنجاهه لک کن هوندي. عراق ۽ مصر وانگر ان سڀيتا جو دارومدار به درياءَ وسيلي آبپاشي تي هو. سنڌو هر سال ٻوڏ آڻي ٻنيون ۽ ميدان ٻوڙيندي هئي ۽ پاڻي لهڻ تي ڪٽڪ، سارين، ڪڻڪ ۽ جَوَن جا فصل ٿيندا هئا. امڪاني طور تي ڪڻڪ تاريخ ۾ پهريون پيرو سنڌوءَ جي ڪنارن تي ئي پوکيون ويون هيون. (ان ڪري ئي ان جو يوناني ۾ 'سنڌون' (Sindon) نالو پيو.) سنڌو سڀيتا ڏورانهين واپار، سُميري شهرن خاص طور تي اُر ڏانهن ٻيڙين وسيلي ڪپهه، نوس ڪاٺ، عاج ۽ قيمتي پٿر اماڻڻ تي به انحصار ٿي ڪيو. ٽي هزار (ق- م) ڌاري سنڌوءَ جي واپارين جي اُر ۾ ڪوٺي به هئي. سُمير مان هٿ آيل سنڌوءَ جي مهرن تي اڪثر سامان جي ڳنڍڙين جا اهڃاڻ هوندا هئا جن جي مله طور اهي ادا ٿينديون هيون. خليج فارس واري علائقي سان اهو واپار هندستاني ثقافت ۾ قديم ترين رابطن مان هڪ آهي. سٺ عيسوي سال ڌاري هڪ يوناني واپاريءَ جو روزنامچو گجرات کان صندل، ڪپهه، مصالحا، موتي ۽ آبنوس نار اچڻ جو ذڪر ٿو ڪري. اها ريت عثمانيه ۽ برطانوي دورن ۾ به بصري ۽ هندستان وچ ۾ واپار جي صورت ۾ جاري رهي ۽ عراق سان ننڍي کنڊ جي واپار جو سلسلو اڄ به ٽٽو ناهي.

اڄا به وڌيڪ گهرا بنياد
بلوچستان ۾ نيون کوٽايون

سنڌوءَ جي شهرن جي بنياد بابت اسان جي سوچ ۾ گذريل ڪجهه سالن دوران بلوچستان جي شهر سبيءَ ڀرسان مهر ڳڙهه جي کوٽائي تبديلي آندي آهي. هت سنڌو علائقي ۾ ٿانيڪو لاڳيتو آبادڪاريءَ جو قصو ست هزار (ق- م) تائين ٿو وڃي، جيڪو هڙپا کان چار هزار سال پراڻو آهي. اهو ساڳيو دور هو جڏهن ويجهي اوڀر ۾ فلسطين کان ايران تائين زرعي برادريون جُڙي رهيون هيون. 1970ع واري ڏهاڪي تائين به هندستان ۾ ٽي هزار (ق- م) کان اڳ زراعت جي ثابتي نٿي ملي، ان ڪري انهيءَ مان اندازو لڳايو ته انهن نين دريافتن

ڪيڏو وڏو انقلاب آندو آهي. اهي دريافتون نہ رڳو پراڻي دور ۾ سنڌو ماٿريءَ جي ٻني ٻاري واري معيشت، جو ٿيون ٻڌائين پر هنر منديءَ ۾ مهرڳڙھ ۽ ڏور فاصلي واري واپار جو پڻ ڏس ٿيون ڏين. پنج هزار (ق- م) ڌاري مهرڳڙھ جي معمارن اهڙيون ڏگهيون اپريل سرون استعمال ڪيون، جيڪي سنڌوءَ جي بعد وارن شهرن مان بہ هٿ آيون. ٽنين جي پوک بہ اتي ڪئي ويندي هئي. چار هزار (ق- م) ڌاري اهو ننڍڙو شهر ايران تائين پکڙيل هڪ وسيع گڏيل ثقافتي زون ۾ شامل هو. لڳ ڀڳ اڍائي هزار (ق- م) ڌاري اهو اجڙي ويو ۽ ان کان پنجن ميلن جي فاصلي تي 'نوشهرو' نالي وڏي شهر ان جو خال ڀريو، جنهن ۾ سرن جي زوردار اڏاوت ۽ هڪ امڪاني عبادتگاهہ سميت شاندار عمارتون ملن ٿيون. ان مهل تائين اسين سگهاري هڙپا دور ۾ داخل ٿي چڪا هئاسين.

انهن نڪور دريافتن قطعي طور تي واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌو سڀيتا، ڪن ماهرن جي چوڻ موجب عراق سان تعلق رکندڙ ثقافتي خيالن جي گاڏڙ جي پئداوار بدران نج هندوستاني مامرو هئي، جيڪا ان خطي جي مقامي آدجڳاد ثقافتن مان نڪري نروار ٿي. پر سنڌو سڀيتا جا رهواسي، جيڪڏهن آريائي هندي- يورپي نہ هئا تہ پوءِ ڪير هئا؟ ڇا هو رگ ويد وارا داس هئا؟ 1980ع واري ڏهاڪي کان هڪ نئون خاڪو اُڀرڻ شروع ٿيو آهي. اهم دريافت ڪنهن شڪ کان مٿيرو ٿي اِهو ثابت ٿي ڪري تہ ايران جي آرين کان اڳ واري آڳاٽي ٻوليءَ ايل مائٽ اڃا تائين ڏکڻ ڀارت ۾ ڳالهائجندڙ آڳاٽي دراوڙي ٻولين وارو ئي ٻڻ ٻٽياد رکندڙ آهي، جنهن جو هاڻوڪو بهترين اظهار تامل ٻولي آهي. اِهي ٻوليون ايران ۽ اتر اولهہ هندستان، ۽ بيشڪ مهر ڳڙھ جهڙن شروعاتي ڳوٺن ۾ ڳالهائجندڙ ڪنهن آدجڳادي ٻوليءَ جون پونئير آهن، جنهن سان هڪ حوالي ۾ جُڙيل براهوي ٻولي اڃا تائين ايراني سرحد سان لڳو لڳ پاڪستاني علائقي ۾ ڳالهائي ٿي وڃي. اصلوڪي ابتدائي ٻولي، پنج هزار (ق- م) ڌاري، هڪ اندازي موجب ايلمائٽ ۽ دراوڙيءَ ۾ ان جي هڪ جهڙن اصطلاحن جي ڪاٿي لڳائڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ زراعت جي ايجاد کان پوءِ حصن پتين ۾ ورهائجي وئي. ايل مائٽ شاخ ٽي هزار (ق-م) ڌاري سُمير جي همعصر ايران ۾ ابتدائي شهري معاشرن ۾ ڳالهائي ويندي هئي ۽ ڏهين صدي عيسويءَ ۾ اها ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان ختم ٿي وئي. دراوڙي اڃا تائين ڏکڻ ڀارت ۾ ٻن ڪروڙن کان وڌيڪ ماڻهو ڳالهائين ٿا.

ان جا آڳاٽي هندستان جي سچي تاريخ تي زوردار اثر پيا آهن. اِها



بڌائي ٿي ته دراوڙي ٻوليون اصل ۾ ڏکڻ جون ناهن پر 5000 (ق- م) ڌاري بلوچستان مان ٿينديون گجرات لتاڙي ڏکڻ هندستان پهتيون. اجا تائين آڳاٽا دراوڙي قبيلا آندرا ۽ اڙيسا جي جهنگلن ۾ ملن ٿا، جيڪي مذهب ۽ سماجي وهنوار جا پراڻا انداز برقرار رکندا اچن. ڏکڻ ۾ ٿانيڪو ٿيڻ کان پوءِ دراوڙن شهر جوڙيا ۽ هڪ هزار (ق- م) جي ڀڃاڙ ۾ لکت ٻيهر دريافت ڪيائون.

اهي ٻوليوار ڳانڍاپا اسانجي سنڌو سڀيتا واري سوجھ کي تبديل ٿا ڪن ۽ ان کي يقيني ٿا بڻائن ته جديد تامل سان لاڳاپيل دراوڙيءَ جو ابتدائي انداز موهن جو دڙو ۽ هڙپا واري دور ۾ سنڌو ماٿري ۾ ڳالهايو ويندو هو. ان ريت، گهٽو ڪري، مهرن تي پڙهڻ ۽ سمجھڻ ۾ نه اچي سگھندڙ اکر دراوڙي آهن، جيئن ماهر ڊگھي عرصي کان ويچاري رهيا هئا. انهيءَ پٺڀرائي ۾ ٻي موهيندڙ شاهدي، اچوڪي گجرات ۾ دراوڙي ڪٽنبي اصطلاحون آهن، جيڪي سنڌو ايراضيءَ ۾ دراوڙي مائل رسمن ۽ روايتن مان اخذ ڪيل آهن. هڪ ننڍڙو تفصيل مثال طور ڪم اچي سگھي ٿو: ڏکڻ ڀارت جي ماڌورائي ۾ هندو ياترائي هتن تي مقامي ديوي مناڪشي جو اهڃاڻ تارن ڀري مڇي آهي، مڇي ۽ تاري ٻنهي لاءِ استعمال ٿيندڙ سنڌس نالو "مِن" تامل جي انتهائي آڳاٽي ته مان ٿو حاصل ٿئي. اهي ٻئي (مڇي ۽ تارو) آڳاٽا مافوق الفطرت اهڃاڻ آهن. اها ڳاڏڙ هڙپائي ٿانون ۽ مهرن تي ٻه آهي، نه رڳو ايترو پر اها سنڌ ۾ مسلمانن جي ياترائي ماڳن تي به ملي ٿي، جتي مڇيءَ کي اسلامي لحاظ کان اعتقاد وچان چٽيو ٿو وڃي. اهو صدين کان مذهبي اهڃاڻن جي هڪ جهڙائي جو حيرت انگيز مثال آهي.

هڙپا جي دريافت کان ستر سال پوءِ، تندون ملڻ شروع ٿيون آهن. سنڌو سڀيتا لڳ ڀڳ يقيني طورتي دراوڙي هئي، ان جي ثقافت ايران جي ايليمائٽ دنيا سان ويجهو ڳانڍاپو رکندڙ ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ اچوڪي ثقافت سان ڀري جي واسطيدار هئي. ان جو زوال وسڪارن جي گھٽجڻ ۽ ڏورانهين واپار جي ڍهي ڍير ٿيڻ سميت ڪيترن ئي عنصرن ڪري لڳ ڀڳ 1700 (ق- م) ڌاري آيو. وڏا شهر خالي ڪيا ويا، جيتوڻيڪ ننڍيون وسنديون پوءِ به قائم رهيون. ساڳي

ٽين صدي (ق- م) واري اشوڪ جي پٽنا سان تعلق رکندڙ
زرخيزيءَ جي ديوي: چمڪندڙ مٽيءَ جي ٻوري مان
ٺهيل قد آدم فن پارو. هوءَ هندستاني فن ۾ تاريخ کان اڳ واري
دور کان اڄ تائين ملندڙ عورتاڻي سونهن ۽ طاقت جو ڀرپور اظهار آهي.

عرصي دوران انڊو- يورپي آريا، جن ايران فتح ڪري ورتو هو، آڪسس ۽ سنڌوءَ جي وچ واري جابلو ايراضيءَ ۾ وڌي رهيا هئا ۽ هڪ ڊگهي عرصي دوران مقامي دراوڙي لفظن کي ڳڙڪائي سنڌ ۽ پنجاب ۾ بالادست ثقافت ۽ ٻولي ٻڻجي ويا (جيتوڻيڪ رگ ويد جي سنسڪرت ۾ وڌارا ورتل لفظ دراوڙن جي موجودگيءَ جو ڏس ٿا ڏين). 1500 کان1000 (ق- م) ڌاري پيلا ساڙيندي، وسنديون ٺاهيندي ۽ ٻنيون سنواريندي آريا گنگا ۽ جمنا ماٿرين ۾ پکڙجي ويا. ساڳي عرصي دوران دراوڙي ٻولي ۽ ثقافت ڏکڻ هندستان ۾ پکڙجي وئي، جتي اسين ان جو تسلسل 3000 (ق- م) تائين پروڙي سگهون ٿا. جيڪو انهن ٻنهي ثقافتن جو پاڻ ۾ ٺهڪاءُ گاڏڙ ٿي هو، جنهن مان ئي ڪلاسيڪل هندستان جون سڀيتائون اُسريون هيون. اها اڃا تائين امڪاني جوڙجڪ آهي پر ان جي بنيادي وصف يقيني طورتي درست آهي.

مها ڀارت جو سورهياڻو دور

سنڌو سڀيتا جي زوال کان ڪجھ عرصو پوءِ تائين شايد هزار کن سال، هندستان ۾ حقيقي شهري جيوت نه رهي- اُتر هندستاني معاشرو ڳوٺاڻو هو، جنهن تي دريائي ماٿرين سان لڳولڳ ٿانيڪو ٽيل ڪيترن ئي آريائي سردارن راڄ ٿي ڪيو. اهي ماٿريون اڄ ڏينهن تائين موجود پراچين قبيلن جي آديواسين جي ابن ڏاڏن جي ٿاڪ ٻٽيل جهنگلن جي اٽڪ سلسلن سان وڪوڙيل هيون. اهو ئي دور ٿي سگهي ٿو جڏهن واضح صورت اختيار ڪيل سماجي ڌار جي هڪ روپ طور ذات پات واري سرشتي ڪَرَ کڻڻ شروع ڪيا، جنهن ۾ سڀ کان مٿانهين پد تي برهمڻ ۽ سڀ کان هيٺ شودر/ اڇوت آهن/ هئا. ذات لاءِ ان دور جي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "ورنا" جو مطلب رنگ آهي ۽ شايد اهو وهنوار هلڪي رنگ وارن آرين کي گهري رنگ واري مقامي آباديءَ کان ڌار رکڻ لاءِ شروع ڪيو ويو هجي. جنگي شاعري مهاڀارت جڏهن لکي وئي ته ان ۾ پوءِ واري دور جي بحث ۽ حقيقي روايتن کي محفوظ ڪيو ويو. انهيءَ ۾ گنگا ماٿريءَ ۾ هڪٻئي جي مخالف آريائي ڌرين جي هڪٻئي جي ڪوٽ قلعن تي قبضن: عورتن، چوپائي مال ۽ خزانن کي مال غنيمت بنائڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، هومر جي "ايلئڊ" ۾ بيان ڪيل سورهياڻي دور وانگر ئي، ڪجھ معاملن ۾ جديد آرڪيالوجيءَ به ان بنيادي داستان جي تصديق ڪئي آهي. مثال طور مهاڀارت ۾ "ڪائوراوا" واري راڄڌاني گنگا جي ڪناري تي هستناپور هئي، 1950ع واري ڏاڪي ۾ ان جي کوٽائي ظاهر ٿي ڪري ته

ڪنڀ ميلو، فيبروري 1989ع: گنگا ۽ جمنا ندين جي سنگم
جو هڪ منظر. اهو تهوار پنهنجي هاڻوڪي انداز ۾ ٻارهين صدي
عيسوي کان جاري آهي، پر اهو ماگهه ٻه آدجڳادي تقدس وارو آهي.

اهو شهر 800 (ق- م) ڌاري ٻوڏ وسيلي تباهه ٿيو. هڪ سنسڪرتي مذهبي صحيفي ۾ اهو واقعو دراصل مهاڀارت واري مهاڀاري لڙائي کان پوءِ ستين بادشاهه جي دور ۾ ڄاڻايل آهي، جنهن مان لڳي ٿو ته اها لڙائي 900 (ق- م) ڌاري لڳي. ان دور جون ڪي روايتون اڃا تائين قائم آهن: جهڙوڪ مهاڀارت جي فيصلا ڪن ويڙهه جو منظر ”ڪرڪ شيتر“ اڄ ڏينهن تائين اهم ياترا ٻڌل آهي.

مهاڀارت اهو به واضح ٿي ڪري ته هندستان جي مقدس جاگرافي پهرين هزار (ق- م) دوران چڱي موچاري ڄاڻيتي ٿي چڪي هئي، ياترائن ۽ تيرٿن وسيلي هڪ گڏيل ماتر ڀوميءَ وارو هندستاني تصور متان ان دور کان سامهون آيو هجي. ان شاعريءَ ۾ 270 مقدس جاين جو ذڪر آهي جنڪي سڄي ديس ۾ پکڙيل آهن. آخري ۽ سڀ کان وڌيڪ مشهور گنگا ۽ جمنا جي سنگم تي هاڻ الهآباد سڏجندڙ پرياڳ هئي.

الهآباد اڃا تائين هر سال هڪ عظيم الشان مذهبي تهوار جو ماڳ آهي ۽ اُت هر ٻارهين سال ٿيندڙ ڪُنڀ ميلو دنيا جي تختي تي سڀ کان وڏو انساني



ڪنول جي انداز ۾ ويٺل هڪ ساڌو. هندستان جي تپسيائي
روايت گهڻو ڪري ته ڪنهن ٻئي دور سان تعلق رکي ٿي.

اجتماع هوندو آهي. فيبروري 1989ع ۾ انتهائي شُڀ رات تي ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو گڏ ٿيا، جيڪو تعداد تهوار جي سڄي مهيني کان به تمام گهڻو هو. اُتي پنج لک ماڻهن جو اجتماع 644ع ۾ چيني ٻڌياتري سوان زانگ پڻ ڏسي چڪو هو، جنهن کي ٻڌايو ويو ته اهو سلسلو آڏجڳاڌ کان هلندڙ آهي. من موهيندڙ نئين تحقيق ظاهر ٿي ڪري ته پرياڳ کي ”مقدس ماڳن جي راڄڌاني“ واري حيثيت ڇو ملي. پرياڳ کي ڌرتيءَ جو دُن، ڪائنات جي ڏندڪٿائي تخليق جو نڪتو ليکيو ويو جيئن اريدو، ڊيلفي يا ڪوزڪو کي سمجهيو ٿو وڃي: پاڻي مان نمودار ٿيل دڙيءَ وارو ماڳ (اهڙو ڏيک جيڪو اڃا تائين ميلي جي موقعي تي گنگا جي چاڙهه گهٽجڻ مهل اله آباد ۾ ڏسي سگهجي ٿو.) هت سورڳ ۽ ڌرتيءَ کي پهريون پيرو ڌار ڪندڙ ماڳ تي آڳاٽو ٿنڀ ۽ 644ع ۾ سوان زانگ جو ڏٺل ۽ بائيبل واري باغِ عدن يا اِريدو وانگر هڪ مقدس اَمر وڻ به کتل هئا. ستين صدي عيسويءَ ۾ موجود اهي اسر هاڻ رڳو اهڃاڻ ۽ علامت طور وڃي بچيا آهن. پهرين هزار (ق- م) واري رزميه داستانن جي دور ۾، پرياڳ جا مرڪزي مقبرا هڪ ٻيٽ تي هئا، جن جا ڪنڊر صدين دوران گنگا جي انيڪ ڀيرا وهڪرو مٽائڻ جي باوجود ڏسي سگهجن ٿا. ٻيٽ جي اُترين

ڪنڊ ۾ امر وڻ جي حفاظت ڪندڙ پروهت جي سماڌي هئي. جيڪا اڃا تائين قائم آهي ۽ ان نوعيت جي سماڌي هندوستان ۾ ٻي نٿي ملي.

گنگا جي سڀيتا

ڇهه سؤ (ق- م) ڌاري گنگا ماٿريءَ ۾ ڪيترين ئي ٿانيڪو سلطنتون وجود ۾ آيون ۽ هندستان ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر وڏا شهر اڏجڻ شروع ٿيا. انهن مان ڪي ته شاندار ڪاهين ۽ ڪوٽن وارا هئا. مثال طور الہ آباد ڀرسان ڪئوسمبي شهر ۾ يارهن دروازن واري پنج ميل پٽ ۽ وڏيون عوامي عمارتون هيون. ان جون پٽيون معياري ماپ وارين سيڪيل سرن سان ٺهيل هيون ۽ ان جي اڏاوت وارو انداز هڙپا جي ياد ٿو ڏياري، جيتوڻيڪ اهو سمجهڻ انتهائي ڏکيو ٿو ٿئي ته ڪهڙي ريت هڪ روايت ايترو عرصو لنگهي آئي. اهي شهر ڌورانهين واپار جا اهم مرڪز بڻجي ويا ۽ انهن ۾ ڇهين صدي (ق- م) ڌاري روحاني ۽ دانشورانئي نظرين جو هڪ عظيم الشان ولولو پيدا ٿيو. ان شاندار اتساهيندڙ دور جو اهم ترين مرڪز اڄ ڏينهن تائين سکيا ۽ ثقافت جو هندستان جو عظيم ترين مرڪز بنارس يا ڪاشي (روشني/ نور جو شهر) هو.

بنارس جي آڳاٽي تاريخ انتهائي گهڻ ڇاتل آهي. آرڪيالاجيڪل رڪارڊ موجب ان جي شروعات اٺين صدي (ق- م) سان تعلق رکندڙ هڪ اهڙي شيءِ ۾ پڪل سرن جي پٽ ۽ ڪاهيءَ سان ٿئي ٿي، جنهن تي 1887ع ۾ برطانيا پنهنجي ريلوي پل اڏي. وچئين دؤر ۾ ئي اهو شهر گنگا سان لڳولڳ اڄوڪي ٽن ميلن واري پڪيڙ ۾ ڦهليو. ٽين صديءَ (ق- م) ڌاري اهو "سڄي هندستان جي سرواڻ شهر" طور سامهون آيل ٿو لڳي ۽ ان کان پوءِ ئي ان شيوا جي شهر طور ميڃتا ماڻي. ان جي وجود ۾ اچڻ بابت ڪا ڳالهه خاطري سان نٿي چئي سگهجي. سنڌو ماٿري مان مليل ثابتين هوندي به شيوا جو اصل نسب اڃا تائين واضح ناهي ۽ ان لاءِ شايد اتر هندستان جي تاريخ کان اڳي وارين ثقافتن کي ڦولڻو پوندو. تازو الہ آباد جي ڏکڻ مان يارهن هزار (ق- م) سان تعلق رکندڙ هٿ آيل هڪ ديويءَ جو ماڳ بلڪل ان انداز ۾ ٺهيل آهي، جهڙو اڃا تائين قبائلي ثقافتن ۾ رائج آهي. اهو روايتي هندستاني مذهب جي اڻ ٽٽ تسلسل جو اهڃاڻ آهي. ميسولٿڪ غار وارا، هرڻ جي سڱن، واري مٿي، چوڙين ۽ ترشول واري هڪ ڀروپي ناچو جا چٽر شيوا سان تمام گهڻا ملندڙ جلندڙ آهن، جيڪي ان ديوتا جي تاريخ کان اڳي واري دور ۾ به موجودگيءَ جو ڏس ٿا ڏين.

ڇهين صدي قبل مسيح گنگا جي شهرن ڏاهپ ۽ مذهبي ڄاڻ جو جڻ درياءُ



وهاڻي ڇڏيو. سنڌو ماٿري جي شهرن سان گڏ ميسارجي ويل لکت کي پيهر متعارف ڪرايو ويو. هندستان جي سمورين آڳاٽين لکتن مان هڪ نئين رسم الخط 'برهمي' جوڙي وئي. ان دور سان تعلق رکندڙ مواد جو تمام وڏو خزانو سامهون اچي ٿو، جوتش، جاميٽري، گرامر، آوازن جو علم، اشتقاق ۽ خاص طور تي مذهب ۽ فلسفو ان دور جا خاص موضوع هئا. اهو دنيا کي ڏنل هندستان جي عظيم الشان ورثن مان هڪ اپنشدن وسيلي دنيا جي تخليق بابت انومان ڪان هندستاني سيپتا خيال ۽ فڪر جي تيز ترار حدن ڏانهن وڌي ۽ ان وقت کان اڄ ڏينهن تائين روحاني کوجنا جو هڪ اهڙو اڻ ـ ڏار پيل تسلسل آهي جيڪو بذات خود هندستاني سيپتا جو اڻٽٽ ڪردار بڻيل آهي.

واضح طور تي گهري روحاني بيچينيءَ واري ماحول ۾ ڪيترائي مختلف فرقا خاص طور تي آرين جي مذهب ۾ گهٽ دلچسپي رکندڙ شهر جي اُسرندڙ واپارين ۾ پيدا ٿيا. هو پليدان واري آريائي ڪرت جا مخالف هئا ۽ منجهائڻ گهڻي ڀاڱي ذات پات وارين روايتن جي پڻ خلاف هئا. اهڙا مفڪر يوناني ايونين فطري فلسفين جي ابتڙ ڪائنات ۾ فطري قانون جي حڪمراني جي قبوليت جي نمائندگي ڪندي نظر ٿا اچن. سنڌن گروئن ۾ دهريا، عقليت



ايڪسس دور 500 (ق- م) ۾ ڪجھ ڏهاڪا هيڏانهن يا هوڏانهن هندستان ۾ گوتم ٻڌ ۽ مها وير جيئرا هئا ته چين ۾ ڪنفيوشس (۽ لائوتزو به؟)، فلسطين ۽ بابل ۾ عبراني پيغمبرن مان عظيم ترين سان گڏوگڏ شروعاتي يوناني سائنسدان ۽ فلسفي ۽ ايٿنني جمهوريت جا باني به: ڪنجهي جي دؤر جو روحاني ورثو پيهر پنهنجو پاڻ کي معنيٰ ڏيڻ لڳو هئو.

پرست، شڪي منڪر ۽ 'اجيتا ڪساڪمبالين' جهڙا سدا سنوان مادیت پرست پڻ هئا، جن موت کان پوءِ ڪنهن بي حياتي جي وجود کان نابري تي واري. 'ڪساپاڪاساپانا' جا ائٿمي نظريا ۽ سندن اهو موقف ته سموري تبديلي باطل آهي، اسان کي خاص طور تي سقراط کان اڳي وارن ايفيسس جي 'هيراڪليٽس' جهڙن يونانين جي ياد ڏيارين ٿا. اهي سمورا موقف وچئين ۽ جديد دور جي هندومت ۾ پروڙي سگهجن ٿا. پر گنگا واري سيپتا جون به عظيم ترين ڌرمي تحريڪون جين مت ۽ ٻڌمت هيون.



بنارس ۾ گنگا جو ڪنارو. ”هن وشال دنيا ۾ انيڪ مقدس ماڳ آهن پر انهن مان ڪهڙو ڪاشيءَ جي مٽيءَ جي هڪ ذري برابر ٿي سگهي ٿو؟“

بنارس ۾ سوريہ پوڄا (سج جي رسمن) واري ڏينهن تي ياتري.

ٻڌمت ۽ جين مت

بنارس جي پرجوش هنگامہ آرائي کان چار ميل پري، پنج سئو قبل مسيح ڌاري هڪ نوجوان هندستاني شهزادي هڪ اهڙي خيال جو پرچار ڪيو جيڪو دنيا کي تبديل ڪرڻ وارو هو. سندس نالو گوتم هو پر سندس پيروڪارن وانگر سڄي دنيا کيس 'ٻڌ' (نرواڻ/ روشني مائل) جي نالي سان ياد ٿي ڪري. 'آءُ ان نتيجي تي پهتو آهيان' هن چيو، ”انساني پيڙائن کي سمجهيو وڃي.“ حياتي بابت آدجڳاد کان جاري سوال بابت سندس جواب بلڪل سولو ۽ هندستاني رنگ ۾ رنگيل هو. ”اها حواسن ۽ مادي خواهشن سان ڳنڍيل آهي.“ هن چيو جيڪي سمورين انساني پيڙائن جو بڻ بنياد آهن. انهن خواهشن کان پلئہ ڇڏايو تہ نجات جو دڳ ڳولهي لهندؤ.“ سڌو سنئون ۽ بنيادي تت ۾ دهريت ڀريو اهو پيغام ايشيا کان چين، ڪوريا ۽ جاپان تائين پکڙجڻو هو. جتي اهو اڄ

CamScanner

بہ بنيادي قوت وارو اصول بڻيل آهي.

563 کان 483 قبل مسيح تائين رهندڙ گوتم ٻڌ اڪيلو سڌارڪ نہ هو. 477 قبل مسيح ڌاري گذاري ويل جين مت جو آخري گرو مهاوير بہ سندس همعصر هو. ٻڌمت وانگر جين مت بہ پنهنجي فطرت ۾ دهريت پريو آهي، ان عقيدي ۾ خدا جو وجود غير واسطيدار آهي. جين مت جي پيروڪارن آڏو دنيا جي هر شيءِ کي روح آهي. ان ڪري هو سختي سان عدم تشدد ۽ سبزي خوريءَ تي پابند آهن. ٻڌمت ابتڙ جين مت جي هندستان ۾ خاص طور تي اولهہ هندستان جي واپاري برادريءَ ۾ اڻ ٽٽ روايت رهي آهي. ڪن جو خيال آهي تہ اهو اڻ سڌي طرح ئي سهي، سنڌوَ جي واپاري برادرين مان ئي اپريل آهي. مهاوير جي تعليم گجرات جي جين ثقافت ۾ رهندڙ هڪ واڻڪي واپاري ذات ۾ چاول نپايل گانڌيءَ جي اخلاقيات ۾ نئين سر سامهون آئي.

ٻڌمت ۽ جين مت پنهنجي تت ۾ ذات پات جي بنياد تي مت پيد رکندڙ، ٻليدان واري عقيدي ۽ مرد ديوتائن جي انڊو يورپي وارث رکندڙ برهمڻ سپيتا کي روڪيندڙ آهن. اهي ويدن جي جادوئي خيالن کان هڪ نئين قسم جي معقوليت ذانهن منتقلي جي نمائندگي ٿا ڪن. گوتم ٻڌ جي ’چئن شاندار سچاين‘ ۽ انفرادي اخلاقيات ۽ عملن تي ٻڌل نجات ڏانهن اڻ طرفي راهہ ان جو بهترين مثال آهي. ٻئي غمگينيت سان پڻ تمتار آهن، جنهن جو بهترين مثال گوتم ٻڌ جي زندگي بابت نقطئہ نظر مان ملي ٿو، جنهن موجب پيڙائن جي انهيءَ اڻکٽ سلسلي مان انسان ذات فقط اوڏي مهل ئي نجات ماڻي سگهي ٿي، جڏهن هو زميني خواهشن کان پريرو ٿئي. انساني حالت جو اهو مظهر هندستان کي ائين ئي ممتاز ٿو بڻائي جيئن ٽريجڊي ۽ فلسفو يونانين کي. بهرصورت گوتم ٻڌ کي سنڌوءَ جي مُهر واري شيوا وانگر هرڻن واري پنهنجي باغ ۾ ٻڙ جي وڻ هيٺان ڪنول وانگر پلٿي ماري ڏسي ان ڳالهہ تي ضرور حيرت ٿئي ٿي، تہ مادي دنيا تان هٿ کڻندڙ اهڙي شڪل هندستان جي ماضيءَ ۾ ڪيترو ڏور تائين وڃي ٿي.

ان دور ۾ گوتم ٻڌ جو اپرڻ ڪو انوکو واقعو نہ هو. تاريخدان ڪارل جيسپرس ڇهين کان پنجين صدي قبل مسيح واري گوتم ٻڌ جي دور کي ’محور وارو دور‘ ٿو سڏي، ڇاڪاڻ جو ان دور ۾ سڄي دنيا اندر ڪيترائي عظيم مفڪر جيئرا هئا، جن مان گوتم ٻڌ ۽ مهاوير هندستان ۾، فيثا غورث، هيراڪليٽس ۽ ٻيا شروعاتي يوناني فلسفي، پراڻي عهدنامي جي پيغمبرن مان خاص طور تي 'Deutero-Isaiah' چين ۾ ڪنفيوشس، لائوزو ۽ ٽائوسٽ اهڊ

آهن. اهو سوچڻ ئي غير معمولي ٿو ٻڌجي ته انهن مان ڪي هڪٻئي سان ملي به سگهيا هوندا. انهن جيون ڪٿائن جو اهڙو اتفاق ان ڳالهه ڏانهن اشارو ٿو ڪري ته عراق ۽ مصر، چين ۽ هندستان پهرين سيپتائن مان اپريل آڳاٽي دنيا هڪ روحاني گهوٽالي مان لنگهي رهي هئي، تن ذهنن ۾ خدا جي وجود، قدرت ۽ تي حياتي جي، مقصد ۽ بادشاهن ۽ رياستن جي اختيارن جي بنياد بابت بنيادي سوال اٿاريا پئي ويا. انهن سمورن سوالن جي جهرمٽ ۾ اهي سوال هٿا جيڪي اڄ به حڪومتن خاص طور تي آمريڪا ۽ اولهه يورپ جي سڌريل ۽ ٽيڪنوڪريٽ معاشرن ۾ جڏهن مذهب سيڪارڊ ۽ سميٽڙ وارو مقصد وڃائي چڪو آهي، جيئن جو تيئن موجود آهن. توهان پنهنجي شهرين کي ڪنهن بااخلاق انسان جيان ورتاءُ ڪرڻ لاءِ ڪيئن ٿا چئو؟ مٿن چڱو بڻجڻ لاءِ ڪيئن ٿا زور وجهو؟ شروعاتي سيپتائن جي انهن سوالن جي حل لاءِ پتوڙ اڄ به اسان لاءِ سونهون بڻيل آهي. ويجهي اوير هڪ خدا واري تصور جي واٽ ورتي جيڪا اولهه سان گڏوگڏ اسلام جي فڪر و نظر جي به بنياد بڻي. چين فرد، ڪٽنب ۽ رياست ۾ زمين تي جامع اخلاقي ضابطي واري ڪنفيوشس جي نظرئي کي پنهنجو مقصد بڻايو. هندستان ۾ وري اها نامياري ريت سامهون آئي ته هن دنياوي مادي حياتي سان تعلق دولاب آهي ۽ ان کي ترڪ ڪري ئي سچو پچو نرواڻ حاصل ڪري سگهجي ٿو، جيڪا اولهه جي بلڪل مخالف آهي. ان ڪري انهن عظيم ثقافتن جا سماجي ۽ معاشي عنصر اڄ به انقلابي تاريخ ساز زماني کي ڇهن ٿا.

موريا راڄ

چوٿين صدي قبل مسيح هندستان تي موريا راڄ وسيلي هڪ سياسي ايڪتا نافذ ڪرڻ جي پهرين ڪوشش ٿي. ان دور ۾ ئي هندستان بابت اولهه جي پهرين وارتا سامهون آئي، جيڪا هڪ يوناني ايلچي ميگاستينس جي لکيل هئي. گنگا جي ڪناري موريا راڄ جي راڄڌاني پٽنا پهچڻ تي يونان واسي آڳاٽي دنيا جو سڀ کان وڏو شهر ڏسي دنگ رهجي ويا. 570 ٽاورن، چوهٺ دروازن ۽ روم کان به وڏي چار لک ماڻهن جي آباديءَ وارو اهو شهر ڀاويه ميل چورس ايراضي تي پکڙيل هو. اهو ڄاڻي به هو دنگ رهجي ويا ته يونان جي ابتڙ هندستان غلامن تي ٻڌل معاشرو نه هو. ميگاستينس، چندرگپت موريا جي دربار ۾ پيش ٿيو هو، جنهن بابت چيو ٿو وڃي ته هو جين مت سان تعلق رکندڙ هو ۽ تخت ڇڏي مرڻ برت (مرڻ گهڙي تائين ڪجهه نه کائڻ پيئڻ)

ذريعي حياتيءَ جو انت آندائين. اهو جين مت جي اهم درمي اپنائڻ جو وطيرو هو. سندس پوٽي اشوڪ راڄ جي حدن کي وسيع ڪيو ۽ هندستان جو گهڻي ڀاڱي حصو ان ۾ شامل ڪيائين. پر اشوڪ جو پنجٽيهن سالن جو راڄ رڳو پنهنجي فتوحات سبب ئي غيرمعمولي نه هو. اشوڪ جو داستان خود سندس ئي لفظن ۾ پٿر جي ڇپن تان پڙهي سگهجي ٿو، جن مان خاص طور تي ڪئوسمبيءَ وارو ته اڄ به ڪوريا، جاپان ۽ تبت جي ٻڌ ياترين لاءِ تعظيم جو مقام بڻيل آهي. سندس ئي بقول اڙيسا ۾ ڪامياب ويڙهه کان پوءِ جنهن ۾ هڪ لک ماڻهو مارايا، اشوڪ ان نتيجي تي پهتو ته جنگ بذات خود غلط آهي. ان کان پوءِ هو مهاتما گانڌيءَ تائين پهچڻ کان اڳ مختلف دور ڏسندڙ 'اهنسا' واري فلسفي تي پهتو. ”اڄ کان پوءِ آءُ“ هن چيو: ”رڳو بهتر ورتاءُ وسيلي ئي سوڀ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.“

خيبر کان ڏاکڻي دکن تائين اشوڪ پنهنجا حڪم سڄي هندستان ۾ اُڪرايا، انهن لاءِ اڪثر ته آڳاٽا هندو ٿنڀ/ ڇپون استعمال ٿيا، جيڪي پرياڳ ۽ سرناٿ جهڙن آڳاٽن ماڳن تي اڳيئي موجود هئا، جتي گوتم ٻڌ پنهنجي نظرئي جو پهريون پرچار ڪيو. اهي پراڻا اهڃاڻ عملي طور تي اخلاقيات جي ٿنڀن ۾ تبديل ٿي ويا. جيڪي واضح ڪري رهيا هئا ته ”ڌرما“ (درست ورتاءُ) واري عقيدي جو بنيادي ۽ اصل مقصد ڇا آهي. اهم ڳالهه اها ته اهي مذهبي اختياريءَ واري جوڙجڪ تي ٻڌل نه هئا. اهي انسانذات جي عظمت ۽ شهري اخلاقيات جي انساني امڪانن وارو اهڙو سيڪيولر آدرش هو، جنهن جو انحصار 'درست سوچ' جي ٻڌمت واري اٺن حصن واري واٽ ۽ عدم تشدد ۾ جين ايمان تي هو. ”مون سمورن عقيدن جي ماڻهن جو احترام ڪيو آهي.“ اشوڪ چيو: ”پر منهنجي خيال ۾ بنيادي اهميت هر ڪنهن جي خودمختيار مرضيءَ ذريعي رسائي ڪي هئڻ گهرجي.“ انهن ٿنڀن تي ٿيل اُڪر ۾ دردمندي، سهپ، شفقت ۽ سچائي وارا اُهي سمورا لفظ ملن ٿا جن کي اڄوڪا جديد سياستدان ڏکيائي ٿا محسوس ڪن، عدم تشدد بابت فقرن ۾ گوشت کائڻ کان صاف انڪار ڪرڻ ۽ طوطي کان وٺي ماڪوڙي تائين ۽ گنگا جي دريائي سوئر کان وٺي گينڊن تائين جهنگلي جيوت کي محفوظ رکڻ جي هدايت ٿيل هئي. ”ٻيلا هرو ڀرو نه ساڙيو.“ اشوڪ پيغمبرائي اڳڪٿي واري انداز ۾ چيو هو. پنهنجي ماحولياتي ۽ تحفظ وارين ڪاوشن ۾ اشوڪ اسان کي حيرت انگيز طورتي جديد دور جو فرد ٿو لڳي. سندس وسيع بنياد سماجي ۽ عام ڀلائي وارا قانون به متاثر ڪندڙ آهن، پر ان

سچي وارتا جي همعصر اسان جي پنهنجي دور وانگر سخت رياستي مداخلت، ماڻهن تي ڪرڙي نظر رکڻ لاءِ پوليس ۽ جاسوسن جا ڪٽڪ پڻ نظر ٿا اچن، اهي ڳالهيون اڄ به اسان کي قبول ناهن ۽ بيشڪ ڪجھ ماڻهن کي تن ڏينهن ۾ به پسند نه هيون. پر اشوڪ هڪ غيرمعمولي دور جي هڪ غيرمعمولي شخصيت هو، جنهن مذهب ۽ جادو جي اختيار کان هٽي سبب ۽ اخلاقيات کي سياست جو بنياد بنايو. غيرجامع انداز ۾ نافذ ڪرڻ جي ڪوشش وارو سندس 'ڌرمي' نظريو يوناني جمهوريت، حقن بابت آمريڪي بل ۽ ڪميونسٽ پڌرنامي وانگر ئي انساني تاريخ کي هڪ صحيح دڳ ڏيکاريندڙ هو. بهرحال، ايذاءَ پري ويهين صديءَ جي پڇاڙڪن سالن ۾ ڪنهن کي اهو سوچڻ تي معاف ڪيو وڃي ته اهو هڪ اهڙو نظريو/ آدرش هو جنهن جو وقت ذري گهٽ اچي ويو آهي. 1947ع ۾ ڀارت جي آزاديءَ کان پوءِ سرناٿ تي ڪٽل اشوڪ جي شينهن کي ڀارت جي علامت بڻايو ويو آهي. ان کان وڌيڪ ان جي ڪا بهتر مڃتا نٿي ٿي سگهي.

انيڪتا ۾ ايڪتا

اشوڪ جو سياسي نظم و ضبط ته نه هلي سگهيو، پر سندس راڄ هندستان ۾ زميني ۽ سامونڊي رابطا کوليا. پهرين صدي عيسويءَ کان هندستان جي دولت تي اچرج ڪائيندڙ عرب دنيا جا واپاري چوماسي جي هوائن جي سهاري اتي پهچڻ لڳا. ڪيرالا ۾ ڪوچين جهڙن بندرگاهن تان عرب واپارين هندستان جون عظيم سائنسي دريافتون اولھ تائين رسايون، جن ۾ اڄ ڏينهن تائين استعمال ٿيندڙ نون انگن ۽ ٻڙي وارو حسابن جو سرشتو پڻ شامل آهي، پر واپار لاءِ اصل دلچسپيءَ جو سامان هتان جا مصالحا هئا.

ڪوچين جي واپاري بندرگاهه تان، پرڏيهي واپاري صدين تائين مالابار ساحل جا سُرها مصالحا خاص طور تي ڪارا مرچ ۽ ادرڪ خريد ڪندا هئا، انهن ٻنهي وکرن لاءِ استعمال ٿيندڙ انگريزي لفظ Pepper ۽ Ginger بنيادي طور تي ڏکڻ هندستاني لفظ آهن. اهڙن رابطن وسيع نظر ۽ سهپ ڀري معاشري جا ٻج ڇٽيا، جيڪو ڪيرالا ۾ اڄ به برقرار آهي. ڪيترائي واپاري هت آيا ۽ پنهنجو مذهب بدلائڻ کان سواءِ هندستاني ٻڻجي هتي ئي ٽانيڪو ٿيا. سندن موجودگيءَ جا اهڃاڻ ڪوچين جي ساحلي علائقي ۾ هر هنڌ پروڙي سگهجن ٿا. روايت موجب يهودي ڇهين صدي قبل مسيح عراق کان ڪيرالا آيا. عبراني ۾ لکيل بائيبل ۾ استعمال ٿيل تامل ۽ سنسڪرت لفظ انهيءَ روايت کي سچ ٿا

ثابت ڪن. اهي عراقي يهودي يقيني طور تي رومي دور کان هتي هئا. پارور ۾ دنيا جي هڪ شاندار ۽ پراڻين عبادتگاهن مان هڪ يهودي عبادتگاهه آهي. هاڻ ان جي سارسنڀال هڪ ڪٽنب ئي ڪري رهيو آهي، جيڪو پنهنجي بهترين صلاحيتن سان ڌرمي پوڄاپاٺ ۾ رڌل آهي. تازوئي ڪجهه مقامي ڇوڪرين ان ڪٽنب ۾ شادي ڪرڻ لاءِ پنهنجو مذهب مٽايو آهي، ان ڪري ڪين اميد آهي ته اها ريت برقرار رهندي. پارور پرسان چندا منگلم ۾ يهودي عبادتگاهه ته هاڻ بند آهي، پر ان پرسان عيسائين جو گرجا گهر زور شور سان قائم آهي، شامي عيسائين جي دعوي آهي ته سندن بنياد خود اپاسل ٿامس رکيو هو. هن ساحل متعلق چيو ويندو آهي ته، ويسيڪس جي بادشاهه الفريڊ نائين صديءَ ۾ وائڪنگ دور واري برطانيا کان هت دان اماڻيو هو. اسلام هت ٻين علائقن ۾ ٿيل جنگ و جدل ۽ فتوحات بدران پُرامن طريقي سان ستين صدي عيسويءَ ۾ عرب واپارين ذريعي آيو. اڄ ڪاٺ جي مينارن ۽ هڪ ننڍڙي حوض واري خوبصورت ننڍڙي مسجد ۾ ڳوٺ جا مسلمان ٻار عربيءَ ۾ قرآن حفظ ڪندا آهن. ان ريت اڄوڪي چندا منگلم ۾ هندو، عيسائي، مسلمان ۽ يهودي هڪ ٻئي جا پاڙيسري آهن. ”مختلف عقيدن جا اهي سمورا ماڻهو“ گيتا ۾ ڪرشن چوي ٿو ته، ”پنهنجي باسن ۽ خواهش جي پورائي لاءِ پوڄا جو ڀل ڪهڙو به طريقو اختيار ڪن، آخرڪار سندن پوڄا/ عبادت پهچي ساڳئي ذريعي تائين ٿي.“

اسلام جي آمد

هندومت، ٻڌمت ۽ جين مت هندستان مان ئي نروار ٿيا ۽ اسان ڏٺو ته انهن سمورن گهريون پاڙون پيدا ڪيون. اهي (خاص طور تي ٻڌمت) هندستان کان ايشيا ۽ سڄي دنيا ۾ پکڙيا. بهرحال نائين صدي عيسوي ڌاري ٻڌمت عملي طور تي هندستان مان ختم ٿي چڪو هو ۽ ان جو وڏو سبب ان جي خيالن ۽ آدرشن کي ڪيرالا سان تعلق رکندڙ شاندار نوجوان فلسفي آدي شنڪر جهڙن سڌارڪن هندو مت جي مرڪزي ڌاري ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ گوتم ٻڌ هندستاني شهرن جي ياترائن وارن ماڳن تي وشنو ديوتا جي اوتارن مان هڪ طور نظر اچڻ لڳو. ٻئي پاسي جين مت هندو روايتن ۾ به محفوظ رهي سگهيو. پر اسلام جي آمد، جيڪو تعداد ۽ اهميت جي لحاظ کان هندستان جو ٻئي نمبر تي وڏو مذهب بڻجڻو هو، اهڙو انقلابي واقعو هو، جنهن هندستان ۽ ان

جي مقامي مذهبي سرشت وچ ۾ آڳاٽا جوڙ پيچي ڇڏيا.

ابتدائي طور تي هندستان ۾ اسلام ستين صدي عيسويءَ جي پڇاڙڪن سالن ۾ عرب پيڙائن جي استعمال ڪيل رستن تان ايندڙ مسلمان واپارين ذريعي سنڌو ۽ ڪيرالا پهتو، جتي هندستان جي قديم ترين مسلمان برادري ٽانيڪو آهي ۽ جتي اسلام سولائي سان غلبو حاصل ڪيو. پر اتر هندستان ۾ اسلام جو اثر انتهائي مختلف هو. "هندستان دولت سان ٽمٽار آهي." مسلمان تاريخدان البيرونيءَ لکيو. "مڪمل طو تي سهڻو ۽ من موهيندڙ پر جيئن ته هتان جا رهواسي گهڻي ڀاڱي ڪافر ۽ بت پرست آهن، تنهن ڪري خدا جي ڀاڄه سان کين فتح ڪرڻ درست آهي." حضرت محمد ﷺ جن جي لاڏاڻي کان ڪجھ ڏهاڪا پوءِ ئي اسلام اولهه پاسي اسپين ۽ اوڀر پاسي سنڌو کي وڪوڙي ويو. سنه 711ع ۾ مسلمانن جي قبضي هيٺ آئي. ان کان پوءِ نئين ۽ پراڻن عقيدن وچ ۾ هڪ ڏکهي ويڙهه شروع ٿي. آخرڪار مسلمانن جي حملن اتر جي پراڻي هندو بادشاهتن کي ڏونڏاڙي ڇڏيو. خود بنارس 1194ع ۾ مفتوح بڻيو ۽ ايندڙ ڪجھ صدين تائين شهر جا مشهور مندر هر دانا ۽ مفلوج ڪيا ويا. اها ريت دهلي ۽ دکن جي مسلمان حاڪمن وسيلي سڀ واري دور جي جاءِ تي ڏمر واري ورتاءَ شروع ڪرڻ کان پوءِ اتر جي سمورن مقدس ڌرمي شهرن ۾ اختيار ڪئي وئي. انهن هاڃن ۾ هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ هڪ ڏکهي ۽ پيڙا ڀري ناتي کي جنم ڏنو. اهو سلسلو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اسان جي دور ۾ به پسي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ تصوف جي قديم آمد هندستاني اسلام جي املهه مٽين مان هڪ هئي جنهن اڄ ڏينهن تائين هندستان جي سموري مذهبي وهنوار تي انتهائي سگهارو اثر وڌو آهي. وقت سان گڏوگڏ هندستاني اسلام تي 'هندو- پٽي' جا اثر پوڻ لڳا. هندستان ۾ حضرت محمد ﷺ جي جيون ڪهاڻي هندو ڪرشنا داستان جو اولڙو بڻي ۽ ڪربلا جو شهيد امام حسين لکنوءَ جهڙن شهرن ۾ اُسرندڙ شيعا برادريءَ وٽ وشنو ديوتا جي اوتار طور چٽيو ويو. هندن جي مقدس شهر بنارس جي معيشت ۾ مسلمان ڪرنگهي جي هڏي بڻيا. اُتي چرخن ذريعي اٽ ڪندڙ ننڍڙا دڪاندار ۽ ريشم اٽيندڙ هزارين مسلمان ڪاريگر هئا/ آهن. هن شهر ۾ ئي پندرهين صديءَ دوران هڪ غريب جولاهي ڪبير هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ ڀائيچاري جو پرچار ڪيو. ڪبير بنارس جي مسلمان برادريءَ ۾ ڄائو هو. سندس نالو مسلمانن وارو هو، پر سندس زندگيءَ تي اهم اثر وشنو جي هندو پيروڪارن ۽ سندن ڀڳتي تحريڪ جو هو، جنهن خدا (ڪبير ان کي الله بدران رام ٿو سڏي) کي پريت طور ڏنو



وچئين دور وارو هندستان، اڪبر جي راڄ هيٺ مغل سلطنت ڏيکاريندي. ڏکڻ پنهنجي الڳ رستي جو راهي رهيو جيئن ٩٠٠ع کان 1300ع تائين چولاس راڄ هيٺ رهيو. هندستاني تاريخ ۾ اهو انتهائي قديم ثقافتي ۽ لساني ورهاڱو آهي.

ٿي. ”ڪتابن پوٿيان ڪتاب پڙهندي دنيا ختم ٿي وئي، پر ڪو به ڄاڻي نه سگهيو. بس پريت جو ڪاگر پڙهندڙ ئي سچو پچو پنڊت آهي.“

ڪيترن ئي ناميارن مذهبي عالمن وانگر ڪبير به هندن ۽ مسلمانن جي پنهنجي ظاهري عبادت/ پوڄاپاٺ کي رد ٿو ڪري. هن مسلمانن جي ٻانگن ۽ هندن جي بت پرستي، مسلمانن جي حج ڪرڻ ۽ هندن جي تيرٿ ياترا ڪرڻ، مسلمانن جي طهر ۽ برهمڻن جي مقدس ڌاڳي کي رد ڪيو. (اها ڳالهه دلچسپي کان خالي نه آهي ته پنهن جون آخري ڳالهيون عورتن کي ان عمل کان ٻاهر ٿيون رکن.) اهي سمورا عمل مذهب جي سچي اظهار جي راهه ۾ رڪاوٽ هئا، جن کي هن ذاتي تجربي جو معاملو ٿي ليکيو. ڪبير هندن ۽ مسلمانن جي وڏي تعداد کي پنهنجو هم خيال بڻايو. پر تاريخ جي اڪثر وارتائن وانگر اهڙين



1190ع واري ڏهاڪي ۾ اتر هندستان تي مسلم سوبي جي يادگار طور دهليءَ ۾ اڏرايل قطب مينار. ان جو بنيادي خيال اشوڪ جي آڳاٽي قانون وارن مينارن تان ورتو ويو

پرتگالي جيسوٽ پادري اڪبر بادشاهه جي موجودگيءَ ۾ مسلمان عالمن سان مناظرو ڪري رهيا آهن. ”اڪبر جي دربار ستن ديسن جي چاڻ حاصل ڪندڙن جو ٿاڪ ۽ هر مذهب ۽ فرقي جي اوطاق بڻجي وئي.“ (ابوالفضل)

عظيم شخصيت جو ورثو به فرقي پرستي هٿان تباهه ٿيندو رهيو آهي. جديد ڪبيري فرقو پنهنجو پاڻ کي هندو ته ليکي، جيتوڻيڪ هو اڃا تائين هڪ خدا تي ايمان رکندڙ سگهاري اخلاقي ضابطي جي پابندي ته ڪن ۽ ذات ۽

بُت پرستي جا مخالف آهن. مذهبن وچ ۾ ونيءَ لاءِ پل ٺاهڻ طور وچئين دور ۾ ڪبير جي ڪوشش انتهائي شاندار ۽ هيٺين سطح تائين هئي، ساڳي وقت اها خالص هندستاني طريقي ۽ ماضيءَ ۾ جڙون رکندڙ پڻ هئي.

ان ريت اسلام هندستان جي انيڪتا ڀري معاشري جو اڻ ٽٽ حصو بڻجندي هندستان ۽ هندومت کي پنهنجي رنگ ۾ رنڱي تبديل ڪري ڇڏيو. ڀارت جا ڏهه ڪروڙ مسلمان انکي پاڪستان ۽ بنگلاديش جي عليحدگيءَ کان پوءِ به دنيا جو ٻيو نمبر مسلم آباديءَ وارو ملڪ ٺا بڻائين. اهي شاندار ۽ اثرائتا واقعا اڄ به ڪنهن حد تائين پنهنجو جوهر ڏيکاري رهيا آهن. يورپي ماڊل تي بدل 1950ع وارو سيڪيولر ڀارتي آئين ماضيءَ ۾ دشمنين ۽ پراڻن گهاون ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مذهب چڱائين ۽ اوڻائين لاءِ اڄ به ڀارت ۾ هڪ وڏي طاقت بڻيل آهي ۽ ملڪ آزادي کان وٺي فرقيوار ڏڦيڙن کان پاڻ بچائي نہ سگهيو آهي. في الحقيقت هاڻ جڏهن معاملا جائيتا ٿيا آهن، مختلف ديوتائن (۽ سماجي طبقن) بابت مفيد دعوائون وڏيڪ پرجوش انداز ۾ ابري رهيون آهن. 1990ع وارو ڏهاڪو هندو بنياد پرستيءَ جي ابرندڙ لهر سان شروع ٿيو. جنهن بنارس جي پراڻي مسلم آباديءَ ۾ جولاهن جي دڪانن جي تباهي ۽ وڳوڙ ڏنا. ڀارت جي انيڪتا وچ ۾ ايڪتا جي آدرش جي باه جي نئين درياءَ مان لنگهڻ دوران هزارين چرخا تباهه ڪيا ويا، ساڙهين کي باهه ڏني وئي ۽ زندگيون ناس ڪيون ويون.

مغل سلطنت

سورهين صدي دوران اتر ۾ عروج حاصل ڪندڙ هندو مسلم گڏيل ثقافت هندستاني سڀيتا جي هڪ وڏيڪ شاندار ثمر مغل سلطنت کي جنم ڏنو. بنيادي طور تي پرشيا ۽ افغانستان جي وچ واري مٿانهين علائقي سان تعلق رکندڙ مغلن مرڪزي انتظام وارو هڪ اهڙو عظيم الشان زميني راڄ قائم ڪيو، جنهن اڳتي هلي برطانوي راڄ ۽ جديد ڀارتي رياست جا بنياد وڌا.

مغلن هڪ اهڙو فن اڏاوت پڻ تخليق ڪيو جيڪو پنهنجي هندو، ايراني ۽ مسلم امتزاج سبب اڄ به ڀارت جي سڃاڻپ بڻيل آهي، تاج محل ۽ 1569ع ۾ آگري ڀرسان اڪبر بادشاه جو نئراڻل شهر فتح پور سيڪري ان جا بهترين مثال آهن. شهنشاه ۽ سپه سالار اڪبر فن ۽ ادب جو بهترين همٿائيندڙ هو، جنهن ڪيترن ئي چترڪاري وارن نسخن سميت مهاڀارت کي فارسي ۾ ترجمو ڪرڻ جو پڻ حڪم جاري ڪيو. پاڻ کان اڳي ۽ پوءِ ايندڙ هندستان جي ٻين





مغل اڏاوت: آگري جو لال قلعو ۽ تاج محل اهي ٻئي ٻاهرين فاتحن جا عظيم يادگار آهن.

ڪيترن ئي حاڪمن وانگر هُن ڄاتو ٿي ته هندستان تي راڄ ڪرڻ جو واحد رستو ڪنهن سيپتا بدران سهپ ۽ ڀائيچاري وارو آهي ۽ آهستي آهستي هو هندستاني آدرش جي گهرن لاڙن ۾ شامل ٿي ويو.

اڪبري عهد جو سڀ کان وڏيڪ ڇرڪائيندڙ پهلو سندس سلطنت ۾ موجود سمورن مذهبن جو بنيادي نڪتو ڳولهڻ جي ڪوشش هو. اهو شايد ٻهريون پيرو ٿي هندستان جي گرمجوش مذهبي ماحول ۾ ٿي رهيو هو. ان سڀي ورتاءَ ۾ اهم ڳاله اها هئي ته اڪبر جي پالنا هڪ ايمان ڀرئي مسلمان طور ٿي هئي ۽ هو هڪ اهڙو اٽڙهيل شخص هو جنهن کي سندس استادن ڏاڍ سڌيو

هو. پر مذهبي ان سهپ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ پيڙائن (۽ شايد سياسي مصلحتن کان به) متاثر ٿيندي اڪبر بادشاهه هندومت، جين مت، عيسائيت، يهوديت، زرتشت ۽ ايستائين جو پرشيا مان ميندائن جي مذهبي عالمن کي شيعا ۽ سُني مسلمان عالمن سان گڏ ويهاريائين. هن سندن بحث مان هڪ خدا تي ايمان وارو سادوسودو عقيدو اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو اشوڪ جي ’درست ورتاءُ واري عقيدي‘ جو پڙاڏو ٿو لڳي، جيتوڻيڪ اڪبر سندس يا پدمت بابت ڪجھ به نٿي ڄاتو. اڪبر ته سبزي کائڻ جي درست هئڻ جي تصديق ڪرڻ لاءِ به تيار هو، اها ڌار ڳالهه آهي ته گوشت کائيندڙ مغل طور هو ان تي پنهنجي ذاتي زندگي ۾ عمل ڪرڻ کان قاصر هو. ان ريت اڪبر کي اميد هئي ته خدا ۾ اهو ايمان سندس راڄ ۾ ڪيترن ئي مذهبن سان تعلق رکندڙ اشرافيا لاءِ هڪ سولو ۽ بنيادي اخلاقي سونهون هوندو. جڏهن ته اهڙي ڪا ڳالهه تاريخ ۾ پهرين ڪڏهن به نه ٿي هئي.

ان قصي جا سمورا پهلو هڪ اهڙي غيرمعمولي واقعي ۾ گڏ ٿي ويا جيڪو هاڻ سامهون آيو آهي، جنوري 1575ع ۾ اڪبر بادشاهه پنهنجي ويجهي ترين هندو صلاحڪار سان گڏ ياترائن جي سرواڻ ماگھ پرياگ ڏانهن جل ياترا واسطي اسهيو. هو پنهنجي نئين عقيدي ’دين الاهي‘ جي شروعات ڪري چڪو هو ۽ هاڻ پرياگ جو نئون نالو ’الہ آباد‘ رکيائين. ڇا هندو ڏندڪٿا ۾ تخليق جي ان بنيادي ماگھ کي نئين مذهب جو مرڪز بڻائڻ سندس سوچيل سمجھيل ڪوشش هئي؟ ڇا نئون ڌرم به، اشوڪ جي پراڻي ڌرم وانگر ڪائنات جي محور ۽ ان جي سداحيات واري وڻ جي آشيرواد سان اعلان ٿيڻو هو؟ اهم ڳالهه اها ته اڪبر بادشاهه سدا حيات وڻ ۽ الہ آباد ۾ اشوڪ جي ٿنڀ جي چوڌاري هڪ وسيع رهائشي ڪوٽ اڏرائڻ وارو هو. سندس رهائشگاهه مقدس وڻ مٿان جوڙي وئي، جتان ان هنڌ تي سڌي نگاهه ٿي پئي جيڪا سندس آتم ڪهاڻي لکندڙ موجب ”حيرت انگيز طور تي“ مشتريءَ جي Aquarius برج سان گڏجڻ مهل گنگا مان هڪ ننڍڙو ڏڙو سڄي مهيني لاءِ ٿي اُڀريو ۽ ماڻهن اُتي پوڄائون ٿي ڪيون.

دربار ۾ سندس دوستن مان هڪ جو چوڻ هو ته، اڪبر ۾ اهو گڻ هو جيڪو حاڪمن کي حقيقت ۾ عظيم ٿو بڻائي، سو هو ”ڪنهن به مذهب يا عهدي واري فرد سان هڪ جهڙي انداز ۾ ملڻ جي خاصيت.“ سندس سهپ ته اچوڪي دور ۾ به شاندار ليکي سگھجي ٿي، سورهين صديءَ ۾ اها لفظن ۾ بيان کان ٻاهر هئي. تن ڏينهن ۾ اولهه يورپ مذهب جي نالي تي ٿيندڙ جنگين

۽ خدا جي ذات تي ماڻهن جي ڪوس سان گهايل هو. اسلام، عيسائيت ۽ ٻڌمت وارن هندومت جي گاڏر ۾ پنهنجي عقيدي کي بيان ڪرڻ واري اڪبر بادشاه جي ايمانداراڻي ڪوشش نه ناڪام ٿيڻي هئي، پر هندستان جي نازڪ صورتحال بابت سندس وردان گانڌي ۽ نهرو کان ضايع ٿيڻو نه هو، جنهن چواڻي، "سڀ مذهب سچا آهن." فتح پور سيڪريءَ ۾ باب الفتح (سوڀ جو دروازو) تي عظيم الشان مغل سلطنت جي هن ناميارِي فرزند اسان لاءِ اڪبر جي صورت ۾ سنيهو ڇڏيو ته، "يسوع مسيح رحمة الله عليه چيو آهي ته هيءَ دنيا هڪ پل آهي، ان کي اورانگهيو پر ان تي گهر نه اڏيو، دنيا هڪ پهر لاءِ آهي ۽ اهو عبادت ۾ گذاريو جو اڳتي بابت ڪوبه نٿو ڄاڻي."

اڪبر جي سپني جو شهر پاڻي جي اڻ هوند سبب اجڙي ويو. اڄ فتح پور سيڪري آگري پرسان ڳاڙهي مٽي واري ميدان کان مٿيرو هڪ ناهموار ٽڪري تي خشڪ ساليءَ جي گهيري ۾ آهي. اڪبري راڄ هڪ اهڙي جامع رياست قائم ڪئي، جنهن ۾ هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جيترا حق حاصل هئا. تلوار جي راڄ روحاني راڄ آڏو آڻ مڃي هئي. اڪبر لکيو: "ماضيءَ ۾ شرم جوڳي ڳالھ آهي ته اسان ڪيترن ئي هندن کي طاقت جي ٻل تي پنهنجي بزرگن جو دين قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هاڻ مون تي واضح ٿيو آهي ته تضادن سان ڀريل اسان جي پيڙا ڀري دنيا ۾ ڪنهن هڪ عقيدي تي ٻئي جي سچائي مڙهڻ عقلمندي ناهي. ڏاهو انسان انصاف کي پنهنجو سونهون ٿو بڻائي ۽ سپني کان سکي ٿو. شايد ان ريت اهو دروازو ٻيهر کلي پوي، جنهن جي چاٻي وڃائجي وئي آهي."

داراشڪوه: سپني جو اَنت

اڪبر جي مرڻ کان پنجاھ سال پوءِ هندستان جي مرڪز ۾ سندس ٻه پوٽا، پنهنجي ڪٽنب سان تعلق رکندڙ ٻه مغل ڀائر سندس ورثي تي اهڙي جنگ ۾ جٽي ويا جنهن جا اثر اڄ ڏينهن تائين اسين محسوس ڪريون ٿا. معاملو هندستاني اسلام جي راھ متعين ڪرڻ بابت هو. وڏو ڀاءُ ريڊيڪل صوفين جو هم خيال داراشڪوه نه رڳو اسلام جي سڀ کان وڏي متنازعي شخصيت منصور الحلاج کان پر هندن جي ڀڳوت گيتا کان به متاثر هو. ننڍو ڀاءُ اورنگزيب ڪٽر مسلم عالمن کان تعليم پرايل هو ۽ سندس حڪم تي ڪشمير ۽ بنگال ۾ هندن کي زوري مسلمان ڪيو پئي ويو.

داراشڪوه نه اڪبر کان به اڳتي ٿي ويو. اسلام ۽ هندومت جي مذهبي



ڪلاسڪ جي هڪ عالم طور هن قران جي ان اعلان جي حوالي سان ته خدا سمورن ماڻهن ڏانهن پيغمبر اماڻيا آهن ۽ ڪين سندن صحيفا ڏنا اٿس (جهڙي ريت ڪرشن ديوتا گيتا ۾ ٿو چوي) دارا شڪوه زور ڏني پريو ته اهو مسلمانن جو بنيادي فرض آهي ته هو ٻين مذهبن کان سکن ۽ هن مطابق قرآن جي 56 هين سورة جون ڪجھ آيتون اپنشد کان مختلف نه هيون. دارا گيتا ۽ اپنيشد کي فارسي ۾ ترجمو ڪيو. (1802ع ۾ پئرس ۾ لاطيني ۾ ترجمو ٿيل سندس بيان اولھ جي هندومت ڏانهن ان لاڙي جو محرڪ هو، جنهن بلئڪ ۽ شوپنهار سميت ڪيترن ئي ڏاهن عالمن کي اتساهيو. پر اهو هڪ ڌار داستان آهي.) دارا جو موقف هو ته سندس ترجمو قرآني اعلان جي اپٽار لاءِ هو، نڪي ان جو قدر گهٽائڻ لاءِ. هن مسلمان صوفين جي حياتين ۽ تقابلي مذهب تي 'ٻن سمنڊن جو ميلاپ' سري هيٺ رسالا پڻ لکيا، جنهن ۾ هن صوفين ۽ هندو ڀڳتي تحريڪ جي ٽيڪنيڪي اصطلاحن ۾ هڪ جهڙائپ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

اهو چوڻ جي ضرورت ناهي ته اهڙو لاڙو ڪٽر مسلمان حاڪمن کان هضم نه ٿيو، جن آڏو قرآني پيغام حتمي هو ۽ ان ۾ نه ڪا ڳالھ شامل ٿي پئي سگهي ۽ نه وري خارج ٿي سگهي ٿي. داراشڪوه جي ننڍي ڀاءُ اورنگزيب محسوس ڪيو ته هو 'ڪافر' ٿي ويو آهي ۽ ٻين ڳالهين سان گڏوگڏ هندومت ۽ اسلام کي 'جاڙا ڀائر' سڏڻ واري شرڪ ڀري ڳالھ بابت شرعي عالمن کان فتويٰ گهريائين. گهرو لڙائي ۾ شڪست کاڌل داراشڪوه کي 1659ع ۾ قتل ڪيو ويو. 1707ع ۾ وفات ڪيل اورنگزيب جي ڏکي راڄ هندن ۾ هڪ تلخ يادگيري ڇڏي، جن جا هن بنارس ۾ وشنو ۽ شيوا سان لاڳاپيل مندرن سميت انيڪ مندر تباھ ڪرايا، ان ڳالھ کي اڄ هندو بنياد پرست استعمال ڪري رهيا آهن.

دراصل اڪبر ۽ داراشڪوه جا تجربا مڪمل طور تي ناڪام نه رهيا. ڪجھ هندستاني صوفي سلسلن هندومت ڏانهن پنهنجو رويو تبديل ڪيو ۽ رچنين دور جي ڀڳتي شاعري جي روپ ۾ انيڪ سوڪڙيون ڏنائون. پر

چئنيهن سالن جي ڄمار ۾ پنجاب جي علائقي ڀهيرا ۾ شڪار ڪندي، پنهنجي چوڏاري ڪوس کان هراسيل اڪبر "روشني ماڻي." پوءِ گوتم ٻڌ وانگر هڪ وڻ هيٺان ويهندي "ادراڪ جو ڏيئو شاندار ٻٽيو ۽ خدا جي ڄاڻ جي ڪشش پنهنجي ڪرڻي جو جلوو ڏيکاريو."

جيڪڏهن اهي ٻئي مغل ڪامياب ٿين ها ته هندومت شايد وحدانيت واري راهه تي وڌيڪ بهتر انداز ۾ رهيل هجي ها. (جيئن اٺوين صدي دوران عيسائيت جي اثر هيٺ ٿيو) يا هندستاني اسلام ان ۾ شامل ٿي وڃي ها، جيئن ڪنهن حد تائين پڌمت ۾ جين مت ٿيا. پر اهو ٿي نه سگهيو ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ برداشت ڪرڻ لاءِ پتوڙ اڄ به جاري آهي.

ڏکڻ

مندرن، سرسبز ۽ زرخيز ڌرتي هندستان جي ڏورانهين ڏکڻ ۾ تاملن جي آڳاٽي دراوڙ ثقافت مڪمل مسلم اثر رسوخ کان محفوظ رهي. هتي ايڪتا بابت هندو خيال قائم رهيو. خط سرطان ۾ ڏور تائين داخل ۽ ڪشمير جي برف پوش جبلن کان لڳ ڀڳ ٻه هزار ميل ڏکڻ ۾ تامل نادو سارين جي پوک وارو اهڙو شاندار علائقو رهيو آهي، جنهن جي دولت جو دارومدار ڪائو ويري دريا جي ڊيلٽا واري زوردار آبپاشي سرشتي تي هو. مارڪوپولو ان کي دنيا جو سڀ کان عظيم الشان پرڳڻو سڏيو ان جي شاندار ثقافت جون پاڙون تاريخ کان گهڻو اڳ واري دور ۾ کتل هيون. نسل ۽ ٻولي جي لحاظ کان اتر کان بنهه ڌار تامل ڀارت جي انيڪتا ۾ ايڪتا جي ڳولا کي شاندار ڏڳ ڏين.

تامل ساحل 'ڪورومنڊل' تي يوناني ۽ رومي واپارين جي اچ وڃ هوندي هئي. هڪ تامل شاعر موجب 'هتي يونانين جا عظيم الشان سهڻا ٻيڙا اچي ڳجهيءَ تي ترندا سون سان ڀرجي ايندا هئا ۽ مصالحن سان تار ٿي موٽندا هئا." موٽ ۾ تاملن هندو ثقافت کي جاوا ۽ ڪمبوڊيا تائين روشناس ڪرائيندي روحانيت جي سلطنت کي ڏکڻ اوڀر ايشيا جي بالادست ثقافت ۾ تبديل ڪيو. ان جو ئي نتيجو آهي ته بالي جهڙا ٻيٽ اڄ هندو آهن.

هت نائين صديءَ جي چولا شاهي ڪٽنب هيٺ هڪ سگهاري رياست ابري، جنهن شاعري، چترڪاري ۽ مجسمي سازي جو هڪ زوردار ورثو ڇڏيو. ان جو بنياد رکندڙ بادشاه آدتيا (907_871ع) "ڪائوويري جي ڪنارن تي هاٿين جي آبادي واري ساهيا جبل کان وٺي سمنڊ تائين جنهن جي پي آرام لهرن تي چنڊ راند ٿو ڪيڏي، شيوا سان لاڳاپيل پٿرن جي ٺهيل مندرن جو چڻ چار وڇايو." اهي مندر هندستان جي شاندار اڏاوتن ۾ شامل آهن. انهن مان ڪي ته ڏهين صدي عيسويءَ ۾ ئي شهرت جي بلندين تي هئا ۽ پنهنجي توسيع ۽ ترئين ڪانپوءِ دنيا نه ته به هندستان ۾ شاندار مندرن وارا ماڳ بڻجنا هئا. تيرووارر، سري رنگم ۽ شيوا کي نرت جو ديوتا ليکيندڙ چولا شاهي

تيرو وينگادو سان تعلق رکندڙ
کنجهيءَ جو ٺهيل شيوا. 1011ع.

شيوا، نرت جي ديوتا طور، 990ع سان
تعلق رکندڙ هڪ تامل فن جو نادر نمونو.

جاتي جي ماڳ چدامبرم جهڙا ٺاڪ اڄ به ياترائن لاءِ مشهور آهن. چدامبرم هندستان جي دراوڙ، آريائي ۽ اصلوڪي جاتي واري ماضيءَ جي ڪيترن ئي دورن جي نشونما جي نمائندگي ٿو ڪري. مقدس وڻ، مقدس حوض، شينهن/ چيتي جو مندر، آڳاٽو لنگم، شروعاتي ديوي اصلوڪو تامل نرتڪ ديوتا هتي پنهنجي حيثيت/ جاءِ ماڻين ٿا ان جو ننڍڙو اندريون حصو نائين صدي جو ڪاٺ وارو ڪُتل ٺائلن ڀريو هال آهي، جيڪو چولا شاهي دور جي هالن ۽ ويڪرن ٺاورن سان گهيريل آهي. ان جي خزانن ۾ تنهن دور سان تعلق رکندڙ





ڏکڻ ڀارت ۾ تامل ثقافت.

عظيم الشان چولا مندر پنهنجي ٽيٽيهن ايڪڙن تي پکڙيل مقدس تلاء سميت. اهو اڀار موجب ”سهڻن نيرن ڪنولن جي سُرهاڻ سان اوتيل آڪاٽي شهر ترو ورر“ جو حصو هو.

چدامبرم، شيوا جي رقص کي ارپيل سونهري هال (ڏاٽين صدي عيسوي)

ڪاوويري نديءَ جي سري رنگم
پيٽ تي وشنو مندر جا مورتين
وارا ٿنڀ (سورهين صدي)

ماڏورائي بهار جو تهوار، ان
ديويءَ لاءِ جيڪا موهيندڙ پرن
۽ ڪاريهر جي ڦڻ جهڙي زُهره
جي اُپار سان سرهندي هئي. سامر
بندر (ستين صدي عيسوي)

ماڏورائي ۾ ميناڪشي مندر، تامل
آرڪيٽيڪچر جو آخري
ڪونڌين جهڙو نمونو.

ڪنجهيءَ جا ڪيترائي ڏاڻو آهن، جيڪي سنڌوءَ جي شهرن کان وٺي هندستان ۾ ڪنجهيءَ جي تسلسل جو ڏس ٿا ڏين. امڪاني طور تي هڪ ئي ڪٽنب سان تعلق رکندڙ ماهر ڪاريگرن جي ٽولي تيرووينگادو جي ڪانووري ڊيلٽا ۾ هڪ مندر تي اهڙو ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ هنيل ڪنجهيءَ جا ٽيهه اسم وقت ۽ جنگين جي ڌڙ ۾ ۽ دونهانجي ۾ سگهيا آهن. اهي شيوا جي نرتڪ ديوتا طور، عظيم يوگي پنهنجي ڪروڌي ۽ ٻاجهاري ٻنهي روپن ۾ عظيم ديوي بابت پراڻي دور جي عڪاسي ٿا ڪن. اهي موضوع اڄوڪي سينيما ۽ ٽي ويءَ لاءِ به ست پريا موضوع آهن. سنڌن املھ ماڻڪن ۾ شيوا جي جانورن جي ديوتا طور سنڌن آڳاٽي ڪردار وارو عڪس آهي. پر تاريخ کان اڳ واري دور جي جهنگلي جيوت جي ديوتا کي هتي تامل نزاڪت سان نانگن جو ڦڻڪو ٻڌل ڳيرو ۽ دردمند گوالي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. اهو 1011ع ۾ ميڻ جي اهڙي طريقي سان هڪ ٺڪر ۾ ٺاهيو ويو آهي جيڪو هاڻ اڻلڀ آهي. آڳاٽي يونانين کان وٺي ان جو مثال ملڻ محال آهي.

آڳاٽي يوناني دور کان وٺي ڏاکڻون تامل ثقافتي مرڪز مادورائي جي هڪ شاعر جي بقول 'ڏکڻ ٽاورن وارو عظيم الشان مندر' رهيو. ميگاسٿينس جي ڏينهن کان يوناني مادورائي کي هڪ وڌندڙ ويجهندڙ شهر ۽ اهم واپاري ماڳ طور سڃاڻيندا هئا، مندرن جو اهڙو شهر "جنهن جا شهري چنڊوُل بدران ويڌن جي ٻاٽ تي اکيون کوليندا هئا."

مادورائي ۾ اهم اسم مهاديوي آهي. سنڌس جاتي کان آڳاٽا يوناني واقف هئا ۽ تامل لکتين ۾ ان جو هڪ آڳاٽو مندر پهرين صدي عيسوي جو ڄاڻايل آهي. هاڻ شيوا سان وابسته مندر جي اندرين پٽين ۾ ٽاورن جي بنياد کان سواءِ 1314ع ۾ مسلمانن جي چڙهائي کان اڳ واري دور جي ڪا عمارت نه بچي آهي. پر شهر جو اڏاوتي ڍڪ ويڪ اڃا تائين ٻه هزار سال اڳ ڌرمي محيلن ۾ شهر جي رٿابندي لاءِ گهربل ڍانچي جي تصديق ڪري ٿو. مقدس حدبنديءَ جي چار ديواري جلوسن واري گهٽين جي ڪنول جي روپ وارن دائرن سان ويڙهيل آهي ۽ ان کان پوءِ ٻاهرين پٽ هئي، جيڪا انگريزن ڊاهي ڇڏي. فاصلي تان عظيم الشان دروازي جا ٽاور ميدان کان مٿي اپريل پوڄا پاٺ لاءِ ابراهيمي جي شاندهي ٿا ڪن، اهو هڪ اهڙي آفاقي گهر جو جيئرو جاڳندو مثال آهي، جنهن سان اسين آڳاٽي آڳاٽي چين ۽ وچ آمريڪا وارن ٻاڻ ۾ واسطو رکندا هئاسين، اهو آڳاٽن ٻاڙون رکندڙ هندستاني شهرن مان هڪ

تامل مقدس شهر مادورائي، اڄ ڏينهن تائين روزانو ڏهن هزارن ن، وڏيهه ياترين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. مادورائي کان آڳاٽا يوناني ۽ رومي به واقف هئا. مندر جي چوڌاري ياترائي گهٽيون تامل مهينن جي نالن سان لاڳاپيل آهن، شهر جون ٻاهريون پٽيون انگريزن 1840ع واري ڏهاڪي ۾ ڊاهي ڇڏيون.

جو مظهر آهي. مرڪزي مندر ۾ لڳل بت ديوي ماتا جي روايتي انداز وارو آهي، جيڪو عورتن جي تخليقي هنر جو اعتراف آهي. ان جو نالو مناڪشي ۽ هت شيوا لاءِ استعمال ٿيندڙ نالا سندرر ۽ ڪوڪانٽر دراوڙي ٻوليءَ جي سڀ کان پراڻي پرت مان آيل آهن ۽ اهي نالا ٻُتن تي هڙپا دورن کان رکبا پئي آيا آهن.

سال ۾ هڪ ڀيرو ديوي جو بت شيوا سان سندس وهانءَ ملهائڻ لاءِ مقدس ڍنڍ ڏانهن نيو ويندو آهي. اهو پاڻ خود سيپتا جيترو پراڻو آهي، جيڪو ٽي هزار سال (ق م) دوران آڳاٽي بابل ۾ درج ڪيو ويو ۽ جتي اهو يوناني دور تائين رائج رهيو. ڍنڍ تي پنهي جيون ساٿين کي زميني جوڙي وانگر گلن سان سينگارڻ کان پوءِ تامل ٻوليءَ ۾ گيچن ۽ لاڏن سان جهونجهاريو ويندو آهي، جيڪي دنيا جي قديم ترين ڪلاسيڪي ٻولين مان هڪ ۽ سنڌوءَ جي شهرن جي شايد تاحال جيئري وارث ٻوليءَ ۾ آهن. هڪ آڳاٽي هندستاني گيچ موجب "مهاديوي سيني جو حاصل مقصد آهي، هوءَ سمورين شين ۽ عقيدي جي سمورن روپن ۾ ڏاهپ ۽ امن آهي، هوءَ سدائين سمورن اسمن ۽ سموري تخليق جي اوسر ۾ پنهنجي سر شعور آهي." نالي ۽ انداز ۾ پراڻي مهاديوي مادورائي، هندستاني جيوت ۾ تجربي ۽ اعتقاد جي هڪ اهڙي آڳاٽي ۽ ختم نه

ٽيندڙ ڏاري جو حصو آهي، جيڪو عيسائيت يا اسلام جي وحدانيت يا اسان جي دور جي جديديت ۽ اوله زدگي به ختم ڪري نه سگهي آهي.

آخري اڪرائي: انگريزن جي آمد

تامل ثقافت جو آخري اهم دؤر سترهين صديءَ ۾ هو، ساڳي وقت اتر ۾ مغل سلطنت به زوال جو پهريون اهڃاڻ ڏيکاري رهي هئي. ۽ هاڻ هندستان تي آخري ۽ شايد سڀ کان وڌهائتي چڙهائي ٿيڻ واري هئي. اوله واسي هندستان جي دولت تي سڪندر اعظم جي وقت کان هرکيل هئا. ارڙهين صديءَ ۾ هڪ ٻئي سان چٽاڀيٽيءَ ۾ رڌل يورپي طاقتن هتي بيٺڪون قائم ڪرڻ شروع ڪيون. برطانيا ۽ فرانس وچ ۾ جنگين بنگال ۽ تامل نادو کي به پنهنجي وڪڙ ۾ ورتو، سندن عالمي ڇڪتاڻ جي حصي طور چدامبرم ۽ سري رنگم جا عظيم الشان ماڳ به پليت ڪيا ويا ۽ انهن کي پرڏيهي فوجن پنهنجي قلعن ۽ مورچن طور استعمال ڪيو. سگهوئي هندستان کي اهڙي عورت جو روپ اختيار ڪرڻو هو، جنهن جي سموري دولت ۽ سونهن وحشي پٺي سان لٽجٽي هئي ۽ موت ۾



انگريزن جي آمد. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو هڪ اهلڪار 1775ع ڌاري هوگلي ندي ڪلڪتي جي ڪناري تي بيٺل

مغل شهنشاه شاهه عالم ثاني 1765ع ۾ لارڊ ڪلائيو کي بنگال جي محصول لاءِ پروانو ڏئي رهيو آهي. اهو چٽر بينجمن ويسٽ جو ٺاهيل آهي، جنهن ڪيوبيڪ ۾ وولف جي مرتئي کي پڻ سورماڻو رنگ ڏنو

ڪيس رڳو پيڙائون ۽ گهاوَ مليا هئا. ان سان هندستان بيٺڪيت واري هڪ اهڙي اونداهي دور ۾ داخل ٿيو جنهن تمام ٿورڙين مقامي ثقافتن کي جيئرو رهڻ جو موقعو ڏنو.

برطانوي فتح هندستان جي پنهنجي اندروني ڏڙي بندي ۽ انگريزن جي سمنڊ تي ڪنٽرول سبب ٿي. پنهنجي راڄ جي بنياد طور هنن هندستان جي ساحلن تي ڪلڪتي، مدراس ۽ بمبئي جا شاندار بندرگاه قائم ڪيا. هندستان ۾ سنڌن اختيارن ۽ طاقت جي شروعاتي واڌ ويجهه ايسٽ انڊيا ڪمپني جي بدعنوان ۽ پرتشدد سهائتا هيٺ ٿي. اها فتح وقتي ۽ مفادپرست مقصدن هيٺ عمل ۾ آئي. ان کي برطانوي ٽيڪس ڀريندڙ جي خرچ تي جاري رکڻ بدران علاقائي خطرن کي هڪ ڀئي پويان پاڙيتو قاتلن هٿان مانو ڪري مستقل بڻايو ويو. اتر هندستان ۾ 1857ع واري ’بغاوت‘ (جنگِ آزادي) کان پوءِ ئي ڪمپنيءَ جي 258 سالن واري وجود جي پڄاڻي ٿي ۽ برطانوي حڪومت هندستان جو قبضو سڌوسنئون پنهنجي اختيار ۾ ورتو. سدائين روايتن کي ذهن ۾ رکندڙ ڀرين لارڊ ڪيننگ ڀرين نومبر 1858ع تي راڻي وڪٽوريا جو



١٩٠٠ع ۾ هوگلي ڪلڪتي ۾ ٻيڙين جي آمدرفت. انگريزن ڪنهن ٻئي ملڪ جي پيٽ ۾ هندستان مان وڏيڪ مال پرڏيهه اماڻيو.



هڪ برطانوي آفيسر پالڪيءَ ۾ سوار. هڪ هندستاني نقاد لکيو: ”پنهنجي ظاهري ڏيکاءَ جي ڪري، مقامي ماڻهن پنهنجن حاڪمن جي خيالن کي شروع ۾ ني قبول ڪري ورتو. انهن تي اهڙي طرح ايمان آندو ڄڻ هي ڪي ڪمرشل مهاپرش هجن.“

وائسراءِ لارڊ ڪرزن ۽ سندس زال گواليار شهر ۾ 1899ع. بالادستيءَ جي ظالمانہ علامت.

جارج پنجون ۽ راڻي ميري 1911ع واري دهلي دربار ۾. مغلن جي وارث طور شعوري ڊرامائي اظهار، هن هندستان جي راڄڌاني ڪلڪتي کان دهلي منتقل ڪرڻ جو اعلان لال قلعي جي درباري ڪوٽ تان ڪيو ۽ ايلگر ساز ڇيڙيا.



فرمان الہ آباد واري اڪبر قلعي جي ٿنڀ تان پڙهيو. ان ريت اشوڪ، سمودر گپتا ۽ اڪبر کان پوءِ هڪ نئون ڌرم انهيءَ قديمي جاءِ تان اعلان ٿيو ۽ هندستان پنهنجي تاريخ جي هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿيو.

حيرت انگيز طور تي پنهنجي عروج وارن ڏينهن ۾ به برطانيا پنجاهه هزار سپاهين ۽ اڍائي لک کن انتظامي اهلڪارن وسيلي ڌرتي جي وڏين آبادين مان هڪ تي راڄ ڪري سگهيو. برطانوي راڄ وارو دور ٽيليويزن ۽ هاليووڊ وسيلي ماضي جي يادگيرين جو مرڪز بڻجي ويو آهي. پر اسين ان کي کهڙا به ويس پوشاڪ پهرايون سامراجيت وري به سامراجيت ٿيندي آهي. هندستان کي مڪمل طور تي ٻيڻڪي معيشت ۾ تبديل ڪيو ويو، جتان جو ڪچو مال ڏيساور اماڻي هتي ٺهيل ٺڪيل سامان آندو ويو. هندستانَ جي قدرتي وسيلن کي تاراج ڪيو ويو ۽ ان جي وڻن ۽ جانورن جو، جن جو اشوڪ ٻه هزار سال اڳ تحفظ ڪرڻ لاءِ چيو هو، بنان سوچ سمجهه جي ذري گهٽ اَنت آندو ويو. آفريڪا کان مقامي آمريڪا تائين دنيا جي هر ڪنڊ ۾ ٿيل ورتاءُ وانگر، دنيا جي قديم ترين تاحال قائم سڀيتا جي چاون سان پنهنجو پاڻ کي بالادست نسل ليکيندڙ ٻارن وانگر ورتاءُ ڪيو. عجيب و غريب پوشاڪ ۽ ايجاد ڪيل ڪاڄن ۾ پنج هزار ميل پري هڪ ننڍڙي ٻيٽ (برطانيا) جي حاڪمن پنهنجو پاڻ کي مجتائون ڏنيون. هن آڏو هندستان سندن 'تاج جو موتي' هو، اهڙو موتي جنهن تي سندن تاريخ جي سڀ کان عظيم الشان سلطنت جي بقا جو دارومدار هو. ڇا اهو وسارڻ سولو عمل آهي ته انگريزن جي اچڻ کان اڳ به هندستان جو وجود هو، جيڪو سندن وڃڻ کان پوءِ به قائم رهيو.

برطانيا جي ڳڻپير ۽ فاضل ورثي کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، جنهن ۾ نه رڳو انگريزي ٻولي پر عيوضي حڪومت، شهري ڍانچي، مواصلات، تعليم ۽ سيڪيولر قانون بابت انگريزي نظريا شامل ٿيا، جن هندستاني سڀيتا ۾ پنهنجو حصو وڌو. انهن هندستان جي سياسي ايڪتا کي پڻ هڪ روپ اختيار ڪرڻ ۾ مدد ڏني، واحد پارٽي رياست جي امڪان به شايد ان ڪري عملي روپ اختيار ڪيو جو برطانيا به ائين ئي ڪيو هو. ايستائين جو خود هندومت به عيسائي ۽ يورپي خيالن جي اثر هيٺ سڌارن ۽ بحاليءَ جو تجربو ماڻيو. پر انتهائي اهم برطانوي ورثو شايد هندستان کي ناقابل ترديد طور هڪ وسيع تر دنيا آڏو ظاهر ڪرڻ هو، جنهن هند- واسين کي پنهنجي انتهائي قديم سڀيتا ۾ اولهه جي نئين سيڪيولر ڌرم جي حوالي سان سڌارا آڻڻ تي مجبور ڪيو.

آزادي

اسان جي ڳولا اسان کي پيهر ڪنب ميلي ۽ آزادي کان پوءِ ٽن نسلن تائين ڀارت تي راڄ ڪندڙ نهرو ڪٽنب جي اباڻي شهر الھ آباد وٺي وئي. يورپي انسان دوست ۽ سوشلسٽ روايتن تي لکيل ڪتابن سان ڀريل هتان جي هڪ لائبريري ۾ 1930ع واري ڏهاڪي دوران هندستاني جمهوريت پسند پنهنجي ملڪ جي آئيندي واري راھ جي تعين لاءِ بحث مباحثو ڪرڻ واسطي گڏ ٿيا. سندن اميدن ۽ خوف جو پڙاڏو اسان کي مقامي ماڻهن وٽان اولھ کان سکڻ ۽ ساڳي وقت ان جي شر کان بچڻ لاءِ هٿوراڙين ۾ جديد دور اندر هرهڪ نظر ايندو. سندن آڏو سوالن ۽ صنعتي سرمائيداري، جمهوريت، اولھ جي افهام و تفهيم ۽ اولھ جي سائنس جي حوالي سان ڪيتري حد تائين پوئواري ڪجي ۽ مقامي روايتون ڪيتري حد تائين هڪ جديد رياست جي بنياد طور هلي سگهن ٿيون/ شامل هئا. مٿئين طبقي سان تعلق رکندڙ انگريزي تعليم ڀرايل آزاد ڀارت جي پهرين وزير اعظم جواهر لال نهرو جو خيال هو ته يورپي سوشلسٽ ماڊل اڳتي وڌيل منزل آهي ۽ هو هندستان جي ماضيءَ جي پراڻي روايتن کي مڪمل طور تي رد ڪندڙ هو. (تن ڏينهن ۾ ڪيترائي دانشور روس ۾ ڪميونسٽ تجربي جي ڪاميابي تي ويساھ رکندڙ هئا.) ان جي ابتڙ پنهنجي خوابگاھ ۾ چرخو رکندڙ مهاتما گانڌي هندستان جي پنهنجي دڳ، ڀاڻ- ٻوڪي، مقامي معيشتن ۽ ڳوٺاڻي جمهوريت سان گڏوگڏ عدم تشدد واري اشوڪ جي فلسفي جو قائل هو. سندس آڏو ڪنهن سڀيتا جو سڀ کان عظيم ورثو خود ان جو پنهنجو وجود هو. هن جي خيال ۾ هندستان جي عظمت بنيادي طور تي ان جي هندستانيت ۾ هئي، نه ڪي اولھ جي نظرين ۾ پر دنيا جو واءُ سندس خلاف هو. ”اسان جي سڀيتا جا آدرش“ هُن چيو: ”يعني عدم تشدد، برابري، پُرامن بقاءِ باهمي ۽ سهپ مڙهجڻ بدران ڄاڻ وسيلي ادراڪ سان ئي سچي پچي سکھ ٻجي سگهن ٿا انسان دوستيءَ جي سدائين وڌندڙ ڪثرت اهڙا آدرش ڀيانڻي سگهي ٿي يا نه، ان بابت ڪجھ چوڻ کان قاصر آهيان، پر ايتري ڄاڻ اٿم ته اسين ان لاءِ پڌل آهيون ۽ نوجوان انهيءَ ڪوشش ۾ اسان جي ساٿ جا منتظر آهن.“

ڀارت جي جديد رياست جو تصور ايجا سٺ سال اڳ ئي الھ آباد ۾ نهرو جي گهر رٿيو ۽ بحث هيٺ آندو ويو هو، پر ان جون پاڙون هزارين سال پراڻين انهن روايتن ۾ کتل آهن، جيڪي ڏندين آڳريون وجهندڙ ثقافتي تسلسل سان گڏ هر هر پاڻ کي نمودار ڪنديون رهيون آهن. ان روشنيءَ ۾ گوتم ۽ اشوڪ،

CamScanner

ڪبير، اڪبر ۽ داراشڪوه جو عقيدن کي تسلسل رکندڙ نظرين جي جيتري جاڳندي روپ طور پسي سگهجي ٿو، جو ڀارت ڌرتيءَ جي هڪ انتهائي گهڻ- نسلي، گهڻ- لساني معاشري طور پنهنجي اهميت کي نروار ڪندو ٿو رهي.

ٻئي سئو سالن واري برطانوي راڄ کي هندستاني تاريخ جي تسلسل ۾ هڪ عارضي خلل طور محسوس ڪرڻ جو عمل شروع ٿي چڪو آهي. ان دور جون يادگيريون وڏيڪ گهري ماضي (يورپين کان اڳي وارو هندستان) جي ٿئين سر نروار ٿيڻ جي نتيجي ۾ ميسارجڻ شروع ٿي ويون آهن. ماضي ۽ ان جي تعظيم سان گڏوگڏ ناڪاميون ۽ هاڃا به سامهون ٿا اچن، جيڪي سڀيتا کي وراثت ۾ ٿي مليا. ڀارت ۾ ذات پات جي بنياد تي مت ڀيد، عليحدگي پسندي ۽ مذهبي جنونيت جي خطرن، عورتن سان ڏاڍاين ۽ قبائلين جي استحصال ۽ ڪجهه علائقن ۾ گهري ريت واسو ڪيل جاگيرداريءَ جي تسلسل اڪثر اولهه واري انداز جي جمهوريت جي خواهش کي شڪست پئي ڏني آهي. اهي ناڪاميون ۽ ان سان گڏوگڏ ڪاميابيون هندستان جي ماضيءَ ۾ گهريون جڙيون ڪيل آهن.

هندستان انساني ڪاوشن جي هر شعبي ۾ غيرمعمولي صلاحيت رکندڙ ۽ تخليقي ماڳ پئي رهيو آهي. جيڪڏهن اسان کي ان جي هڪ ڪرداري ورثي جي چونڊ ڪرڻي پئي ۽ اها به اولهه کي نظر ۾ رکندي ته اها شايد هندستان جي روحاني پتوڙ کي اهڙي ريت زندگي جي مرڪزي حيثيت ڏيڻ واري آهي، جيڪا ڪنهن ٻي سڀيتا جو ثمر ناهي. (جيتوڻيڪ هندستان وٽ اشوڪ جي دور تائين اڳاٽي متاثر ڪندڙ ۽ مضبوط سيڪيولر روايت پڻ رهي آهي.) اڳاٽي دور کان هندستان سڀيتا جي مقصدن جي اولهه کان بلڪل مختلف اپٽار پئي ڪئي آهي. اولهه انفراديت پسندي، ماديت پرستي، معقوليت ۽ مردانگي کي پنهنجي نظرئي طور پئي اپاريو آهي، جڏهن ته هندستان جي عظيم روايت عدم تشدد، اندر جي وارتا/ زندگي، ترڪيت ۽ عورت- پڻي کي سڀيتا جي پيڙهه طور ڏٺو آهي. پنهنجي تاريخ جي سمورن هاڃن ۽ ڪاميابين دوران هندستان پنهنجي انهيءَ آدرش کي برقرار پئي رکيو آهي. انساني تاريخ تلوارن جي سلطنت سان ڀريل آهي، پر رڳو هندستان ئي روحاني سلطنت قائم ڪئي.

پڇاڙي

الھ آباد ۾ نهرو جي گھر ۾ گيتا جي ڀاراڻا ھٿ لکيل ميري ٽيل ڪاپي اڄ بہ سندس بستري پرسان انئين ئي موجود آهي، جيئن سندس ٻالڪپڻي کان وٺي ڇمار تائين رهي هئي. ويهين صديءَ جي پڇاڙي مهل بہ شايد قومن ۾ فردن لاءِ اها ڳالھ بلڪل سچي آهي تہ، ”تي سگهي ٿو تہ اسين پنهنجي پڇاڙي مهل ئي پنهنجي چاڻ جو سرو لهي سگهون.“ نهرو جي مرڻ پڇاڻان، سندس وصيت موجب، سندس راک الھ آباد ۾ گنگا ۽ جمنا جي مقدس سنگم تي وڃي وئي. ڪجھ سال اڳ نهرو جي قتل ٿيل ڌيءَ اندرا گانڌي ۽ ڏوهٽي راجيوگانڌي جي رک بہ سدا حيات وڻ ۽ اشوڪ جي ڌرمي چپ واري اڪبر جي قلعي هيٺان گدلي پاڻي ۾ وهائي وئي. پنهنجي وصيت ۾ نهرو پاڻ ئي ان عمل جي ڪنهن مذهبي پهلو کان انڪار ٿو ڪري: ”ان معاملي ۾ منهنجا ڪي بہ مذهبي جذبا ناهن. پنهنجي ننڍپڻ کان آءُ الھ آباد ۾ گنگا ۽ جمنا سان جذباتي لڳاءُ رکندڙ آهيان ۽ اهو لڳاءُ منهنجي وڏي ٿيڻ سان گڏوگڏ وڌندو رهيو آهي. مون موسمن جي تبديليءَ سان انهن جي مزاجن ۾ تبديلي جو مشاهدو ڪيو آهي. آءُ اڪثر تاريخ، ڏندڪٿائن، روايتن، گيتن ۽ داستانن متعلق سوچيندو رهيو آهيان، جيڪي ڊگهي سفر دوران انهن سان وابستہ ٿيا آهن ۽ انهن جي اَڄهل پاڻي جو حصو بڻيل آهن. خاص طور تي گنگا ڀارت جو درياءَ آهي، ڀارت واسين جو محبوب، جنهن جي ارگرد ان جي (هندستان) نسلي يادگيرين، اُميدن ۽ ڊپن، سوڀ جي گيتن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جو هڪ اڻٽٽ سلسلو ڳنڍيل آهي. گنگا هندستان جي سدائين تبديل ٿيندڙ، سدائين جاري رهندڙ ۽ ان هوندي بہ سدائين ساڳي رهندڙ آڏجڳادي ثقافت ۽ سڀيتا جو اهڃاڻ آهي.“

باب ٽيون

چين

آسمان کان مليل اختيار

چيني تاريخ جي بنيادن بابت دريافت هڪ اتفاق وسيلي ٿي. 1899ع ۾ بيجنگ ۾ رهندڙ هڪ چيني عالم وانگ يي جُنگ مليريا وگهي بيمار ٿي پيو. ان بيماريءَ جي علاج لاءِ وٽس ڪي گهريلو نسخا هئا. تن ڏينهن ۾ سندس دوست ۽ ”لائوتزان جا سفر“ جهڙو شاندار ناول لکندڙ ليوتي يُن وٽس مهمان ٿيل هو. ليو دوا جو اهو نسخو ٺهندي ڏٺو. ان جي وکرن مان هڪ وک سوين سالن کان چيني طبيبن جي استعمال هيٺ رهندڙ ”ڪاريهر نانگ جون هڏيون“ طور مشهور زمين ۾ دفن پراڻي ڪڇونءَ جو خول به هو. انهن هڏين تي آڳاٽي زماني جي لکت جو هڪ اهڙو انداز هو، جنهن مان ڪجھ اهڃاڻ سندس دور ۾ به استعمال هيٺ هئا ۽ هو اهو ڏسي دنگ رهجي ويا. جيتوڻيڪ دوا جو اهو وکر سوين سالن کان استعمال هيٺ هو، پر هاڻ پهريون ڀيرو ڪن عالمن جي ڌيان تي آيو هو. ٻنهي طئي ڪيو ته انهن هڏين جي بڻ بنياد ڪي ڳولهي لهبو. هو پساريءَ جي دڪان تي ويا ته ان جي هڪ نوڪر ٿي سندن مسئلو حل ڪري ڇڏيو. اهي هڏيون وچ چين جي هونان صوبي ۾ هيڊي نديءَ تي انيانگ نالي شهر مان کوٽي ڪڍيون ويون هيون ۽ ان ريت انيانگ شهر آڳاٽي چيني سڀيتا جي نئين سر دريافت جو سونهون بڻيو.

عراق ۾ پهرين سڀيتا جي قائم ٿيڻ کان ڪو هزار کن سال پراڻي دنيا ۾ اسرندڙ عظيم سڀيتائن جي قطار ۾ چيني سڀيتا سڀ کان پڇاڙڪي هئي.

حياتي جي ادراڪ بابت چيني انداز پنهنجي ليکي سڀني کان نيارو هو، "قدرتيءَ تي ممڪن حد تائين" 'هٺي- پٺي' جي ظهور جي ڳولا." جيئن اوله جو هڪ سرواڻ راوي سائمن ليز چوي ٿو: "چين ذاتي چنائي ڏسڻ کان پوءِ ئي اسين خود پنهنجي سڃاڻپ کان مڪمل طور تي باخبر ٿي سگهون ٿا ۽ اهو جائزو شروع ٿا ڪريون ته اسان جي ورثي جو ڪهڙو حصو حقيقي بنيادن تي عالمي انسانيت سان لاڳاپيل آهي ۽ ڪهڙو حصو اندرو يورپي فطرت جو اولڙو آهي."

سپيتا بابت چيني تصور اوله جي نقطهٔ نظر کان مڪمل طور تي ۽ ڪنهن حد تائين هندستان کان پڻ مختلف آهي. چين ۾ شهر ڪنجهيءَ واري دور ۾ آبادي ۽ واپار جي مرڪز طور نه پر پوڄاپاٺ جي اهڙن ماڳن طور ابريا جتي بادشاهه ۽ سندس رعيت قدرتي ۽ آڪاش، انسان ۽ فطرت، جيئرن ۽ مئلن، ماضي ۽ آئيندي وچ ۾ رابطو رکندا هئا. چيني تاريخ ۾ مڪمل طور، ڪنجهيءَ واري دور جي انيانگ کان وٺي آخري شهنشاهه واري بيجنگ تائين شهر- انهيءَ ڪردار جو ئي مظهر رهيا آهن. چيني روايت جي خالقن لاءِ انساني ڪاوش جو مرڪزي مقصد قدرتيءَ تي هڪ اهڙو اخلاقي ضابطو هو جيڪو پارسائي، عمل جي دستور ۽ پيشروئن جي احترام وسيلي قائم رهي پئي سگهيو. ان ريت سپيتا بابت سندن نقطهٔ نظر انهن معيارن ۽ ذميوارين تي ئي بنيادي طور تي بيٺل هو. ۽ ان پنهنجو پاڻ کي هم آهنگي، مخالفت ۾ موافقت، اندرين ۽ ٻاهرين دنياءِ نر ۽ مادي، روشني ۽ اونداهي واري سوچ وسيلي ظاهر ڪيو. سائنس، فلسفي، طب يا خوراڪ بابت سمورا چيني نظريا انهيءَ بنيادي تناسب تي بنياد رکن ٿا. اهي آڳاٽا نظريا چيني جيوت جي سمورن پهلوئن بابت هئا ۽ چين واسين لاءِ مڪمل طور تي پائدار ۽ مُلهائتا ثابت ٿيندا پئي رهيا. ايستائين جو ڪميونسٽ انقلاب کان وٺي 1989ع ۾ تيانمن چوڪ تي جمهوري جدوجهد کي ڪچلڻ واري اسان جي دور ۾ به منفي قوتون انهن وڏيڪ گهرين قوتن خلاف سندرو ٻڌي بيٺيون آهن، جن هزارين سالن دوران چين کي هڪ شاندار روپ پئي ڏنو آهي.

انيانگ: چيني تاريخ جي شروعات

هيلي ندي سڏجندڙ هوانگ هي (Huang He) ندي پنهنجي املهه هيلي واري منگوليا کان هيلي سمنڊ تائين وهائي ٿي. اها ندي شهر اجاڙيندڙ ۽ خود اسان جي صديءَ ۾ به لکين انسانن جي قاتل رهي آهي. جبلن کي زينگ زو پويان



چين. مواد ۾ چاٽايل ماڳن کي ڏيکاريندي. ”وچئين ڌرتي (زهونگ وو) کان چين پنهنجو نالو اخذ ڪيو، جيڪو. 1000 (ق- م) کان چيني ستاري شناسن لاءِ اهم ماڳ بڻيل هو.

ڇڏي اها هڪ وسيع، سڌي سنواتي ۽ مٽيءَ سان ڀريل ميداني علائقي ۾ گرمين دوران باھ وانگر تپندي داخل ٿي ٿئي. ڪنجهيءَ واري دور ۾ چين جا گهٽي ڀاڳي شهر هت ئي اڏيا ويا هئا، توڙي جو تن ڏينهن ۾ آبهوا وڌيڪ گرم ۽ زمين نباتات سان ڀريل ڍيٽين واري هئي. پراڻي دنيا جي ٻين سيپتائن وانگر چيني سيپتا به شروعات ۾ هڪ نديءَ جي ڪپ تي اسري، پر اڳاٽي ويجهي اوير جي ابتڙ هت سياسي اختيار جو ذريعو فطرت جي ڪنٽرول ۾ هڻڻ بدران ماضيءَ جي ڪنٽرول ۾ هو. ابتدائي عراق يا مصر ۾ آبپاشي شروعاتي بادشاهن ۽ رياستن جي اختيار جو اهم مظهر هئي، پر چين ۾ شاهي اختيار خانداني نسل ۽ العام، پيشروئن تائين رسائي ۽ سندن نقش قدم تي هلڻ جي صلاحيت تي دارومدار رکندڙ هو.

اڄ انيانگ ۾ ڏسڻ لاءِ ذري گهٽ ڪجھ به ناهي. اهو منگ (Ming) راڄ

چيني عقيدت جا بنياد، ٻارهين صدي (ق. م) سان تعلق رکندڙ هڪ شانگ الهامي هڏي، "هت اچو ته پنهنجي ڪڇون تي ڪپ وجهون." اهو چوي ٿو، "ٻيهه." اهو چوي ٿو، "ٽرس." "هت پنهنجا گهر اڏيو." (شهه چنگ)

جي پٽين ۽ پڙهو ڏيندڙ دهل جي ٿاور وارو هڪ ننڍڙو پروئيندڙ شهر آهي. ٻرائي حصي ۾ رنگ روغن ٿيل گهرن سان لڳولڳ ڊگهيون گهٽيون پاڻيءَ جي اهڙن ٻن تلائن تائين ٿيون وڃن جتي ماٺهو شام جو پسار ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن. اُتي ٻڌمت جو هڪ پراڻو پگوڊا به آهي، جنهن جي دروازن ٽي وڏي چمار وارا اچا تائين لوبان ٻاريندا ۽ دعائون پڙهندا آهن. ڪنجهيءَ واري دور جي انهن محلاتن تائين پهچڻ لاءِ جتان ڪاريهر جون هڏيون مليون هيون، شهر کان ٻاهر سونهري ڪڻڪ جي پوک ۾ ٻه ڪن ميل، هسيائوتن ڳوٺ ڏانهن وڃڻو ٿو پوي. هت ان نديءَ جي وڏي شاهي موڙ وٽ اياڳي شانگ راڄ جي آخري شهر "ين" جا ڪاٺاوان محل آهن.

تاريخدان سوماچئن پهرين صدي قبل مسيح ۾ لکيو هو ته ڪانٽس هڪ هزار سال اڳ هت شانگ جي زوال سان لڳاپيل پوائنتا واقعا پيش آيا هئا. اتي تمام گهڻا بدڪار ۽ چڱا بادشاه ٿي گذريا پر چائو سڀ کان وڌيڪ خراب ۽ دمين هو. طاقتور، ظالم ۽ عياش طور هُن پنهنجو وقت شراب خوري ۽ مخالفن

ڪي سخت سزائون ڏيڻ ۾ گذاريو. ان ڪان ٻه بدتر ڳالهه اها هئي ته هو ديوتائن ۽ پنهنجي پيشروئن جي روحن ڪان ٻه انڪاري هو. نيٽ سندس انصاف پسند وزير اهو چئي سندس خلاف اٿي ڪرڙا ٿيا ته: ”تون آسمان جي ڏنل اختيارن جو اهل ناهين.“ عملي ۽ علامتي معنيٰ رڪندڙ هڪ عمل وسيلي ”جهونن ۽ نون پندتن“ ڪائنس لاتعلقي ڏيڪاريندي پنهنجا ڪنجهيءَ وارا ٿانو ۽ سنگيت جا اوزار ڪٽي چائو جي هڪ سلجهيل نواب آڏو پيش ٿيا، جيڪو رحمدل ”عام ماڻهن لاءِ پتوڙيندڙ“ ليکيو ويندو هو. ان ريت بدڪار چائو ابن ڏاڏن تائين پنهنجي رسائي وڃائي ويٺو. بعد ۾ چڱي نواب ووانگ جي سرواڻي ۾ چائو جي مخالفن سندس گهيرو ڪري حملو ڪري ڏنو. ”چيئازو واري ڏينهن“ سومان چئن چوي ٿو، هڪ ٻي روايت موجب ”جڏهن مشتري جو ساليانو تارو سرطان ۽ اسد جي خاني ۾ هو. چائو کي شڪست ملي ۽ هو پنهنجي قيمتي بخملي پوشاڪ ۾ هرڻ واري پليٽفارم تي چڙهيو ۽ باهه ۾ ٽپ ڏئي پنهنجو انت آندائين.“ ڪيترين ئي روايتون انهيءَ واقعي جو سال 1122 (ق-م) چاٿائن ٿيون، جيتوڻيڪ ٻيون تاريخون به ممڪن آهي. سوماچئن جي چاٿايل قصي جو بنيادي نڪتو، جيڪو چيني تاريخ کي سمجهڻ جو سونهون به ٿي سگهي ٿو، اهو آهي ته حاڪم ظالم ۽ بيرحم ٿي سگهن ٿا ۽ پنهنجي موج پري ڏاڍ ۽ ابتري سبب چائو وانگر آسماني اختيار کان محروم ٿي سگهن ٿا. سياست ۾ ڪنهن اخلاقي ضابطي وارو اهو تصور انتهائي اڳاٽو ٿي سگهي ٿو.

سگهوئي واضح ٿي ويو ته هيسائوتن پرسان ميدان ۾ هزارين هڏيون دفن آهن. بادشاهه توتنخ آمن جي (اُر جي ڪيلڊيس ۽ موهن جي دڙي سان مشابهت رکندڙ) مقبري جي 1922ع ۾ کوٽائي شروع ٿي، جيڪا چين ۽ دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن به ريت گهٽ اهميت واري ناهي. هت پوئين شانگ بادشاهن ۽ سندن شاهي ڪٽنب جي مردن ۽ عورتن جا مقبرا هئا، جيڪي ڪنجهيءَ واري تدفين جي ساز و سامان سان سٿيل هئا. بابل ۾ اُر، مصر ۾ ابائدوس ۽ وچ آمريڪا مان مليل اهڃاڻ وانگر هت به انساني ٻيڻا جي شاهدي ملي ٿي. شروعاتي چيني حاڪم پنهنجي وفادار نوڪرن سميت دفن ڪيا ويندا هئا ۽ ان ۾ ئي ڪاريهر جي هڏين جو راز هو.

بيجنگ جا طبيب شانگ بادشاهن جو قديمي رڪارڊ لوٽي رهيا هئا. اهي پراڻيون هڏيون شاهي ٻاوا پيشروئن جي روحن سان رابطي لاءِ استعمال ڪندا هئا. انهن مان ڪجهه ته چوپائي مال جون هيون، پر گهڻي ڀاڱي چيني ثقافت

پيشروئن جي روح لاءِ پيش ٽيندڙ پيتا ۾ ڪتب ايندڙ شانگ دور جي پڇاڙ وارو شراب جو مرتبان. 1976ع ۾ انيانگ جي صرف هڪ شاهي مرقد مان اهڙا ۽ ٻه سؤ کان وڌيڪ ڪنجهيءَ جا ٻيا اسم جهڙوڪ گهنڊ، هٿيار ۽ آئينا هٿ آيا.

۾ سداحيات جي آڳاٽي اهڃاڻ ڪڇون جون هيون. اهي هڏيون ٻاهه تي سيڪي کان پوءِ ڪنهن تيز اوزار سان ضربيون ويندڙيون هيون. انهن ضربن جي ٻيهڪ جي حوالي سان ئي آسماني حڪم/ مرضي ڄاڻبي هئي. بعد ۾ انهن هڏين کي ڇم ۽ موت، زرخيزي، بيماري ۽ صحت بابت پڇيل سوالن ۽ پنڌتن جي ڏنل جوابن ۽ ايستائين جو شاهي ۽ شڪاري مهمن ۽ شهرن جي بنيادن جا تفصيل لکيا ويندا هئا. انهن عجيب اهڃاڻن ۾ اڄ ڏينهن تائين سڄي دنيا ۾ استعمال ٿيندڙ چيني ڏاهپ واري ڪتاب "آءِ چنگ" (I Ching) جي شروعات لڪيل آهي. (ستاره شناسي ۽ جنتري بابت مشاهدن وانگر تاريخ نويسي ٻه "روحن جي پوڄا ۽ اڳڪٿيءَ جي ويجهو هئي." جيئن آڳاٽو تاريخدان

سوماچيئن پڻ لکيو هو) ان ريت چيني ثقافت جي اڳاٽي ڪردار ۽ بنيادن بابت هڪ بنيادي سونهون هٿ ٿو اچي، اهو هي ۽ ته لکڻ جي جادوئي طاقت وسيلي پيشروئن جي روحن تائين رسائي ماڻي سگهجي ٿي. دراصل انهن علامتن لاءِ اڳاٽو چيني لفظ Wen (لکت) خود سيپتا لاءِ لفظ بڻجڻو هو. شروعات ۾ چين ۾ ڪو شهر نه پر لفظ هو.

انيانگ مان هٿ ايندڙ ٻيو وکر ڪنجهي آهي. نفاست ۽ محنت سان ٺهيل اهي ٽانو پيتا ۽ پوڄا پاٺ جي کاڌ خوراڪ لاءِ استعمال ٿيندا هئا. هاڻ اٿپ ٿيل مينڻ جي ڪنهن طريقي سان سنواريل اهي ٽانو پنهنجي غيرمعمولي انداز تفصيل ۽ ڊزائين ۾ پروقار ۽ پرڪشش نقش نگار سبب فني طور تي سمورن اسمن ۾ شاندار ليکجن ٿا. انهن تي ٿيل اُڪر خانداني نسب ۽ پيشروئن جي تعظيم جو ڏس ڏي ٿي، جيڪا چينين ۾ اڄ ڏينهن تائين هلندڙ ريت جو اولڙو آهي. ”مون، تسائي شو، پنهنجي سر اهو ناهيو.“ نائين صدي (ق.م) سان تعلق رکندڙ اُڪر واري هڪ ٽانوَن تي لکيل آهي: ”شل منهنجا پٽ ۽ پوٽا انڪي اينڪ سالن تائين پنهنجو ڪري رکن ۽ ڪنهن حد کان سواءِ ان کي استعمال ڪن.“ اهڙن وکرن جي ملڪيت، درست پاڻس جي ڪارڪردگي، ڪنجهيءَ جي هڪ هٿي ۽ لکت ئي حاڪمن کي پنهنجي پيشروئن جي ڏاهپ تائين رسائي مهيا ڪندي رهي. اهو سياسي اختيار جو بنياد هو ۽ ان وسيلي ئي حاڪم سوڪڙين مان سڀ کان پليون پاڻ وٽ رکي پئي سگهيو ۽ ڪا سوکڙي هو اوستائين پاڻ رکي پئي سگهيو، جيستائين ماڻهن سان انصاف ٿي ڪيائين ۽ سندن پرگهور ٿي لڌائين، چاڪاڻ جو اهو ئي آسمان کان مليل اختيار هو.

انيانگ ۾ کوٽائي جو سلسلو جاري پئي رهيو آهي. آخري وڏي دريافت 1976ع ۾ هڪ خاتون فو هائو جو غير معمولي ملڪيت سان ڀريل مقبرو هو ۽ گذريل ڪجھ سالن دوران آثار قديمہ جا چيني ماهر تاريخ کان اڳ واري هڪ اهڙي سڄي ساري دور کي سامهون آڻڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن، جنهن بابت اڳ تصور هو ته اهو رڳو خيالي آهي. دفن ٿيل هڏين جي ظاهر ٿيڻ سان اهو به ڄاڻ ۾ آيو آهي ته شانگ بادشاه جن جا نالا روايتن اڳتي وڌايا آهن، سچا پچا ماڻهو هئا. سندن ڪيترين ئي راڄڌانين جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي، انهن مان ڪي جهڙوڪ صنعتي شهر زينگرو (اڳاٽو ائو؟) وارو ماڳ اڃا تائين زميني مٿاڇري کان ايريل منيءَ جي وڏي شاهي ڪوٽ جا اهڃاڻ ٿا ڏيکارين. اها ڏارڳاله آهي ته اڳاٽي پوڄا پاٺ جو مرڪز ”عظيم شهر شانگ“ اڃا تائين

هٿ نه آيو آهي، جيتوڻيڪ اهيڃاڻ اهو ٿا ﭘڌائين ته اهو هونان ۾ هيلبي نديءَ جي پراڻي پيٽ سان ﭘوڏ هيٺ آيل هڪ اهڙي ماڳ تي دفن ٿيل آهي، جيڪو اڄ به حيرت انگيز طور تي شانگ جو سڏبو آهي. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ زينگ زو ﭘرسان ين شيه مان مليل هڪ نئين شانگ شهر جي دريافت انهيءَ تاثر جي تصديق ٿي ڪري ته اهي شاهي ﭘوڇاپاٺ واسطي وڏا ﭘڙ هئا. ”چنن ڪوارٽرن تي پکڙيل“ جيئن اڳتي هلي لکيو ويو، اهي زيان (Xian) ۽ بيجنگ ۾ رٿابندي ڪيل شهرن جي ﭘڙن جا پيشرو هئا. ڪوٽ اندر محل ۽ شاهي ڪٽنب جا گهر هئا. عام ماڻهن جا گهر، ڪنجهي ۽ هڏين جا ورڪشاپ ۽ ٽانون جو شيون ان جي ٻاهر هئا. شانگ معاشري بابت ڄاڻڻ لاءِ اڃا ڪيترين ڳالهيون راز بڻيل آهن، مثال طور شاهي نسل جا مختلف ڪٽنب شايد واري واري سان بادشاهت سنڀاليندا هوندا ۽ هر ﭘيري راڄڌاني ڪنهن نئين ماڳ ڏانهن منتقل ٿيندي هوندي، پر اهو واضح ٿو نظر اچي ته شانگ معاشري جا ٻه مرڪزي پرت هئا: حڪمران، جنگجو، معتبر (ﭘوڇا پاٺ جي پنهنجي ﭘاڻڪن سميت) ۽ ڳوٺاڻا هاري. اها ورهاست هزارين سالن کان چيني معاشري جو اهم ڪردار پئي رهي آهي.

تازيون ڪوٺايون داستان کي اڃا به پوئتي ٿيون ڪٽي وڃن. شانگ جي بنيادن کان اڳ اهو قصو هسيا سڏجندڙ هڪ ڏنڌلي راڄ جو ذڪر ٿو ڪري. هسيا متعلق چيو ٿو وڃي ته، اهو سانگ شين جي مقدس جبل ﭘرسان قائم ٿيو. هتان ٻـ هزار (ق-م) سان تعلق رکندڙ ننڍڙا ڪوٽ ڏنل ﭘڙ هٿ آيا آهن. اهو چين جو مرڪزي علائقو هو تنهن ڪري ان تي ’زونگ وو‘ (وچئين بادشاهت) نالو پيو.

چين ۾ تاريخ کان اڳ واري انسانذات جي ڏکهي ترقيءَ سان گڏوگڏ، اهي نيون دريافتون ظاهر ٿيون ڪن ته چيني ڪلاسيڪل ثقافت هڪ انتهائي اڳاڻي ماضيءَ جي مسلسل مقامي ترقيءَ جو مظهر آهي. هندستان وانگر، هتان جي ثقافت به پنهنجي ڌرتيءَ تي ڄاول ۽ تاريخ کان اڳ واري دور ۾ گهريون ﭘاڙون رکندڙ هئي: اها ڳالهه هندستان وانگر چين جي تاريخ ۾ نظر ايندڙ ريتن رسمن ۽ عقيدي تي سختيءَ سان پابند رهڻ واري ماهري کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندي. ڏندڪٿائون هاڻ تاريخي تخم رکندڙ ثابت ٿي چڪيون آهن. اڳاٽن دورن کان ثقافت جو مرڪزي ڳانڍاپو، جنهن جو ريڪارڊ، لکت، اڳڪٿين، پاڻن، پيشروئن جي ﭘوڄا، تاريخ ۽ شاعري مان ملي ٿو. ڪلاسيڪل چيني سڀيتا جا مقدس ڪتاب انهيءَ جي باري ۾ ﭘڌائن ٿا. لي چيه (پاٺ) شي چيه

(شاعري) آءِ چنگ (اڳڪٿي) وارا ڪتاب ويهين صديءَ جي شروعات ۾ شهنشاهيت جي خاتمي تائين رياست جا نظرياتي بنياد فراهم ڪندا رهيا آهن.

ڪلاسيڪل چين جي سپيتا انهن آڳاٽن عقيدن کي انسان ذات جي عظيم ترين حاصلاتن مان هڪ ۾ تبديل ڪيو. هندستان وانگر ان جون پاڙون به ڪنجهيءَ واري دور جي لوڪ ثقافت ۾ هيون، جنهن ان کي اپرڻ جي هڪ حيرت انگيز سگهه، طول ۽ ممتاز منفرديت بخشي ۽ هندستان ۽ آڳاٽي يونان ۾ پيش آيل رسم وانگر انهن مرڪزي نڪتن ۽ روايتن کي پنجين صدي (ق- م) دوران هڪ ترتيب ڏني وئي، ترتيب به اهڙي انداز ۾ جو ان ايندڙ ڏينهن ۾ چين جي اختيار ڪيل راهه جي اپٽار ڪئي، ۽ انهن کي ترتيب ۽ ڏگ ڏيندڙ ڪنگ فو زو "ڪنفيوشس" هو.

ڪنفيوشس: روايت کي روپ ڏيندڙ

اج شان ڏنگ صوبي جي قوفو ۾ ڪنگ ڪٽنب جي قبرستان واريون قبرون نئين سر ڪوتجي رهيون آهن. انهن جي سجاوٽ لاءِ لڳايل رنگين ڪاغذ هوائن ۾ اڏامي رهيا آهن. پنج سئو ايڪڙن کان وڌيڪ ايراضيءَ تي پکڙيل ۽ اڍائي هزار سالن جي تاريخ رکندڙ انهيءَ نرالي ماڳ تي ثقافتي انقلاب دوران وحشي پڻي جو مظاهرو ڪيو ويو. مئلن جون هڏيون ڪوٽيون ويون ۽ سندن روحن جي مسلسل اختيار کي وائڪو ڪرڻ لاءِ توهين ڪئي وئي، پر اڄ اهو چيني تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ اثرانداز ٿيندڙ شخصيت ۽ سندس ورثي کي پوري ايمانداري سان محفوظ رکندڙن جو يادگار آهي.

اهو ڪنفيوشس ئي هو جنهن ڪنجهيءَ واري جادو کي پارسائي ۽ مذهبي دستورالعمل سان ڳنڍيل هڪ اخلاقي ضابطي واري رياست جي تصور ۾ تبديل ڪيو. ڪنفيوشس انهيءَ زرخيز ايڪسس (Axis) واري دور ۾ جيئرو هو، جڏهن گوتم ٻڌ، فيثا غورث، يوناني فلسفي ۽ يهودي پيغمبر پڻ حال حيات هئا. هو مذهبي ماڻهو نه پر تاريخ، شاعري ۽ مذهبي عقيدن ۾ چيني روايتن جي اپٽار ڪندڙ هو. سندس تعليم ٻن هزار سالن تائين چيني حڪومت جو آدرش بڻيل رهي ۽ جيتوڻيڪ گوتم ٻڌ جون به يسوع مسيح وانگر سندس کي ٿوريون چوڻيون ئي اسان تائين پهتيون آهن، پر اهي به غلط نه هئڻ جوڳا انفرادي آواز آهن.

ڪنفيوشس جي پيغام جو مرڪزي نڪتو سادو ۽ اصلوڪي نظرئي تي ٻڌل آهي. هو خدا يا مرڻ پڄاڻا حياتي يا بهشتي آسمان سان تعلق نٿو رکي.

"مون کي انهن شين بابت ڪا ڄاڻ ناهي." هن چيو. سنڌس وچار اهو ئي هو جيڪو اڄ هر حڪومت کي آهي: ڌرتيءَ تي انصاف پربو ۽ مستحڪم معاشرو ڪيئن قائم ڪجي ۽ سنڌس جواب هو: چڱائي ۽ اخلاقي پارسائي معاشري کي متحد رکڻ لاءِ گهربل بنيادي خاصيتون آهن. جيئن (انسانيت) سڀ کان وڌيڪ اعلیٰ مقصد آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسين بطور شهري پنهنجي چاهه سان مائي سگهون ٿا.

ماڻهو پيدائشي طور تي چڱائي کان ڄاڻو نه هوندا آهن. ڪنفيوشس جو خيال هو. ڪين (حاڪم ۽ رعيت کي) چڱائي سيکارڻ جي ضرورت آهي. اهو لازمي آهي ته حاڪمن کي روحاني ۽ ذاهپ ڀري چڱائي سيکارڻ گهرجي. چاڪاڻ جو جيڪڏهن حاڪمن بي انصاف سختي ۽ بيرحمي، انتهائي ڳورين سزائن ۽ ماڻهن تي ڏاڍ ذمر تي عمل ڪيو (جيئن چالاڪ چانو ڪيو هو) ته پوءِ ماڻهو قانون ۾ اعتبار وڃائي ويهندا، هو خود- عزتي وساري ڇڏيندا ۽ منجهن شرم جو احساس ئي باقي نه رهندو. پر جيڪڏهن ماڻهن کي چڱائي ۽ خود عزتي سيکاري وئي ته پوءِ منجهن اُهي سموريون خوبيون پيدا ٿينديون ۽ هو هڪ درست ڏگ سان لڳل هوندا. ان ريت ڪنفيوشس جو تصور هڪ اهڙي اخلاقي معاشري جو هو جيڪو ٻه طرفي عزت ۽ اعتماد تي ٻڌل هو ۽ اشرافيا سان تعلق هئڻ جي باوجود سندس نظريو هڪ لحاظ کان اشرافيا مخالف هو، چاڪاڻ جو نظرئي جو ڪنٽرول حاڪمن بدران عالمن جي هٿ ۾ هئڻ ڪري بادشاهن کي اهو سونهري سبق سکڻو ٿي پيو يا ٻي صورت ۾ آسماني اختيار جي ختم ٿيڻ وارو جوکم تي ڪٽڻو پين.

چين جي بهترين حاڪمن طرفان ان نظرئي کي سنجيدگي سان اختيار ڪرڻ جو هڪ مظهر 1717ع جي سياري ۾ شهنشاهه ڪانگ هسيءَ جي آخري فرمان ۾ ذڪر جوڳي حصي وسيلي ظاهر ٿئي ٿو:

> "ماضيءَ جي حاڪمن راڄ ڪرڻ جي بنيادي واٽ طور آسماني قانون ۽ پنهنجي پيشرون لاءِ سموري تعظيم پيش ڪئي. آسمان (قدرت/ فطرت) ۽ پيشرون جي تعظيم جي ڏس ۾ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي: پريرو ماڻهن سان سٻاجهو ٿجي ۽ باصلاحيتن کي پنهنجي ويجهو رکجي، ماڻهن کي غذا ۽ خوراڪ رسائجي، سمورن جي فائدي کي اصل فائدو ۽ سڄي ملڪ جي سوچ کي اصل سوچ ليکجي، اهلڪارن لاءِ هڏڏوکي عوام لاءِ ابي طور ورتاءُ رکجي،

خطري اچڻ کان اڳ رياست جو بچاءُ ڪجي ۽ ڪنهن ڏڦير کان اڳ
راڄ جو ضابطو قائم ڪجي، سدائين مصروف ۽ چوڪس رهجي،
لچڪ ۽ سختي، اصول ۽ مصلحت وچ ۾ سدائين تناسب رکجي ته
جيئن ملڪ لاءِ ڊگهي نوعيت وارا منصوبا جوڙي سگهجن.“

شخصي پارسائي ۽ عقيدت بابت ڪنفيوشس جو سونهري نظريو اڄ انتهائي پراڻي فيشن وارو ته لڳي، پر اڄ به اهو ئي درست آهي ته شخصي پارسائي سڀيتا جو بنياد آهي. جيستائين عقيدتمنديءَ جو تعلق آهي، اها ناتن کي وصف ڏي، عزت جو اظهار تي ڪري، اها پنهنجي پيشروئن سان رابطي جو ڏڳ تي ڏيکاري، جيڪا هر انسان جي خواهش آهي. ”عقيدتمنديءَ کان سواءِ ڪنفيوشس چيو: ”اسين مئلن ۾ شمار ٿيندا سين.“ پر آخر ۾ هن سوچيو ته ان جو دارومدار چڱائي تي آهي، يعني جيڪڏهن اسين چڱا ناهيون ته پوءِ عقيدتمندي ڪهڙي ڪم جي؟ پر اصل ڳالهه آهي ته خود چڱائي آهي ڇا؟ چڱو ماڻهو ڪنهن کي سڏبو؟ ڪنفيوشس پنهنجي شاگردن کي ان جو سولو جواب ڏنو: ”جيڪو ٻين سان پيار ڪري.“ هن چيو: ”چڱو ماڻهو پنهنجي بيهڻ/ اُڀرڻ جي خواهش رکندي ٻين جي ان ۾ مدد ڪندو آهي. پنهنجي پهچڻ جي خواهش ڪندي ٻين کي پهچڻ ۾ مدد ڪندو آهي. پاڻ جيان ٻين لاءِ سوچڻ ۾ ئي چڱائي جو راز آهي.“

قوفو ۾ اڄ ڪنفيوشس جي جنم ڏينهن تي رياستي سهائتا سان هڪ ڀيرو وري وڏا ڪاج ٿيندا آهن. گذريل ڪجهه سالن دوران چيني حاڪمن ڪنفيوشس جون ڪيتريون ئي پراڻيون روايتون بحال ڪيون آهن. اهڙي عقيدت جو اظهار 1949ع واري ڪميونسٽ انقلاب کان پوءِ ختم ڪيو ويو هو، اها ڌار ڳالهه آهي ته رياستي منصب طور انهن جو 1911ع ۾ رعيتي راڄ قائم ٿيڻ سان گڏ خاتمو اچي ويو هو. اڄ اهي ڪاج اداڪارن ذريعي ٿين ٿا، ڪنفيوشس جي ابائي شهر ۾ ڪاج سياحن لاءِ آهن، جن ۾ گهڻائي تائيوان، هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور سان تعلق رکندڙ انهن پرڏيهي چينين جي هوندي آهي، جيڪي 1949ع ۾ عارضي طور تي منقطع ٿيل بنيادن جي نئين سر دريافت جو مشاهدو ٿا ڪن. اهو روشن ماضيءَ جو هڪ اهڙو ادراڪ آهي جنهن سان اسان جي دور جي چيني حاڪمن ڳانڍاپو ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. چاڪاڻ جو سندن خيال موجب نيون روايتون انهن جي جاءِ والاري سگهيون پئي. پر اهو سوچڻ ئي اسان کي ڏونداڙيو وجهي ته ماضيءَ جي اسان

ڪنفيوشس جي ڪٽنب جو قوفو ۾ هيءُ قبرستان 1966ع ۾ مائو جي ريڊگارڊس پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيو. مرقدن جو اهو پيلاڻي ماڳ هڪ دفعو وري تيرٿ ياترا بڻيل آهي.

جي وفادارين بابت پنهنجي پرائين دعوائن جا نتيجن سر شرطئي ڪرڻ لاءِ پيهر موٽي اچڻ جي بتان چالاڪيءَ واري عادت آهي. ”ماضي کي ساراهيو“ ڪنفيوشس چيو ”۽ حال کي سمجهو. ان کان پوءِ ئي توهان چڱائي ۽ پارسائي ڄاڻي سگهو ٿا.“

تائو ازم: هڪ واٽ

ڪنفيوشس کان گهڻو اڳ، آڳاٽن چينين جو اعتقاد هو ته ڌرتي، فطرت ۽ ڪائنات هڪ متناسب فطري ضابطي Tao يا واٽ جو حصو آهن. درست واٽ جي ڳولا يعني تائوازم چيني سوچ جو هڪ ٻيو عظيم لاڙو آهي، ڪنفيوشس جي عملي عمومي ادراڪ (Common Sense) سان گڏوگڏ رهندڙ هڪ فطري تصوف. شروعاتي تائوسٽ ڪلاسڪ جهڙوڪ ’تائوتي چنگ‘ ۽ چوانگ زو ته ڪنفيوشس واري شهري (Civil) اخلاقيات ۽ ان تي لاڳو ٿيندڙ سماج جي مصنوعي ۽ پابندي پرپل ڍانچن خلاف ردعمل ٿا لڳن. پر تائو ازم ڪنهن متبادل طور تي سامهون ايندي نه پر جيوت ۾ هڪ ضروري تناسب جي بڻئي اڌ طور نظر آيو. ان ڪري ئي چيو ويو ته مڪمل فرد ڏينهن جو (معاشري ۾ اتي

CamScanner

ڪنفيوشس جي جنم ڏينهن جو جديد تهوار قوفو ۾ سيپٽمبر 1990ع دوران. هان جڏهن سندن آسماني اختيار تي سوال اٿاريا پيا وڃن، چين جي ڪميونسٽ اڳواڻ هڪ ڀيرو ٻيهر ماضيءَ کان آشيرواد ماڻڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني آهي.

وٺي معل) ڪنفيوشس جي نقطهٔ نظر وارو ۽ رات جو (ذاتي زندگي ۾) ڳانوسٽ هو.

مقدس جبل تائيشين ڏانهن ويندڙ ياترائي رستو تائو لاءِ انهيءَ ڳولا جي علامت آهي. اهو پنجن مقدس جبلن جي انتهائي اوڀر ۾ آهي، جيڪي زهنگوو (وچئين راڄ) جو مرڪز ٺا ظاهر ڪن. تائيشين تاريخ کان اڳ واري دور کان مقدس پئي رهيو آهي. ان تي ڪنفيوشس ۽ پهرين شهنشاه کان وٺي چيئرمين مائو تائين شاهوڪار ۽ غريب چيني هزارين سالن کان پيرا پرينندا رهيا آهن ۽ اڄ سياح ۽ ياتري ٻيهر اچي رهيا آهن.

تائيشين جي اوچائي هڪڊمر فطري دنيا ۾ انسانيت جي مقام بابت اوڀر جي عظيم سيتائن جي انداز ۽ روحانيت جي اوڀر وارين روايتن ۽ اولهه جي نظرين ۾ فرق جو سوال ٿي پيدا ڪري. اولهه جي ثقافتي گهڻو مرصو فطرت جي ڪنٽرول ۽ استحصال جي حوالي سان پئي ڏٺو آهي، پر اڳاڻن چينين لاءِ لعا سووري هم آهنگي ۽ تناسب جو ذريعو هئي. سندن خيال هو ته انسان طور انسان جو فرض آهي ته فن، مذهب ۽ سائنس وسيلي هم آهنگي کي سمجهون ۽

تائيشان جي پيرن ۾ عظيم الشان سُنگ سلطنت جو هال،
'تائي ميائو' پوڄا گهر. چيني اڏاوت جو اهو روايتي انداز
شانگ انيانگ پوئتي تائين ٿو وڃي.

کي ان کي غَلط استعمال ڪريون يا ضرورت بنان تبديل ڪريون، پر فطرت جي قوت سان پنهنجو سفر جاري رکون.

تائيشين جي جابلو پيچرن تي ان ڌرتيءَ جي روايتي ديوتائن جا مقبرا آهن. ثقافتي انقلاب ۾ تباهه ٿيل انهن ماڳن کي ٻيهر ٺاهيو ويو ويو ۽ ماڻهو هڪ ڀيرو ٻيهر ڏيئا ٻارڻ، دعائون پڙهڻ ۽ پيسا ڏيڻ واسطي هت ترسڻ لڳا آهن. جبل جي ديويءَ ڏانهن منسوب تائيشين جي چوٽي تي ٺهيل ننڍڙي تائوسٽ عبادتگاهه ثقافتي انقلاب دوران سرخ سپاهين هٿان تباهه ٿي. اها هاڻ ٻيهر جاڳي اٿي آهي، اداڪارن وسيلي نه پر سچن ڀاون ۽ ڀاوٽاين ذريعي، جيڪي 1985ع ۾ هتي موٽي آيا ۽ پنهنجو پاڻ کي پراڻي انداز سان منسوب ڪيائون. 1990ع ۾ حڪومتي سهائتا سان هن مرڪزي مقبري جي ڇت نئين سر وجهرائي. سڄي چين ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر عبادت جي اجازت ملڻ سان ماضيءَ سان ناتو جوڙڻ ۽ اڏاوتن جا ڪيترائي مثال سامهون آيا آهن. اڳتي هلي انهن جو ڇا ٿيندو، ان باب ڪجهه چوڻ ڏکيو آهي. ''آخرڪار سمورا جيو پنهنجي متفرق پاڙن

ڏانهن نه موٽن." تائوسٽ ڏاهي لائوزو چيو، "جنهن کي پنهنجي اصل نسب ڏانهن موٽڻ نه سڌجي، اها سچي ڏاهپ جي ثابت قدمي بابت ڄاڻ آهي. افسوس ان تي جيڪو ثابت قدمي کي ڄاڻي پوجهي تبديل يا نظرانداز نه ڪري."

تائيشن جي چوٽيءَ تان شاندار ڏيک نه پسجي: اوله ڏانهن هيڊيو نديءَ جا ميدان، اوڀر ڏانهن هيڊيو سمنڊ، چوڌاري ڪاٺين سان ڀريل نشيب ۽ ننڍڙن پگوڊائن سميت داستانن ڀريون ٽڪريون، هيٺ ڏانهن ويندڙ پيچرو جبل جي پاڙ ۽ عظيم الشان سنگ عبادتگاه تائين ميائو ڏانهن پنهنجي راه نه ڪليي. چوٽيءَ تي پانڊيئڙا باک ڦٽيءَ جا پهريان ڪرڻا ڏسڻ جو اوسيئڙو نا ڪن. جيئن ڪاٺئن اڳ وارا ڪندا هئا. انهيءَ ماڳ تان چيئرمين مائو اعلان ڪيو هو: "ايشيا/ اوڀر سرخ آهي." پر اها سندس "اڪتي ڏانهن وڏي ڇلانگ" کان اڳ جي ڳالھ آهي، جنهن باک ڦٽيءَ کي ماحولياتي ڳدلاڻ سان هيڊيو ڪري ڇڏيو. ٻن هزار سالن کان به اڳ پهرين شهنشاه چن شي هوانگڊيءَ سچ اِيرڻ محل هتان پنهنجي بادشاهت تي نظر وجهندي چيو، "هاڻ مون سڄي دنيا کي ميڙي مٺ ڪري ورتو آهي." ڪنفيوشس ٽماٽائي مان چيو، "هاڻ مون ڄاتو ته دنيا ڪيڏي ننڍڙي آهي."

چين جي ايڪتا

هيڊي نديءَ جي رياستن ۾ سوين سالن جي جنگين کان پوءِ چين 221 (ق-م) ڌاري چن شي هوانگڊيءَ هٿان متحد ٿيو. چن شهنشاه جي راڄ جو نظريو اهڙن قانوني ماهرن وٽان آيو جن ڪنفيوشس جي اخلاقيات کي ان بنياد تي رد ٿي ڪيو ته رياست کي سيني تي لاڳو ٿيندڙ قانون جي سخت ۽ بيرحم سرشتي وسيلي ئي هلائي سگهجي ٿو. حڪومت جي انهن ٻنهي تصورن ۾ اڄ تائين ڇڪتاڻ موجود آهي.

چن شهنشاه چيني لکت، تورن ۽ ماپن کي هڪ ـ سرڪو ڪيو، هن اڄ تائين شانڪسي صوبي ۾ زيان (Xian) جي اُتر ۾ نظر ايندڙ ڪينال سرشتو ۽ اتر جي خانہ بدوشن کي پري رکڻ لاءِ اڳاتي ترين عظيم پٽ جوڙائي. پر سندس راڄ هڪ هزار سالن تائين دٻپ ۽ تلخين جي حوالي سان ياد رکيو ويو. سندس انتهائي ڏکار لائق عمل، ڪتاب ساڙڻ وارو هو، جيڪو لکيل ڄاڻ کي شاهي لائبريري تائين محدود ڪرڻ واسطي هو ۽ اتي رڳو دوائن، طب، غيبي علم، زراعت ۽ ٻين جهڙن عملي موضوعن تائين رسائي جي اجازت هئي. تنقيدي ۽

تائيشان تي رستي جي ڪناري وارن پوڄا گھرن مان هڪ ۾ عبادت. چينين کي پوڄاپاٺ جي ٻيهر اجازت 1984ع کان پوءِ ئي ملي سگھي.

تائيشان تي تيرٿي راهُن جو اوچائي کان ڏيک. اهڙا قدرتي ڏيک، جن ۾ انسان انتهائي ننڍڙو ٿو ڏيکارجي چين جي ڪيترن ئي عظيم چترڪارن جي اُتساه سان ڀريل هئا.



عقيدي جي اينتڙ سمورو ادب ساڙيو ويو. چن شهنشاھ جو خاص ڌمر تاريخ لاءِ وقف هو. ”حال کي رسوا ڪرڻ لاءِ ماضيءَ جي سگھ ڪان ڊپ.“ هن تاريخدانن کي سندن ڪتابن سميت جيئرو پورايو. اهو ڪجھ ڪندي بہ اھا اميد ٿي رکيائين تہ ماضيءَ جو رڳو هڪ موقف ئي باقي بچندو.

زندگيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ شي هوانگديءَ جي هيچ ڪيس ٽائيشين جي چوٽيءَ تي جادوئي پيالن ذريعي باک ڦٽيءَ جو آب حيات پيئڻ لاءِ جبل تي چڙهي امر حياتي جي ڳولا ڪرائي. زبان پاهران هُن قد آدم جنگي Terracotta جي هڪ جٿي جي پهري هيٺ هڪ وڏو شاهي مقبرو ٺهرايو، جيڪو 1974ع جي ٿيل کوٽائي جي هڪ شاندار دريافت ثابت ٿيو. مقبري اندر پٿر جون اهڙيون بند ۽ مونجهائيندڙ راهون هيون جن جي ڇيڙڻ تي پاڻ مرادو باھ ٿي دکي. مرڪزي چنمبر ۾ ڇت آسمان جو روپ اختيار ڪيل هئي، جنهن ۾ تارا جرڪي رهيا هئا، زمين تي پٿر جو ٺهيل دنيا جو نقشو هو، جنهن ۾ سلطنت جون هڪ سئو نديون پاري جي مدد سان مڪينيڪل انداز ۾ وهي رهيون هيون. بادشاھ سان گڏ دفن ٿيلن ۾ سندس بي اولاد زالون ۽ سرنگون ۽ انهيءَ اڏاوت جا راز ڄاڻيندڙ ڪاريگر شامل هئا. بادشاھ جي موت کان پوءِ ٿيل بغاوت ۾ اهو مقبرو کوليو ۽ ڦوليو ويو هو، پر اهو اڃا تائين اڃاتل آهي.



زميني ڏيک ۾ ادراڪ. "هڪ ڪڪاٿين ڪهڙي ۾ لازواليت جو سپنو" سورهين صديءَ جي شروعات سان تعلق رکندڙ هڪ منگ مسودو. هتي ڪاپي ڪتاب ۾ هڪ تانگ نظم: عظيم الشان وانسيءَ جو سچو پچو راز ڳڌري ويڃڻ ۾ آهي.

شايد ان جا ڪي ٻيا راز به اڃا تائين اڻ ڦلهوڙيل آهن.

جڏهن شهنشاهه چيني تاريخ نئين سر لکڻ واري پنهنجي ڪوشش ۾ ناڪام رهيو. پهرين صدي قبل مسيح ۾ ناميارو سوماچئين جڏهن ڪان اڳ واريون گهٽي ٻاڪي روايتون ۽ واقعا درستگيءَ سان لکڻ جي قابل ٿيو. پر پهرين شهنشاهه هڻان جڙيل ٽڪيءَ جو نائ چيني حاڪمن ايستائين جو 'آخري شهنشاهه' مائو ۽ سنلس پوئتيون جي ته حواسن تي سوار رهيو، جنهن جو انقلاب ڪجهه ڳالهين ۾ شي هوانگليءَ جي تاريخ ۾ حال ڪي معنيٰ ڏيڻ واري ان جي اختيار ڪان سنلس دپ ڏانهن موٽ جو مڪمل اظهار هو.

اوله سان شروعاتي لهه وچڙ

چين جي ڏور اوله ۾، گوبي رڻ پٽ واري شاهراه ريشم دنيا جي انتهائي غيرمهمان نواز زميني ڏيکن مان هڪ آهي. انهيءَ رڻ پٽ جي ٻئي پاسي کان

ٻي صدي عيسويءَ دوران نظرياء وکر ۽ ماٺو آياء جيڪي چين جي پهرين عالمي دور سان مڪمل ٿيا. چين تاريخ کان اڳ واري دور کان وٺي ڪڏهن به اوله جي مڪمل اثر هيٺ نه رهيو. رڻ پٽ، هماليا ۽ تبت جا اوچا هموار ميدان ويجهي ۽ لاڳيتو رابطي ۾ سدائين رڪاوٽ رهيا، ان ڪري ڪنهن ٻي پراڻي دنيا جي سڀيتا جي ڀيٽ ۾ چين وڌيڪ اڪيلائپ ۾ ترقي ڪئي، جنهن نه ٻاهرين دنيا جي ڪا گهرج تي ڏيکاري ۽ نه وري ان کي ڪا ضرورت به هئي. پر هاڻ وچ ايشياء پرشيا ايستائين جو روم ۽ خاص طور تي هندستان سان رابطا قائم ٿيا. چيني مادي دولت بدران روحاني ثمر لاءِ واجهائي رهيا هئا، جيڪا کين گوتم ٻڌ جي ڌاهپ جي صورت ۾ ملي وئي.

اڄ سيپيتائن جي انهيءَ عظيم ميلاپ جي شاهدي سڄي اوله چين ۾ ڏسي سگهجي ٿي، شاهراهه ريشم سان لڳولڳ ڪنڌر ٻڌيل ٻڌمت جون خانقاهون ۽ خاص طور تي ڊن هوانگ ۾ پنهنجي شاندار چترن سميت ٻڌمت جون هڪ هزار غارون ان جا مثال آهن. هيٺين نديءَ تائين، سلطنت جي مرڪز ۾، يادگار نقش و نگار، غارن وارا مقبرا ۽ خانقاهون جهڙوڪ، لئو يانگ واري پراڻي راڄڌاني ٻاهران لانگ مئن غارون اڄ ڏينهن تائين ڏسي سگهجن ٿيون. پر انهيءَ پرڏيهي مذهب ۾ اهڙو ڪهڙو جادو هو جيڪو چيني تصورن تي ڇانئجي ويو؟ زمين سان لاڳاپيل ۽ عملي ماڻهن طور چيني ڪڏهن به پنهنجي ڪنهن واضح عقيدي کي وڏائي ويجهائي نه سگهيا ۽ شايد کين ان جي ضرورت به نه هئي. ان ڪري ئي ذاتي خدا وارو اوله جو نظريو هنن لاءِ مڪمل طور تي اوپرو هو. پر پنهنجي دهريت، جمهوري پيغام ۽ عقيدت لاءِ پنهنجي انتهائي سوچ سبب ٻڌمت هت پاڙون ڪنڌڙ سمورن پرڏيهي مذهبن کان وڌيڪ اثر رکندڙ بڻيو. چيني سڀيتا جي رواني جوڙڻ ۾ ٻڌمت، ڪنفيوشس جي ڌاهپ ۽ تائوسٽ تصوف سان گڏ ٿيل هڪ عظيم وهڪرو هو. ايندڙ دور جا چيني انهيءَ اعتقاد وارا ٻڌيا ته اهي ٽئي فلسفا سيپيتا جي بنيادي نظرين سان سلهاڙيل آهن ۽ انهن مان ڪنهن هڪ کان سواءِ به زندگي اڻ تناسب واري ٿي پوندي.

تانگ راڄ (618ع کان 907ع تائين) دوران همت ڀريا چيني عالم گوتم ٻڌ جي درست تعليم ۽ متبرڪ نشانيون آڻڻ لاءِ تبت رستي هندستان جي وڏي تبليغي سفر تي اُسهيا. زيان (Xian) جي ٻاهران هڪ الڳ ٿلهڳ ماڙي جي هڪ تنهڙي عبادتگاهه ۾ انهن تبليغين مان سڀ کان ناماياري هسوان تسانگ جي رک رکيل آهي. هسوان تسانگ جو هندستان مان آندل ڪجهه مواد اڄا تائين اتي موجود آهي، جيڪو سيلون ۾ ٻڌ عالمن جي استعمال ڪيل پراڻي ٻولي

گوتم ٻڌ ٻنهنجي ٻوڌي وڻ هيٺان اپياس ڪندي رهيو آهي. شاهراهه ريشم تي ڍنهوانگ سان تعلق رکندڙ ريشم تي ٺهيل اهو چتر اٺين صدي عيسويءَ جي شروعات جو آهي.

مقدس جبل سانگ شان تي فوانگ پوڄا گهر. چين ۾ ٻن قديم ترين ٻڌ خانقاهن مان هڪ 71 عيسويءَ ۾ ٺاهيل اهو پوڄا گهر تانگ ۽ منگول دورن ۾ ٻيهر ٺاهيو ويو جڏهن ته 1990ع جي سرءُ ۾ ان کي هڪ ڀيرو ٻيهر بحال ڪيو ويو.

ليويانگ جي آڳاتي راجڌاني ڀرسان لانگ مين غارون جيڪي 500ع کان 900ع دوران جوڙيون ويون، انهن سان ٻڌ يادگارن جو هڪ وسيع سلسلو جڙيو.

دنهوانگ سان تعلق رکندڙ اٺين صديءَ جو تصوراتي فن. ٽين ۽ تيرهين صدي عيسويءَ دوران هت سينگاريل هڪ هزار غارن مان هڪ جو ڏيک.

پاليءَ ۾ ڪجيءَ جي ڇوڏن تي لکيل آهي. اهي هن شايد ڏاهپ جي شاندار ڏکڻ هندستاني مرڪز ڪانچيءَ ۾ رهڻ دوران خريد ڪيا هئا. پنهنجي ساٿين سميت هن جا زيان (Xian) ڏانهن آندل 650 ڪتاب دراصل ترجمو ڪرڻ جي نيت سان آندا ويا هئا. خانقاهي لائبريريءَ ۾ لڳل هڪ چتر ڪيس ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ڪتابن جي پيري پنن تي رکي ايندي ٿو ڏيکاري. تاريخ ۾ ان جا تمام ٿورڙا مثال ٿا ملن، جو اسين ڪنهن هڪ سڀيتا جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ واري مخصوص پل جي نشاندهي ڪري سگهون. هسوان تسانگ ۽ سندس دور جي ٻين عالمن جي همعصر آتم ڪهاڻين ۾ اسين اڄ بہ هندستان ۾ 'ڪنهن ٻئي' سان مڪاميل ٿيڻ تي سندن جوش ۽ خوشيءَ کي محسوس ڪري سگهون ٿا. سندن عمل انتهائي مثبت ۽ کلي ذهن واري ڏاهپ تي ٻڌل هو، جيئن سندن شهنشاه 638ع ۾ نستوري عيسائين کي زيان (Xian) ۾ پنهنجو گرجا گهر قائم ڪرڻ جي گهربل اجازت مهل چيو: ”اها تعليم سموري مخلوق لاءِ مددگار ۽ سموري انسانذات لاءِ لاڀائتي آهي، تنهن ڪري سلطنت ۾ ان جو آزادانو پرچار ٿيڻ گهرجي.“

زيان: دنيا جو محور

اٺين صدي عيسويءَ دوران ايشيا ۾ سمورا رستا زيان (Xian) (تن ڏينهن ۾ چانگ آن سڏجندڙ) ڏانهن ٿي ويا. دنيا جي عظيم شهرن مان هڪ، جنهن جو مقابلو رڳو بغداد ۽ قسطنطنيہ ئي ڪري پئي سگهيا، جو وسيع چوراهو، شاعر توفو موجب ”شطرنج وانگر“ هو، جنهن ۾ پوچاپاٽ جو هڪ وڏو شاهي پڙ هو، جنهن جو مرڪزي علائقو چار ميل ڊگهو ۽ شهر جي گهنٽاگهر ڏانهن ويندڙ اڄوڪي ايونيو کان ٻيڻو ويڪرو هو. هاڻوڪي شهر جي پٽين مان ست ميل منگ دور ۾ اڏيون ويون هيون. اڄ ان جي مٽيءَ جي ڪم، ٿلهن ۽ ابتدائي هان ۽ تانگ شهرن جي الڳ ٿلڳ پگوڊائن کي ڏسڻ لاءِ زيان (Xian) کان اتر

شاهراهه ريشم جو هڪ ڏيک. ڪريسنٽ مون ليڪ (پهرين جي چنڊ) واري ڊنڊ هت ڊنهوانگ ٻاهران لاتعداد واريءَ جي ڍڙن وچ ۾ آهي.

طرف ٻنين ٻارن ڏانهن وڃڻو پوي ٿو. پر سچ لڳي ٿو ته محل جڏهن سمورا شيون وڪڻندڙ گاڏن وارا وڃي چڪا هجن، منگ جي پڙهي واري ٽاور هيٺان لنگهي اڳتي مسلم علائقي جي ڪشادين گهٽين ۾ داخل ٿيڻ تي هڪ سهڻي جامع مسجد تي نظر اچي. ان ڪان پوءِ ئي ڏسندڙ کي محسوس ٿيندو ته ٽانگ شهر ۾ جيون جا رنگ ڪيئن هئا. اهو پهريون پيرو هو جو پرڏيهي وڏي تعداد ۾ چين اچي پئي سگهيا ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ اڪثر انتظاميا مٿن نظرداري ڪندي ڪين رات جو پنهنجي ئي علائقي ۾ محدود ٿي رکيو ته جيئن اهي اقتداري مرڪز ڪان پرڀرو رهن. ٽانگ شهر جي اولهه ۾ پرڏيهين واري ڀاڱي ۾ خودمختياري حاصل ڪرڻ جي سگهه. چانگ آن ۾ ايندڙ سمورن ماڻهن کي متاثر ڪندڙ ثقافتي گاڏڙ ۽ هڪ نفاست جو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. هت شام ۽ عراق سان تعلق رکندڙ مسلمان، عيسائي ۽ يهودي هئا ۽ ايران ۽ پرشيا سان تعلق رکندڙ آتش پرست زرتشي ۽ مينيڪائن به ٿانيڪو هئا. اتي فارس

ديس جا مسخرا، ترڪ وياج خور ۽ هندو سنت به هئا. هتان جي هوٽلن ۽ سراءِ خانن ۾ وچ ايشيائي سنگيت، ايشيائي ڪاڏو (جيئن اڄ به آهي) ۽ پرشيا ۽ ان کان به ڏور جي ناچو ۽ راڳي ڇوڪرين جي بهار هئي، جن مان ڪن لاءِ چيو ويو آهي ته سندن پورا وار ۽ نيرا نيڻ هئا ۽ ان سڄي وارتا بابت ڏهوڪي هڪ شاعر تومو جو چوڻ آهي، "توهان اهڙن شهرن ۾ پنهنجي جواني ضايع ڪندؤ ۽ نيٺ بدنام گهرن ۾ ڪنهن تماشبين واري ناماچاري کان سواءِ ڪجهه به هڙ حاصل نه ڪري سگهندا."

چيني نظر ۾ تانگ دور سندن شاعري ۽ ان جي اڻ تُٽ ساٿي فن خطاطي، جنهن جون پاڙون ڪنجهيءَ واري دور جي شاهڪار سحر تائين هيون، جي ڪيترن ئي لاجواب دورن مان سرواڻ سونهري دور هو. چينين آڏو شاعري ڪرڻ ته سيپتا جو هڪ بنيادي عنصر هو ۽ جيڪڏهن چيني ثقافت جي پهرين عالمي دور جي اهڃاڻ طور ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي پئي ته پوءِ پڪو پڪ سان 650ع کان 701ع تائين رهندڙ عظيم شاعر لي بائي جي نالي نڪرندو، جنهن کي اولهه ۾ لي پو جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. لي پو شاهراهه ريشم جي پيداوار هو. هو چين ۾ نه پر وچ ايشيا ۾ ڄائو هو ۽ ترڪ ٻولين مان هڪ ڳالهائيندڙ هو. هن پنهنجا شروعاتي سال خزاني جي ڳولا ۾ ڀٽڪندڙ سپاهي طور گهاريا، سندس هڪ شاندار نظم جنگ جي اجائيت بابت آهي: "جنگ هڪ اهڙي لعنتي شيءِ آهي، جيڪا ڪو عقل ڀريو انتهائي مجبوري ۾ ڪندو، جيڪڏهن اُها هن کي ڪرڻي ئي آهي." بعد ۾ هن دنيا جي تختي تي سڀ کان عظيم شهر چانگ اَن ۾ پنهنجا موقعا ماڻيا. سندس شخصيت جرڪندڙ نئن سان مقناطيسي، ڪاوڙ سان ڀريل، خود تربيتي دپ ڀرئي آواز ۽ قدرتي صلاحيتن سان ٽمٽار هئي. هو بي حساب پياڪ به هو ۽ سندس بيان ٿيندڙ کهاڻي موجب سندس موت پيتل حالت ۾ چنڊ جو اولڙو جهٽڻ جي ڪوشش ۾ درياءَ ۾ ٻڏڻ سبب ٿيو. هن چانگ آن ۽ چين جي ٻين شهرن جا سنگيت گهر، ناچ گهر ۽ هوٽل پيتيا، سندس ڪنن نه رڳو ڪلاسيڪي شاعري پر لوڪ گيتن ۽ راڳن سان گڏوگڏ قافلن جي ذريعي وچ ايشيا کان ايندڙ تن ڏينهن جي مشهور پاپ سنگيت پڻ ٻڌي. هن ڪنفيوشس جي امتحانن کان نه به انڪار ته ڪيو ۽ سندس ئي بقول هن پنهنجي طريقي سان ورتاءُ رکڻ ٿي چاهيو. سدائين ڌاريو هوندي به هو پنهنجي دوست توفو سميت اڄ ڏينهن تائين چين واسين وٽ سندن بهترين، پيارو ۽ سڀ کان وڌيڪ ڄاتل سڃاتل شاعر آهي.



زيان اٺين صديءَ (ق- م) شروعات ذاري، شهر بابت چيني تصور، سونهن جي ماڳ کي ظاهر ڪندي. هتي هڪ سؤ کان وڌيڪ ٻڌ ۽ تائوسٽ پوڄا گهر ۽ چار زرتشتي مقبرا ۽ عيسائي چرچ ۽ هڪ مسجد هئي.

”سموري طمطراق ۽ ڪيفيت“ ۾ لي پو چيو، ”سموري دولت ۽ طاقت ڪنهن آواره بادل جيان آهي.“ عظيم تانگ شاعرن، ڪنهن ٻه دور جي بهترين فنڪارن جيان پيڙائن کي سمجهيو، هنن غريبن جو درد محسوس ڪيو ۽ شاهوڪارن جي مفروضي تي ٻڌل دعوائن کي وائکو ڪيو. هو شاهي ڪٽنب جي اندازِ زندگي کان واقف هئا، جن جا مقبرا اڄ ٻه زيان (Xian) جي ٻاهران مٿن جي تيرٿ وارين ياترائن سميت موجود آهن. انهن مقبرن ۾ اسين انهن ماڻهن سان مڪاميل ٿا ٿيون جن جو تانگ شاعرن ذڪر ڪيو آهي. اهي تانگ شهزادا ۽ شهزاديون جن 'ڪان' آسماني اختيار اوڏي مهل ڪسجي وياءِ جڏهن سندن راڄ ذڪر، ابتري ۽ ڏقيڙ جي گهيري ۾ اچي ويو. وچ ايشيا کان شاهراهِ ريشم وسيلي آيل پنهنجي گهوڙن سان دربار جي هڪ ٻيٽ هيٺان پولو

ـ زيان جي شاندار مسجد: رسول خدا ﷺ چيو: "علم حاصل ڪريو. پوءِ ڀل چين وڃڻو پوي." روايت موجب هت مسجد 742ع ۾ تعمير ٿي.

ڪيڏندي چڙ "ان ڳالھ تي فخر ۽ يقين هئڻ ته آسمان هيٺان سموريون شيون سندن راند روند لاءِ آهن، جيڪي سدائين وٽن رهنديون." شهزادي يونگنائي جي مقبري ۾ ڪيترين ئي عورتون دفن آهن، جيڪي شايد شاهي ٻانهيون هيون، جيئن لي پو واضح ٿو ڪري "بلوري جهروڪن پويان سنگ مرمري ڏاڪڻين تي عمر لنگهڻ تي گهبرائيندي، پنهنجي دولت ۾ قاتل، سندن ڳوڙها سندن ئي ريشمي پوشاڪ کي داغي ٿا ڪن."

اٺين صديءَ جي وچ ڌاري تانگ جي آخري ڏينهن ۾ اهو چٽو نظر اچي رهيو هو ته نااهل حڪومت پنهنجي عوام کي پالي نه سگهندي. "شراب ۽ ماس جي بوءِ ڳاڙهن دروازن پويان، توفو لکيو، "ماٺهو ڏڪندي ڪنبندي ۽ بک کان پاھ ٿيندي موت جو ڪاڄ ٻڌجي رهيا آهن. هزارين ڳوٺن ۾ ڍڳو ڳاھ ٿو پوکجي ۽ عورتون هَر ٿيون ڏين. چين واسي هر امتحان مان لنگهي ٿا سگهن، بس ڍڳو سندن حاڪم سائڻ انسان جهڙو ورتاءُ ڪن."

سُنگ سونهري دور

ذڪر ۽ خونخوار جدوجهد دوران تانگ سلطنت چيني تاريخ ۾ اڻيڪ سالن ايارن ۽ انقلابن مان هڪ جي نتيجي ۾ ختم ٿي وئي. زيان (Xian) کان چار سؤ ميل اوڀر پاسي هيٺين نديءَ ڏانهن ڪئفنگ آهي. يارهين صدي عيسويءَ ۾ ڪئفنگ چيني سيپتا جي بلند ليڪجندڙ سُنگ راڄ (960ع کان 1127ع تائين) جي راڄڌاني هو. اهو سونهري ثقافتي دور دنيا جي تاريخ ۾ هر ڪنهن سان ڀيٽ ڪرڻ جهڙو هو. ڪئفنگ چيني تاريخ ۾ هڪ نئين قسم جو شهر هو: ڏاتو جي ڪم، تام چيني جي ٿانون ۽ ٽيڪسٽائيل جي صنعتن سميت هڪ واپاري مرڪز، جيئن اڄ به آهي. ڀڪندڙ مڪڙن وارو اهو ماڳ هوٽلن ۽ آڪاش کي ڇهندڙ انهن جي دونهن وارين چمنين سان ڀريل هو. هاڻ ياتي جي وهڪري جي پيچرڙي وارو ڪئفنگ جو پراڻو شهر ڪميونسٽ راڄ دوران مڪمل جديديت جي نالي ۾ ڪيترن ئي شهرن جو ساهه نپوڙڻ واري عمل ۾ محفوظ رهيو. ان جون سوڙهيون گهٽيون اڃا تائين سُنگ راڄ سان تعلق رکندڙ بالڪنين وارن دڪانن سان ڀريل آهن ۽ ان جي گهٽين جي ڪُنڊن ڪُرڇن ۾ اڃا تائين انهن ڪيترن ئي پرڏيهي برادرين جا اهڃاڻ ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي سُنگ راڄ دوران هت ٽانيڪو ٿيون ۽ وقت گذرڻ سان گڏ چيني ٿي ويون. ڪئفنگ جو يهوديون گرجا گهر به تن ڏينهن ۾ قائم ٿيو ۽ اهو اڄ به ديولن جو شهر آهي. هڪ گهٽي اڄ سوڌو "صحيفا سيکاريندڙن جي گهٽي" طور مشهور آهي، اهي معلم پڪ سان يهودي هئا. سندن عبادتگاهه هڪ صدي اڳ بند ٿي وئي. اڃا تائين ڪجهه چيني يهودي ڪُٽنب اُتي آباد آهن، جن جي درن جي چوکٽ تي نعل ۽ ملاقات واري ڪمري ۾ شمعدان لڳل آهن. گهٽيءَ جي ڀرسان هڪ ننڍوڪي پراڻي مسجد آهي، جنهن جو نماز وارو هال ڪاٺ جي ٿونڀن تي بيٺل آهي. يهودين وانگر ڪئفنگ جا مسلمان ۽ واپارين طور سنگ دور ۾ ويجهي اوڀر کان آيا هئا، ايران يا هندستان کان سندن آمد جي تصديق نٿي ٿئي. اڄ سندن پنجاهه هزارن واري برادري جو گهڻو ٿو دارومدار دڪانداري ۽ ننڍڙي واپار تي آهي.

سنگ دور ۾ ڪيترين ئي اهڙين ايجادن کي بهتر بڻايو ويو، جن تي اڄ انسان جي حياتين جو گهڻو ٿو دارومدار آهي. اُتي رجيل لوهه واري ٽيڪنالوجي ايتري ته اڳتي وڌيل هئي، جو سڄي جون سڄيون پکيون ۽ پگودا لوهه مان ٺهيا، جيڪي اڄ به قائم آهن. لوڻ ۽ قدرتي گئس لاءِ اونهي کوٽائي

CamScanner

زيان پرسان 706 ڌاري راڻي وو جي مقبري ڏانهن ”روحاني رستي“ تي هڪ سنيال ڪندڙ جو مجسمو.

ماھر ڪاله هئي. ڪنفنگ ۾ هڪ وڏو شاهي مڪينيڪل گھڙيال ٺاهيو ويو. ان ڏيهن ۾ بهتر روپ اختيارڪندڙ هڪ ٻي دريافت 'ڇپائي' هئي. ڇپائي ڪاغذ تي ٺپي سان ڇاپا ڪڍڻ واري پراڻي چيني انداز جي پيداوار آهي، ڇاپ هڻي بڻيل ڪتاب 868ع ۾ شايع ٿيو. سُنگ ۾ لغتن، سائنسي تخليقن، تارن جي جدولن، ڪاغذي رقم ۽ ايستائين جو اخبارن پڻ منهن ڪڍيو. هن متحرڪ ٽائيپ جو پڻ تجربو ڪيو. اهو اوستائين دنيا ۾ وجود رکندڙ سمورن معاشرن کان وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل معاشرو هو. چيني ثقافت جي اشرافيائي ۽ مخصوصيت واري انداز کي وسيع ڪيو ويو ۽ ڇپائي وسيلي ان جي موجودگي ان کي هڪ وڌيڪ عمومي مخاطب جي تازي توانائي روپ سان ٽمٽار ڪيو. ٿيءَ ڏاهپ ڀري ماحول ۾ 'ڪنفيوشس جي آدرشي انسان ٻڌڻ جي جاڪوڙ ڪندڙ سُنگ دور جا ڪيترائي وزير، عالم، شاعر، چترڪار ۽ فلسفي پيدا ڪيا. ڪجھ جھڙوڪ، رياستي مدبر اويانگ هسيو (1007ع کان 1072ع تائين) ۽ فلسفي چوهسي (1130ع کان 1200ع تائين) بابت ته چيو ويو "سمورن ماڻهن ۽ دورن جي عظيم ترين انساني خصلتن سان پيٽ ڪرڻ جوڳا" هئا. هو لفظ جي اصل مفهوم ۾ انسان دوست هئا. سندن انسانيت جي جبلي چڱائي، عقل ڀري جستجو ۽ بهتر تجربن ذريعي انساندات جي سمورين شين جي واحد ۽ هڪ جهڙي اصول کي ڳولهي لهڻ جي امڪان ۾ ويساھ هو. آويانگ هسيو ڪجھ انتهائي دلچسپ خاڪا ٻه اسان لاءِ ڇڏيا آهن، جيڪي سندس دور جو مزو وٺندڙ ٿا. هڪ قصو هڪ اڻ سڌريل شهر ۾ گذاريل سندس ٻالڪپڻ ۽ هڪ بازيگريءَ جي ڪچري جي ٽوڪريءَ مان ٽانگ راج سان تعلق رکندڙ هڪ پراڻي ڦاٽل ڪتاب جي ملڻ بابت آهي. اهو گهر ڪٽي ويندڙ ڇوڪري ان جي تحرير کي "ٻي بها، فاضل، سگهارو ۽ عالماڻو پاتو." جيتوڻيڪ اهو انداز تن ڏينهن ۾ مروج نه هو. "آءٌ اجا ٻار هئس ۽ ان کي مڪمل طور تي سمجهي نه سگهيس، پر ان جي جذبي کي عظيم الشان ۽ پراثر ڄاتم." ۽ ان ريت سندس آئينده جي واٽ کلي. اڳتي هلي سندس لکيل "پن ڇڻ جو آواز" کي جيئن "ماضيءَ جي شين بابت يادگيري" جي هڪ جُز طور پڙهيو ويو. ان کان سواءِ خوشگوار ريٽائرمينٽ دوران ڪاٺ پيٽڻ جو مزيدار داستان آهي، جنهن ۾ جبل جي ماٿرين ۾ پنهنجي دوستن سان گڏ جهنگلي سبزيون پچائڻ، شراب پيئڻ ۽ شطرنج کيڏڻ واريون گهڙيون بيان ٿيل آهن. "هڪ پوڙهو مڙس، اڇن وارن ۽ پڻ پڻ ڪندڙ طبيعت ۽ پرسڪون ڪيفيت وارو پنهنجيءَ سٽ ۽ ڪنهن ٻُڌو ان کان وڌيڪ اپاميل. اهو پيٽڻ ۽ نااهل پوڙهو ڪير آهي؟ اويانگ

CS CamScanner

چانگ زي توان جي چترڪاريءَ ۾ 1120ع ڌاري ڪئفنگ جو ڏيک. اهو چيو ويندو هو ته شهر جي هوٽل بازي ”رات کي ڏينهن ڪري ڇڏيندي هئي.“

هسيو ڪانسواءِ اهو ٻيو ڪير ٿي ٿو سگهي!“
سُنگ دور جي هڪ ٻي وڏي شخصيت تاريخدان سوما ڪوانگ جي آهي. 1064ع ۽ 1085ع دوران ڪئفنگ ۽ بعد ۾ لئو يانگ ۾ ڪم ڪندي هن 360 Fascicles تي ٻڌل چيني تاريخ جو ’جامع آئينو‘ پيش ڪيو، جنهن سان گڏ سهيڙيل ’تفاوتن جي جائزي‘ سندس چونڊ ۽ ذريعن جي تنقيد کي واضح ٿي ڪيو. اهو ڪنفيوشس جي ”گذريل دورن جي فائدن ۽ نقصانن کي سمجهڻ ۽ انهن کي ماڊل ۽ چتاءُ طور وٺڻ“ واري اخلاقي روايت ۾ تاريخ جو هڪ مظهر هو.

سُنگ حاصلات صنعت ۽ ٽيڪنالوجيءَ کان وٺي قدرتي منظرن جي چترڪاري، ادب، شاعري ۽ تاريخ تائين پکڙيل آهي. هاڻ دنيا جو اهو عظيم دور ٿي آيو جنهن جي عباسين جي بغداد ۽ ڪلاسيڪل ايٿنس سان ڀيٽ ٿي

قديم ترين محفوظ رهيل 11 مئي 868ع وارو ڪتاب، ٻڌ جو سوترا دائمنڊ "هرڪنهن لاءِ مفت ورهاست لاءِ تيار ڪيل." تاريخ جي عظيم ترين ايجادن مان هڪ.

ٻني سگهي. ڇپائي جي ايجاد سان هو پنهنجا نظريا سڄي اوڀر ايشيا تي واضح ڪري ٻني سگهيا. چوٿينءَ جهڙن سُنگ ڏاهن ڪنفيوشس جي "اندر واري ڪيتي" خود- ترقي ۽ سيڪيولر پارسائي واري فلسفي جي پراڻن نظرين کي نئون روپ ڏنو، هنن انهن کي هڪ اهڙي امتحاني سرشتي سان سلهاڙيو جنهن رڳو بهترين ثابت ٿيندڙن کي ئي اقتدار/ اختيار جو اهل ٿي بڻايو ۽ ان کي چيني رياست ۽ ثقافت جو بنياد بڻايائون. اهو فلسفو ايندڙ هڪ هزار سالن تائين اوڀر ايشيا تي ڇانيل رهيو، ۽ اهو جديد دور ۾ ڪوريا ۽ جاپان جهڙن ملڪن جي حيرت انگيز ڪاميابيءَ جو ثقافتي بنياد پڻ آهي، جيڪي اڄا تائين بنيادي طور تي جديد ڪنفيوشس وارا ئي آهن.

دنيا جي عظيم ترين سپيتا

ڪنگ 1126ع ۾ اتر جي حملي آورن آڏو آڻ ميڃي ۽ ان کانپوءِ ايندڙ هڪ صدي، تائين چين حصن پٽين ۾ ورهايل رهيو جنهن دوران ڏاکڻي سُنگ تي منگ جو ڪنٽرول راڄ ڪيو. ڏور اوله ۾ عراق ۽ ايران کي لتاڙيندڙ منگولن 1279ع ۽ 1279ع دوران چين تي قبضو ڪيو. اهو چيني تاريخ جو هڪ انتهائي



سُزهائو وارو وڏو ڪئنال: ”چين ميون، اناج، سون“ ابن بطوطا لکيو، ”۽ چاندي جي پيداوار ۾ ڪثرت ٿو رکي. دنيا جو ڪو به ملڪ ان سان مقابلو نٿو ڪري سگهي.“

نازڪ مرحلو هو، شايد 1949ع ۾ ڪميونسٽن جي اقتدار تي قبضو ڪرڻ جيترو ئي. سندن روايتي سپيتا کي اپرڻ جي سگهه جو تمام سخت امتحان ڏيڻو پيو. منگولن لاءِ ٿانيڪو شهري سپيتا، چيني ادارا ۽ ڪنفيوشس جا قدر قطعي اوپرا هئا. اوله جي وحشي درٻارن ۾ رومي ذاهن وانگر اميرن ۽ وزيرن کي به پهنجي نون فاتحن آڏو روايت جي اهميت جي اپٽار ۽ منگولن جي موجودگي ۾ سنگ قدرن هيٺ ڪم ڪرڻ جو انتهائي ڏکيو فريضو نڀائڻو پيو.

اهو فريضو هو جنهن تاريخدان ماٽئانلن (1254ع کان 1325ع تائين) کان 348 بابن واري هڪ يادگار انسائيڪلوپيڊيا ’تحريري رڪارڊن ۽ روايتن جو جامع سروي“ جوڙائي، جنهن ۾ ادارن وسيلي تاريخي تسلسل جي اثرائتي جديد تصور ذريعي ورثي جي بنياد کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ”اهي رڳو واقعن وانگر تسلسل جو تعين نٿا ڪن، عروج ۽ زوال، ضابطي ۽ ڏقير جي ڪٿا ۽ اسان جي دور ۾ تاريخدانن کي ان پاسي ڏيان ڏرڻ گهرجي.“ ويهين صديءَ جي پڇاڙڪن سالن ۾ اهڙو ڪو ڳانڍاپيل عمل ممڪن آهي يا نه سو هڪ ڪليل سوال آهي. پو تيرهين ۽ چوڏهين صديءَ ۾ تسلسل جي دراصل خاطري ڏني وئي ۽ اڳتي هلي يوان سڏجندڙ منگول عهد (1279ع کان 1368ع

تائين) چيني فن ۽ ثقافت جو هڪ وڏيڪ يادگار دور هيو. سڀ کان وڏيڪ اهم اهو ته هتان جي معيشت ان دور ۾ به دنيا جي شاهوڪار ترين معيشت رهي. تيرهين صديءَ ۾ جڏهن يورپي سياح وڏي تعداد ۾ هت آيا ته چين جو رنگ ڏسي دنگ رهجي ويا. سوزهو واري شاهي ڪئنال ۾ ٻيڙو ڪاهيندي وينس جي مارڪوپولو کي ان بابت ڪو شڪ شبهو نه هو ته اها دنيا جي عظيم ترين سيپتا آهي. "آءٌ توهان کي ٻڌايان" هن چيو، "سموري سچائي سان ته دولت ۽ وسيلا اتي ايترا آهن جو توهين منهنجي ڳالهه تي اوستائين يقين نه ڪندا جيستائين ان کي پنهنجي اکين سان ڏسو. جيڪڏهن چيني جنگجو هجن ها ته باقي سموري دنيا کي فتح ڪري وٺن ها، شڪر آهي جو ناهن."

ان زماني ۾ زرعي ۽ واپاري انقلابن ڏکڻ آباديءَ جو تعداد وڌائڻ جو ڏگ سنواريندي چين کي دنيا جي گولي تي سڀ کان وڏيڪ آبادي وارو ملڪ بڻايو جيڪو اهو اڃا تائين آهي. پر ملڪ پاڻ پرو هو ۽ پنهنجي عوام جي کاڌ خوراڪ جو بلو ڪري پئي سگهيو. 1344ع ۾ عرب سياح ابن بطوطا سٺ ڏينهن تائين سمورين سياحتن ۾ شاهي ڪئنال اُکرندي سڀ کان وڏيڪ منظم، زرخيز ۽ اُپت وارو علائقو ڏٺو. اتر آفريڪا جي ايٽلانٽڪ سامونڊي ڪناري کان ڏکڻ چين تائين هن سڄو خطو زرخيز ڏٺو. بقول عام هاري به دنيا ۾ سڀ کان بهترين زندگي ماڻي رهيا هئا.

شايد هر سيپتا جي جيون ۾ اهڙو ڪو مرحلو به ايندو آهي، جڏهن ماڻهن لاءِ زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون خوراڪ، اجهو ۽ تشدد کان آجپو اطمينان جوڳي حالت ۾ ميسر ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ئي اها پنهنجي بهتر آدرش کي وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ تي ويچاري سگهي ٿي. چيني سيپتا جو بنيادي نقطئہ نظر سدائين هم آهنگي جي ڳولا پئي رهيو آهي ۽ ڪنجهيءَ جي ڏاتوئن جي ڀيٽ ۽ چترڪاريءَ کان وٺي تامچينيءَ جي ٿانون ۽ ريشم جي اٽَ واري ڊيزائن تائين انهيءَ ڳولا جو اولڙو ملي ٿو. اهڙن فن جي پڌرائيءَ مان عقل مند انهيءَ آفاقي هم آهنگي کي سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، جنهن ڪنفيوشس جي ڏاهپ پروڙي هئي. چينين لاءِ اهو سيپتا جو سڀ کان مقدم مقصد هو، توڻي جو اهو هڪ اشرافيائي مظهر پڻ هو پر يقيني طور تي هن لاءِ ڪنهن به ريت گهٽ پراثر نه هو.

اهڙي ڏاهپ جي واٽ اڃا به لکت جي جادو سان ٿي شروع ٿئي. اڳڪٿي جي هڪ اوزار طور ان جي شروعات کان وٺي لکت ابن ڏاڏن ۽ پيشروئن جي ڏاهپ تائين رسائي جو هڪ ذريعو بڻجي رهي آهي. لکت لاءِ علامت Wen

سڌجندڙ اهڃاڻ پراڻي هڏين تي ڪردارن جو مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ شروع ٿيو. وقت سان گڏ ان جي مطلب وڌيڪ گهرو ۽ ڪشادو ٿيندي، تحرير، ثقافت، لطافت ۽ نفاست کي پنهنجي پاڪر ۾ پريو، ان ريت Wen اهڃاڻ Ming (روشني يا شفافيت) واري اهڃاڻ سان گڏ خود سڀيتا جي وسيلي تائين آيو. اهو ڪنهن به ريت چينين جي دنيا کي ڏسڻ واري اظهار کان گهٽ نه هو.

تارن ڀري آڪاش مان آيل شاندار ادراڪ

پر هاڻ چين جي دنيا کي ڏسڻ واري نظر ۾ تبديلي اچڻ لڳي. ڏکڻ چين جي قوئنزهو ۾، جيڪا ڪنهن دور ۾ مصروف ترين بندرگاهه هئي، هڪ ويڪري ڪاري ڪان ٺهيرو هڪ مسلم مقبرو ۽ پيغمبر جي ٽن پيروڪارن جون قبرون آهن، جن ستين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ پهريون ڀيرو چين ڏانهن اسلام جو پيغام آندو. مقبري ۾ پٿر جي هڪ ڇپ تي ڄاڻايل آهي ته منگ سلطنت جي هڪ مسلمان ايڊمرل زينگ هي پندرهين صديءَ ۾ دريافت جي ستن وڏين مهمن مان هڪ تي وڃڻ کان اڳ هت دعا پنی هئی، مُهمون جيڪی انتهائی سولائي سان تاريخ جو رخ موڙي پئي سگهيون.

زينگ هيءَ جا پنج سئو فٽ ڊگها، پاڻي روڪيندڙ پٽين وارن ڪمرن سميت 1500 ٽن وزني ۽ ٽيهه فٽ اوچي سڙهه واري شاهي ٻيڙي آڏو پندرهين صديءَ واري اولهه جي ڪاٺ اڏاوت ڄامڙي ٿي لڳي. انهن ڪاغذن تي ٺهيل جدولن جي سهاري تي مقناطيسي ڪمپاس سان سِير جو سفر ٿي ڪيو. زينگ هي انهن عظيم چيني سامونڊين جي قطار ۾ آخري هو جن کي تانگ راڄ کان وٺي ويٽنام کان منگوليا تائين واري ڏاکڻي خزاني جي ڳولا ۽ جاوا کان ڏکڻ قطب جي ويهه ڊگريءَ واري دائري ۾ تارن جو وڇور ٿاهڻ لاءِ روانو ڪيو ويو هو. ڪانٽس پوءِ ايندڙ اولهه جي ائڊمرلن وانگر زينگ هي فتح لاءِ نه نڪتو هو، جيتوڻيڪ هن سمنڊ پار سموري چيني ملڪيت تي دعوا ٿي ڪئي. هن پنهنجا شاهي ٻيڙا ڊگهي عرصي تائين اولهه ۽ اوڀر جي ميلاپ واري هند طور مشهور ڏکڻ هندستان جي عظيم بندرگاهه ڪوچين تائين هلايا. سفر دوران سيلون جي اترئين ڪُنڊ تي، هن ٽن ٻولين ۾ لکيل هڪ اُڪر ڇڏيو، جنهن سندن پرامن هنڻ جي خاطري ٿي ڪرائي ۽ ٽن مذهبن جي معبودن، الله، گوتم ٻڌ ۽ وشنو لاءِ احترام جو اظهار ٿي ڪيو. ڪوچين ۾ زينگ هيءَ اهڙا چيني مڇي مار ڄار ڏنا جيڪي منگول دور ۾ گهرايا ويا هئا. ڏکڻ هندستان جا واپاري ڊگهي عرصي کان چين سان واپار ڪندي تام چيني جي ٿانون ۽ ريشم جي عيوض

ڪارا مرچ ۽ مصالحا وڪڻندا رهيا هئا. ڪوچين کان زينگ هي اتر آفريڪا اُهيو جت چيني ٿانو موزمبيق تائين مليا آهن. هن خليج فارس جو دورو ڪيو ۽ حج ڪرڻ لاءِ مڪي به ويو، جنهن جا سمورا تفصيل هن پنهنجي روزنامچي ۾ لکيا اٿس. هو جيڪڏهن چاهي ها ته اولھ به دريافت ڪري وٺي ها! ڪو هڪ صدي کن پوءِ واسڪو ڊي گاما اولھ کان ساڳي ڪوچين بندر پهتو. امن جي پيامبر طور نه، پر جنگ ۽ سوڀ جي سونهين طور.

ان کان پوءِ اوچتو منگ سلطنت جي شاهي ڪامورن وڏيڪ مهمن تي پابندي مڙهي ڇڏي، توڙي جو انهن ۾ گهڻو ڪاروباري ست هو. ٻيڙا ٽوڙيا ويا ۽ انهن جا روزنامچا تباهه ڪيا ويا. بس اسان لاءِ رڳو ايندڙ دور جي چيني تاريخدانن جو ڪيل هلڪو ڦلڪو ذڪر ئي باقي ڇڏيائون. هاڻ ڦوئنزهو واري جبل سان لڳولڳ پن چڪين تي ڪجھ پٿرن مٿان ٽيل اُڪريل تاريخ جي هڪ اڻ ڦلهوريل راز ته اهي مهمون ڇو بند ڪيون ويون، اها ان جو ڪو معمولي ڏس پتو ئي ڏي ٿي.

اولھ جي دانشورن زينگ هيءَ جي مهمن تي روڪ لاءِ سدائين هڪ سادو موقف پئي اختيار ڪيو آهي. هُن آڏو چنڊ تي پهرين قدم رکڻ کان پوءِ خلائي مهمون بند ڪرڻ وانگر هو. اها پابندي اڄ به ظاهر ٿي ڪري ته چيني پويان نظر ڪندڙ هئا ۽ هو پنهنجي سوچ ۾ سخت گير هئا ته ڪين نئين ڄاڻ جي ڪا ضرورت ناهي ۽ هو پنهنجي خول ۾ بند اهڙن ڪامورن جي رعيت هئا، جن لاءِ عالمي تناظر ختم ٿي چڪو هو. ان جي ثبوت طور چيو ٿو وڃي ته اولھ، سائنس، ٽيڪنالوجي ۽ ترقيءَ جو مهندار رهيو آهي ۽ اهو ته اولھ ڪاوش جي جذبي تي هڪ هٺي رکندڙ آهي. پر تاريخ جي سدائين واري ريت وانگر ان هڪ ڳالھ جي جائزي جا به ڪيئي دڳ آهن. ڪجھ به هجي، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون ته چيني ئي ٽيڪنالوجي جا اصل موجد هئا. هُن عملي طور تي اهي سموريون ايجادون ڪيون، جن جي ڪري اڳتي هلي اولھ کي ڏاک ڄمائڻ جو موقعو مليو. ان ڪري شايد اهو سوال پيدا ٿي پيو سگهي ته ڪهڙي ريت مختلف سيپتائون سوچين ٿيون ته ڪين ٽيڪنالوجيءَ جو استعمال ڪيئن ڪرڻ گهرجي ۽ شايد چين واسين انتهائي عقلمنديءَ سان اهو پروڙيو ته سندن اصل مفاد پنهنجي سرحدن اندر پنهنجي ڌرتي کيڙڻ ۽ اندر جي دنيا کي سنوارڻ ۾ آهي. يعني هم آهنگي جي ڳولا جيڪا سندن سيپتا جو سدائين مقصد پئي رهي آهي ۽ ٻئي پاسي اولھ هو، جنهن وٽ تبديليءَ جي اڄهل خواهش هئي، ٻن ماڻهن جي اخلاقي ۽ طبعي حدن ۾ اڳرائي ڪرڻ ۽ پنهنجي سر انهن جي

آڪاش جي قربان گاهہ بيجنگ. هت ٻارهين صديءَ جي شروعات تائين شهنشاهہ سياري جي راس الجديءَ تي آڪاش کي ڀيٽا ڏيندو هوءِ رياستي پوڄا پاٺ جي انتهائي تعظيم ڀري سالياڻي رسم.

حدن کي قبولڻ کان انڪار جي اَجهل خواهش.

ارڙهين صديءَ کان يورپ واسي ان ڳالهہ تي ڳنڍ ڏيو ٻيٺا آهن تہ اوير اولهہ جي برابري ڪرڻ ٿو چاهي. جيڪڏهن اهو اڳي ٿيل ناهي تہ پوءِ هاڻوڪن ڏينهن ۾ اهو واضح طور سان اسان جي چوڌاري مادي حوالي سان پيش پيو اچي. پر تاڙي ٻنهي هٿن سان وڄندي آهي ۽ شايد اولهہ کي اڄا بہ ڪجھ ماٺ جي ضرورت آهي. اولهہ کي اڄا بہ اوير کان پنهنجي اندرين دنيا کيڙڻ ۽ جيئڻ پوءِ تيئن وڌندڙ محدود دنيا ۾ خواهشن ۽ ڦهلاءُ جي حدن کي قبول ڪرڻ جي سکيا وٺڻ جي ضرورت آهي. اوير ۽ اولهہ وچ ۾ انهيءَ جديد مڪالمي جي شروعات تي فرانسيسي فلسفي پاسڪل چيو هو تہ: اولهہ- واسين سان مسئلو اهو آهي تہ ڪين ايتري ڄاڻ ناهي تہ ”ڪنهن خالي ڪمري ۾ ڪيئن پرسڪون رهجي؟“

منگ ساموندي مهمن تي پابندي مڙهڻ بهرحال چيني ثقافت ۾ هڪ گهري ۽ عميق نگاهہ جو حصو هئي. وحشين کي پرڀرو رکڻ لاءِ هاڻ هڪ نئين عظيم پٽ پويان منگ حڪومت پنهنجو پاڻ کي ڏور اُتر ۾ بيجنگ (اتريون شهر) جي راڄڌاني ۾ ٿانيڪو ڪيو هو، جنهن جو منگولن تيرهين صديءَ ۾

بنياد وڌو هو. اتان هن منگولن ۽ ٻين شورشون ڪندڙن خلاف پوري سگهه سان جنگ جوٽي، جيڪي پندرهين صديءَ دوران سندن اترين سرحد تي لاڳيتو خطرو بڻجي رهيا هئا. گهرو محاذ تي انتظام ۽ ثقافت ۾ هو وصفن ۽ عمل ۾ جيئن پوءِ تيئن سخت ٿيندا ويا. مڪمل طور تي سرايت ڪندڙ سينسرشپ مڙهيائون ۽ سزائن جي قانوني عمل درآمد لاءِ انتهائي بيرحم بڻيا. ساڳي وقت بيجنگ ۾ آسماني قربان گاهه تي شهنشاهه ساڳي ريت ڪنجهيءَ واري دور جي عقيدت پسندي ۾ ان اعتماد تي بيٺل رهيو ته دنيا ڪڏهن به تبديل نه ٿيندي.

بيهڪ تي اٿاريل سوال

هر پاسي دنيا تيزي سان تبديل ٿي رهي هئي. سورهين صديءَ ۾ اولهه جا مشنري ۽ عالم پهريون ڀيرو بيجنگ ۾ رهندي دنيا، وقت ۽ ڪائنات بابت نون نظرين جي تبليغ ڪرڻ لڳا. 1602ع ۾ جيسُوئٽ ميٽيئو رشيءَ منگ دربار ۾ دنيا جو هڪ اهڙو نقشو پيش ڪيو جنهن ۾ سپنن ۾ به نه سوچيل ڪنڊ ڏيکاريل هئا. سُنگ جون شاندار Cartographical حاصلاتون هاڻ تسخير ٿي چڪيون هيون. ان وقت کان دنيا ۾ سڀ کان دگهي ۽ شاهوڪار ترين ڏاهپ ڪَرَ موڙي رهي هئي. جڏهن ته پنهنجي گهڻ- طرفي مظهر ۾ سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جون ثقافتي حاصلاتون اجا تائين غيرمعمولي هيون، پر رياستي سهائتا واري ڏاهپ ۽ علميت جنهن تي انهيءَ سڄي عمارت انحصار ٿي ڪيو، وڌ کان وڌ ماضيءَ سان مڪالمي طور پڙهي ٿي وئي. بيجنگ لائبريري ۾ ان جي عظمت ۽ ترقي پسند جاذبيت جو انتهائي واضح مثال موجود آهي. هت سمورن دورن جو سڀ کان وڏو ادبي مظهر هٿ سان لکيل اُٺاسي هزار جلدن تي ٻڌل هڪ انسائڪلوپيڊيا (سوڪيو چوان شو) آهي. اجا تائين پنهنجي اصلوڪين المارين ۾ ذهن ۾ رکيل، خوبصورتي سان محفوظ ۽ سائي ڳاڙهي، نيري ۽ ڀوري رنگ ۾ رنگيل بهار، گرمي، سرءُ ۽ سياري (ڪلاسڪ، تاريخ، فلسفي ۽ ادب واسطي) جي شاهي ڪيٽلاگ ۾ سسٽم هيٺ ليبل لڳل آهي، اهو ان خيال جو حلفيه بيان آهي ته ماضي، حال ۽ مستقبل جي سموري ڄاڻ کي ڪنهن هڪ ڪمري ۾ سهيڙي سگهجي ٿو. 1640ع واري ڏهاڪي ۾ منگ راڄ جي جاءِ سنڀاليندڙ چنگ سلطنت طرفان سترهين ۽ ارڙهين صديءَ دوران لغت ۽ انسائيڪلوپيڊيائن جي ڪيترن ئي وڏن منصوبن مان اهو سڀ کان وڏو ۽ شاندار ڪم هو. سندن سهيڙيل لکئين ۾ تانگ شاعريءَ جو هڪ جامع ڳٽڪو به هو، جنهن ۾ ٻه پنجاهه هزار کن نظم هئا. اهڙا ڪم سندن دور جي ڏاهپ ڀري ثقافت جو

اظهار آهن، اهڙي ثقافت جنهن جا اڄ ڏينهن تائين جي ادب ۽ فن تي اثر آهن ۽ جيڪا ڊگهي عرصي تائين انتظاميه ۾ اهليت جي باعث پڻ رهي، پر ان ثقافت پنهنجي حدن کان ٻاهرين دنيا ۾ ايندڙ تبديلين ڏانهن انتهائي سست ردعمل ٿي ڏيکاريو، ۽ جنهن جو گهٽي کان گهٽو ثمر پنهنجي پيشروئن کان ماٺيل ڪامورڪي ۽ جاگيرداراڻي نظم و ضبط جي نذر ٿي ويو.

چنگ حاڪمن ۾ سڀ کان وڌيڪ سوڀارو ڪانگ هسي سمورن چيني شهنشاهن ۾ سڀ کان وڌي ڄمار وارو ۽ وڌيڪ مانائتو رهيو آهي. هُن اسان لاءِ حاڪمن جي لکيل آتم ڪهاڻين مان سڀ کان وڌيڪ حساس آتم ڪهاڻي به ڇڏي آهي. ”هاڻ آءٌ ستر کي اچي پهتو آهيان. ملڪ ۾ لڳ ڀڳ امن امان آهي ۽ سڄي دنيا ۾ پڻ. جيڪڏهن اسان سمورا اخلاق ۽ رويا بهتر نه ڪري سگهياسين يا سمورن ماڻهن کي خوشحال ۽ سرهو بڻائي نه سگهياسين ته به ان ڏس ۾ مون پنهنجي اڻٿڪ محنت ضرور ڪئي آهي...“ سمورن معيارن جي لحاظ کان سندس دور به شاندار هو. ساڳيو حال 1736ع کان 1796ع تائين راڄ ڪندڙ شهنشاهه چيئن لنگ جي دور ۾ هو. پر ان ساڳي عرصي دوران اولهه جا مشنري ۽ جاکوڙي سڄي دنيا ۾ پنهنجو اختيار ۽ اثر رسوخ پکيڙي رهيا هئا ۽ هتان کان گهڻو ڏور ”وحشي“ يورپ ۾ بيڪن، نيوٽن ۽ ڊيسڪارٽ پنهنجو پاڻ کي ماضيءَ جي ڪيتري جامع هئڻ سان نه پر آئيندي تي ڪهڙي ريت ڪنٽرول رکجي/ سان سلهاڙي رهيا هئا. هاڻ ڪجھ چيني دانشور ڄاڻ ڏانهن وڌيڪ کليل تعلق ۽ زور ڀري رهيا هئا. جن ۾ هڪ گمنام نوجوان تاريخدان چينگ هسوئي چينگ به شامل هو، جنهن جي ماضيءَ جي عظيم تاريخدانن ابن خلدون ۽ ٿيوسيڊائڊس سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي.

1738ع ۾ چاول چينگ هسوئي چينگ چيني تاريخ جي هڪ اهڙي دور ۾ جيئرو هو جيڪو ٻه هزار سال اڳ چن شهنشاهه جي دور کان مشاهدي ۾ نه آيو هو، ٻين لفظن ۾ اولهه سان ٽڪراءُ ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ تبديليون. هن نئي ڪنفيوشس واري روايت جي شروعات کان چينين جي تاريخ کي ڏسڻ واري انداز جو نئين سر ڀوتاميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس آڌو تاريخ سڀني کي پنهنجي ٻاڪر ۾ ڀريندڙ هڪ اهڙو تصور هئي، جنهن ۾ چيني ادب جي خزاني کي به شامل ٿيڻو هو. ڪنفيوشس وارا ڪلاسڪ، سندس خيال هو ته: ”مڪمل تاريخ“ هئا. ڪنفيوشس حياتيءَ لاءِ درست سونهون ٿي سگهي ٿو، پر هو رڳو هڪ تاريخي نسخو ئي آهي ۽ سندس خيال موجب، هو وقت گذري چڪو هو جڏهن تاريخ نسخن جي لحاتي تجزئي ۽ ڏاهن عالمن جي

مٿي جي ترتيب جو نالو هو، جيڪا هڪ سخت ۽ پراڻي انداز جي نصاب تي ٻڌل هئي. تاريخ بامقصد ۽ متحرڪ هلڻ گهرجي. ڪٿي ماٺو چينگ هسائو چينگ کي انقلاب جي محرڪ، جمهوريت جي پيغمبر ۽ جاگيرداريءَ جي دشمن طور ته ڏسن ٿا، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهو وڏائي کان وڌل ڪم آهي. ۾ 1799ع ۾ پنهنجي مرتئي کان ته سال اڳ هن چينگ سلطنت جي اثر زوال ۽ چين جي آئيندي واري پيش منظر تي ڳڻتيءَ وارو هڪ اڳڪٿي ڀريو خط لکيو، "هيءَ وقت آهي" هن لکيو، "جڏهن تاريخ رکو ماضيءَ سان پنهنجو تعلق نه رکندي پر ماضيءَ کي حال جي سڌاري لاءِ استعمال ڪندي، ۽ ان وسيلي آئيندي تي نظر وجهندي. تاريخدان جي سڀ کان اهم وٿ،" هن چيو: "اها نه رکو ڄاڻ پر اتساهه ۽ ادراڪ پڻ آهي." ڪنهن تاريخدان جا اتساهه سندس خيال موجب، آءٌ چينگ (تبديلين جي ڪتاب) سان پيئنجي پٺي سکيا، جنهن ۾ ڪيس آئيندي کي ڏسڻ لاءِ پاڻ پرو ڪيو. چينگ جي مرتئي مهل چين هڪ اهڙي ڏاري ثقافت سان مڪاميل ٿيڻ وارو هو، جنهن جو تاريخ بابت موقف چيني روايت جي بلڪل ابتڙ هو. پنهنجي يهودي- عيسائي ورثي وارا يورپي سمجهندا هئا ته تاريخ جو هڪ مقصد ٿيندو آهي ۽ اها پنهنجي طئي شده انجام ڏانهن وڌي پئي ۽ اها فتح کين پلئه پوندي هئي.

اولهه سان ٽڪراءُ

ڀا جيڪڏهن چين کي، ان جي غير مستحڪم معيشت، ان جي وڌيڪ غربت ۽ سماجي بي انصافي ان جي جاگيردار طبقاتي ڍانچن ۽ ان جي سخت گير تعليمي سرشتي وارا مسئلا پنهنجي سر حل ڪرڻ لاءِ ڇڏيو وڃي ها ته اهو جديد دنيا ۾ انهن پيڙائن سان گڏ شامل نه ٿي ها، جيڪي ان جو ڀاڱو بڻيون. پر ائين نه هو. اولهه واسين لاءِ پهرين چيني اپٽار ۾ ڪو ابهام ناهي. "اهي وحشي، هيبت ناڪ چهرن، بي ترتيب وارن ۽ هڪ ناخوشگوار خواب رکندڙ آهن. ڪين نالي جي عزت احترام ناهي. هو ڪوڙا ۽ ڪافي حد تائين ڦوندبيل آهن. هو دوکي ۽ طاقت سان ملڪن تي قبضو ٿا ڪن ۽ ماڻهن تي ڏاڍ ڏمر ڪرڻ کان اڳ پنهنجو پاڻ کي دوست ظاهر ڪرڻ جو دولاب ٿا ڏين. سندن ورثاءُ جو بنيادي نڪتو تشدد آهي." فلپائين ۾ اسپيني موجودگيءَ بابت اهي شروعاتي چيني رپورٽون هيون ۽ هو پنهنجي موقف ۾ ڪا تبديلي آڻڻ وارا نه هئا.

ارڙهين صديءَ کان ڏکڻ چيني سمنڊ جي ڪنارن تي اسپين، هالينڊ، پرتگال، برطانيا ۽ بعد ۾ آمريڪا کان ايندڙن جو سلسلو شروع ٿيو. هو سيني،

CS CamScanner

چيني دريافتن، بارودي پائوڊر، سخت پٿرن، مقناطيسي ڪمپاس ۽ ڪاغذ جي نقش جي رڳو واپار ۽ ونڪري لاءِ نه پر پنهنجو وڪرو نظريو، مذهب ۽ مرضي مڙهڻ لاءِ ئي آيا. سگهوئي هنن واپاري ڪوٺيون قائم ڪيون ۽ آفيم جهڙي ناجائز شين جي واپار لاءِ وڏيون رقمون خرچ ڪرڻ لڳا. بيشڪ حاڪميت واري داستان ۾ اوله ان بابت گهٽ ٿو ڄاڻي پر ان اڻويهين صديءَ ۾ چيني تاريخ جو هڪ اهم واقعو "آفيم واري جنگ" جو پڻ چئبو.

برطانيا لاءِ آفيم جي واپار جو اهم نڪتو چينين کي آفيم وڪڻڻ هو، عملي طور تي ان جو مطلب هو ته وڏ ڪان وڏ چينين کي ان جو موالي بڻائجي، پر چين ۾ آفيم تي پابندي هئي ۽ اوستائين مقامي سطح تي ان جي کپت نه هئڻ جيتري هئي. انڪري اهو (آفيم) لڪ چپ ۾ اجازتيافتا واپاري بندر ڪينٽان ۽ ڪلاڪجو هيٺ جهڙن وچ سير وارن اڏن تان وڪرو ٿيڻ لڳو. انهيءَ سڀ اپ ۾ اڻ ٽٽ رابطو هندستان هو، جتي برطانوي سامراجي ملڪيتون ۽ قبضا ارڙهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ وڌيا. برطانيا پنهنجي ليکي اهڙو ڪجهه نه ٿي اپايو/ تيار ڪيو جيڪو چين واسي خريد ڪن، پر هندستان ۾ هو ڏوڏي ۽ ڪجهه حد تائين ڦٽين جي پوک ڪري پئي سگهيا جن جي عيوض هو چين کان عياشيءَ وارا اسر خاص طور تي اوستائين قومي سطح تي وٽن ڏيک ويک جو اهڃاڻ بڻجي ويل چانهه حاصل ڪري پئي سگهيا ۽ ان ريت برطانيا، هندستان ۽ چين وچ ۾ هڪ اهڙو دوزخي ٽڪنڊو قائم ٿيو جنهن کي هڪ صدي اڳ غلامن جي واپار لاءِ آفريڪا، ڪيريبين ۽ يورپ وچ ۾ ٺهندڙ هاڃيڪار ٽڪنڊي سان ڀيٽي سگهجي ٿو. اهو ڪو ننڍڙو ڪاروبار نه هو، حيرت انگيز طور تي اڻويهين صديءَ جي شروعات ۾ آفيم دنيا جي ڪنهن به واحد وکر جي واپار ۾ سڀ کان وڏو واپار هو.

1839ع ۾ جڏهن چيني حڪومت آفيم جي واپار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته برطانيا اهڙي انداز سان طاقت وسيلي جواب ڏنو جيڪو چين اڃا ساڳ پيري جنگ" ۾ چيني ٻيڙا، خود پنهنجي ديس ۾ ايجاد ٿيل هٿيار ٽيڪنالوجيءَ هٿان تباهه ٿيا. چين واسين لاءِ شڪست هڪ ڏونڊاڙيندڙ اعلان هو. هو بيوسيءَ سان اوله جي 'وحشين' هٿان 'وچئين راڄ' ۾ بيشڪون قائم ٿيندي ڏسندا رهيا، جن آفريڪا ۽ هندستان ۾ جاري پنهنجي هيچ پيري ورتا کي هٿ ۾ ڏهرايو. آفيم واري جنگ چيني تاريخ ۾ ڪنهن سامونڊي ور جيان آئي. هن پڻ صدين تائين اوله واسين جي مزاحمت ڪئي هئي پر هاڻ "پرڏيهي شيطان" وچئين بادشاهت جي آئيندي واري تحفظ سان جڙيل هئا.

CamScanner

ڳڻيو. چين ٽائيپنگ (Taiping) جي ننڍن واپارين جي بغاوت، جاپان سان جنگ ۾ شڪست ۽ ناڪام باڪسر بغاوت جهڙين سخت ناڪامين جي سلسلي سان مڪمل ٿيو. پراڻي خوداعتمادي جي پرزا پرزا ٿيڻ سبب اهو ڏاهپ پري رولڙ جو دور هو. سڌارڪن اولهه جي ڪاميابيءَ جا تجزيا ڪندي ٽيڪنالوجي، سگهه ۽ ڏاهپ کي ان جو بنيادي سبب ڄاڻايو. ڪيترن ئي محسوس ڪيو ته ”هڪ سئو سالن اندر چين اولهه جي سمورن طريقن کي اختيار ڪندو.“ جيئن 1870ع ۾ وانگ ٽائو لکيو. جاپاني مثال تي غور ڪيو ويو، جنهن اولهه وارين کي پنهنجي ڌرتيءَ تي پير رکڻ جي اجازت نه ڏيندي انهن جا رستا ۽ طريقا اختيار ڪيا. پين سڌارڪن جهڙوڪ اثرائتي شخصيت رکندڙ ڪانگ يو وائي شهنشاهيت جي خاتمي ۽ نسل، جنس ۽ رنگ وچ ۾ برابري ۽ آزادي جي ڳالهه ڪئي. ان دوران ٻاهرين دنيا جي دٻاءُ جي سٽ نه سهندي چيني شاهي حڪومت نيٺ ڌهي پٽ پئي. ڪميونسٽ پارٽي جي بنياد کان گهڻو اڳ ويهين صديءَ ۾ هڪ جمهوريت پسند تحريڪ ايري پر شاهي حڪومت سمورين تبديلين ڏانهن گونگن ۽ ٻوڙن وارو ردعمل ظاهر ڪيو. ايڪويهه سئو سال کان پوءِ شهنشاهيت جي خاتمي ۽ 1911ع ۾ رعيتي راڄ جي قيام، پڪ ڪان پاهه هارين، گهٽ ترقي ڪيل صنعتن ۽ بينڪي قوتن جي لاڳيتو موجودگيءَ وارن چين جي حل نه ٿي سگهندڙ مسئلن جي حل لاءِ تمام دير سان عمل پذير ٿيا. ”انقلاب جو عظيم پَل“ پهچي چڪو هو، جيئن تبديلين جو ڪتاب آءِ چنگ ڄاڻائي ٿو. ان سموري جو ادراڪ رکندڙ عظيم اڳواڻ مائوزيتنگ پنهنجي عروج لاءِ ڪَرَ موڙي رهيو هو. 1930ع واري ڏهاڪي دوران ڪميونسٽن ۽ قومپرستن وچ ۾ هڪ تلخ گهرو لڙائي لڳي. 1936ع واري جاپاني اڳرائي مائو جي ڪميونسٽن کي قومي آزادي جي محاذ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. نيٺ 1949ع ۾ مائو ۽ سندس ڪميونسٽ ساٿين ورهين جي گهرو لڙائي، ڏڪر ۽ پرڏيهي راڄ کان پوءِ اميد ۽ جذبات جي لهرن تي سوار ٿي اقتدار تي قبضو ڪيو.

پر ماضيءَ کي ناس ڪرڻ واري پنهنجي تڪڙ ۾ ڪميونسٽن غلط طئي ڪيل سڌارن ۽ ظالماڻي تشدد وسيلي لکين ماڻهن جو قتلام ڪيو. 1950ع واري ڏهاڪي جي نام نهاد ”اڳتي ڏانهن عظيم الشان ڇلانگ“ ٻهراڙي ۾ اهڙو ڀيانڪ ڏڪر آندو، جنهن جو ماحوليات ۽ سماجي ڍانچي تي ٿيل نقصان جو اڃا ڪاٿو ئي نه لڳايو ويو آهي. 1960ع واري ڏهاڪي جي ’ثقافتي انقلاب‘ چيني ورثي کي منگولن کان به وڌيڪ هاڃو رسايو. هزار ڪلن ۽ هزار اسڪولن ۾ ڪليل بحث جو واعدو ڏاڍ ڏمر آڏو پاڻي جو ڦوٽو ثابت ٿيو ۽

CamScanner



آفيم واري جنگ. برطانوي ٻيڙو نميسس 1841ع ۾ چيني جنگي ٻيڙيون تباهه ڪندي

يورپي طاقتون چيني ڪيڪ ڪٽينديءَ 1898ع جو هڪ فرانسيسي ڪارٽون.

ڏاهپ ڀري زندگي ايندڙ نسلن تائين پتوڙجي وئي ۽ اهو سيڪجهه اوله جي نظرين ۽ تاريخ بابت اوله جي نقطئه نظر کان پاڪ ڪرڻ جي نالي ۾ ٿيو. هاڻ جڏهن دنيا جي تاريخ جي هڪ انتهائي غيرمعمولي ۽ اثرائتي واقعي کان پوءِ اڏامندڙ ڏوڙ ويهي رهي آهي. اسين پرڏيهين طور پراڻي چين جي انهن روحاني، نفسياتي ۽ سماجي ريکائن کي جاچي سگهون ٿا، جن کي چن شهنشاهه وانگر مائو به ماضيءَ جي بار کان آجو ڪرائڻ واري پنهنجي ديواني واري خواب جي ساڀيان لاءِ ختم ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو هو. ماضيءَ کان سواءِ جيئن ڪنفيوشس چيو، اسان جي حيثيت ئي ڪهڙي ٿي رهي؟

چين جو ورثو

اڄ چين واسي عظيم الشان موقعي واري دور ۾ گهاري رهيا آهن. اڃا تائين سياسي اختيار کان محروم هوندي به هو معاشي ديو بڻجڻ وارا آهن. هو سمورين ميدانن ۾ پنهنجو عظيم ترين مقام ڀيهر حاصل ڪري سگهن ٿا پر سنڌن حاڪمن 1989ع ۾ تيانمن چوڪ تي جمهوري تحريڪ کي ڪچليو ته هنن سچي چيني تاريخ ۾ رهندڙ آپيشاهيءَ جي ان خوف جو اظهار ڪيو، جيڪو ماضيءَ جي دٻ کان حال کي بي عزتو ڪرڻ وارو آهي. چيني ڪميونزم جو مستقبل ڇا آهي؟ ۽ ڇا هو چيني ماضي سان ٺهڪندڙ ڪنهن سچائي واري

CamScanner

آفيم جي ڪٽ. ”اسين ڄاڻون ٿا تہ اوهان جو ملڪ چين کان
ٽ ستر هزار لي (ماپ جو چيني اهڃاڻ) جي فاصلي تي آهي.“
1839ع ۾ راڻي وڪٽوريا ڏانهن ڪمشنر لن لکيو ”توهان کي
اهو زهريلو نشو هٿ وکڻ ۽ چين واسين کي ايذائڻ جو
ڪهڙو ٿو حق رسي؟ توهان جو ضمير ڪٿي آهي؟“

لاڙي ڏانهن موٽ ڪائيندو، سو اڻ چٽو آهي. يا شايد جمهوريت پسندن جي پراڻي نسل مان هڪ ليانگ شومنگ 1920ع واري ڏهاڪي ۾ اها بي ڌڙڪ اڳڪٿي ڪرڻ مهل ڪو گهڻو غلط نہ هو تہ مستقبل جي عالمي سڀيتا چين جي عالمي سڀيتا جي نئين سر جوڙجڪ ڪندي. جيتوڻيڪ اولهہ جي ڪجھ قدرن مثال طور انفرادي آزادي ۽ سائنسي روايتن کي ساراهيندي، جن بابت ڪيس اميد هئي تہ چين هڪ ڏينهن پنهنجي انسان دوست قدرن سميت اختيار ڪندو، ليانگ اولهہ جي مڪمل تقليد کي ڪوڙو رستو سڏيندي نڌيو. اولهہ جي منڍيءَ واري جمهوريت کي هن خاص طور تي چيني روايت سان اڻ-ٺهڪندڙ سڏيو. چين جو بنيادي جذبو هم آهنگي ۽ آميزش حاصل ڪرڻ هو، پر اولهہ تبديليءَ لاءِ ٿو پير ڪٽي، اهو رستو فطرت ۽ روحانيت لاءِ تباهيءَ وارو آهي. اولهہ کي وقت گذرڻ سان گڏوگڏ سندس خيال ۾ جيڪو ادراڪ حاصل ڪرڻو هو سو ڪنفيوشن ’جين‘ (انسانيت) هو.

انسان ذات جي تاريخ ۾ چين جو حصو انتهائي شاندار آهي. ان جي سياسي سرشتي دنيا جي هڪ وڏي آبادي کي ڊگهي عرصي تائين استحڪام ۽ امن ڏنو جيڪا اڄ تائين هڪ شاندار حاصلات ليکي سگهجي ٿي. اڪثر

اڻويهين صديءَ ۾ چيني Mandarins. "اسان جو عظيم ديس پنهنجي بحاليءَ لاءِ ميڻهن ۽ واءُ جو گهرجائو آهي." سڏارڪ گونگ زهن 1839ع ۾ لکيو. "افسوس تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ماڻهو ڳالهائڻ جي همت نه ساري سگهندا آهن."

حڪومتون آپيشاهي واريون پڻي رهيون آهن، پر هڪ هزار سال اڳ هن اهليت جي بنياد تي سرڪاري اهلڪارن جي چونڊ جو اهڙو امتحان مقرر ڪيو هو، جيڪو اسان جي دور تائين به بي مثال آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ وارن شعبن ۾ هو جديد دور تائين باقي سڄي دنيا کان اڳڀرا هئا. چيني سمورين سيپتائن ۾ شايد سڀ کان پهلا هنرمند هئا، جن ڪنجهي، تامر چيني ۽ ريشم وغيره کي هڪ نئون روپ ڏنو. بيمثال خطاطي ۽ چترڪاري سندن حساسيت جو هڪ وڏيڪ نمونو آهي. سندن ادب خاص طور تي شاعري شاندار خزاني سان ڀرپور آهي. تاريخ نويسي جي سڀ کان آڳاٽي ۽ ڊگهي ترين روايت به ولن ئي هني. پر سندس سمورن ورثن مان شايد عظيم ترين وٿ به رڳو سندن ذريعي پيش ٿيو ۽ هم آهنگي ۽ تفاوتن جي ميلاپ وارو نظريو، جيڪو تائوسٽن رکيو، سندس سيپتا جي بنياد ۾ ڪنفيوشس جي عملي اخلاقيات واري تصور سان وڏيو ڪنجهيءَ واري دور جي پاڪندي ثقافت

پنهنجي پيشروئن، پارسائي ۽ لکت جي جادو لاءِ احترام سميت موجود آهي. هو تصور ايترو ته پيچيدي ويل هئا جو چيني تاريخ جي سمورن لاهين چاڙهين ۾ سنڌن سيپيتا ڪڙهن ۾ پنهنجو ثقافتي تسلسل ٽوڙڻ کان سواءِ هوندي ۽ پنهنجو پاڻ کي ننڍين سر جوڙيندي رهي، جيڪو سلسلو بادشاهت جي خاتمي ۽ ڪميونسٽ انقلاب تائين جاري رهيو. ويهين صديءَ جي ڏکن ڏوهرن کان پوءِ ڇا اهو واضح ناهي ته اينڊرز تجديد ڪيئن ٿيندي ۽ ڇا اها به ماضيءَ جي ان ڪين پيرن وانگر ماضيءَ کي نئين پنهنجو ماڊل بڻائيندي، ڇا ماؤ ۽ سنڌس پيروڪار ڪلاسيڪل چين جي عظيم روايتن سان رابطا مڪمل طور تي ٽوڙي چڪا آهن، سو چوڻ جي هو چاهيندا به ته هيئنر ڏکيو آهي.

پر هڪ ڳالهه لاءِ اسان کي خاطري هئڻ گهرجي. اڳڪٿين جي آڳاٽي ڪتاب 'آءِ چنگ' ۾ 'انقلاب' جي سري هيٺ چتاوني آهي، جنهن جي موجب 'انقلاب ۾ پڻ غلطين کان پاسو ڪجي، تمام گهٽي تڪڙ ۾ حرڪت نه ڪجي ۽ ماڻهن خلاف انتهائي بيرحمي جو مظاهرو ڪرڻ کان پاسو ڪجي. ليڊرز هر عمل هڪ بهتر سچ جو ساٿاري هئڻ گهرجي. اندر جي سچ تي ٻڌل انقلاب پيڙائون آڻيندو. ماڻهو ان جي ئي حمايت ڪندا جيڪو ڪين دل سان درست ۽ انصاف ڀريو لڳندو.” اهو ئي جيئڻ ڪنفيوشس چوڻ چاهيو هوندو، آسمان کان مليل اختيار جو مطلب آهي.

باب چوٿون

مصر

سڀيتا جي عادت

نيل ماٿريءَ ۾، آڳاٽن مصرين، دنيا جي قديم ترين، انتهائي اهميت ڀري ۽ گهڻي ڄڻادار سڀيتائن مان هڪ قائم ڪئي. فرعوني مصر جي ’عظيم الشان روايت‘ جا اهڃاڻ اهرامن، مينارن، شينهن جي جسم ۽ عورت جي چهري وارين خيالي شبيهن، تصويرن واري لکت وغيره طور اسان لاءِ اوپرا ناهن ۽ اهو سولائي سان وسريو وڃي ٿو سندن ۽ اسان وچ ۾ تمام گهڻو عرصو لنگهي چڪو آهي. عرصو، جيڪو مصري تاريخ جوڙي ٿو، تاريخ جيڪا فرعوني دور جيتري ئي شاهوڪار ۽ دلچسپ آهي. مصر ۾ ڪو هڪ هزار سال يوناني، رومي ۽ بازنطيني راڄ رهيو ۽ هت اسلام کي آئي به تيرهن سئو سال لنگهي چڪا آهن. آڳاٽي دور کان ’قطع تعلق‘ (جيڪڏهن ڪن پل لاءِ اسين اهڙي سادي انداز ۾ ڳالهايون) گهڻو وقت اڳ جي ڳالهه آهي ۽ اسين پنهنجي ڳالهه اتان ئي شروع ڪنداسين، پڄاڻيءَ جي شروعات ڪان جنهن، بابت مئنيٿو نالي هڪ مقامي ٻاوي يوناني ٻوليءَ ۾ مصر جو داستان لکيو.

هڪ روايت جي پڄاڻي

332 قبل مسيح سڪندر اعظم هٿان مصر جي فتح حقيقي طور تي ان جي تاريخ جو هڪو وڏو ڇال آهي. اسين اهو يقينا ٿيل جائزي جي روشنيءَ ۾ ٿا چئون. اتي ان کان اڳ به مثال طور هائيڪسس جي 108 سالن واري راڄ

دوران به اهڙا واقعا پيش آيا آهن. وڏيڪ تازو آسيرين ۽ پرشيا وارن سرداري ڪئي آهي. پر ڪوبه ادارن ۽ روايتن جي ان غير معمولي تسلسل ۾ خلل نه وجهي سگهيو آهي، جنهن کي هڪ عالم يادگار جملي ۾ مصر جو 'سانت سڪون' سڏيو. پر سڪندر جي فتح پراڻي ملڪ لاءِ گهڻو وڏيڪ جوکم کڻي آئي، جنهن ان جي عالمي يوناني لهجي واري شاندار ثقافت کي ڏسڻ، فطرت، معاشري ۽ سياست جي اپٽار ٽيل نون پر اٽانگهن رستن کي ظاهر ڪيو. ٽن هزار سالن جي درج ٿيل تاريخ کان پوءِ وري ڪڏهن به ڪو ديسي فرعون، 'ٻن ڌرتين' تي راڄ ڪرڻ وارو نه آهي. جيئن هاڻ اسين ان کي ڏسون ٿا، اها دراصل پراڻي مصر جي پڇاڙي جي شروعات هئي، جنهن ڏگهي عرصي تائين نظريي، مذهبي عقيدي ۽ ادارن جي اپرڻ واري سگهه ۾ اٽميو اٿر پٿي ڏيکاريو آهي. يونانين ۽ رومين جي لڳ ڀڳ هڪ هزار سالن واري راڄ کي مقامي ثقافت جي تبديلي، پراڻي رياستي ڍانچي، ان جي پنڊت- پٽي، ان جي لکت وارن طريقن، ان جي ٻولي، ان جي لاڙن ۽ خود ديوتائن جي خاتمي جو مشاهدو ڪرڻو هو. پر ان هوندي به تاريخ ۾ گهوٽالن وارا اهي دور نوان پاسا ۽ نوان امڪان آڻن ٿا ۽ يوناني دور خود يونانين جي 'آڳاٽي ڏاهپ واري ڌرتي' ۾ مقامي ٻڌجڻ واري عمل دوران مصري ورثي کي آڳاٽي دنيا وسيلي منتقل ٿيندي ڏٺو.

يوناني فتح کان ترت پوءِ، مختلف انساني نسلن بابت ادب اپرڻ شروع ڪيو، جيڪو گهٽي ڀاڱي مصر ۾ رهندڙ يونانين جو لکيل هو، پر ڪجھ سياحن به ان بابت رندا روڙيا، اهو يونان جي انهن پاڙهوئن کي ذهن ۾ رکي لکيو ٿي ويو، جيڪي پنجين صدي قبل مسيح ۾ هيرودوتس جي مشهور سفرنامي کانپوءِ مصر وارن جي شين تي هرکيل هئا. يونانين جو خيال هو ته مصر اهو ماڳ آهي، جت دنيا ۾ پهريون پيرو مذهبي لاڙو منظم ڪيو ويو، غير ادراڪي قديميت جو ٿاڪ. ڪنهن وڏيڪ پراڻي ثقافت کي سندن ٻيڪاٽپٽي کي اسين افلاطون جي هڪ مصري پنڊت واتان چورايل لفظن ۾ محسوس ڪري سگهون ٿا. "او خدايا! توهين يوناني ته صفا ڪي ٻار آهيو، توهان ۾ وڏي ڄمار وارو ته ڪو آهي ئي ڪونه." مصر لاءِ سندن ٻاراڻي هيڇ ڊيلفي جو دورو ڪندڙ هڪ مصري پنڊت جي ان هيلئوڊورس قصي ۾ به نظر ٿي اچي، جنهن ۾ ڪيس وڪوڙيل يونانين "مون کان هر قسم جا سوال ٿي ڪيا ته پنهنجي ديس جي ديوتائن کي ڪيئن ٿا پوڄيو؟ جانورن جي پوڄا ڇو ٿا ڪريو؟ اسان جي مختلف مذهبي لاڙن جو مطلب/ مقصد ڇا آهي؟

CS CamScanner

اهرام ٺهرايا ريت ناهيا ويا هئا؟ زمين دوز منجهائيندڙ واٽن جو مقصد آهي؟ منصر اهو ته اسان جي ريتن رسمن جي سمورن حوالن بابت سوال ٿي سگهيا اون، يونانين وٽ مصر بابت داستان پڙهڻ جهڙي دلچسپ ڪرت ناهي."

سڪندر جي آمد کان پوءِ واري نئين ادب جو گهڻو ٿو حصو مصري پنڊتن جي ذاتي مشاهدن تي ٻڌل هو. سندن پيٽ ارڙهين ۽ اڻويهين صدي جي انهن انگريز عالمن سان ڪري سگهجي ٿي، جن برهمڻن جي مدد سان پهريون ڀيرو هندومت جي ويدن ۽ سنسڪرت جي مواد کي پروڙيو. يوناني حاڪم بطليموس ثاني جي راڄ (282 کان 246 قبل مسيح) دوران مصري (يهودي ۽ بابلي به) ڪتاب يوناني ۾ ترجمو ڪرڻ جو هڪ پروگرام شروع ڪيو ويو ۽ سندن ئي دور ۾ امڪاني طور تي 280 قبل مسيح کان پوءِ مئنيٿو نالي هڪ مصري پنڊت Aegyptiaka (مصر جا معاملا) لکيو، جيڪو اڳاتي مصري تاريخ جي جديد اڏاوت ۾ بنيادي دستاويز ثابت ٿيو.

مئنيٿو پنڊت سڪندر اعظم جي جيئري ئي ڄائو هوندو. سندس تعلق ڊيلٽا جي سبينيٽس سان هو، جيڪو هاڻ نيل جي شاخ ڊميٽا سان لڳو لڳ ٿڌين جي پوک ۽ کجيءَ جي وڻن سان گهريل هڪ ننڍڙو شهر آهي. ان جي پرسان مئنيٿو جي حياتيءَ ۾ ئي بطليموس ثاني جي دور ۾ سينگاريل سنواريل 'رحمدل ماءُ' آئسس سان ارپيل هڪ عظيم الشان پوڄا گهر هو. (هاڻ کنڊر بڻيل ان جي مقدس تلاءُ تي اڄ به عورتون پنهنجي اولاد لاءِ دعائون پنڻ ايندڀون آهن.) جيڪڏهن اسين پاڻ کي تصوراتي طور تي مئنيٿو جي دور واري مصر ۾ پهچايون ته اسان کي محسوس ٿيندڙ پهرين اهم شئي مقدس ڌرتي ۽ هڪ پراڻي ملڪ ۾ رهڻ واري ڪيفيت هوندي. ڊيلٽا پراڻن شهرن سان پريل هئي، جن مان ڪيترن ۾ اڄ به آبادي موجود آهي. سبينيٽس جي ويہ ميل ڏکڻ اولہ ۾ اڄڪلہ ٽانٽا سڏجندڙ 'آمن ري' جو شاندار مذهبي ماڳ هو، جتي اڄ به ڏهن لکن کان وڌيڪ ماڻهو سيدالبدوي جي ڊيلٽا واري ڪاچ منڊ ۾ نيل جي چاڙهہ دوران گڏ ٿيندا آهن. اتي فقير ۽ درويش ۽ نانگن جو تماشو ڏيکاريندڙ بي خود ۽ مست هجوم آڏو پنهنجي ڪرتبن جو مظاهرو ڪندا آهن. جڏهن ته شاعر ۽ سنگيتڪار مذهبي ۽ لوڪ داستانن جا اڻ ميا روپ نروار ڪندا آهن. ڏکڻ اوڀر پاسي ٿورڙو پرڀرو، بوباسٽس ۾ يوناني دور جو سڀ کان وڏو ڪاچ/ ميلو لڳندو هو، جتي هيرودوٽس موجب هر سال ست لک ماڻهو مڪمل ۽ ضابطي کان آجي مذهبي جلوس جي پڙ تي گڏ ٿيندا هئا. نيل جي

مصر جي بي مثل جاگرافي پنهنجي ماٺهن ۽ سندن سڀيتا جي ڪردار کي اڄ ڏينهن تائين هڪ روپ پئي ڏنو آهي. رڳو اسوان ۾ نيل نديءَ تي بند ٻڌڻ واري عمل ئي انجي ماحول ۽ ثقافت جي غيرمعمولي تسلسل ۾ رنڊڪ وجهڻ جو خطرو ظاهر ڪيو آهي.



ڪنارن تي ڊيلٽا کان مٿاهين نيل جي ٿيبس ۽ ان کان ٻه اڳتي تائين سفر، ڪجهڙاپ رڪنڊڙ عظيم الشان قديم مذهبي لاٽن ۽ فرقن جي مرڪزن جي مشاهدي وارو هوندو هو، انهن مان ڪيترائي يونانين نئين سر اڏرايا ۽ مقامي ديوتائن جي سولائي سان پنهنجي ديوتائن طور سڃاڻپ ڪرايائون. اتي اخمم ۾ من (پان/ پئن) ديندرا ۾ هاٿور (ايفرودائيٽ)، ايڊفو وارو هورس (اپالو) هئا، ٿيبس جنهن کي يونانين ڊيوس پولس (لفظي مطلب 'خدائي شهر') جو نالو ڏنو، عظيم ديوتائن جو ٿاڪ هو، ان کان سواءِ نُوبيا جي نارنگين جي باغن سان ڀرپور علائقي ۾ ڪوم اومبو ۽ ايسنا کان ٻه اڳتي تائين پوڄا گهر پکڙيل هئا. شايد رڳو هندستان ۾ گنگا يا ڪاوورِيءَ جي ڪناري تي اڄ اهڙي عقليت

پرستي نظر اچي، هڪ مقدس ڏرتي، جنهن تي روزانو سفر دوران عظيم الشان مندرن ۽ تيرٿن جي ياترا ڪري سگهجي ٿي.

مئنيٿو هاٿوڪي قاهره پرسان، هيلين مصر ۾ مذهبي ماڳ هيلئو پولس ۾ پنڊت ٿيو. اسين اهو به ڄاڻون ٿا ته هن اهم ميلن ملاڪڙن جي نوعيت، اڳاڻي مذهبي صحيفن جي اپياس، دوا ۽ مُشڪ ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ اڳاڻي 'ڪائفي' جي تياري بابت مختصر احوال، فطرت جي نظرين بابت هڪ نسخو ۽ مصري مذهب تي ڪتاب پڻ لکيا. هو ڪو وڏو عالم يا مفڪر نه هو، سندس پورهئي جي اهميت اها آهي ته هن يونانيءَ ۾ لکيو. هو امڪاني طور تي پهريون مصري هو جنهن پرڏيهين لاءِ پنهنجي ديس بابت لکيو. سندس تحرير ڪو اتفاق يا انوکو واقعو نه هئي. هن واضح طور تي ڪنهن بيٺڪي تجسس کي مطمن ڪرڻ يا يوناني سياحت کي همٿائڻ جو ارادو نٿي رکيو، ان جي بدران هن مقامي نظريا، اعتقاد ۽ تاريخ مصر جي يوناني حاڪمن جي خود سندن ئي ٻولي ۾ رسائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ ان ۾ سندس مقصد کين روايتي مصري ثقافت جي اهميت ۽ قدر کان واقف ڪرڻ هو. مثال طور، اسين ڄاڻون ٿا ته هن هيرودوٽس جي مصري تاريخ بابت 'لاعلمي' تي چوٽ چنڊيا، جنهن کي هن سياحن جي سونهين واري لباڙ سان پريل پاتيو. مئنيٿو شايد ٻه- زباني يوناني دنيا ۾ پنهنجي پنڊت پٽي واري طبقي ۾ به شعوري طور تي ترقي جو خواهشمند هو، پنهنجي بقا جي اهڙي حڪمت عملي اسان کي هن ڪتاب ۾ مسلم هندستان، منگول چين ۽ اسپيني وچ آمريڪا ۾ پڻ نظر اچي ٿي. ڪنهن پرڏيهي ريت جي ڊگهي عرصي تائين مزاحمت ڪندڙ مصري 'برهمڻ' کي هاڻ وقت سان گڏ هلڻو هو يا ميسارجي وڃڻو هو.

مئنيٿو جي تحرير مصري تاريخ کي ٽيهن راڄن ۾ ورهايو، جيڪا سندس دور کان ڪو ٽي هزار سال اڳ 'مينس' (لفظي مطلب امڪاني طور تي 'تعميل ڪرائيندڙ' يا 'گڏ ڪندڙ') نالي هڪ بانيڪار کان شروع پئي ٿي. مينس بابت سمجهيو ٿي ويو ته هن مٿانهين ۽ هيٺانهين مصر جي ٻن ديسن کي متحد ڪيو ۽ هڪ گڏيل رياست قائم ڪيائين. مئنيٿو سنڌس ۽ ڪانئس پوءِ ايندڙ پهرين راڄ جي سنڌس ستن پونئيرن جي عرصي بابت درست ڄاڻ ڏيڻ ۾ ڪامياب رهيو. چٽرن ۽ تصويرن وسيلي بيان ٿيندڙ لڪت واري مصري ٻولي ڳالهائيندڙ طور مئنيٿو کي اوستائين به هيلئو پولس جهڙن اهم پوڄاگهرن ۾ موجود پنڊتي روايتن تائين رسائي حاصل هئي. اهڙي هر پوڄاگهر جو پنهنجو اپياس ڪمرو، جنهن کي 'حياتي جو گهر' سڏيو ويندو هو، موجود

هو، ان جو بهترين مثال ايڊفو وارو ٽوليميئڪ پوڄا گهر آهي، جنهن جي ڀتين تي اڃا تائين ان جي مقدس ڪتابن جو ڪئٽلاگ اُڪريل آهي. انهن ڪتابن مان مئنيٿو مصري مذهبي روايتن ۽ دستورن جا تفصيل مهيا ڪيا. ٻين ذريعن ڪيس سندس واقع نويسيءَ جا ڍانچا فراهم ڪيا. تيورن پئپرس ۽ پئلرمو پٿر جهڙا اڃا تائين موجود اهڃاڻ ظاهر ٿا ڪن ته سندس دور ۾ نه رڳو مينس جي دور جو پر ان کان به اڳتي هيٺانهين ۽ مٿانهين مصر جي ڌار ڌار سلطنتن واري وقت جو به ريڪارڊ موجود هو.

مئنيٿو جو مواد بچي نه سگهيو آهي ۽ اسان کي ان بابت ڄاڻ پهرين صدي عيسويءَ جي گرجا گهرن جي پادرين ۽ رومي تاريخدانن جي تمام گهڻو استعمال ڪيل حوالن مان پوي ٿي. بهرحال ان عرب دور تائين جي مصري تاريخ جي ڍانچي تي پنهنجا اثر ڇڏيا. اهام جيئن هاڻ اسين ڏسون ٿا، اينڊڙ دنيا لاءِ هڪ پل هئي، دنيا جنهن قديم جي جاءِ والاري. مصر جي عظيم روايت، هندستان ۽ چين جي روايتن جي اُبتڙ، جديد دنيا ۾ باقي رهي نه سگهي ۽ پنهنجي سڃاڻپ وڃائي يوناني ۽ اسلامي دورن دوران وچ اوڀر کي پنهنجي ليپٽ ۾ ونندڙ وڏين تبديلين ۾ گم ٿي وئي. انکي اصل روپ ۾ ڏسندڙ يوناني آخري ماڻهو هئا ۽ جيتوڻيڪ مئنيٿو اهو نٿي ڄاتو ته سندس پورهيو هڪ اهڙي دنيا جو نوحو هو، جيڪا، جيئن هن لکيو هو، تقريبا پساهه ڏئي چڪي هئي.

شروعاتون

مصري نيل ذائقي جي مٺاڻ، ڊيگهه ۽ ڪارج ۾ دنيا جي سمورين ندين کان مٿيري آهي،' عرب سياح ابنِ بطوطا لکيو: "دنيا جي ڪابه ندي پنهنجي ڪنارن تي شهرن ۽ ڳوٺن جو اهڙو ڳنڍيل سلسلو نه وري ايتري حد تائين زرخيز زمين ڏيکاري سگهي ٿي." مصر جي سڀيتا به عراق، هندستان ۽ چين وانگر پنهنجي حياتيءَ جو امرت ڌارا نديءَ مان ماڻيو. هندستان جي گنگا وانگر نيل به حياتي بخشيندڙ خود ديوتا طور پوڄي وئي. ٻين صدي (ق-م) کان نديءَ سان لاڳاپيل پوڄائن جو ڏس ملي ٿو: بازنطيني عيسائي آهن ۽ ٻارهين صديءَ سان تعلق رکندڙ هڪ شامي دعا ان جو مثال آهن. سينٽ مائيڪل جو ڪاپٽڪ روزو اڃا تائين 17 جون تي 'ڦڙيءَ واري رات' نديءَ جي چاڙهه جي اهڃاڻ تي رکيو ويندو آهي. روايت موجب اهو ڦڙو چاڙهه مهل بهشت مان ڪري ٿو جڏهن ته اڳاٽي روايتن موجب اهو آئسس جو ڳوڙهو آهي. جيتوڻيڪ اهي

قديمي ريتون رسمون اڄ ميسارجي رهيون آهن، پر وراڻيون ۽ دعائون اڄ به ٻڌجن ٿيون، خود روايتي مسلمان ڪٽنبن ۾ به دعا پڙهي ويندي آهي: "اي منهنجا الله نيل جو سچو پيٽ تار ڪر." ان ڏينهن ۾ اها ندي بيمثال هئي ۽ ان پنهنجي ديس کي لاجواب ٿي ٺاهيو. ندي، جنهن ٽڪرين ۽ پٿرن، سڻي پاٽي جي سوڙهي پيٽ ۽ ساون ڪيٽن وچان ڇهه سئو ميل سفر ٿي ڪيو. مصر جي جاگرافيءَ ان جي سڀيتا ۽ ماڻهن جي هر ڪردار کي روپ ڏنو آهي. عراق جو جذبو ته غمگين هو پر اتي نيل جي هر سال تار ٿيڻ تي، جيئن اڳاٽي دور وارن چيو: "پنيون ٽهڪ ٿيون ڏين، ماڻهن جا چهرا ٻهڪن ٿا ۽ خدا پنهنجي من ۾ سرهائي سان ٿمٿار ٿيو وڃي." چاڙهه جي پوين ڇڏيل حياتي ڀري مٽيءَ مان مصرين انسانيت ۽ شين جي استحڪام ۾ زنده دل اعتماد ماڻيو. اڳاٽي ميسوپُٽيميا جي بلڪل ابتڙ سندن (مصري) سڀيتا سدائين پر اميد رهي.

سگهاريون قدرتي سرحدون، ساليانو چاڙهه جي پيدا ڪيل زرخيز زمين، پٿر ۽ قيمتي ڌاتن وارا اڻ ڳڻيا معدني وسيلا، اهو سڀڪجهه شروعاتي عراق کان گهڻو مختلف هو. ان مصري تاريخ جي ٽن هزار سالن کان وڌيڪ عرصي دوران هڪ اڇوتي ثقافتي خالص پٽي ۽ جادوئي خود اعتمادي کي اڀاريو. جديد آرڪيالوجيءَ مصر جي تاريخ کان اڳ واري دور جي دائري کي ايجا به پوئتي نيو آهي ۽ واضح ڪيو آهي ته ان جا ڪيترائي اڳتي ايندڙ خد و خال نيل ماٿريءَ ۾ پوکيءَ جي گهري ماضيءَ مان حاصل ڪري سگهجن ٿا. ڇهه هزار (ق- م) ڌاري چاڙهه جي ميدانن ۾ جوڙيل پوکيءَ وارا ڳوٺ آباد آهن، جت ڪڻڪ، جَون جي پوک، رڍن ۽ ٻڪرين جي پالنا ٿيندي هئي. ايندڙ ٻن هزار سالن دوران اسين اڄ ڏينهن تائين مصري تاريخ، ثقافت ۽ جاگرافيءَ جي بنياد تي ورهاست ڏيکاريندڙ ٻن علائقن يعني ماٿريءَ سان لڳولڳ ۽ ڊيلٽا ۾ ڪيترن ئي ننڍين رياستن جي آهستي آهستي تشڪيل ڏسون ٿا. چار هزار (ق-م) ڌاري ڪانپوءِ آبادين ۽ وسندين ۾ جوڳي اضافي، پٿر، ڪنجهي، ٽامي ۽ سليٽ وارن ڌاتن جي ڪم ۽ بهترين ٺاهيل هنر ۽ ٽيڪنالوجيءَ واري هنرمنديءَ جو مشاهدو ٿا ڪريون. مٽيءَ جي پورن واري پٽين اندر ڀريان ننڍڙا شهر مقامي حاڪم ڪٽنبن جي مقبرن سميت 3500 (ق-م) ڌاري ظاهر ٿا ٿين. ڊيلٽا مان ملندڙ ثابتي ناڪافي آهي. ان علائقي ۾ گهڻي ڀاڱي اوائلي ٿاڪ اونهي مٽيءَ ۾ ڏٽيل آهن، تنهن ڪري بعد واري وارتائن لاءِ اسان کي مٿاهين مصر جي ماڳن تي ڀاڙڻو ٿو پوي.

چار هزار (ق- م) جي وچ ڌاري مٿاهون مصر ٽن بادشاهتن ۾ ورهايل ٿو لڳي، جن جا مرڪز نيخين (هائراڪونپولس) نگيدا ۽ دس هئا. امڪاني طور تي اهي هڪ ٻئي جا مخالف هئا. هائراڪونپولس باز ديوتا هورس جي پوڄا جو مرڪز هو، جڏهن ته نگيدا 'سيٺ' ديوتا جو. مصري مذهبي ڏند ڪٿائن مان هڪ ۾ هورس ۽ سيٺ وچ ۾ ٽڪراءُ جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي ٻئي مٿلن جي حاڪم اوسيرس جا پٽ هئا. ڪيترائي عالم ۽ ماهر هاڻ ان ڳالهه تي يقين ٿا ڪن ته اهي ڏندڪٿائون ٻنهي بادشاهتن وچ ۾ حقيقي ويڙهاند جو قصو آهن، جيڪا هورس بادشاهن هٿان ڊيلٽا جي فتح تي پڄاڻي تي پهتي.

هائراڪونپولس: مصري تاريخ جي شروعات

انهن سمورن سوالن، ايستائين جو مصر جي ايڪتا واري مڪمل ڪهاڻي جو مرڪز اُهي شاندار کوٽايون آهن، جيڪي هائراڪونپولس ۾ 8- 1897ع ڌاري ٿيون. اڄ اهو لڪسر کان پنجاهه ميل ڏاکڻ واري پاسي 'ڪُم الاحمر' (ڳاڙهو دڙو) نالي هڪ ننڍڙو ۽ گمنام ڳوٺ آهي. هت تاريخ کان اڳ واري قبائلي بادشاهت نيخن جو مرڪز ۽ هورس (باز) سڏجندڙ هڪ مقامي بزرگ جو مقبرو هو. ان ريت ان جي يوناني نالي جو لفظي مطلب 'باز وارو شهر' ٿو نڪري. 1897ع ۾ برطانوي آرڪيالاجسٽ جيمس ڪئيبيل ۽ ايف ڊبليوگرين هت تن ڏينهن ۾ مصر جا بنياد نهارڻ آيا، جڏهن يورپي ٻيڪي قوتن جا آرڪيالاجسٽ مائسنائي، بوغاز ڪوئي، بابل نينوا ۽ آشور سميت هر هنڌ شاهي بنياد هٿ ڪري رهيا هئا. هائراڪونپولس تاريخ کان اڳ واري مصر ۾ غير اهميت ڀريو ماڳ هو، هت مٽيءَ جي پورن سان ٺهيل پٽين واري هڪ ننڍين بادشاهت جا نامڪمل کنڊر هئا. پر ڪئيبيل ۽ گرين ان هوندي به وڌيڪ اڳاٽا اهڃاڻ ڳولهڻ جي ڪوشش ۾ هئا، ڇاڪاڻ جو مصري شاهي روايت سدائين زور ڀريندي پئي آئي ته اهو انهن بادشاهن جي عقيدي جو مرڪز هو، جن مصر کي متحد ڪيو، ايستائين جو ان جو نالو فرعوني مصر جي خاتمي تائين شاهي لقبن ۾ هڪ تعظيم ڀري اهڃاڻ طور برقرار رهيو. ڳوٺ پويان هڪ ٽڪري تي، هن هڪ چرڪائيندڙ دريافت هٿ ڪئي. پوئين هورس پوڄا گهر هيٺان مصر جي پهرين بادشاهن جي مال خاني مان ڪاٺن ۾ ڪتب ايندڙ عاج ۽ ٻين سامان جا انبار هٿ آيا، بادشاه جن جا ڪوبرا، ڪيٽفش، اسڪارپئن ۽ ٻيا هڪ جهڙا خونخوار نالا هئا، بادشاهه جن تاريخي فرعونن کان مختلف وحشي دنيائن ۾ ساهه ٿي کنيو.

مصر ۾ کوٽائيءَ کان پوءِ مليل سمورن اسمن ۾ شايد سڀ کان اهم واحد دريافت، نارمر نالي بادشاهه جي فعلن جي تعريف ۾ تراشيل چترن واري ٻه فٽ ڊگهي ڪاري سليٽ جي هڪ پٽي هئي. ان خزاني جي اهم وٿ هڪ خاڪو آهي، جيڪو مٿاهين مصر جي هڪ بادشاهه هٿان ڊيلٽا جي سوڀ جو واضح اشارو ٿو ڏي، اهو شايد نارمر جي سوڀ جو ئي لمحو هجي. مٿاهين مصر جو تاج پاتل بادشاهه ڊيلٽا جي مفتوح ٻڌايل بادشاهه جي ڪوپڙيءَ مان ٽپ ٿو ڏي، جڪو عمل پئپرس ِ واري علامت وسيلي چٽيل آهي. ڪنڌ ڪپيل دشمن هورس (باز) اڳيان قطارن ۾ پيا آهن. پٿر جي هڪ ڇپ تي ساڳيو بادشاهه نارمر اُتر سان تعلق رکندڙ هڪ معزز خاتون جو آڏرياءُ ڪندي ڏيکاري ويو آهي. اهو شايد شاهي شاديءَ جو چٽ آهي، ڊيلٽا ۾ سندس نئين حيثيت جي ميڄتا جو اظهار. ٻيون ڇپون مٿاهين مصر جي هٿياربند ديوتائن هٿان دشمن شهرن جي تباهي ٿيون ڏيکارين، اهي ديوتا پنهنجي شينهن، ڪيڪڙي ۽ باز جي علامت وسيلي چٽيل آهن. هڪ ڪاج واري ڇپ تي ٿيل اُڪر ۾ اسڪارپين (ڪيڪڙو) سڏجندڙ بادشاهه ڪوڏر سان آبپاشيءَ جي واهه جي کوٽائي ٿو ڪري، جيڪو بادشاهه جو هڪ بنيادي فرض ليکيو ويندو هو، سندس چوڌاري هورس جي اهڃاڻ باز، سيٿ ۽ فالڪ ديوتا مِن سان لاڳاپيل اهڃاڻ آهن. ان ڪانپوءِ وارن ڪجهه ڏيکن ۾ آرڪيالاجسٽن مصر جي قديم ترين بادشاهن مان ڪن جي پوڄا پاٺ جا انداز هٿ ڪيا آهن. پر ڇا نارمر ئي اٽڇٽو مينس حاڪم آهي؟

هڪ سال کان پوءِ گرين ساڳي هنڌ هڪ وڏيڪ کوٽائي جي رٿابندي لاءِ موٽي آيو. هن مٽيءَ جي پورن جي هڪ وڏي ڊال سان گهيريل اٺ فٽ اوچي ۽ 150 فٽ پکڙيل صاف اڇي مٽيءَ جي هڪ وڏي گول دڙي جا آثار هٿ ڪيا. اتي ڪنهن مرڪز ڏانهن ويندڙ هڪ پيچري جا اهڃاڻ هئا. گرين جو خيال هو ته ان جو دور تاريخ کان اڳ وارو آهي، شايد سلطنتي مصر جي پهرين بادشاهن کان به اڳ جو. هن ان دڙي جي خودتخليق جو دڙو هئڻ طور اپٽار ڪئي، پهريون ڀيٽ جيڪو وقت جي شروعات واري افراتفري ڀرئي سمنڊ مان اڀريو ۽ جنهن تي پهرين حياتي 'باز' پير ڪپايا. سندس دليل هو ته اهو مصر جو بنياد وجهندڙ هورس بادشاهن جي مذهبي دستورالعمل جو مرڪز هو.

تڏهن کان اهڙن ابتدائي طور تي انسان جي جوڙيل فرقن جي هڪ جهرڻاٽ واريون دريافتون هٿ اچڻ شروع ٿيون آهن، جيئن ميڪسيڪو جي



3100 (ق- م) سان تعلق رکندڙ نارمر پليٽ. مٿاهين مصر جي اڇي تاج پهريل بادشاهه هتان ڏيلٽا سان تعلق رکندڙ هڪ حاڪم واش جو قتل ڪري رهيو آهي، اهو واقعو نارمر جي نگران ديوتا باز 'هورس' کي پاڻ تي ويهارڻ واري علامت وسيلي چٽيو ويو آهي.

اسڪارپئين جي مٿي واري لٺ. ڪنهن جديد صدر جي وڻ پوکڻ وانگر ٽڏهونڪو بادشاهه آبپاشيءَ جي ڪئنال جي کوٽائي جو افتتاح ڪري رهيو آهي. "مون هڪ ڪئنال کوٽيو" بعد ۾ ايندڙ هڪ بادشاهه چوي ٿو "مون شهر جي حياتي کي برقرار رکيو. هر شهريءَ کي نيل جو پاڻي پنهنجي دل گهر موجب حاصل آهي."

نيوليٿيونڪن ۾، پيرو جي ڪزڪو ۾ ۽ خاص طور تي عراق جي اريدو ۾ جيڪو سميري مذهب ۽ شاهي ڏنڊڪٿا ۾ علامتي هڪ جهڙاپ جو ثبوت آهي. جيئن اسين ڏسي آيا آهيون ته گنگا ۽ جمنا ندين جي سنگم تي هڪ قدرتي ٻيٽ آڳاٽي هندستان ۾ ساڳي قسم جي اعتقاد جو مرڪز بڻيل هو. اسين هڪ آفاقي ڏنڊڪٿا سان مڪاميل آهيون. ۽ جڏهن درحقيقت 1967ع ۾ هڪ آمريڪي مُهم ڪُم الاحمر واري ماڳ جي ٻيهر کوٽائي ڪئي ته هو گرين جي هٿ ڪيل سمورن اهڃاڻن جي تعريف ۽ نه ملندڙ ڪجهه اهم تفصيل

شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. دڙي جي مرڪز ۾ ڪانئن ۽ گاري جو هڪ ننڍڙو جهڪيءَ وارو پوڄا گهر هو، جنهن کي ڪانئن جو لوڙهو لڳل هو، اڏاوت جو اهڙو انداز جيڪو اڃا تائين مٿانهين مصر جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ هر هنڌ نظر ايندو آهي. اندران الهامي باز جي فرقي وارو مجسمو ۽ 1897ع ۾ مليل ڪاڄ وارا اسم پڻ هٿ آيا. هت تن ڏينهن ۾ نيخين جي هورس بادشاهه جو علامتي مرڪز هو، جيڪو مٿانهين ۽ هيٺانهين مصر جي ٻٽي تاج جو پيشرو هو. اها ڳالهه آهي ته مينس جي ڳجهارت تن ڏينهن وانگر اڄ به راز بڻيل آهي.

نارمر جي چٽر وارو بادشاهه ساڳيو ماڻهو آهي، تنهن بابت ڪنهن وقت خيال هو ته ان جي ڪنهن شڪ کان وانجهيل سڃاڻپ ٿيون ڪن، پر اهو معاملو ڪجهه چٽو نٿو ٿئي. نارمر ٿي سگهي ٿو ته مينس کان هڪ يا ٻه نسل پوءِ جو هجي. پيلرمو پٿر تي سلطنت کان اڳ وارن جا مبهم نالا سيڪا، خايا، ٽيب، ميخ ۽ ٻيا به اڃا تائين اڻ ڦلهوريل راز بڻيل آهن. پر هاڻ اسين تاريخ کان اڳ وارن اوائلي مصري شهرن بابت گهڻو ڪجهه ڄاڻون ٿا، جت انهن مان ڪجهه بادشاهن راڄ ڪيو هوندو. هائراڪونپولس کي 4500 (ق-م) جي وسندي ليکيو ويو آهي، جڏهن ته نگيدا ۽ ابائدوس کي 4000 (ق-م) تائين جو (انهن مان پهريون 3500 ق-م کان اهم شهر رهيو آهي). اهو رٿي ٿو ته 3100 (ق-م) ڌاري مصر جي ايڪتا، مينس جي فتح جو حتمي فتح جو پيشرو بڻجندڙ هڪ سچو سارو دؤر دريافت جو منتظر آهي. مينس ڪانپوءِ پهرين سلطنتي بادشاهن جي حتمي فتح ٿي سگهي ٿو، جيئن مڃيئو ڄاڻائي، ابائدوس سان تعلق رکندڙ هڪ ڪٽنب جي سوڀ هجي. پر انهن هائراڪونپولس سان تعلق رکندڙ پنهنجي اڳڻن پيشرون کي ڪڏهن به نه وساريو، جن جا آڳاٽا مورچي بند مقبرا اهرامي دور تائين به ڪنهن پيچ ڏاهه کان سواءِ بهتر حالت ۾ قائم رهيا. سندن ڪيترا مقامي بادشاهن، برادرين ۽ ڪٽنبي نسلن، مقامي ديوتائن، فرقن ۽ ٽوٽمس جي قومي نظرئي ۾ تبديلي واري آهي. تاريخ کان اڳ وارن اهڙن قبيلن جي پٺڀرن مان 'عظيم روايت' دنيا جي پهرين حقيقي رياست نمودار ٿي. تاريخ کان اڳ وارين بادشاهتن، انهن جي اهڃاڻن ۽ ڏند ڪٿائن جا نظرياتي بنياد اڻ ٽٽ انداز ۾ پائيدار ثابت ٿيا، ان ريت اهي مصري سڀيتا جي مرڪز (دل) ۾ پيوست رهيا. هورس جي الهامي بادشاهت خود آڳاٽي مصر جي پنهنجي بقا جيترو هلندي هئي.

ڪوم الاحمر جي ويجهو ٿي، ايڊفو جي شاندار پوڄا گهر ۾، مينس جي مرڻ کان ٽقريبن ٽي هزار سال پوءِ وارن بيشڪي يوناني حاڪمن لاءِ ساڳي

CamScanner

تخليق جي ڏندڪٿا موهيندڙ انداز ۾ بيان ڪئي وئي. ايڊفو جو 237 (ق.م) واري سڪندر اعظم جي فتح کان پوءِ بنياد رکيو ويو. اهو روايتي طور تي مقدس اڏاوت جي ذري پرزي جي رکيل خيال سان يوناني جنگجوئن لاءِ ٺاهيو ويو هو. ان جي پٿين مان پتو پوي ٿو ته هر مصري پوڄا گهر تخليق جي اصلوڪي دڙي جي علامتي نمائندگي ڪندڙ هو، هڪ سادن ڪانن وارو مقبرو جنهن جي چوڌاري پنڊ هئي، جنهن تي باز لٿو هو. ان سان ڪو فرق نٿو پوي ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڪيڏا وڏا پوڄا گهر ٺهيا، مقدس ترين وري به اهو ئي ڪانن وارو سادو مقبرو رهيو. ايڊفو جي اندرين خاص ڪمري ۾ روغن ٿيل پٿر جا ديوتا اڃا تائين موجود آهن، جيڪي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ چمڪن ٿا. باز جي شبيه رکڻ واري هنڌ جي چوڌاري ان جي اندرين پٽ تي ڪانن جي قطار اڄ به ڏسي سگهجي ٿي. معاشري جو سڄو نظريو انهيءَ ڏندڪٿا سان واڳيل هو. ڇاڪاڻ جو پوڄا گهر نه رڳو پهرين ماڳ جو پر پهرين پيري جو به اظهار هو، اهو پهريون پيرو جڏهن هڪ مستحڪم معاشري جو ڍانچو انسانذات جي حوالي ڪيو ويو، ڍانچو جيڪو بادشاهت، قانون، مذهب ۽ دستورالعمل وسيلي جاري رهڻو هو ۽ جنهن بابت اعتقاد هو ته اوستائين لازوال رهندو جيستائين مذهبي دستورالعمل تي درست طريقي سان عمل ڪيو ويندو. تڏهن ڪائنات ۽ شهري معاشري کي سڪون بخش ليکيو ويندو هو. ترقي، تبديلي، نون سوالن ۽ نون جوابن جي قطعي ضرورت نه هئي. بلڪ انهن جي ٽي هزار سال پوءِ سڪندر اعظم جي فتح تائين ضرورت نه پئي هئي.

تنهن ڪري سلطنت کان اڳ واري دور ۾ مينس تائين هلندڙ وقت ۾، جڏهن هائراڪونپولس ۾ 'هورس جي پيروڪارن' تي ڪيڪري ۽ ويڙهاڪ باز راڄ ٿي ڪيو، اسين بعد واري مصر جي ڪيترن ئي اهم عامرن جي اوسر جو مشاهدو ڪري سگهون ٿا، جن ۾ باصلاحيت پوکي، ڏاتو جو ڪم، مرڪزي طور تي منظم آبپاشي، برتن سازي، پٿر جو ڪم، عبادتي ۽ يادگاري اڏاوت، تدفين تي ٿيندڙ محنت ۽ ڏور فاصلي وارو واپار شامل آهن. اڳاٽا ترين ديوتا باز جي ڳچيءَ وارو هورس، آخمم وارو من ۽ ٻگهڙ ديوتا ڪاپٽس، ڳئه ديوي، مٺلن جو ڳدڙ ديوتا انوبس، چنڊ ديوتا ٿوٿ ۽ لکت جو طريقو "ٿا" پراڻن ماڳن نيخن، اباندوس ۽ ڪاپٽس مان هٿ آيل مجسمن، سرنامن ۽ اهڃاڻن تي ملن ٿا. هت پوڄا پاٺ جا ساڳيا طريقا، آسماني بادشاهت جي تابعداري، تدفين جي عقيدن ۽ روايتن، ۽ نيارو فنڪاراڻو انداز ملن ٿا. اهي شعلپون ٽي هزرا سالن کان وڏيڪ عرصو قائم رهيون، اهي مسلم دور ۾ به

ڏسڻ ۾ ٿي آيون ۽ ڪيترن معاملن ۾، مثال طور رنگ والم جي اظهار ۽ ديوتائن کي پينٽا، لوڪ دوائن، تدفين جي آلاپن، جم جي دمائن، موسمي تهوارن (قرآن جي پابندي وڌل 'ڪا' ۾ خدائن ۾ اعتقاد) جي حوالي سان اڄ تائين هلنديون اچن.

ٺهونڪن مصرين لاءِ الهامي بادشاهت هڪ مستحڪم ڪائنات جي ضمانت هئي. ان نظرئي کي شانگ چين کان وٺي ايزٽيڪ ميڪسيڪو تائين پروڙي سگهجي ٿو. ۽ ابائدوس ۾ مصر جا اهي پهريان بادشاه سرن جي ٺهيل مقبرن ۾ دفن ڪيا ويا، انهن جا سرن وارا مُنهان مٽيءَ جي محلن جو اڏاوتي نقل هئا. ڪجھ عرصي تائين، پهرين ۽ ٻي سلطنت جي بادشاهن انساني پينٽا تي عمل ڪيو، جنهن دوران شاهي زالن ۽ غلامن کي گڏ دفن ڪيو ويندو هو، جيئن ڪلديا جي اُر ۽ انيانگ ۽ ستيءَ طور هندستان ۾ ٿيندو هو. پر انساني پينٽا مصر ۾ يڪدم بند ٿي وئي! بلڪ اها سچي مصري ثقافت جي مخالف ليکي وئي. ابائدوس وارا مقبرا ٽڪندي سرن وارا وشال ۽ خزاني ۽ مرڻ پڄاڻان ضرورت جي شين سان ستيل هئا. 1991ع ۾ هت ٽيل پنجن وڏين ٻيڙين جي تدفين واري حيرت انگيز دريافت جيڪا غزه (Giza) واري خوفو ٻيڙي کان ٻ ٽي سئو سال وڏيڪ پراڻيون آهن، موت کان پوءِ حياتي لاءِ انهيءَ وکر جي اهميت ٿي ظاهر ڪري ۽ ان ريت مرڪزي اختيار، شاهي دستورالعمل ۽ مٺن جي فرقي وارا مصري تاريخ جا بنيادي خاڪا انتهائي آڳاٽو جوڙيا ويا، جن دنيا جي پهرين رياست جي نظرين کي جوڙجڪ ڏني.

اهرامي دور

نيل سان لڳولڳ اتر ڏانهن وڌندي، سوڙهي ماٿري ڊيلٽا جي سائي وسعت تائين پهچي ٿي. انهيءَ دفاعي اهميت واري هنڌ، اڄوڪي راڄڌاني قاهره جي ويجهو، مينس پنهنجو شاهي شهر ميمفس (Memphis) جوڙايو. ابتدائي سلطنتي ميمفس هاڻ نديءَ جي واريءَ ۾ ڪيئي فٽ ڌِڪيل آهي، پر سيلابي ميدان کان مٿيرو مٽيءَ جي ٻورن واري ڊال مٿان ميمفس جو شاهي قبرستان آهي، ٽين سلطنت جي بادشاهن جو عظيم تدفيني مرڪز. سقارا ۾ ابائدوس جي مٽيءَ جي ٻورن واري اڏاوت کي پٿر ۾ تبديل ڪيو ويو. دنيا جي وڏي پيماني تي پٿر جي پهرين اڏاوت. سقارا وارو قبرستان ميلن ۾ پکڙيل آهي ۽ يوناني دور تائين سنواريو ۽ سينگاريو رهيو. پر هتان جو اهم اسم زوسر بادشاه لاءِ 2700 (ق-م) ڌاري جوڙيل هڪ وڏو شاهي ريتن رسمن وارو مرڪز آهي. هڪ وڏو



مينڪائور (مائسرينس) بادشاهه ديوي هاٿور ۽ هو نوم (صوبي) جي استعاري وچ ۾ 2500 (ق- م) ڌاري. پراڻي بادشاهت جي شاندار فنڪاراڻي روايت يوناني دور تائين برقرار رهي.

شاهي دستوري پريڊ گرائونڊ قائم ڪيو ويو ته جيئن بادشاهه جي راڄ جي جوبليءَ وارن ڪاڄن تي خراج ۽ ڪارڪردگيون پيش ٿي سگهن. پرسان وارن ڪوٺن جي قطار نيڪان، نگيڊا ۽ ٿانهين مصر جي ٻين شهرن جي ديوتائن جي ماڳ طور قائم ڪئي وئي. ان سڄي ايراضيءَ تي چانيل هڪ نئين ايجاد، ٻه سئو فٽ اوچو، ديو صورت ايپو بيئنل مقبرو هو: اهو اهرامن مان پهريون جڙي راس ٿيو هو. زوسر ۽ سندس معمار اِمهوتپ (جنهن کي اڳتي هلي ديوتائن جو درجو ڏنو ويو) جو اهو خيال هڪ غير معمولي فيشن بڻجي ويو. 2500 (ق-م) ڌاري ڪجهه نسلن سان تعلق رکندڙ بادشاهن هني، سينيفرو، خوفو ۽ خافري پنهنجي پيشروئن کي پوئتي ڇڏڻ جي ڪوشش ۾ وڏي ڪان

وڏا اهرام ٺهرايا، ان ريت دنيا جي مشاهدي ۾ آيل سڀ کان وڏن تدفيني يادگارن جي قطار ٺهجي وئي.

اهرامن جي اڏاوت سان لاڳاپيل ڪيتريون ئي ڏندڪٿائون آهن. هاليووڊ جي مقدس ڪتاب واري داستان ۾ غلامن جو اٽڪ سلسلو ڏيکاريل آهي، جيڪي آقائن جا ڦٽڪا ۽ چهبڪ ٿا سهن، جيتوڻيڪ آڳاٽي مصر ۾ غلامي موجود هئي، پر مجموعي طور تي اهو غلامن وارو معاشرو نه هو ۽ اهڙي ماحول ۾ ڪم ڪندڙن جي ايڏي وڏي تعداد کي غلام بڻائڻ ممڪن نه هو. اهرام آزاد يا نيم آزاد هارين اڏيا هوندا. دراصل هڪ ڏکي راڄ ۾ ڪنهن حڪومت لاءِ ايڏي وڏي تعداد ۾ رياستي روزگار لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ممڪن هو، خاص طور تي نيل جي چاڙهه وارن ڏينهن ۾.

اهرام لاءِ مصري لفظ جو مطلب 'چاڙهه/ عروج/ معراج جي جاءِ' آهي ۽ ان روشنيءَ ۾ اسين شايد بابل، مايا، موچي ۽ ايزٽيڪ جهڙن ٻين ثقافتن جي جوڙايل مصنوعي جبلن سان اهرامن جي ڀيٽ ڪري سگهون ٿا. ڪ سان سمورين سپيتائن وڏا شاهي اهڃاڻ ٺاهي عوام تي پنهنجي ڌاڪ ڄمائڻ چاهي آهي ۽ ان کان سواءِ ڪنهن بادشاهه جي ڌاڪ جو ڪهڙو اهڃاڻ ٿي سگهي ٿو؟ پر واضح طور تي اهو عمل آڳاٽي آپيشاهيءَ واري راڄ کان ڌار شيءِ هو. هاڻ عالم ۽ ڄاڻو ان خيال جا آهن ته مصري اهرام ۾ مثل بادشاهه خود سورج ديوتا جو مظهر ٿي ٻيٺو. سقارا واري اهرام ۾ انهيءَ نظريي جي منتقلي واري مرحلي کي ڏسي پيو سگهجي، اٽ هڪ ڏاڪڻ آهي، جنهن جي ذريعي بادشاهه جو روح جنت ڏانهن راهي ۽ پوءِ واپس پنهنجي مقبري ڏانهن موٽندو هو. ساڳي طرح بابل واري سيپار جي زيگورات کي به 'روشن جنت ڏانهن سڌو رستو' سڏي سگهجي ٿو. اهرام حقيقي معنيٰ ۾ انهيءَ نظريي جي سادي سودي توسيع آهي. ان ۾ سج ديوتا جي ڪرڻن جي زمين تي اچڻ ۽ روح جي جنت ڏانهن سفر ڪرڻ جي شبيهه/ علامت آهي. مصري تخيل جو هڪ نج انداز جنهن ۾ هڪ غير مادي تصور کي اهڙي مادي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. غزه ۾ سياري وارن ڏينهن ۾ اهو اڪثر ڏسڻ ممڪن هوندو آهي ته سج خلا کي چيريندو ڌرتيءَ مٿان ساڳي اهرام واري ٻيهڪ ۾ ڪرڻا وڇائيندو آهي. سج جي ڪرڻن جو ٺاهيل جنت ڏانهن سڌو رستو، جنهن کي بادشاهه ''سُڪ: ڏاهي طور، لافاني تارن ڏانهن سفر ڪري ٿو سگهي.''



ٿيبن قدرتي ڏيک: گلابي ٽڪريون ماٿريءَ جي ساڄي پٽيءَ جي حدبندي ٺيون ڪن. جديد بند ٺاهڻ تائين اهو ماحولياتي تناسب جو نيارو انداز هو، جنهن سيپيتا جا بنياد جوڙيا.

مصري تاريخ جي بناوت

جيڪڏهن ممڪن هجي ها ته به سموري مصري تاريخ کي هت بيان ڪرڻ اسان جو مقصد ناهي. اسان جو واسطو سيپيتا جي ڪردار ۽ ان جي عظيم روايت ۽ يونانين، عيسائين ۽ مسلمانن جي اثر هيٺ انهيءَ ڪردار کي گهڻي وڃڻ واري اڻ روڪ منتقليءَ سان آهي. پنهنجي اڳاٽي تاريخ ۾ مصر گهڻي ڀاڱي ڊگهي عرصي تائين غير معمولي مستحڪم رهيو آهي، جنهن دوران نظرين ۽ عقيدن ۾ ڪا بنيادي تبديلي نه آئي، جن 'عظيم روايت' کي جنم ڏنو هو ۽ جديد اک کي اچرج ۾ وجهندڙ پنهنجي فن جي تبديل نه ٿيندڙ انداز کي امرتا ڏني هئائين. پراڻي بادشاهت (2700 کان 2100 ق- م) جنهن جو فخر ڀرائي دور هو، جيئن اسان پروڙيو، انتهائي شاهي اختيار جو عرصو هو ۽ ان آباديءَ جي اضافي ۾ وڏو چال ڏنو، جيڪو سلطنت کان اڳ واري ڪٿيل پنج لک آبادي کان وڏي خوفو جي دور ۾ ويهن کان ٽيهن لکن تائين پهچي ويو.





سقارا. جوبليءَ جي ميلي جو اڱڻ، صوبائي ديوتائن لاءِ پنهنجي پٿر وارن 'خيما مقبرن' سميت. زوسير جو ڏاڪڻين وارو اهرام پويان نظر ٿو اچي.

روح جي تور، ”مئلن جي ڪتاب“ تان اخذ ٿيل. ڪجهه بنيادي مصري مذهبي عقيدا، مثلاً ”آخري فيصلي' وارو نظريو، اڳتي هلي عيسائيت ۽ اسلام تي اثرانداز ٿيا هوندا.

ابائدوس ۾ سيتي پهرين جو قبرستاني پوڄا گهر، ڪلاسيڪل مصري فن (1300 ق.م) جي پڇاڙڪي عروج جو هڪ شاندار اظهار. سيتي ميڙاڪي کي ديوتا جي حوالي ڪندي، هورس ڪين حياتيءَ جي علامت وڏي ٻه اڪري ٿو.

ان هر سال ڇاڙهه جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ زرخيز زمين جي وڌ کان وڌ استعمال تي انحصار ڪرايو. 2200 يا 2100 (ق-م) جي لڳ ڀڳ واري ڏکي خشڪ دور جنهن عراق ۾ اُر جي بادشاهت لاءِ وڏا مسئلا ڪڙا ڪيا، هت به گهٽ ڇاڙهه آئي کو پنجاهه سالن تائين خشڪ سالي پيدا ڪئي ۽ ان پراڻي ضابطي ۾ ڏار وجهڻ ۾ مدد ڪئي. بادشاهت جو تختو اونڌو ٿيو ۽ هڪ عرصي لاءِ مصر ڀيهر ٻن ڏيسن ۾ ورهائجي ويو، جيئن هڪ هزار ڪن سال اڳ هو. پر مصري سيپيتا جا طور طريقا ۽ قدر ايترا ته گهرا هئا جو هڪ صديءَ اندر مرڪزي شاهي اختيار بحال ڪيو ويو، امن ۽ خوشحاليءَ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو.

پر وري به پهل ڏکڻ کان ٿي. پراڻي بادشاهت جي خاتمي کانپوءِ بادشاهت کان سواءِ واري دور ۾ مٿانهين مصر ۾ ٿيبس شهر جي اوسي پاسي هڪ ننڍڙي بادشاهت ابري، جيڪو هاڻ پهريون ڀيرو مصري تاريخ ۾ داخل پئي ٿيو. ٿيبس جي مينتوهوتپ 2130 قبل مسيح ٻنهي ديسن جي ايڪتا بحال ڪئي ۽ ٿيبن روايت ڪيس مينس سان ڀيٽ ڪندي ٻيو بانيڪار ليکي ٿي. خود ٿيبس 'ڏاکڻي' راڄڌاڻي بڻيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي ۽ اهو مٿانهين مصر ۾ موجود سڃاڻپ جي گهري ادراڪ جو اظهار آهي. ميتوهوتيپ ۽ سندس پونيئرن مقبرا ۽ هڪ يادگار پوڄا گهر اڏرايو، جنهن ۾ سندن ديوتا آمن جي شبيه هئي، جنهن کي هر سال هڪ ٻيڙيءَ وسيلي ڏوم ڏام سان جلوس ۾ آندو ويندو هو. اهو ميلو اڄ ڏينهن تائين لڳندو اچي. وچئين بادشاهت 1991 کان 1786 (ق-م) تائين ۽ نئين بادشاهت (1587 کان 1085 (ق-م) تائين ڪنهن وقت جو ننڍڙو ڳوٺاٺو شهر ٿيبس عظيم الشان مقبرن، نديءَ کان شهر تائين ڦهليل اولهه جي ٽڪرين جي شاندار پيالي وانگر ايراضيءَ سان لڳولڳ قبرستاني پوڄا گهر جو مرڪز بڻيو. آڳاٽي دنيا ۾ يادگارن جي هجوم جو هڪ انتهائي پُرديد منظر، مٿان جو ڇڻ هڪ وسيع شهر هو. يونانين وٽ 'خدا جي شهر' طور مشهور ٿيبس جي مشهوري يوناني شاعر هومر تائين به پهتي جنهن 'هڪ سئو دروازن واري ٿيبس' جو ذڪر ڪيو آهي.

انهيءَ ڏکي عرصي ۾ اهڙي ڪا ثابتي نٿي ملي ته ماڻهن الهامي بادشاهت جي راڄ بدران ڪنهن ٻئي حڪومتي انداز تي سنجيدگيءَ سان ويچاريو هجي، ان جي ابتڙ فرعوني رياست خلاف بغاوتن جي عملي طور تي ڪا ثابتي نٿي ملي. (جڏهن ته يوناني، رومي ۽ شروعاتي اسلامي دور لاڳيتو سماجي اڀارن سان ڏونڊاڙجندا رهيا.) جديد اصطلاحن ۾ سندن رياست 'مهيا ڪندڙ' هئي، جنهن نيل جي وسيلن تي ڪنٽرول وسيلي پنهنجي سمورن ماڻهن کي

زندگيءَ جون بنيادي سهولتون مهيا ٿي ڪيون. جڏهن ته وڏي پئماني تي پاڇي رقم ۽ وسيلا حاڪمن مقبرن، پوڄا گهرن ۽ محلن تي ڪتب ٿي آندا. انهن عظيم الشان عمارتن وسيلي رياست اقتدار بابت پنهنجن نظرين جو اظهار ٿي ڪيو! ان جو مافوق الفطرت هستيءَ جي ورهائجي نه سگهڻ ۽ زميني راڄ تي ۽ هڪ مستحڪم ڪائنات جي ضرورت ۾ اعتقاد. اهڙا نظريا سيپتا جي جوڙجڪ لاءِ شروعاتي مرحلي ۾ بنيادي ضرورت پوريا ٿي سگهن ٿا ۽ هوند به اڄ تائين اسين سيپتي قومي رياستن ۾ ٿا رهون، جتي هڪ نه ٻيا اُهي ساڳيا ئي عنصر ۽ ڪردار آهن. اسان جي سوچ اڃا تائين مذهبي ۽ سماجي ڏندڪٿائن تي ۽ خاص طور تي عظيم حاڪم، بادشاهه يا خدا تي دارومدار رکي ٿي.

نئين بادشاهت ۾ رياست، اهرامي دور جي ابتڙ جتي هرڪو پنهنجي حيثيت کان واقف هو، هڪ وڏيڪ گهڻ- معاشي سبب رکندڙ معاشري ڏانهن وک وڌايل ٿي نظر اچي. اڃا تائين طمطراق سان پرپور رياستي پرزا پندبت- پٺو ۽ ڪاموراشاهي موجود هئا، جن جو ڪم مينس ڪان مليل رياستي ڏندڪٿا ڪي عملي جامو پهرائڻو هو. پر اها نئين بادشاهت ۾ راڄ جي ان طريقي ڪي اختيار ڪرڻ ۾ ڪافي لچڪدار هئي. جنهن ڪي اسين بنيادي طور تي سياسي سڏي سگهون ٿا. تازي تحقيق جي نتيجن مان هڪ ظاهر ٿي ڪري ته ڪهڙي ريت فوج، سول سروسز، وزارتن ۽ پندبت- پٽي جي پيشاور ادارن جي اوسر معاشي حقيقتن سان منهن ڏيندڙ جي اختيار ۾ ورتل رياست جي انهيءَ روزمره واري جيوت جي خاتمي ڏانهن سرواٽي ڪئي. بادشاهه اڃا تائين الهامي شبيهه جو استعارو هو پر وٽس اصل اختيار بنه گهٽ هئا. دنيا خوفو جي عالي مرتبت مذهبي اڳوائن جي ايڪتا ڪان گهڻو بدلجي چڪي هئي: اها هڪ اهڙي خود- هدايتي مشق بڻجي وئي هئي، جنهن ۾ وقت جي هڪ ڏکهي عرصي، علائقائي ٽولن ۽ جٿن جي شموليت، مقامي روايتن ۽ قديمي روايتن ڪان حاصل ڪيل رواجن وارا حق ۽ ذميواريون به هئا.

اها حقيقت ته فرعوني مصر جي تاريخ ۾ موجود ضابطي جو تختو اونڌو ڪرڻ جون تمام گهٽ ڪوششون ٿيون آهن، اها ڳالهه واضح ٿي ڪري ته رياست انهيءَ ڳوٺاڻي آبادي/ برادريءَ جي انتظام ۾ ڪامياب پئي رهي، جنهن تي ان جو دارومدار هو. مقامي سطح تي دولت جي سرشتي ڪان سواءِ، ان ڪي وڏي شاهي اشرافيا ۽ سموري خدمتي سيڪٽر ڪي بحال رکڻ لاءِ اضافي ملڪيت جي ٻيهر ورهاست لاءِ هڪ واضح ۽ ڪڏهن نندين اهلڪارن جي سرشتي جي ضرورت پئي ٿي. اهو خانداني بزرگ ۽ مرتبي تي ٻڌل ۽

ڪنهن حد تائين آپيشاهي وارو هو. پر اهو اچوڪي ويجهي اوير جي ڪيترن ئي ملڪن جي خاص طور تي روايتي زميندار طبقن کان گهٽ مختلف نه هو. ۽ ان ريت اهو مٿاهين سطح تي به هو. خدا بادشاهه جي روپ ۾ قوم جي رهنمائيءَ لاءِ راضپو ڏيکاريو هو. معاشري جي اها خواهش ۽ درخواست هئي ته فطرت جون اڳوات سمجهه ۾ نه ايندڙ قوتون راضي ۽ خوش رهن ته جيئن امن ۽ خوشحالي آڻين، جيڪي اُهي ٽن هزار کن سالن تائين آڻينديون رهيون. نه وري مصري نقطهٔ نظر اخلاقي تت کان وانجهيل هو، سچ ۽ انصاف' خدا جون وصفون' ۽ مضبوط ضابطي جو بنياد هئا. جيئن عظيم مصردان هينري فرينڪفرٽ چيو: "فرعون اسان جي سوچ جيان نه ته جابر هو ۽ نه ئي سندس مقصد پين کان غلامي ڪرائڻ هو."

زوال

پهرين هزار (ق-م) خوشحاليءَ جا دور ته ڏٺا پر ان پن صديءَ جي آسيري حملن کان ۽ 525ع ۾ فارس جي حملن جو به عذاب پوڳيو. ستين صديءَ دوران ڪجهه وقت لاءِ مصر ويجهي اوير ۾ سرواڻ طاقت بڻيل هو، پر ان کان پوءِ هڪ آزاد رياست طور ان جي حياتي ٻي درجي واري سگهه بڻجي وئي، جيڪا فوجي سگهه رکندڙ پنهنجي وڏيڪ بيرحم ۽ طاقتور اوير وارن پاڙيسرين خلاف پنهنجي خودمختياري برقرار رکڻ جي پتوڙ ۾ رڌل هئي. مصر هاڻ، پرشين راڄ هيٺ تسلط قبوليندي 'قطعي زوال' ۾ داخل ٿي ويو. آهستي آهستي ان جي حاڪمن نئين فوجي ٽيڪنالوجيءَ کي اهميت ڏيندي يوناني پاڙيتو سپاهين ۽ ڪمانڊرن کي ملازم رکيو، سندن انتظاميا کي لاڳو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڏوڪڙن واري معيشت ڏانهن قدم وڌايا. پر ڪا بنيادي تبديلي بهرحال نه آئي، مصري ادارن جي هڪ نئين سر ريڊيڪل اڏاوت جو سوال نه اٿاريندي آڳاٽي مشقن جي تسلسل جو مجموعي تاثر قائم رهيو. جڏهن ته فن ۽ اڏاوت جي شعبن ۾ پراڻي بادشاهت جي شاندار ڏينهن تي ڌيان ڏرڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ان حوالي سان اٺوين صديءَ جي شروعات واري چين جي ابتڙ، سندن رياست بهرصورت ڪامياب ۽ متعمل صورت ۾ هاڻ به ماضيءَ سان واڳيل هئي، جيڪا اهڙن طاقتور پاڙيسرين جي گهيري ۾ هئي جيڪي مذهبي رياستن جهڙا منظم نه هئا. شايد سڀ کان وڏي تبديلي ان تصور ۾ آئي ته بادشاهه الهامي نه رهيو هو، درست- پٽيءِ سچائي يا انصاف جو پيندار يا ديوتائن جو منظورنظر نه رهيو هو. پهرين هزار (ق-م) وارو دور سڄي ويجهي اوير ۾ پيانڪ ڏاڍ ۽

اُپارن سان پيريل هو ۽ ٿي سگهي ٿو ته، انهيءَ ڪري مصري سيپتا جي نظرياتي بنيادن کي ان جي چوٿين صدي (ق-م) ڌاري يونانين جي قبضي ۾ وڃڻ کان اڳيئي غيراهم بڻايو/ ليکيو ويو هو.

يوناني مصر: هڪ آڳاٽي ديس ۾ اوپرا

332 قبل مسيح ۾ سڪندر اعظم مصر فتح ڪئي ۽ ان کان پوءِ مصري سيپتا پنهنجي پراڻين پاڙن کان هٽي سمنبد ۽ هڪ وسيع دنيا ڏانهن وڌي. هزارين سالن تائين خود مصر جي گڏيل راڄ وارن ڏينهن کان اڳ به مصرين پنهنجا رابطا عربي ۽ ڳاڙهي سمنڊن، آفريڪا جي نوبيا، شام ۽ فلسطين کان اڳتي نه ڏنا هئا ۽ نه ئي سوچيا هئا. پر هاڻ يوناني فتح ۽ اسڪندريا جي تعمير سان مصري تاريخ جي ڪشش ثقل واري مرڪز ۾ تبديلي آئي. ايندڙ هڪ هزار سالن تائين هن پنهنجو پاڻ کي يوناني ڳالهائيندڙ ميڊيٽرينين دنيا جي هڪ حصي طور ڏٺو. ان روايتي آڳاٽي مصري ثقافت جي خاتمي جي شروعات جو ڏس ڏنو. اهو آهستي آهستي وچ ايشيا تائين پکڙيل يوناني دور جي متحرڪ



روايتي مصري ديوتا، ڪدڙ جي ڳچيءَ وارو انوبس، پيءُ جهڙين عيسويءَ جي ڪُم الشڪافا مقبري ۾ اسڪندريا جي هڪ شهريءَ جو لاش جاچيندي.

آڳاٽي مصري ديوي نٽ،
رومي مصر جي هڪ شهري
سوٽر جي تابوت تي ٺيل
اُکر موجب آڪاش جي
صندوق جهليو بيٺي آهي.
پراڻن عقيدن ختم ٿيندي
وڏو وقت ورتو.

عالميت پري ثقافت ۾ منتقل ٿيو، جنهن ايندڙ دور ۾ اسلامي دنيا جا اهم بنياد رکيا.

انهن تبديلين ۾ اسڪندريا جو وڏو هٿ هو. پهرين صدي (ق-م) جي هڪ رومي ليکڪ موجب "اسڪندريا ايراضي، وقار، دولت ۽ پُرتعيش ۾ بيشڪ سڌريل دنيا جو پهريون شهر آهي." جڏهن ته شاعر هيرودِس موجب: "اها ته جنت آهي، پنهنجي پسند جي هرڪا شيءِ بشمول ڏوڪڙ، ڪاچ، رانديون، عورتون، شراب، چوڪرا ۽ بهترين لائبريري مطلب ته دنيا جي گولي تي موجود هر ڪا شيءِ هٿ ماڻي سگهجي ٿي." 1920 واري ڏهاڪي جي نيويارڪ وانگر يوناني اسڪندريا به موقعن جو شهر هو، جنهن جون گهٽيون سون سان سٿيل هيون. ان ۾ بينڪرن، ڪلرڪن، انجنيئرن، شاعرن، ايستائين جو مذهب کان پڇندڙن سميت هر قسم جي جلاوطن کي پاڻ ڏانهن ٿي ڇڪيو.



يوناني مصر ۾ جوڙيل بُتن جي پورٽريٽن واري شاندار سلسلي مان هڪ پهرين صدي (ق- م) سان تعلق رکندڙ برلن "سائو متو". اهو ڪلاسيڪل مجسمي سازي کان متاثر ٿيل آهي پر ان هوندي به پراڻي بادشاهت ۾ قائم ٿيل غمگين شبيهي انداز تي دارومدار رکي ٿو.

هت ميسيدونيا جي خلوت نشين توليمائوس به هو، جيڪو مصري مذهب جو پيروڪار ٿي مقامي بڻجي ويو هو ۽ پنهنجي باقي حياتي ميمفس ۾ سيراپيئون جي پوڄا گهر ۾ خدمت گذار طور گذاريائين. يا وري يوناني فوجي دستي جو آفيسر درائٽن هو، جنهن اتان جي هڪ عورت سان شادي ڪئي ۾ سندس ... ايندڙ نسل ۾ ئي پنهنجي يوناني سڃاڻپ وڃائڻ شروع ڪئي. سندن داستان علامتي آهي: يوناني مقامي بڻجندي، مقامي ٻولي سکي ۽ ان معاشري ۾ پيهجي پئي سگهيا، پر مصري پنهنجي ريتن رسمن کي ڇڏڻ لاءِ گهٽ تيار هئا ۽ پنهنجي دور جو گهڻي ڀاڱي عرصو يوناني هڪ پرڏيهي ڌرتيءَ تي اوپرا

ٿي رهيا. ان جو اهو مطلب ناهي ته ثقافتون پاڻ ۾ ملي ٿيون سگهن.
اسڪندريا جي ته خاني ۾ اڄ به انهيءَ شاندار ۽ سحرانگيز دنيا ۾ داخل ٿي
سگهجي ٿو، جتي مصري، يوناني، يهودي ۽ يورپي مذهب ۽ جادو هڪ هنڌ ۾
پيهجي ويا هئا. مصر ۾ اينڊز يوناني مقامي ديوتائن بابت ڪافي ڪشادي ذهن
وارا هئا. ميڊيٽرينين بُت پرستي واري تجربي هنن لاءِ آمن کي زيوس طور
سڃاڻپ ۽ مصرين جي پريت واري ديوي ايفروڊائيٽ کي هاٿور جي نالي واري
شناخت ڏيڻ سولو بڻايو.

ان جي عملي صورت اسڪندريا جي ڪوم الشڪافا مقبري ۾ ڏسي
سگهجي ٿي، جيڪو ٻي صدي عيسويءَ سان تعلق ٿو رکي. پهرين نظر ۾ اهو
پوريان ڪان سج جي ڪرڻن واري قرٽي ۽ اڳين حصي ۾ ڪوبرا جون ڳچيون
لڳل ۽ پئپرس ٿنڀن سان بيهاريل هڪ روايتي مصري مقبرو ٿو لڳي. پر
ويجهي کان ڏسڻ تي آڳاٽي مصري پوز ۾ شينهن جو مهاندو يوناني- رومي
ٿو نظر اچي. دروازي جي ٻي پاسي نانگ- سونهان آهن، پر اهي روحن جي
يوناني سونهين هرميس جي عملي تي سوار آهن. مقبري جو اندريون حصو
روايتي يوناني تدفيني وکرن انگورن جي ڇڳن، گلن جي مالهائن، چوپائي مال
جي کوپڙين ۽ نقابن سان ته سٿيل آهي، پر انهن جي مٿان مصر جا آڳاٽا
ديوتا پڻ آهن. مقدس ڍڳو، آئسس جي پکڙيل پرن جي حفاظت ۾ آهي،
ڏاهپ جو ديوتا ٿوٿ به آهي، جڏهن ته باز جي ڳچيءَ وارو هورس مئلن جي
موميا ٺيل مجسمن جي سار ٿو لهي. هت يوناني رومي فوجي مال و اسباب
پهريل مئلن جو نگران گدڙ جي ڳچيءَ وارو انوبس پڻ آهي. اسڪندريا ۾
پيدا ٿيندڙ اها هڪ عظيم الشان يوناني ۽ مصري آميزش آهي. اسڪندريا،
’سڄي دنيا جو چؤ واٽو‘ (پروساجو ڊيئو- 70ع)

آڳاٽي دنيا ڪان اسلام تائين

هاڻ اسين تاريخ جي ڏکين سوالن مان هڪ ڏانهن ٿا اچون: رڳو اهو نه ته
سڀيتائن جو زوال ڇو ٿو اچي، پر سندن ڏسٽيءَ ۾ مڪمل تبديلي ڇا جي
ڪري ٿي اچي؟ فرعوني مصر ڪان اسلامي دور ڏانهن پرانگهه بابت اسين ڇا ۽
ڪيئن ٿا ڄاڻون؟ اهو شايد مصري تاريخ جو اهم بنيادي سوال آهي. آخري
صدي (ق-م) ۽ پهرين صدي عيسوي دوران يوناني دنيا جي عظيم الشان ثقافتي
زور ۾، جيڪو هندستان تائين پکڙيل هو، تنهن ۾ مذهبي نظرين جو تمام وڏو
ڦيرڦار هو، جن کي اڳتي هلي انهن ڏيسن، سڀيتا جي مرڪزي علائقي جي




ٻي صدي عيسويءَ جي فئيوم تان ورتل تابوتي پورٽريٽ. ”ڏسو
ڪهڙي ريت توهان ڌرتيءَ تي رهندڙ هڪ معمولي انسان جي
حيثيت کان ترقي ڪئي آهي.“ مصري عيسائي اوريجن لکيو.
”واضح ڪيو ۽ سمجهو ته توهان مان هر ڪنهن اندر تبديل ٿيڻ
جي گنجائش آهي.“

سمورن پراڻن ضابطن تي چانئجي ويئو هو. ايڪسس دور جا انقلابي آدرش هاڻ پير ڪپائي رهيا هئا. نيل ماٿري، زرخيز چنڊ، عراق ۽ عربستان ۾ پراڻا ديوتا ميسارجي رهيا هئا. هڪ خدا کي مڃڻ وارو عقيدو، بت پرستي، تصوف جهڙيون نيون روحاني تحريڪون هر هنڌ اڀري رهيون هيون. نوان ديوتا ۽ نوان فرقا جهڙوڪ قرباني واري، وجداني ۽ اسرار وارا ظاهر ٿيڻ لڳا. پنهنجي پريشان ڪندڙ رسم الخط (Cuniform, hieroglyphic) وارين پراڻين مقدس ٻولين جي جاءِ هاڻ يوناني ۽ آرميائي جهڙيون لچڪدار مقامي ٻوليون والارڻ لڳيون. اسڪندريا ۽ اينٽياڪ جهڙا عظيم الشان وڏا شهر مذهبي تصورن ۽ شهري غريبن جي وڏن فرقن جو مرڪز بڻيا. اسڪندريا ۾ ته ٻڌمت وارن جي ٻ هڪ



”رِڻ هڪ شهر“ ڳاڙهي سمنڊ ڀرسان سينٽ پال جي خانقاهه. مصر جي پال ۽ انٿونيءَ جي شخصيت ۾ عيسائي ايڪانت ڪي پنهنجا باني ملن ٿا. ”پينيريموس جا سورما“ هڪ اونهو رڻ.

برادري ۽ بنواس ورتل ساڌوئن جا فرقا، جيڪي اڌ اگهاڙا رهندا ۽ نيل ۾ سنان ڪندا ۽ هندو برهمڻ وانگر تپسيا ڪندا هئا. اتي هڪ پاسي ته هرڪجندڙن ۽ پراسرار فرقن ۾ واڌ پئي آئي ۽ ٻئي پاسي 'علميت پرستي' اندرين ڄاڻ جي ڳولا هئي، جنهن ريتن تي ٻڌل مذهب جي بنهه مخالفت ٿي ڪئي. هاڻوڪن سالن ۾ عقليت پرستي هڪ عالمي مذهبي ڌاري طور نظر آئي جنهن ان کي عملي طور تي دنيا جو هڪ وڏيڪ مذهب بڻائي ڇڏيو.

اسين قمران برادريءَ جي مردار سمنڊ وارين فهرستن ذريعي ۽ اوائلي عيسائيت ذريعي عراق جي ميندائن ۽ مينيڪائن تائين، جن جو ايراني براند علم وسيلي نجات جو فڪر ٽين صدي عيسويءَ ۾ ايريو، جي آڌار تي نجات ڏانهن ذاتي رستي وارن انهن نظرين جي پکيڙجڻ جو پيرو کڻي سگهون ٿا. پر مصر مذهبي لاڙن واسطي هڪ سرگرم خطو بڻيل هو. نتيجو اهو نڪتو جو يوناني ثقافت ۽ روحانيت جي اثر هيٺ سندن پراڻو مذهبي سرشتو ٽٽو ته ان جي جاءِ ويجهي اوپر جي نقطهٔ نظر سان لاڳاپيل درجن کن مختلف فرقن والاري. مثال طور ابائدوس ڀرسان ناگ حماديءَ مان هٿ آيل ذڪر جوڳي 'عملي انجيل'

اوائلي عيسائيت جي .هڪ مڪمل متبادل اپياس جي نمائندگي ڪندي خدا جي نوعيت، گرجا ۾ عورت جي ڪردار ۽ ابتدائي چرچ ۾ ايڪانت واري زندگي جو بنيادي نڪتو پيا ٻڌجنو هو، عذاب ۽ دائمي سزا (دوزخ) جي سوال بابت چڱا ڀلا مختلف نظريا پيش ڪيا.

پهرين صدي (ق-م) کان ٽين صدي عيسوي تائين اعتقادن جي انهيءَ پريشان ڪندڙ گاڏڙ مان اسين ڪي واضح انومان ڪڍي سگهون ٿا. پراڻي ڪنجهيءَ واري دور جي هڪ هئي نيٺ ختم پئي ٿي. جيئن ڪارل جنگ هٽلري دور جي پيشروئن بابت لکيو (جڏهن هن پهرين مهاڀاري لڙائي کان اڳ ئي 'ذهني تبديلي' جا اهڃاڻ پروڙيا) اٿ هڪ خيال هو ته "هن دنيا کان مٿي ٿانيڪو پراڻي مابعد الطبعيات هستي گم ٿي رهي هئي. ٻاهه جا پهريان دونهان فضا ۾ هئا." انهي نفسياتي عداوت جي انتهائي ڊرامائي اهڃاڻ مان هڪ روايتي مصري سيپتا جي پراعتماد دورانديشي جو ختم ٿيڻ هو. ۽ اسڪندريا ۽ نيل جي ٻين شهرن جي ويهاٽ پري شهري آباديءَ ۾ مذهب تبديل ڪندڙن جي وڏي تعداد مان عيسائيت لاپ پرايو، مصري ثقافت ۾ مادي دنيا کي ترڪ ڪرڻ واري هڪ مڪمل سوچ پيدا ٿي. رومي مصر جي پچاڙڪن ڏينهن ۾ اهو اپار ڪنهن سياسي انقلاب وانگر ئي پڙڪيو. تڏهن کان اوله جي ذهن کي ڪو انداز اختيار ڪرڻ ۾ مدد ڏيندڙ ويجهي اوير جي ثقافت جي نفسيات ۾ هڪ تبديلي آئي. نيل ماٿري سان لڳولڳ لکين ماڻهن ايڪانت اختيار ڪئي. اٿان خود اسان جي پنهنجي دور جي پاڻ پري براڊرين جي سماج مان نڪرڻ ۽ انهيءَ وسيع سوچ ۽ خود سيپتا ٻه ناڪام ٿي چڪي آهي، جا ڪي ڏوراهان پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. "شل ڪنهن ڏينهن ڪي بهتر شهر اڏجن." مصري فلسفي پلوٽينس چيو: "اسان جا ٻار، جيتوڻيڪ هڪ گناهگار دور ۾ ڳرپيا آهن، شل پنهنجي ابن ڏاڏن کان بهتر تعمير ڪن." ۽ ان ريت بت پرست ثقافت مصر ۾ ڏکو عرصو رهندڙ مستحڪم ڪائنات واري پراڻي ساخت عيسائيت هٿان ميسارجي وئي، جنهن وٽ ڪنهن عظيم زميني حاڪم بدران ڏورانهين عرش نشين خدا بابت اچڻ لاءِ گهڻو ڪجهه هو. "اهو ئي وقت هو." ايپڪٽيٽس چيو: "جڏهن اسان ڄاتو ته انساني صورتحال ڪيترو غيرمحفوظ آهي."

مصري بت پرستيءَ جو خاتمو

نيل ماٿري سان لڳولڳ پراڻن شهرن ۾ اڪائي بت پرستي عيسائي دور تائين

برقرار رهي. ان جي خاتمي يوناني فتح ڪانپوءِ ڪو هڪ هزار سالن جو وقت لڳايو. ان جي اپرڻ واري سگهه جي هڪ حيرت انگيز ثابتي. ڇهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙ ۾ مسلم فتح مهل مصر شايد ٽي حصا عيسائي هو. پر پراڻي مذهب تي پابنديءَ جي رومي حڪم ڪان ڪو ٻه صديون پوءِ به تنهن وقت جي پوڄا گهرن ۾ منظم بنيادن تي بت پرستي جو سلسلو جاري هو.

وچئين دور جي مصر ۾ آخمم تن ڏينهن ۾ به اڄ وانگر هڪ مشهور ٽيڪسٽائل شهر هو. رومي دوُر جي پڇاڙ سان تعلق رکندڙ ان جي ڪپڙن جا انداز پنهنجي يوناني، مصري ۽ عيسائي موضوعن سبب گاڏڙ ثقافت جو اهڃاڻ ڏين ٿا. جڏهن پنجين صدي قبل مسيح ۾ يوناني سياح هيرودوٽس آخمم جو دورو ڪيو ته هن ڄاتو ته مصر جو هي واحد شهر هو جنهن جي رهواسين يوناني رسمن ۽ رواجن جو آدرڀاءُ ڪيو ۽ اهو امر رومي سلطنت جي خاتمي ۽ ايستائين جو مسلم سوڀ تائين به حقيقت رهيو. شهر جي انيڪ پوڄا گهرن ۾ يوناني ديوتا پرسيوس سان لاڳاپيل پوڄا گهر پڻ هو. پر هتان جو سڀ کان مشهور پوڄا گهر آڳاٽي فئلڪ ديوتا مِن سان لاڳاپيل هو. جنهن کي يونانين 'پان/ پئن' تي سڏيو. 115ع ۾ تراجن جي دور ۾ مڪمل ٿيل انهيءَ پوڄا گهر کي وچئين دور جي عرب سياحن دنيا جو عجوبو سڏيو. 1183ع ۾ ابن جبير انکي 'دنيا جو سڀ کان وڏو پوڄا گهر' ظاهر ڪندي غير معمولي سجاوت، مٽيل ۽ رنگ ڪيل ڇتين، 370 فٽ $\times$ 250 فٽ قطر ۽ سونا زيور لڳل چاليهن وڏن شاهي ٿنڀن جو تفصيلي ۽ شاندار ذڪر ڪيو. ان سميت آخمم جي ٻين پوڄا گهرن کي ڍاهڻ جو سلسلو چوڏهين صدي دوران شروع ٿيو، جيتوڻيڪ ٻي صدي ۾ تراجن جي جوڙايل هڪ رومي پوڄاگهر جا ڪنڊر اٺويهين صديءَ ۾ به ظاهر هئا. هاڻوڪي هڪ نئين کوٽائيءَ مان مِن پوڄا گهر جا ڪنڊر گهٽين جي سطح کان گهڻو هيٺان کان مليا آهن، جن بابت ابن جُبير چوي ٿو ته "شهر جي اوپر ۾ ان جي چئوديواريءَ کان هيٺ." 1989ع رعميس ثاني جي ڏيئرن جا مليل ٻه قوي هيڪل بُت ڄاڻائين ٿا ته اسلامي دور تائين برقرار رهندڙ اهو پوڄا گهر گهٽي ۾ ياڳي ارڙهين سلطنت سان تعلق رکندڙ هو.

پنجين صدي عيسويءَ ۾ مٿيون مصر پنهنجي يوناني ڳالهائيندڙ ادبي شخصيتن سبب مشهور هو، جن مان اينڪ يوناني ڳالهائيندڙ ۽ "پنهنجي مالڪ جو نالو اڇاري سگهندڙ" طوطي سان گڏ اٿيوپيا ۽ ڪاري سمنڊ تائين سفر ڪندڙ ٽيس جو اولمپيو ڊورس قابل ذڪر آهي. آخمم ۾ بت پرست شاعرن جو هڪ ٽولو هو، جيڪو اوپر واري بادشاهت ۾ سيرسپاٽا ڪندو رهندو هو.

اخميم سان تعلق رکندڙ پنجين صدي عيسويءَ جو سياڪي وارو ڪپڙو، جنهن تي ڪوپٽڪ ڪاريگرن يوناني موضوع (آرٽيمس ۽ ايڪٽائون) استعمال ڪيا آهن. ڪاپٽس اُت اڃ به (عيسائي موضوعن سان) ڪپڙا اُڻين ٿا.

منجهائن هڪ نونوس هو، جنهن اوڊيسي ۽ اليڊ جي گڏيل ضخامت جيتري اٺيتاليهن ڪتابن تي پکڙيل يونانيءَ ۾ هڪ تمام وڏو رزميه نظم لکيو، جنهن جو موضوع ڊائنس، يونين قديمي دؤر جي بت پرستيءَ جا اهم ديوتا، ديوانگي ۽ مدهوشي جا ديوتا هئا. اهڙيون شخصيتون اسان کي مصر ۾ اسلامي دور کان اڳ روئنما ٿيندڙ نفسياتي ۽ ذهني تبديلين جي آگهي ٿيون ڏين. ان دور سان ئي تعلق رکندڙ تازي مِليل مصري پائرس درياقتن ۾ بت پرستي ۽ مخفي فلسفي، ڪيميا، جادو ۽ ستاري شناسي جا مواد هٿ آيا آهن. انهيءَ ثقافتي موڙ تي پينو پولس جي ڪيميادان زوسيمس نور نچوئي افلاطونيت ۽ علميت پرستيءَ جو يهوديت ۽ 'اوير جي ڏاهپ' سان ميلاپ ڪرايو. هيءَ اُها دنيا به هئي جت پنجين صديءَ جو هڪ ناميارو بت پرست هوراپولون شڪلين وارن اکرن جي سمجهاڻي بابت هڪ نسخو لکڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. سندس پيءُ جنهن ٽيه هزار سال کان به وڌيڪ عرصي جو احاطو ٿي ڪيو. شهنشاه ٿيوڊوسئيس جي بت پرستي خلاف جاري ڪيل فرمان کان پوءِ به ڊگهي عرصي تائين مِن واري پوجا گهر جي قائم رهڻ تي اچرج ٿئو ٿئي.

CS CamScanner

پنجين صديءَ ۾ به آخمم جي ڀرپاسي گهٽي ۾ پاڳي سگهيا ستابا زميندار يوناني ڳالهائيندڙ بت پرست هئا، خود عيسائي ٻٽيل شهر جي ڪائونسلن جي ڀيهر بت پرست ٻڌجڻ جا واقعا پڻ ملن ٿا ابتدائي پنجين صديءَ ۾ پيدا ٿيل صورتحال جو اهو پسمنظر هو، جڏهن ويڙهو عيسائي خانقاهن جا ڇڳا مڙس اچا تائين آخمم کان نديءَ ڏانهن موجود وهائيٽ موناسٽريءَ جي شينودا جنوبي راهبن سان گڏجي شهر جي ٻاهران رهندڙ بت پرست زميندارن کي راتاها ڏنا. پر بت پرست پنڊتن جي اچا ايتري پهچ هئي جو هو شينودا کي ڪورٽ آڏو گهرائڻ ۽ ٽوڙڦوڙ جو هرجاڻو طلب ڪرڻ جا اهل هئا. باقي سڄي مٿئين مصر ۾ يوناني ثقافت ڇهين صدي ۾ به قائم رهي. مثال طور نوبيا ۾ فيلائي جا پوڄا گهر جسٽينين جي راڄ (527ع کان 565ع تائين) ۾ عيسائي ڪمن ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ قبضو ڪرڻ تائين بند نه ڪيا ويا هئا. ان وقت سندن بت پرست پنڊت اٽيڙيل ۽ ابوجھ هئا، آڳاٽي تصويرن واري رسم الخط گهڻو وقت ٿيو جو رڳو جادوئي ٽوٽي ڦيٽي ۾ بدلجي چڪي هئي. ٻين صدي عيسوي تائين آخمم ۽ آڪسر هنڪس شهر يادگار اڏاوتن/ ڪاڃن لاءِ روايتي پٿر تراشيندڙن کي ملازم رکندا هئا. پر اها صدي ورهاست جي ليڪ هئي. انڪانپوءِ پراڻي لکت جي ڄاڻ هڪ ننڍڙي اشرافيا تائين محدود ٿي وئي. آخري اُڪر چوٿين صدي سان تعلق رکندڙ ملي ٿو پر اهو انتهائي ڳاڏڙ ساڏڙ آهي. جڏهن هوراپولون 500 عيسويءَ ۾ تصويرن واري رسم الخط تي پنهنجو نسخو لکيو ته ڪيس ڄاڻ نه هئي ته ان جو مطلب ڇا هو. ڪجھ ئي عرصي ۾ 'سمورن ڌرمن جي هم آهنگي' جهڙي ڪتاب جي بُت پرست ليکڪ جو هيءُ پٽ عيسائيت تي ايمان آڻڻ وارو هو. اهو وقت جي ڦيري جو اهڃاڻ آهي.

ڇهين صديءَ ۾ سڄي مصر جي پوڄاگهرن کي گرجاگهرن ۾ تبديل ڪرڻ کان اڳ وحشي پٽي جو مظاهرو ڪيو ويو. ابائدوس ۾ عيسائي جنونين آڳاٽن مردن ۽ عورتن کي پنهنجي پراڻن ديوتائن سان ڳنڍيندڙ اُورچاپ سان ناهيل ڳوڙهن اظهارن کي تاراج ڪيو ويو. لڪسر ۾ ايمينوفس ٽين جي عظيم الشان پوڄا گهر جي مقدس ڪمري اندر هڪ ڪاپٽڪ گرجا قائم ڪيو ويو، ميڊينيٽ هبو ۾ وڪڙ واري ڀت کي اهڙي طرح ڍاٿو ويو جو آئسس ۽ من جي فيلس جا چهرا چلجي پيا. هاڻ هڪ ذهني انقلاب پرورش وٺي رهيو هو. ڪيترن ئي ديوتائن جي پوڄا کان هڪ خدا جي عبادت لاءِ تحريڪ. انهيءَ عمل مان اسلام اڀريو، عيسائين ۽ يهودين ذريعي ابراهيم جي مذهب جي منتقلي جو آخري مرحلو، پيغمبر حضرت محمد ﷺ جي آندل دنيا جي آخري عظيم مذهب مصر جي ڳاڙهي سمنڊ جي ٻئي پار پراڻن ڳانڍاپن ۽ رابطن کي هڪ

ٽئون موڙ ڦيو:

اسلامي مصر

641ع ۾ هڪ هزار سالن جي يوناني ۽ رومي راڄ کان پوءِ مصر حضرت محمد ﷺ جي نئين عقيدي سان واڳيل عرب مسلمانن جي قبضي ۾ آيو. پر ايڏفو ۾ زندگي انهن حڪومتي تبديلين کان قطعي لاتعلق رهي. 700ع تائين ڪاموراشاهي ڳڌريل ڪيترن ئي صدين وانگر يونانيءَ ۾ ڪم ڪندي رهي. آهستي آهستي تبديلين جو مڪمل دائرو واضح ٿيو ۽ مصر جي ثقافتي زندگي ڏکيي عرصي تائين ميڊيٽرينين ڏانهن نهارڻ کان پوءِ پيهر 'زرخيز چنڊ' واري ڌرتي ڏانهن لڙي.

ميڊيٽرينين ۽ ويجهي اوڀر واري دنيائن جي سچي سفر وانگر، ايڊفو ۾ عيسائي ۽ مسلمان قديم دنيا جا وارث هئا ۽ آخري قديمي دنيا جي خاتمي وارو زوردار انقلاب اڄ ڏينهن تائين اسان جي زندگين جو رخ طئي ڪري رهيو آهي. ستين صديءَ واري مصر سان تعلق رکندڙ آخري يوناني مذهبي پاپائريءَ ان انقلاب تي مهر هڻنئين. ان يوناني ۾ اهي لفظ ئي سامهون آيا جيڪي هر مسلمان جي پاڪ جو مرڪز آهن، 'خدا جي نالي سان جيڪو ٻاجهارو ۽ شفقت وارو آهي، بس رڳو خدا جي واحد ئي ذات آهي.' ۽ اها يونانيءَ ۾ پنهنجو بيان جاري رکندي چوي ٿي: 'Mahmet apostolos theou' (محمد خداجو رسول آهي) انهيءَ سان آئسس، هاٿور ۽ ايفروڊائيٽ جي دنيا جا سمورا مقصد ۽ مطلب پڄاڻي تي پهتا.

اسلام ڏانهن منتقليءَ ۾ ڪيترين ئي صدين لڳيون هيون. 700 ڌاري مقبل هڪ مردم شماري موجب ٻهراڙي وارو حصو ان وقت تائين مڪمل طور تي عيسائي هو، 'پنجاهه لک ماڻهن جا ڏهه هزار ڳوٺ.' وڏي پئماني تي مذهب بدلائڻ جو سلسلو اٺين صديءَ ۾ اڻکٽ بغاوتن ۽ مسلم حاڪمن جي جبر ڪانپوءِ شروع ٿيو، اهي بغاوتون مذهبي يا فرقيوار ڏڦير بدران وڏي پئماني تي ٽئڪسن خلاف اڀار هيون. اسلام ڏهين صديءَ ڌاري ئي اڪثريتي مذهب ٿيو سگهيو. اڄ عيسائي فرقا ٽوٽي جو تعداد ۾ وڌي رهيا آهن، پر ڪل آباديءَ جي ڏهه سيڪڙو کان به گهٽ آهن.

عيسائيت کان اڳ واري بت پرست ثقافت رڳو لوڪ روايتن ۾ باقي رهي آهي، ٽوٽي جو شهرن کان ڏور، خاص طور تي مٿاهين مصر ۾ ماضيءَ جا گهرا اثر اڄ به ظاهر آهن. مثال طور مارچ مهيني جي وچ ڌاري، اونهاري جي

ڏرمي ۽ جو پڙهو ڏينڌڙ چانڊوڪيءَ ۾ هڪ عظيم الشان ميلو لڳندو آهي
جيڪو اڃا تائين آڳاٽي مصر جي عوامي ثقافت جا ڪي اهڃاڻ برقرار رکندو
اچي ٿو.

ان موقعي تي پنهنجي عظيم الشان تهوار ۾ شرڪت لاءِ پرپاسي جا
هزارين ماڻهو لڪسر ۾ اچي گڏ ٿيندا آهن. هت ماڻهو اڃا تائين آڳاٽي
صديون جا تهوار ملهائيندا اچن، جن ۾ بسنت تهوار، نيل جو چاڙهه ۽ خاص طور
تي مصر جي چاليهن وارو پٽڪو اڄ به فرعوني دور وانگر ٿيندا آهن. ڏورانهن
علائقن ۾ اڄ ڏينهن تائين اهڙا ڪيترائي مقامي تهوار ملهايا ويندا آهن،
جيڪي مقدس مردن ۽ عورتن، آڳاٽن پوڄاگهرن، وڻن، نانگن ۽ ديوين سان
لاڳاپيل تهوارن جا اسلامي ۽ عيسائي روپ اختيار ڪيل آهن. پر انهن سمورن
۾ وڏو ۽ اهم هڪ مسلمان بزرگ ابوالحجاج جو تهوار آهي، جيڪو آڳاٽي
مصر جي عظيم الشان بت پرستيءَ جي پوڄا گهرن مان هڪ جي اندر جوڙيل
مسجد ۾ ملهايو ويندو آهي، مسجد جنهن جو آڳاٽو پٿر وارو ڪم، ويهه فٽ
ڏيو تيل ملبي مٿان چوڏهين صدي (ق-م) جي ٿنڀن تي ظاهر آهي. ڪاپٽڪ
عيسائي به ان تهوار ۾ حصو وٺندا آهن. چاڪاڻ جو ڪنهن وقت ۾ سنڌن
هڪ چرچ به ان پوڄا گهر اندر هو ۽ اهو ته ان مسلمان بزرگ جي زال ڪاپٽڪ
فرقي سان تعلق رکندڙ هئي ۽ روايتي طور تي ڪاپٽڪ عورتون ئي ان بزرگ
جي حمد و ثنا جا گيت ڳائينديون آهن.

ابوالحجاج يارهين صديءَ ۾ گذاري ويو، هيءُ اهو وقت هو جڏهن اسلام
مٿانهين مصر ۾ مذهبي بالادستي قائم ڪري رهيو هو. مسجد جي اندر وارو
مقدس مقبرو تڏهن کان ياترا جو مرڪز بڻيل آهي. ڏاڪڻين تي سوڪڙيون
وڪڻندڙ مُشڪ، مٽڪا، مقدس شبيهون ۽ منترن وارا ڪاڳر ٿا وڪڻن. اندر
پٿرن تي مريدياڻين جي رت جا لينگها نظر ايندا جيڪا فرعون دور کان هلندڙ
رت آهي. هر هنڌ جيان هت به راسخ العقيديت منهن تي ڦٿائي، پر عام ماڻهو
پنهنجي ڪرت جاري ٿا رکن. شيخن ۽ بزرگن جي عقيدت ۽ پوڄا وسيلي
عام ماڻهو پنهنجي روزمره وارن ڏپن، اڏمن ۽ ڏور اوچي خدا وچ ۾ خال ٿا
ڀرن. مقبري جي چوڌاري گيتن ۽ مناجات کان پوءِ رات مٿانهين مصر جي
روايتي سنگيت ۽ گيتن جي گونجار ۾ گذري ويندي آهي. مٿانهين ۽ هيٺانهين
مصر جي ٻن ديسن کي پنج هزار سال اڳ مينس 'باز بادشاه' متحد ڪيو هو،
پر ايڪتا جا اهي اڻ ڳڻيا سال به مڪمل پيهجي ويل اتحاد جو روپ ڏيڻ کان
قاصر رهيا آهن. اڄ به اهي ٻه ديس آهن، هر ڪنهن جو پنهنجو ڌار ڪردار،

روايتون ۽ رسمون آهن ۽ قاهره يا ڊيلٽا سان تعلق رکندڙ ڪو شخص هن ڪاڄ ۾ پنهنجو پاڻ کي قطعي اوپرو سمجهندو. شايد الحجاج جو مذهبي تهوار پڻ انهيءَ آڳاٽي تهوار جو تسلسل آهي جيڪو هر سال اوسرس ديوتا جي شان ۾ ملهايو ويندو هيو.

هنيءَ ڏينهن تهوار/ ميلو پنهنجي پڄاڻيءَ تي ٿو پهچي. بزرگ جا جيئرا وارث حجاج ۽ سندس پٽن جي علامتي جنازن واري جلوس جي قيادت ٿا ڪن ۽ سندن پويان لڪسر جا ٻيڙائتا پنهنجي ياترائي ٻيڙين سميت هوندا آهن. اڄڪلهه اهي ٽرڪن وسيلي ڪڇنديون آهن، پر ڪجهه به هجي اهي ٻيڙائتا پنهنجو روايتي فرض پورو ٿا ڪن، جيئن هزارين سال اڳ سندن پيشروئن ٿي ڪيو، جڏهن آڳاٽي لڪسر جي گهٽين ۾ هن سج ديوتا آمن جي ٻيڙيءَ ۾ شگاف وڌو هو. ڏينهن جو خاتمو ڪنهن سنجيده مذهبي رسم بدران پيئڻ، نچڻ ۽ جنسي حرڪتن واري جلوس سان ٿئي ٿو. جنهن کي غيراسلامي ته سڏي سگهجي ٿو پر ابن ڏاڏن جي روايتن کان ترو جيترو به ڪٽل ٿو چئي سگهجي. اهو پنجين صدي قبل مسيح ۾ باسٽيٽ ديويءَ سان لاڳاپيل خوشيءَ ڀري تهوار بابت هيرودوٽس جي ذڪر جي ياد ٿو ڏياري. "اوڏانهن سفر ڪرڻ مهل مصري هن ريت ڪندا آهن: عورتون ۽ مرد ٻيڙين ۾ گڏ هوندا آهن ۽ هر ٻيڙيءَ ۾ ٻنهي جنسن جا ڪيترائي فرد هوندا آهن. ڪي عورتون دف وڄائي هل ڪنديون آهن ۽ ڪجهه مرد سڄي واٽ بانسري وڄائيندا آهن، جڏهن ته ٻيا ڳائيندا ۽ تاڙيون وڄائيندا آهن. پنهنجي سفر دوران ڪنهن شهر وٽان لانگهائو ٿيڻ تي هو اتي ترسي پوندا آهن ۽ ڪجهه عورتون خشڪيءَ تي لهي اتان جي عورتن تي ٺٺول ۽ چرچا ڪنديون آهن، جڏهن ته ٻيون نچنديون ۽ پنهنجا چولا مٿي ڪنديون آهن. اها وارتا هو نديءَ ڪناري ايندڙ هر شهر ۾ ڪندا آهن ۽ پنهنجي منزل تي پهچڻ کانپوءِ ايترو شراب واپرائيندا آهن جو شايد باقي سڄي سال ۾ به نه پيئندا هوندا. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته انهيءَ ساليانيءَ تيرٿ ياترا تي ٻارن کان سواءِ ڪو ست لک کن عورتون ۽ مرد ايندا آهن ۽ اهو سلسلو اڄ به جاري آهي.

نديءَ جي اڀيءَ پر ساون ٻنين ۾ اوله وارين ٽڪرين هيٺان قبرستان آهي. مدينت هابو ۾ رعميس ٽين جو عظيم الشان قبرستاني پوڄاگهر اڄ تائين جزوي طور ڪاپٽڪ عيسائي ڳوٺ جي مٽيءَ جي ڍڳن وارن کنڊرن ۾ ڍڪيل آهي. ان جي دروازي ٻاهران هڪ ننڍڙو مقدس تلاءُ آهي، جيڪو اڄ تائين پاڻيءَ سان ڀريل هوندو آهي. ٻي اولاد عيسائي ۽ مسلمان عورتون هت اولاد

لاءِ دعائون پڻ اينديون آهن. اهو سڀڪجهه آڳاٽي دورن جو تسلسل آهي. جيئن مصر سان تعلق رکندڙ هڪ جديد يوناني شاعر ڪانسٽنٽائن ڪيوافيءَ لکيو:

”اسان سنڌن مسجما ڀڳا
ڪين سنڌن پوڄا گهرن مان پيچائي ڇڏيو
پر انجو اهو مطلب ناهي ته ڪو سنڌن
سمورا ديوتا مري ويا.“

قاهره: اسلامي ورثو

ھن شھر ۾ آڳاٽو ورثو به قائم رهيو. قاهره ’شهرن جي ماءُ‘ جيئن ابن بطوطا چيو، ”ان جون اڻ ڳڻيون عمارتون پنهنجي سونهن ۽ وقار ۾ لاجواب آهن. مسافرن سان مڪاميل جو ماڳ، سگهارن ۽ ڪمزورن جو اجهو، جن جا تولا سمنڊ وانگر ڇوليون ٿا هڻن.“ قاهره جو بنياد ڏهين صديءَ ۾ آڳاٽي راڄڌاني ميمفس، غزه ۽ سقارا جي اهرامن ڀرسان وڌو ويو. اوستائين مينس جي راڄڌاني، ’اڇي ڀتين وارو ميمفس‘ رڳو افسانو هو. ’ستر دروازن، لوهه ۽ ٽامي جي ڀتين وارو فرعوني شهر‘ جيئن تن ڏينهن ۾ ابن الفقية لکيو: ان جي ڪنڊرن تي هڪ غريب عيسائي ڳوٺ سڪون سان آباد هو. جلد ان جو نالو وسارجي ويڃو هو. نديءَ جي مٿين پر تي قاهره عرب اسلامي ثقافتي راڄڌاني بڻجي چڪو هو. 1258ع واري منگول چڙهائي کان محفوظ رهندڙ قاهره ۽ مصر ڪلاسيڪل عرب سڀيتا جي شاهوڪار ورثي جي نگران وارو ڪم 1517ع ۾ عثمانيه سوڀ تائين جاري رکيو. عرب دنيا اوستائين اسلامي ثقافتي مرڪز وارو مقام وڃائي چڪي هئي، اهو اعزاز هاڻ پرشيا (ايران) ۽ ترڪي کي حاصل هو، پر مصر عرب دنيا جو مرڪز بڻجي چڪو هو، جنهن سلسلي کي جاري رهڻو هو.

اڄ به قاهره جي مسجدن ۽ يونيورسٽين ۾ اسين فرعونن جي دنيا سان جيترا جاڳندا لاڳاپا ڏسي سگهون ٿا. وچئين اسلامي دور واري قاهره، ڪردار ۾ اهڙي قدامت پرست سڀيتا هئي، جنهن جو پنهنجي پيشروئن وانگر هڪ سگهارو اخلاقي انداز هو. اها بغداد ۾ ڏهين صديءَ واري شاندار ايڪومينيشل طرز جي ثقافت نه هئي، نه وري ان پرشيا ۾ ڪوشش ٿيل اوله ۽ اوڀر جي سوليائي گاڏڙ جهڙي ڪوشش ڪئي. اها ماضيءَ وانگر انتهائي گهرين پاڙن

CamScanner



لڪسر ۾ ايمينوفس تين جو پوڄاگهر ۽ ابوالحجاج جي مسجد،
ڪنجهي واري دور ڪان ساڳي هنڌ تي فرقي جي غيرمعمولي جاري
تسلسل جو هڪ ثبوت.

واري، ڌرتيءَ سان لاڳاپيل ۽ دانشمند هئي، جيڪا نہ رڳو ورائي جي تحفظ وڏاءَ ۽ اپٺار تي ٻڌل هئي، پر سڀ ڪان اهم تہ مذهبي موادن قرآن، حديث ۽ فقہ جي تشريح ڪرڻ ڪري رهي هئي: آڪسفورڊ ۽ ساربون ڪان بہ وڏيڪ پراڻي اسلام جي عظيم درسگاه جامع الازهر ۾ اڄ ڏينهن تائين مقدس صحيفن جو اپياس ڪرايو ويندو آهي. آڳاٽي مصر جي ريت وانگر ڌرتيءَ ڪي متحد رکندي اها اڄا تائين بنيادپرستيءَ جي دور ۾ بہ سيڪيولر ۽ رومانيت رياست ۽ مذهب ۾ ڏکيو تناسب برقرار رکڻ جي پتوڙ ۾ جنبيل آهي. ايستائين جو وچين قاهره جو طبعي پهلو پنهنجي وسيع تر مسجدن، شاندار اسلامي مقبرن، قبرستانن، مدرسن ۽ اسڪولن وسيلي فرعوني پيشروئن جي ياد ٿو ڏياري. نيل جو اولاهون پاسو پيل مئلن جي ايراضي (قبرستان) نہ رهيو هجي پر وڏي پئماني تي مقدس اڏاوت ماضيءَ واري ان ساڳي ڪرت جو فرض نڀائي رهي آهي. درحقيقت پوڄاگهرن جي زمين ۽ مذهبي وقف آباد ٿيندڙ ڪل زمين جو ٻارهون حصو هئا، جيڪي 1950ع واري ڏهاڪي ۾ صدر جمال عبدالناصر قومي ملڪيت ۾ ورتا. ان ريت هيءَ اها سيبتا هئي جنهن پنهنجي تاريخ جي ظاهري آفتن ۾ بہ نہ

رڳو سڌريل جيوت جا بنيادي گڻ محفوظ رکيا پر شين ۽ معاملن کي پنهنجي پيشروئن وانگر جاري رکيو ۽ شايد اهي ئي نظريا، هڪ ٻئي سان اڻوٽ جڙيل، خود سيپيتا جي فطرت جا سونهان آهن.

ابن خلدون- مصري تاريخ بابت

هت قاهره ۾ چوڏهين صديءَ جي پڇاڙ ۾، تسلسل جا اهي سوال سمورن مسلمان تاريخدانن ۾ عظيم ترين ابن خلدون جاچيا. سندس سروڪار ته ساڳيو اسان جي ڪتاب وارو ئي هو. سيپيتا جو انداز ان جو عروج ۽ زوال. هُن انومان ڪڍيو ته ٿانيڪو سهڪاري انساني جيوت سيپيتا جو مقصد هئي ۽ اها حياتيءَ جي سمورن اظهارن وانگر ترقي ۽ تنزلي جي ڦيري (Cycle) ۾ ڦاسي چري پري. هن اتفاقي طور تي سوچيو ته معاشري ۾ 'وڏيڪ ڪپت' زوال جو اٽڪل سبب هئي. پر سندس خيال هو ته جاگرافي ۽ آبهوا جي يقيني لاپائتي حالتن، ماڻهن جي ڪردار، رسمن ۽ سندن گڏيل سڃاڻپ جي ادراڪ ۾ ثقافت هڪ اهڙي پختي پاڙ حاصل ڪري سگهي ٿي، جنهن کي هن 'سيپيتا جي عادت' سڏيو. ۽ سڄي تاريخ ۾ مصر شايد ان جو بهترين مثال هو. فرعونن وٽ هن واضح ڪيو ته ٽن هزار سالن تائين سياسي اختيار هو. ڪائنس پوءِ يوناني ۽ رومي آيا، جن ڪان اهو ورثو مسلمانن هٿ ڪيو. ان ريت سيپيتا جي عادت هت مسلسل هئي، دنيا جي

ابوالحجاج جا پونير آڳاٽي پوڄاگهر اندر جڙيل پنهنجي مسجد مان ٻيڙين جي نڪرندڙ جلوس جي سرواڻي ڪندي.

ڪنهن به ٻئي هنڌ اها اينتري گهري نه رهي آهي ۽ اهڙو نقطهءِ نظر اڄ ڏينهن تائين عرب دنيا ۽ مصر جي مسلسل ثقافتي اڳواٽي ڪي شايد واضح ڪري سگهي. عراق کي تباهه ڪندڙ تيرهين صديءَ واري منگول چڙهائي کان محفوظ رهندڙ مصر سورهين صديءَ ۾ عثمانيه راڄ هٿان پنهنجي فتح تائين اسلام جو هڪ پروقار مرڪز رهيو، ايستائين جو اڄ به اهو هڪ اهڙي شاهوڪار ۽ متحد ۽ منظم ثقافت جو مرڪز آهي، جيڪو اسان کي ان جي يوناني پيشروئن جي يادگيري ٿو ڏياري. شروعات ۾ اڳاٽي مصري رياست هئي، جنهن مادي خوشحالي ۽ خوشيءَ جي هڪ حد سميت هڪ منظم رياست ۾ گڏجي رهڻ واري مردن ۽ عورتن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي ڏس ۾ انساني تاريخ جي پهرين ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ هيل تائين اها انتهائي ڪامياب ڪوشش مان هڪ آهي.

باب پنجون

وچ آمريڪا

وقت جو بار

ڏيڍ سؤ سال اڳ يورپي ڳولائو وچ آمريڪا جي جهنگن ۾ ميسارجي ويل هڪ سيتا جي کنڊرن تي پهتا. ’جهنگ جي پُرسڪون سانت ۾.“ جان اسٽيفن 1839ع ۾ لکيو: ”جبل مقدس ٿين جيان، فنا ٿيلن تي ماتمي الهام وانگر ٿي لڳا.“ سگهو ئي واضح ٿيو ته ميڪسيڪو، گوئٽيمالا ۽ هونڊراس (مايا طور مشهور) جي تاحال اڻڄاتل شهرن جا اڏيندڙ ستاري شناسي، سائنس ۽ حسابن ۾ چڱا پڙهيا ۽ هنن پراڻي دنيا جي لڪت ٻه آزادانه طور تي ايجاد ڪري ورتي هئي. ”ڪوپان جهڙا ماڳ“ ان جي دريافت ڪندڙ چيو: ”نئين لڌل تاريخ وانگر هئا، جن ثابت ٿي ڪيو ته آمريڪا کنڊ جا اڳاٽا ماڻهو بي سليقي نه پر اڳاٽي مصرين جي يادگارن وانگر هڪ سريلي ميراث جا مالڪ هئا فن، اڏاوت ۽ مجسمي سازيءَ ڪري، جيڪي پراڻي دنيا ڪان اخذ ڪرڻ بدران هٿ ئي ڪنهن ماڊل يا ماهرن ڪان سواءِ تخليق ٿيا ۽ وڌيا ويجهيا، ڪين هن ڌرتيءَ منفرد ٻوٽن ۽ ميون جيان هڪ آزاد ۽ ڌار انفراديت ڏني.“

اهي احساس آمريڪي کنڊ ۾ داخل ٿيندڙ پهرين يورپ- واسين جا پڙاڏا هئا، جن جي وقت ۾ ايزٽيڪس ۽ انڪاس جون شهري سيتائون پرپور جوانيءَ ۾ هيون. پهريان مشاهد پنهنجي اکين تي اعتبار ڪري نه سگهيا. ”اسين حيرت ۾ ونجي وياسين.“ برنل ڊياز چيو: ”اسان جو اهو چوڻ هو ته اسان جي اڳيان ظاهر ٿيل دنيا اڳاٽي ڏندڪٿائن ۾ ڄاڻايل جادوگرين وانگر

ٽڪال وارو مايائي ماڳ اڄا
تائين جزوي طور تي جهنگ
سان ڍڪيل آهي. 1882ع
۾ ڪڍيل هيءَ تصوير
شروعاتي آرڪيالاجسٽن جي
مشاهدي ۾ آيل صورت جو
هڪ روپ پيش ڪري ٿي.

ني آهي. اسان جي ڪجھ سپاهين ته اهو به چيو ته اهو سڀڪجھ سپنو آهي. اهڙن شاندار منظرن تي نظر وجھندي سچ پچ ته اسان کي ڏندين آڱريون اچي ويون.“ دريافت ڪندڙن جي حيرانگيءَ واري احساس کي اڄ ڪنهن ٻئي گرھ جي مخلوق کي ڏسي ٿيندڙ اچرج سان ڀيٽي سگهجي ٿو.

آمريڪي کنڊ جي سڀيتا وچ اوڀر، هندستان ۽ چين جي پراڻي دنيا سان ڪنهن قسم جو لڳ لاڳاپو رکڻ کان سواءِ ئي اڀري ۽ اسري هئي. ان هوندي به هت عظيم الشان اڏاوتن وارا نفيس معاشرا هئا. هُنَ دستور العمل، تحرير، سائنس ۽ حساب ته ڇا پر مصرين وانگر اهرام پڻ ڏنا. اهو يورپ- واسين جي ساک لاءِ خطرناڪ ٿو بڻجي ته مقامي ماڻهو ڪيترن ئي معاملن ۾ يورپ جا حريف بڻجندڙ ڳنڀير معاشرا اڏي سگهيا. ”انهن انڊينز (جن جي ماتر ڀومي کي آمريڪا کنڊ جا شروعاتي يورپي ڪيتري عرصي تائين هندستان سمجهندا هئا) وٽ انتهائي اعليٰ اخلاقي طاقت آهي.“ سورهين صديءَ جي هڪ فقير مجبور هو. ”سمورن مڪينيڪل ۽ لبرل فنن ۾ پڙ، مڪمل فلسفي ۽ ستاري شناس، پاليسيءَ جي معاملن ۾ هو سياسي شعبي ۾ عظمت جي دعويدارن کان گهٽ اڪثر آهن. سندن مذهب يسوع مسيح جي پيغام بدران مڪروه روپ ۾ ني



وچ آمريڪا، مواد ۾ ڄاڻايل اهم ماڳن سميت. ميڪسيڪو جا ميدان، يوڪاٽن ۽ گوئٽيمالائي اوچايون سڀ تاريخ دوران نيارا ثقافتي زون جوڙيا آهن.

بدل آهي، جيڪو شيطان کان سواءِ ڪنهن جو به ڪم نٿو ٿي سگهي.“ اها وڏي شاهي ڳجهارت هئي. پراڻي دنيا جي سڀيتائن، ايستائين جو چين ۽ هندستان جي انتهائي اصلوڪين به پنهنجي تاريخ جي سنگم دوران هڪ ٻئي کان گهڻو ڪجھ پرايو آهي، پر هت سڀيتا مڪمل طور تي پاڻ تائين محدود هئي، جنهن حيرت انگيز ۽ سرڪش تسلسل سان انساني ڀاڳ بابت پنهنجو غير معمولي نقطۂ نظر ڏنو آهي. جيڪي پراڻي دنيا سان ان جا طبعي متبادل فوري طور تي واضح ته ها پر اخلاقي فرق انتهائي پريشان ڪُن هئا.

ڪولمبس کان اڳ واري آمريڪي ڪنڌ بابت تمام گهڻا معاملا يورپ-واسين کي مڪمل طور تي اصلوڪا ٿا لڳن ۽ اُت سڀي انسانذات جي هڪ گهري گڏيل ماضيءَ جا پيش بنديءَ وارا اهڃاڻ پڻ هئا، جن مان ڪي ته قديم ترين ڏاهن مشاهدو ڪندڙ ’مسيحيت‘ وارن سان به لاڳاپيل رهيا. مثال طور جيڪڏهن مايا جي آڳاٽي چين سان پيٽ ڪجي ته اعتقاد، عمل ۽ علامت جون

هڪجهڙايون پيدائين ٿيون تہ آمريڪي کنڊ واسين ايشيا ۾ پنهنجي تاريخ کان اڳ وارن بنيادن کي ڪڏهن بہ هٿان وڃڻ نہ ڏنو. اڄ بہ گوئٽيمالا جي ٻهراڙين ۾ چين وانگر تندرستي ۽ موت جا رواجي طور تي ڏاڏڻين ۾ اعتقاد ڏسي سگهجن ٿا. ٻيون هڪجهڙايون ڪڇون ۽ چمڙي، الهام، ٻوجائن جي سازن، حياتيءَ جي وڻ جي حيثيت وارن اهڃاڻن ۾ آهن. ڪجهہ معاملن ۾ ڪلاسيڪل مايا ۽ چيني فن ٻنهہ هڪ جهڙا آهن. اهي سمورا عنصر پڪ تہ خود ٻوليءَ کان بہ اڳ جا هوندا. ايشيائي، انسانذات جي ڪنهن گڏيل بنياد تائين ويل، جيڪو ان جي چيني علائقي ۾ Palaeolithic ثقافت جي ڊگهي عرصي دوران اُسريو هوندو، مايا چين سان اهو بنيادي اعتقاد بہ ونڊي ٿي تہ سيپيتا ۽ انسانذات فطرت کان ڌار ناهن، پر هڪ اهڙي فطري ضابطي جو حصو آهن جنهن کي سمجهڻ، انساني فرض ۽ انساني مفاد ۾ آهي. چين وانگر مايا بہ اهو الهام، سانگ رچائڻ، ڏاهپ ۽ اخلاقي ڪنٽرول وسيلي ڪيو. سيپيتا بابت مايا جي نقطہ نظر جي تت ۾ وقت جو مڪمل اوتيل محاصرو هو، وقت ڪروڙين سالن جي وسيع اڄ وچ جي ڦيري (Cycle) ۾ ماپيل، دراصل ڪائنات جي وجود جي چاتل عرصي کان بہ ڊگهو. جت يونانين ڪائنات کي جاميٽريءَ

پرشدد جنت: گوئٽيمالا ۾ اوچي مايا جو قدرتي منظر. زرخيز ۽ ٻرندڙ جبلن وارا مٿاهان پٽ بيشڪي وسندين سان ڀرجي ويا.

وسيلي ڦلهوريو ۽ هندن مابعد الطبعيات وسيلي، اُت مايا ان ڪي لافانيت جي حسابن وسيلي ڇاڻو/ ڦلهوريو.

1492ع ۾ ڪولمبس جي اچڻ کان وٺي، سپيتا جا ٻه تصور آمريڪي کنڊ واسين آڏو جدل ۾ رهيا آهن: هڪ پرڏيهي ۽ نئون، اولهه سان تعلق رکندڙ ڌاهن ته ٻيو آڳاٽو ۽ مقامي. انهن مختلف نقطئہ نظرن وچ ۾ جدوجهد انساني تاريخ جي گذريل پنج سؤ سالن جو مرڪزي نڪتو، هت خاص طور تي پرتشدد ۽ اڻ سهپ پريو پئي رهيو آهي. پر پيانڪ تباهين ۽ ماري ميڙائڻ جي باوجود به مقامي ماڻهن تي روحاني سوپ ڪڏهن به حاصل ٿي نه سگهي آهي. اهو سڄو عرصو هو پنهنجي پراڻي ٻولين، پراڻي اعتقادن، ڪائنات ۽ وقت بابت پنهنجي قديم نقطئہ نظرن تي پنهنجو ايمان مضبوطيءَ سان قائم رکندا پئي آيا آهن. ان ريت هيءُ باب هڪ سپيتا جي تباهي ۽ لوڪ ثقافت بابت ان جي ڪجهه نظرين جي تاحال تسلسل جو داستان آهي.

جابلو ديس مايا جي بقا

اسان جي ڳولا گوئٽيمالا جي چچيڪاستينانگو کان ٿي شروع ٿئي. 'چچي' ڪيوئيچي مايا جي جابلو علائقي ۾ منديءَ وارن شهرن مان هڪ آهي. خود چچي اسپيني فتح کان اڳ هڪ مايائي وسندي هو، ان جا فتح کان اڳ وارا ٻه مرڪزي پوڄا گهر اڄ به استعمال ٿين ٿا. هاڻي اِهي ٻئي ڪيٿولڪ چرچ آهن. ٻنهي ۾ ننڍو ايل ڪيلواريو يورپي اثر رسوخ کان ٻاهر آهي. وڏو يعني سينٽ ٿامس، منديءَ جي دڪانن کان مٿيرو ۽ دروازي تائين ويندڙ ڏاڪڻين وارو آهي. ڏاڪڻين تي هڪ روايتي هون ڪنڊ (باهه جي پيتا وارو هنڌ يا ٿالهه) ۾ باهه ٻرندي ٿي رهي ۽ مسافر دروازي تي پهريداري ڪندڙ مايائي روح کان دعا گهرندي، گهريلو ناهيل هڪ ٿانو ۾ مشڪ/ لوبان ٻاريندا آهن. منديءَ ۾ واپارين ڪي پاتل ڪپڙن مان سندن علائقي جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. مثال طور، مايائي ڏوهارڪ دنيا جو آڳاٽو اهڃاڻ چمڙو زبانيا جابلو علائقي ۾ راڄ ڪندڙ ڪاڪچقيوئل مايا جي آخري راڄ گهراڻي پاتو هو، سو اڄڪلهه اٽيٽلان ڍنڍ جي پرسان واري سولولا شهر جو نشان آهي. عورتن جي انگين تي Huipils واريون ڊزائنون سڀ کان وڏيڪ پڌريون آهن، جن ۾ قبيلي/ راڄ ۽ نسل بابت ڳجهي ڄاڻ هوندي آهي. اهو عمل انهن رسمن مان هڪ آهي جن وسيلي ماڻهن پراڻي مايائي ڪائنات جي انداز جو ڪو حصو پنهنجي پاڇي رکيو آهي.

چچيءَ ۾ روايتي شهري پاٽ مذهبي ادارا ڪوفريڊئس جاري رکندا اچن. اهي ڪولمبس کان اڳ وارن ڏينهن تائين پکيڙ رکنديءَ، عيسائي ۽ مايائي ٻنهي تهوار ملهائڻ جو انتظام ڪن ٿا. درحقيقت 1702ع ۾ چچيءَ ۾ ڪوفريڊئس وسيلي ئي يورپ واسين کي مايائي ابتدا جي واحد ڄاتل قلمي نسخي پپول وو (Popol Vuh) ڏسڻ ۽ نقل ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. انهيءَ شاندار ڪائنات بابت اسان جي ڄاڻ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيل ان مواد مان ئي حاصل ٿئي، جيتوڻيڪ مايا جا داستان گو اڄا تائين ان جي داستانن کان واقف آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڪي وڏيڪ قلمي نسخا يورپي دنيا جي نظر کان اوجهل هجن.

سندن گرجاگهر جي وچ ۾ مايائي هون ڪنڌ آهي، جتي ابن ڏاڏن، داستان گوئن ۽ دائين لاءِ ميڻ بتيون ۽ مُشڪ دکايل هوندو آهي. گرجا جي وسيع اناج گودام جهڙي اڱڻ جي هڪ ڪنڌ ۾ بالڪنيءَ جي سهاري ۽ رسين سان ٻڌل وڏي شاهي صليب آهي. اها ڪا معمولي صليب ناهي، اها ئي مايائي ڏندڪٿا جي ’ڳالهائيندڙ صليب‘ آهي، جنهن جي نالي ۾ اٺوهين صديءَ دوران يورپي آبادڪارن خلاف عظيم بغاوتن مان هڪ بغاوت ٿي. ڪوفريڊئس جي عبادت آمريڪي ڪنڌ جي سمورن رهواسين لاءِ هڪ اصل نسخو ٿي سگهي ٿي. اهي اسان جي داستان جو هڪ اهم نڪتو پڻ واضح ٿا ڪن. ان جي دغا سان پاڙون ڪڍڻ جي ڪوشش جي باوجود هڪ وڏيڪ پراڻي ثقافت جي رسيءَ جي ورن جي بقا. ’عبادت جا اهي پاٺ‘، هو چون ٿا ته: ”اسان جي اوائلي ابن ڏاڏن کان، شروعاتي ديوتائن جي وقت کان اسان جي حوالي ٿيا ۽ اسپيني سوڀ جي باوجود ڪڏهن به گم نه ٿيا. اسان مان او يسوع مسيح! اها توقع نه رکجان ته اسان اهي رسمون ڇڏي ڏينداسين، اسان لاءِ ته رڳو نالا ۽ پاڳ بدلجن ٿا.“

چچيءَ مان پپول وو جي وڃايل قلمي نسخي جي دريافت مايائي ثقافت جي بقا واري هڪ وڏيڪ اچرج ۾ وجهندڙ پهلوءَ جي نشاندهي ٿي ڪري. تحريري ثابتيءَ جي ثابت قدمي، يورپئن جي نئين دنيا واري سپيتائن سان پهرين رابطي کي پنج سؤ سال لنگهي چڪا آهن، پنج سؤ سال جن سندن فتح، غلامي ۽ سندن ثقافت جي گهٽي ٽٽي حصي جي خاتمي جو مشاهدو ڪيو آهي. سورهين صدي عيسويءَ ۾ ڪيٿولڪ چرچ مايائي ادب ميسارڻ جي هڪ نوس ڪوشش ڪئي ۽ رسمي باهه ڏئي ڪتاب ساڙيا ويا. اوله جي لائبررين ۾

چچيڪاسٽيناگو واري چرچ ٻاهران مايائي تيرٿ ياترائي.



ڪو اڌ درجن کن ئي مايائي آڳاٽا صحيفا ملن ٿا. پر گوئٽيمالا جي ڪنهن جابلو ڳوٺ سان لاڳاپيل وچڙ ۾ ايندي ئي محسوس ٿيندو ته معمولي ماڻهو، مايا جا وارث، يقين نه ڪري سگهندڙ مستقل مزاجيءَ سان نه رڳو پنهنجا ڪي بنيادي اعتقاد ۽ رواج پر پنهنجي آڳاٽن ديسن جا اصل نالا به تحريري ثبوت سميت سانڍيو اچن. (جيتوڻيڪ هو 1990ع واري ڏهاڪي ۾ به اهي يورپ واسين کي ڏيکاريندي ڪيٻائين ٿا.) ٽوٽونيڪيپان شهر جي ٻاهران هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ مقامي ڪٽنبن مان هڪ تي ان علائقي جي آخري مايائي سردار جو نالو آهي. اڄڪله ٻني ٻارو ڪندڙ اهي هاري ڇٽ گل ڪڊيل فرش واري هڪ وڏي شاهي گڏيل گهر ۾ رهن ٿا. هڪ پٽ تي، شيشي ۾ مڙهيل هڪ تيرٽ ۾ مايائي جنگي ديوتا جو جوڙ ورتل ڪٽنبي ديوتا سينٽ جيمس آهي. يقين نه اچڻ جوڳي ڳالهه اها ته انهيءَ ڪٽنب وٽ سورهين صديءَ جا قلمي نسخا آهن، جن ۾ هڪ اهڙو دستاويز به آهي جيڪو اسپيني فتح کان اڳ سندن ملڪيت واري انهيءَ ايراضي تي سندن وراثت جو قانوني ثبوت ٿو فراهم ڪري. سندن قلمي نسخو ڳجهو رکڻ وارو سبب سمجهه ۾ اچڻ جوڳو آهي. مايا ۾ ٿيل وارتائن ۽ خاص طور تي ڪيٿولڪ چرچ هٿان مايائي ادب جي سوچيل سمجهيل تباهيءَ جي روشنيءَ ۾ ڪين ڪير ٿو ان کان منع ڪري سگهي؟ سندن ڪٽنبي ڪتاب جي شروعات ۾ هڪ عجيب نقشو آهي. اهو ڪيوئيچي مايا جي آخري راڄڌاني جو مرڪزي مقدس هنڌ ٿو ظاهر ڪري، جتي سندن ڪو وڏو سورهين صديءَ جي شروعات ۾ هڪ اهم عدالتي اهلڪار هو. هت چار مرڪزي اهرام، عظيم الشان مقدس عمارت، ڌرتي-ديوي لاءِ گول قربانگاهه، ناچ جو پڙ ۽ شاهي محل هئا. ۽ ڪتاب جي هيٺان 1550ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري ڪيوئيچي ۾ هڪ ليکڪ جو لکيل سنيهو آهي: ”اهي عظيم ڪيوئيچي جي پٿرن ۽ گيتن ۾ سانڍيل آهن.“ اهم اهو ته انهيءَ قلمي نسخي کي سهيڙڻ واري ڪرت به انهيءَ يا هڪ اڌ سال اڳ پوءِ ٿي جڏهن پپول وو لکجڻ وارو هو. ان دور جي ڪجهه اهم مايائي شخصيتن جو ٻنهي ڪتابن ۾ ذڪر ملي ٿو. واضح طور تي جابلو مايا جي پرتشدد فتح کان پوءِ جيئن ئي يورپي بالادستي جيئن پوءِ تيئن مستقل نظر اچڻ لڳي، مايائي اشرافيا ۾ اهڙا به هئا جن آئيندي ڌانهن ڌسڻ جي ضرورت محسوس ڪئي.

ٽوٽونيڪيپان واري ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل ڪوٽ فاتح پيڊرو دي ايلورادو 1524ع ۾ تباهه ڪري ڇڏيو. پر يوٽيٽلان جي ڪنڊرن تي اڄ به مايائي پنڊت پنهنجي ڪئلينڊرُ جي تهواري ڏينهن تي هت پنهنجون مناجاتون پڙهڻ



”هاٿي لهرون ٿي هڻي. هاڻ آڪاش هيٺان پٽ پٽ ٿي ڪري.“
(پپول وو) اٽيٽلان ڍنڍ، گوئٽيمالا. چئن مقدس ڍنڍن مان هڪ،
جيڪي اڄا تائين ڪيوئيچي مايا جي دنيا جون ڏسائون ٽيون ظاهر ڪن.

ايندا آهن. سندن پنجين صدين کان ٻڌجهه ۾ قائم رکيل روحاني دنيا آهي. اهي ڪنٻر ڏورانهين مايائي جابلو علائقي جهنگ ۽ غارن سان وڪوڙيل آهن. اهو ڪيوئيچي جو مرڪز آهي، اڄ ڏينهن تائين يورپي راڄ خلاف مزاحمتي علائقو. فاتحن هٿان تباهه ٿيل ڪوٽ جي بلڪل هيٺ زمين اندر تي سؤ فٽ ڊگهي سرنگهه آهي. شهر جي مصلوب ٿيڻ ڪانپوءِ هت يورپي نظر کان ٻجها ڪاڄ ٿيندا رهيا آهن. هت پندبت ڌرتيءَ جي ابن ڏاڏن جي ۽ مايا جي آڳاٽن بادشاهن ’سانتومندو‘، ’ڊيوس مندو‘ ۽ 1524ع ۾ اسپين واسين هٿان قتل ٿيل ٽيڪون امان ’ري ڪيوئيچي جي پوڄا پاٺ ڪندا آهن. هو خود ’مقدس ڪنٻرن واري شهر‘ ۽ پنهجي آڳاٽي نسل ’نيوسترا ريزا مايا- ڪيُوئيچي‘ کي خراج پيش ڪندا آهن- هو چربيءَ واريون ميڻ بتيون، ڪنڊ ۽ ڪونئر ٻاري ان تي دارو ٻرڪيندا آهن ته جيئن مچ ۽ دونهون اونداهيءَ ۾ ٻرڪا ڪائن ۽ عيسائي ۽ مايائي جنترن جي عجيب گاڏڙ مان، مقدس ڌرتيءَ تي فتح کان اڳ واري تخليق جي ڪتاب پپول وو جا لفظ فضا ۾ گونجندا آهن ’مقدس ڌرتيءَ جي دل، او حياتي ڏيندڙ! اسان کي اولاد ڏي، ڪين پنهنجي سائي رستي تي

راهي رک ۽ منجهن تسلسل رک.' بعد ۾ هو غار جي منهن تي باهه ٻاري 'بهشت- ڌرتيءَ جا ٽورا ميڃيندا آهن، ۽ دونهون ڇپ جي مونهين مان آهستي آهستي نڪري، مڪڙين، ولين ۽ جهنگلي ڏاتن جي ٽڪنڊي کي چيريندو سج جي ڪرڻن کي جهٽيندو آهي. مايا ڪيٿريون ني شيون يسوع مسيح جي پوڄا مان ڪنيون آهن، پر ان ڪين جيڪا شيءِ نه ڏني آهي سا ماتر- پوميءَ جي پوترتا آهي.

مايائي رواج جي تسلسل جو حمتي مثال ڪيوئيچي مايا واري مرڪزي علائقي ۾ اڃا تائين گهري مومومستيناتنگو مان ٿو ملي. شهر کان متيرو جبلن ۾ هڪ مايائي پنڊت اينڊرس زلوج، جو ٽاڪ/ گهر آهي. اينڊرس اسپيني فتح کان اڳ واري دنيا سان جيترو لاڳاپو آهي. لڳ ڀڳ پنجاهه سالن کان پنڊت رهندڙ اينڊرس هڪ ڪتنسي نسل چوچڪا هائو (لفظي مطلب ماءُ پيءُ) جو سربراهه آهي. هو هت اڃا تائين محفوظ مايائي ڪئلينڊر جو سنڀاليندڙ پڻ آهي. منتر جي روايتي پاٺ ۽ ان جي مقدس ٻولي 'دون' جو ماهر اينڊرس پيپول وو جهڙن آڳاٽن موادن جي شرح ڪري سگهي ٿو. هڪ خطرناڪ بيماريءَ کان پوءِ، جنهن دوران فيصلو ڪيائين ته ڪيس ڌرتيءَ جي خدمت ڪرڻ گهرجي؛ هو ڏينهن جو حساب ڪتاب رکندڙ بڻيو. اينڊرس مقدس الهام کي پنهنجي مريضن جي بيماري جو پتو لڳائڻ، سندن ماضي ۽ مستقبل کي 'محسوس ڪرڻ' ۽ پنهنجي جسم ۾ اٿل پٿل ذريعي ملندڙ پيغام ڄاڻڻ لاءِ هڪ وسيلي طور ڪتب آڻيندو آهي. ان ريت سندس ڪم 'نڌيرن کي سوجهرو پسائڻ' آهي. پنهنجي مريضن لاءِ هو 260 ڏينهن جي ڦيري تي ٻڌل مايائي ڪئلينڊر جي ٺڪاءُ سان مونگيءَ جي وڻ جا چمڪندڙ ڳاڙها ٻج ۽ بلور رکندو آهي، سو ان ريت هو ڪيوئيچي جي ڪُک ۾ انساني ٻار جي اوسر واري عرصي تي اعتقاد رکي ٿو. مايائي سال ۾ تيرهن عدد ۽ ويهه اهڃاڻ آهن، مثال طور ڪو ڏينهن يا تاريخ ڇهه ٽانگ يا اٺ پولٽا هوندي، ڪي نيڪ ساعت وارا آهن ته ڪي ان جي ابتڙ. ڪيترن ئي ڪيوئيچي واسين وانگر اينڊرس اهو ڪئلينڊر پنهنجي ذهن ۾ سانڍيندو آهي ۽ ڪن پل ۾ ان کي اوله واري عيسوي ڪئلينڊر ۾ بدلائي سگهندو آهي. ڪنهن ثقافت جي پنهنجي وقت جو تحفظ شايد ان جي بقا واري خواهش جي علامت آهي ۽ دان اينڊرس لاءِ هڪ نظريو پنهنجي ثقافتن ۽ فرق کي ٻين کان وڌيڪ واضح ٿو ڪري. مايا لاءِ ڌرتي مقدس شيءِ آهي. اهو ئي سبب هو جو پيپول وو ۾ انساندات کي 'ڏينهن جي ڳُپ لاءِ يادگيري ڏني وئي' ته جيئن 'ان جي خدائي ذات لاءِ

تعظيم ڪندڙ‘ ۽ ’انسانذات کي‘ فطرت ۽ آسمان کي ڳنڍيندڙ پاٺ جاري رکندڙ ٻڌجن. انهن کان سواءِ ڪائنات پنهنجو مقصد وڃائي ويهندي، جيئن اينڊرس چوي ٿو: ”جيڪڏهن اسين ڌرتيءَ جو ڪو ويري ٿا پيدا ڪريون ته اهو دراصل پنهنجي ئي جسم جي دشمن کي جنم ڏيندا آهيون.“

ان ريت وچ آمريڪي سڀيتائن جو داستان پراڻي دنيا جي سڀيتائن کان گهڻو مختلف آهي. هت اسين تقابلي طور ويجهن دورن ۾ هڪ ثقافت جي پرتشدد، شعوري ۽ توريل تڪيل تباهي سان مڪاميل آهيون. اينڊرس جا پاٺ، چچيءَ وارا ڪوفريڊنس، مايائي ڪيٿولڪ چرچ، وڃايل قلمي نسخا، اُنيتلان وارا الهام، سيئي بقا جي ڳڌيل عمل ۽ هڪ ڪائنات کي پنج سؤ سال بچائي هٿيڪو رکڻ جي ڪاوش آهن. اهو داستان آهي هڪ اهڙي سڀيتا جو جيڪا ڪنهن بہ هٿان مفتوح ٿيڻ ڏاڍ ڏمر جو نشانو ته ٿي پر ان جا قدر ۽ اصول قبول ڪرڻ کان انڪاري رهي.

ٻٽيادن جي قدامت

هت پسمنظر کي ورجائڻ شايد مناسب ٿيندو. انساني جٿا آمريڪي کنڊ ۾ امڪاني طور تي بيرنگ اسٽريٽ جي هن پار سائيبريا کان ٻارهن کان چاليهه هزار سال اڳ برف جي آخري منجمندي دور ۾ داخل ٿيا، جيتوڻيڪ پراڻن کنڊرن جا ڪي ماهر ان حد کي ويهه هزار سال اڳ تائين ٿا محدود ڪن. تڏهن سامونڊي سطح ۾ چاڙهه آمريڪي کنڊ کي ڌار ٿي رکيو، جيڪو 1492ع تائين پنهنجي اوسر واري روپ ۾ رهيو، جيتوڻيڪ جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، زراعت، شهرن، ڌاتو سازي، پوڄاپاٺ، لکت ۽ ايستائين جو اهڃاڻن جي ڏس ۾ نئين پراڻي دنيا جي سڀيتائن ۾ ڪيترين ئي هڪ جهڙايون آهن. نَو هزار (ق-م) ڌاري آبادڪار ڏکڻ آمريڪا جي ڇيڙي تائين پهچي چڪا هئا. ست هزار (ق-م) ڌاري هو بازارڪ فصل خاص طور تي مڪئي پوکي رهيا هئا. وچ ۽ ڏکڻ امريڪا ۾، ايميزونيا ۾ وڏين ۽ اڃا تائين گهٽ ڄاتل وسندين سميت ٽي هزار قبل مسيح دوران اينڊرس ۾ زرعي ڳوٺن جا پار پتا ملن ٿا. انهن علائقن جا ثقافتي خدوخال انتهائي ڊگهو عرصو جاري رهندڙ هئا. ٻه هزار (ق-م) کان وچ آمريڪا ۾ اولميڪس ۽ پيرو ۾ چين کي يورپي فتح تائين بلڪ ان کان پوءِ بہ ٻن جي ذڪر، مذهب ۽ اڏاوت تي پنهنجو هڪ دور رس اثر قائم ڪرڻو هو. تيو تيهيوئڪن ۽ مايا، ٽولٽيڪ، ايزٽيڪ ۽ اينڊس ۾ موچي، نازڪا، چمو ۽ انڪا وارين مرڪزي آمريڪي سڀيتائن انهن مان اتساهه

ماٺيو. مثال طور، ٽي هزار سال اڳ واري اولميڪ فن جي غير معمولي اندروني سگهه ۾ اسين وچ آمريڪي دنيا جي گهرو اٿر ڪندڙ بيراڳي احساسيت کي محسوس ڪري سگهون ٿا.

ٽيوٽيهيوئڪن

وچ آمريڪي ثقافت جي پهرين شاندار مظهر ميڪسيڪو جي ماٿريءَ ۾ عيسوي سن جي پهرين هزار سالن دوران جلوو ڏيکاريو ۽ ان جو مرڪز ٽيوٽيهيوئڪن، ''اهو ماڳ جت انسان خدائن جو روپ ماٺي ورتو هو.'' هڪ ابتدائي ميڪسيڪو واسين، سڄي وچ آمريڪا تائين پکڙيل هڪ واپاري سلطنت جو مرڪز بڻجندڙ هڪ وسيع شهر اڏيو. 500ع ۾ ٽيوٽيهوئڪن ۾ لک ماڻهن جي آباديءَ سان دنيا جي وڏن شهرن مان هڪ هوندو، هڪ اهڙو وسيع شهر جنهن جو بنياد اٺ چورس ميل پوڄا گهرن، محلن ۽ رهائشي رٿابندي تي رکيو ويو هو. هت پراڻي دنيا سان مڪمل قطع تعلق هوندي به وڏا شاهي اهرام ٺاهيا ويا، جن جي مصر ۽ بابل وارن سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي. اهو اظهار آهي، ان امر جو ته وقت ۽ وٿيءَ جي تمام گهڻي فرق جي باوجود انساني ذهن ڌرتي ۽ آڪاش وچ ۾ وٿي ڀرڻ جا ساڳيا سپنا، ساڳيا



ڏينهن جو حساب رکندڙ آندري زلوج، اٽاٽلن واري مقدس غار جي منهن ڀاهران 'مقدس ڌرتيءَ جا نمائنا ٺورا' ميڄي رهيو آهي.



ٽيوٽيھيونيڪن، ميڪسيڪو. مرڪزي محور واري حصي جي پنجين صديءَ واري چنڊ جي اهرام تي هڪ نظر. اهو پنهنجي زماني ۾ شايد دنيا جو ڇهون نمبر وڏو شهر هو.



ٽيوٽيھيوئيڪن 500ع دوران ميڪسيڪو جي سڏي ميدان جو عظيم وڏو شهر. ان جا ٿهواري محور ان جي چوڌار ٻيٽل نڪ جو مرڪز هئا. ان جي ماڏورائي يا زيان سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي.

اهڃاڻ تخليق ڪري سگهي ٿو. سڄ واري اهرام جي مرڪز هيٺان تازي ڪيل هڪ غيرمعمولي دريافت تصديق ڪئي آهي ته هڪ واضح ڪيل ڪائناتي اهڃاڻ شهر جو خاڪو ٿو واضح ڪري. اهو اهرام هيٺان هڪ ست- منهن شاخي ڏانهن وني ويندڙ هڪ سوڙهي واٽ، هڪ قدرتي غار مٿان ناهيو ويو آهي. اها اصل ياترائي جاءِ هئي، جنهن جي مٿين پاسي اهرام جي تعين جو فيصلو ڪرايو. اها پهرين پيشروئن جي نمودار ٿيڻ واري جاءِ هئي، جنهن کي اڳتي هلي مايا جي تخليق واري ڏندڪٿا پاپل وو ۾ واضح ڪيو ويو: سج ۽ چنڊ جي جنم جو ماڳ، اهڙو هنڌ جت خود وقت شروع ٿيو. ان جا وڏا امڪان آهن ته ٿيوٽيهيوئڪن هڪ اهم ياترائي ماڳ بڻجي ويو هجي. رهائشي علائقن، چيڪي مٽيءَ جا ٿانوَ، ديوتائن جون وڏي پئماني تي شبيهون ۽ مٽي ڪڪائڻ وارا ٿانوَ ناهيندڙ ورڪشاپن ڪان سواءِ شهر اندر سوين پوڄاگهر هت دريافت ڪيا ويا آهن.

اها وچ آمريڪا جي پهرين سچي پچي شهري سيپتا هئي. بدقسمتيءَ سان رٿابنديءَ سان جوڙيل انهيءَ عظيم الشان شهر جي تخليقڪار حاڪمن بابت اسان کي ڪوبه تحريري اهڃاڻ نٿو ملي، پر ان جي بنيادن جي چين واري شانگ راڄ ۾ پهرين شهرن سان ڀيٽ ڪجي ته اوپر واري شهري سيپتا جي بنيادن جي هڪ اهڙي تصوير اڀرڻ شروع ٿيندي جنهن کي 'چيني- مايا تسلسل' سڏيو ويو آهي. ان جي وچور ۾ ڏرتيءَ سان لاڳاپيل ۽ ڪائناتي ضابطي جي انداز واري شهر جو هڪ نظريو آهي، جيئن چينين ان کي پيش ڪيو: 'ڪائنات جي چئن ڏسائن جو ڪلو'. ساڳيو ئي تصور سندن سلطنت ٿوانسگنا 'چئن ڏسائن جي ڌرتي' لاءِ انهيءَ انڪا نالي مان اخذ ڪيو ويو، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون اهو موقف هندستاني، مصري ۽ ميسوپوٽيميائي شهرن تي به صادق ٿو اچي. ٿيوٽيهيوئڪن ۾ اهم خيال هڪدم اثر ٿو ڪري جتي چئن ئي ڏسائن جون سونهون ڪندڙ وڏيون ڪهاڙيون، اوسي پاسي وارن جبلن ۽ تارن جي چوڪڙي ڏانهن راهه ڏسيندڙ دنيا، جيڪا اهرام جي مرڪز هيٺ آدجڳادي غار وسيلي نمائندگي ٿي ڪري، جنهن جي انتهائي اندرين گوشن کي سڄ گرميءَ واري مند جي هر عروج ۾ ٿي جرڪايو. شهر العامي منبر (اسٽيج) آهي، جتي انسان ڪائنات جي ضابطي کي برقرار ٿو رکي ۽ وچ آمريڪي شهرن واپاري وٿ جو مرڪز بڻجڻ جي باوجود اها ڪرت اسپني فتح تائين برقرار رکي، جڏهن عظيم الشان ايزٽيڪ دنيا پنهنجي بوڇ پاٽ/ ڪاچ واري عمارت سان ڀريل هئي. ان ڪانپوءِ سيپتا جي ترقي ۽

نظريو، ان کي مذهبي، سماجي، سياسي يا ڪجھ ٻه سڏجي، مذهبي حيثيت والاري ويو. ۽ نظريو سڀيتا جي شروعات کان انسانذات تي پوندڙ قسمت بدلائيندڙ تبديليءَ جي ڄاڻ جو ٻه سونهون ٿو ٻڌجي، جنهن ذريعي هن ڪتاب جي موضوع ڪنجهيءَ واري دور جي هرهڪ انقلاب دوران ٿورائي گهٽائيءَ تي بالادست بڻي، جيڪو جيئڻ جو تيئن سڄي دنيا ۾ گهٽي پاڪي موجود آهي.

قديم مايا

عيسوي سن جي پهرين هزار سال دوران شهري سڀيتا ميڪسيڪو جي ماٿريءَ کان گوئٽيمالا ۽ هونڊراس جي مينهوڳي وارن جهنگلن تائين سڄي وچ آمريڪا ۾ پکڙي. ويجهي ماضيءَ تائين سمجهيو ويندو هو ته ٽيوٽيهيوئڪن ان لاءِ ٻج آڇيندڙ هو پر واپار، شايد ياترائن ۽ ايستائين جو سياست ۾ به ان جي محسوس ڪيل اثر جي باوجود اهو بلڪل واضح ٿي چڪو آهي ته مايائي ثقافتي خطي ۾ شهرن جو عروج قطعي مقامي وارتا هو، جنهن جون جڙون تاريخ کان اڳ تائين ٿيون وڃن. ٽڪال جي اُتر ۾ ميرادور وارين نئين کوٽائين هڪ سؤ (ق-م) کان 150 عيسوي تائين اُسريل ڏاڪٽي ميڪسيڪو ۽ اترئين گوئٽيمالا جا هر صورت ۾ عظيم الشان شهر سامهون آندا آهن. 1920 واري ڏهاڪي ۾ دريافت ڪيل پر تازو ئي نقشي تي آندل ۽ اپياس ڪيل ميرادور لکين ماڻهن جي آبادي سميت ڇهن چورس ميلن جي ايراضي ٿو والاري، ان جو تگري اهرام مايا ۾ سڀ کان وڏو ۽ ٻه سؤ فٽ اوچو آهي، اهي سمورا قديم مايا جي ٽڪال جهڙن ماڳن جي قديميت جو ڏس ٿا ڏين. انهيءَ سان گڏوگڏ پنجين صدي عيسويءَ ۾ يوڪٽان جي پر سان شهري رياستون اُڀريون. يورپي اونداهي وارن دورن ۾ ٽڪال آبپاشيءَ جي وڏن شاهي سرشتن، رستن ۽ پيچرن وسيلي ڳنڍيل سوين ساٿاري ڳوٺن سان اسي هزار کن انساني آبادي جو مرڪز هو. ان جي وسيع پاٿ- پڙَ واري مرڪز ۾ هڪ درجن کن اهرام ۽ سوين منتر- ماڳ ۽ مقبرا آهن، ان جو خاڪو وچ آمريڪا جي هڪ اهڙي ترقي جو اظهار آهي، جيڪا ٻه هزار سال اڳ تائين وڃي ٿي.

مايائي شهرن مان سڀ کان وڌيڪ رٿابنديءَ وارو هونڊراس ۾ ڪوپان آهي. ويھ هزار ماڻهن جي وچولي ماپ واري شهري رياست ڪوپان تي پنجين کان نائين صديءَ تائين هڪ واحد باصلاحيت گهراڻي راڄ ڪيو. سمورن مايائي شهرن ۾ موجود اهيڃاڻ، ان جون عوامي عمارتون، اهرام ۽ ناچ جا پڙ شاندار

”سندن کيل ۾ چيل هر شيءِ جو مَکئي سان ڳوڙهو تعلق هو.“ ارڙهين صديءَ جي هڪ مشنري چيو، ”جو هن ان کي ذري گهٽ ديوتا جو درجو ڏني ڏنو.“ اٺين صدي عيسويءَ دوران ڪوپان سان تعلق رکندڙ مَکئي جي ديوتا جي قد آدم شبيھ.

رت جي پيئا. ياڪسچيلان گوئٽيمالا سان تعلق رکندڙ هڪ چانٺ تي هڪ مايائي شاهي عورت بادشاه شيلڊ- جيگوار آڏو گوڏن ڀر جهڪي پنهنجي زبان سان سنگهاسن چڪي رهي آهي (709ع).

مجسمن سان سينگاريل هئا. هت مايائي فنڪارن هڪ اهڙي ثمردار تصور ۽ تخليقي آزاديءَ جو مظاهرو ڪيو آهي، جيڪو ڪٿي ڪٿي اوله جي فطرت پرستيءَ سان ڪلهو ٿو ملائي، جيئن اسين بهترين سجاڳيءَ يا بيداري واري لهر دوران پٿر جي تراش ۾ ڏسي سگهون ٿا. (جيتوڻيڪ مايائي فنڪارن جا جمالياتي مقصد قطعي ڌار هئا) مايائي لکٽي جي تازي پڙهنيءَ اسان کي اهو ڪجهه ڪرڻ جو اهل بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن جو ڪجهه سال اڳ تائين تصور به ناممڪن هو، هت دفن ٿيل حاڪمن جي زندگين ۽ ايستائين جو شايد سندن

ڪيفيت ۾ ۽ داخل ٿي سگهجي ٿو. (اها ڌار ڳالهه آهي ته عام ماڻهو جي حيوت وري ۽ اسان کان پري آهي.) هت هڪ بادشاهه جي انتهائي غيرمعمولي چترن جي سيريز آهي، جنهن کي اسين سنڌس چتري اهڃاڻ وسيلي ارڙهين صدي طور سڃاڻپ ڪريون. اهي ئي چتر هئا جن 1840ع ڌاري ۾ فريڊرڪ ڪيٿر ووڊ جي شائع ڪرائڻ تي دنيا کي ڏندين آڱريون وجهرائي ڇڏيون هيون. انهن مان سڀ کان اڳاتو ٻارهين آڪٽوبر 721ع جي تاريخ لڳل، پنهنجي حياتي جي چوٿين ڏهاڪي جي وچ تي پهتل هڪ غضبناڪ مرداڻي چهري جو چتر آهي. ساڳيو ئي بادشاهه ڏهه سال پوءِ 731ع جي هڪ تختيءَ تي پڻ ظاهر ٿو ٿئي ۽ انهن ٻنهي چترن ۾ ڪيفيتي فرق رڳو اسان جي ذهن جو اولڙو آهي يا ڄمار ۽ تجربي جي اضافي جو هڪ نفيس اظهار؟

ٽڪال. عظيم الشان ماڳ 150 (ق- م) ۽ 800ع دوران ڪيترائي پيرا ٿين سر اڏيو ويو. مرڪزي اهرام بعد ۾ اڏيا ويا، سڀ کان وڏا مينار پنهنجي بنياد کان ٢١٢ فٽ بلند آهن، ٿين دنيا ۾ مقامي اڏاوت جو سڀ کان اوچو مظهر.



ڪوپان، هونڊراس وارو اٺين
صدي عيسوي سان تعلق رکندڙ
مرڪزي ماڳ پر ناچ جو پڙ.

ڪوپان جو "ارڙهون سيهڙ"
بادشاهه، بتاريخ 20 آگسٽ 731.

آخر ۾ جولاءِ 736ع جي پيچاڙ جو کُهري انداز ۾ ٺهيل جهڙوڪر ڪارٽون جهڙو ۽ حيرت انگيز طور تي بناوتي ايستائين جو ڪافي حد تائين بيجان ڏيارينڊڙ هڪ پورٽريٽ آهي. انهيءَ چٽر تي لڳل تاريخ جي ٻن سالن ڪان پوءِ 'ارڙهون سهو' ڪيوئريجيا جي شهري رياست جي حريف بادشاهه هٿان شڪست کائي ويٺو ۽ ٽين مئي 738ع تي سندس ڪنڌ ڪوريو ويو، ان وقت سندس جمار سٺ سال کن هوندي. "پيڙائون رڳو بادشاهن جي خوراڪ آهن." هڪ مايائي چوڻي ٻڌائي ٿي.

لکت

باقي سڄي پراڻي دنيا وانگر لکت وچ آمريڪا ۾ پنهنجي سر ايجاد ڪئي وئي، اها انساني اوسر ۾ هڪ جهڙن اندازن جو هڪ وڏيڪ سونهون آهي. مايائي ادب جو عظيم الشان يادگار ڪوپان جي علامتن سان چٽيل ڏاڪڻ واري راهه آهي. عملي طور تي اهيائن جي ٽڪري، اها پنجاهه فٽ ويڪري ۽ هڪ سؤ اٺ فٽ اوچي هڪ وڏي شاهي ڏاڪڻين واري چڙهائي آهي جيڪا 755ع تائين واري ڪوپان جي ڏندڪٿائي ۽ سلطنتي ڏسٽي ٻڌائيندڙ ٻارهن سون ڪان وڌيڪ Glyphs تي ٻڌل آهي، تنهن سال اها 'دونهين خول' بادشاهه منسوب ڪئي هئي. اها ڪولمبس ڪان اڳ واري آمريڪا جي سڀ ڪان ڊگهي واحد تحريري اُڪر آهي، لکت ۽ وقت کي هڪ شاندار ارپنا. 1980ع واري ڍاڪي ۾ ڪوپان تي ٿيل هڪ شاندار کوٽائي پيچاڙڪي قديم مايا شهر ۾ لکت جا وڌيڪ ثبوت ڏنا آهن. لاسيپيولٽيورس جي پسگردائي ۾ آرڪيالاجسٽن ٻارهن اڱڻن جي چوڌاري چاليهن ڪان پنجاهه عمارتن جي پاٽ- پري چارديواري هٿ ڪئي آهي، جنهن ۾ گهر، پوڄاگهر، مقبرا، گودام ۽ رندڻا هئا. مرڪزي عمارت تي ڇانئيل هڪ وڏو شاهي گهر آهي، جنهن جي اوطاق ۾ چٽرن سان پريل پٿر جي تراشيل بينچ آهي. دروازي سان لڳولڳ ڪوڏيءَ جي خول واريون مس ڪيڙيون ڪنيل ٻه شبيهون 'ڪاتبن' جون آهن. شايد اهو هڪ وسيع ڪٽنب يا نسل جي سربراهه جو گهر هو جيڪو روايتي طور تي 800ع ڌاري ڪوپان جي بادشاهن واري ڪئلينڊر سنڀاليندڙ پوڄا پاٺ ڪرائيندڙ ۽ ڪاتب هو. جيڪڏهن اهو انومان درست آهي ته پوءِ اها آڳاٽي چيني بادشاهتن ۾ پوڄا پاٺ ڪندڙن ۽ الهامين جي ڪردار سان هڪ ٻرپري هڪجهڙائپ آهي.

ڪوپان جو آخري ڇاتل بادشاهه ياڪس پيڪ 820ع جي سياري ۾

گذاري ويو. هتان آخري تاريخ جي تراش 10 فيبروري 822ع تي اٿپوري ڇڏي وئي آهي. جيئن تاريخي ريڪارڊ ڇاٽائن ٿا ته پراسراريت ۽ درستگيءَ جي اهڙي ڳجهارتي گاڏڙ جا ڪي ٿورڙا مثال ئي ملن ٿا. ان ڪان پوءِ راڄ برباد ٿي ويو ۽ شهر جهنگ ٿي ويو. ڪجه هاري ڪٽنبن ايندڙ ٽن صدين تائين ڪوپان نديءَ جي پرسڪون ماٿريءَ ۾ پوکي جو سلسلو جاري رکيو پر ان ڌرتيءَ وري ڪڏهن ڪنهن شهر کي ريج نه ڏنو. لڳ ڀڳ ساڳئي دور ۾ ٽڪال به پرڻانگ ٿي ويو. جلد سمورا قديمي مايائي شهر ڌُڪ ٿي ويا. مايائي زوال ايجا تائين هڪ اونهون اسرار بڻيل آهي. ٿي سگهي ٿو زمين پنهنجو ست وڃائي ويٺي هجي، ماحول تباه ٿي چڪو هجي يا شايد سپيتا پنهنجي نبض وڃائي چڪي هجي. وڌيڪ امڪان اهو آهي ته جيئن منوئي، ميسينيئن، رومي



مايائي علم. تيرهين صدي عيسوي سان تعلق رکندڙ ڊريسڊن ڪوڊيڪس، 3114 ق م کان شروع ٿيل هڪ "ڊگهي ڳڻپ" تي ٻڌل ڳنڀير ستاري شناس مشاهدن سان ڀريل آهي. سال جي ڊيگه ۾ سندن غلطي رڳو چوڏهن سيڪندن جي هئي.

بونام پيڪ سان تعلق رکندڙ هڪ تهوار جي ڏيک جو حصو،
ڪلاسيڪل مايائي فن جو هڪ نادر نمونو.

ءِ ايستائن جو ڳنڀير جديد معاشرن (مثال طور اڳوڻو سوويت يونين) جي اهڙن ئي مامرن ۾ سامهون آيو آهي، سپيتا جو زوال ماحولياتي، سياسي، سماجي، آبهوائي ۽ نفسياتي سميت گهڻن ئي عنصرن جو گڏيل عمل آهي. انهن مان ڪوبه اڪيلي سر بربادي نٿو آڻي سگهي، پر آميزش سان اهي سماجي ضابطي جي تسلسل ۽ ڪرت کي ڊاهڻ لاءِ جوڳا هئا. هميشه جيان وڏا شاهي پوڄاپاٺ ۽ سرڪاري مرڪز پهرين ميسارجڻا هئا، معاملن/ شين جي ڏکيو ٻنجڻ وقت انهن جي سارسنڀال انتهائي مهانگو سودو هوندو آهي، اشرافيا جي غير موجودگيءَ ۾ اهي بي مقصد هئا. جلد شهرن کي جهنگل وڪوڙي ويا، جن ايڪڙ پيڪڙ هارين کي ئي برداشت ڪيو. پر ورثو عام ماڻهن جي دلين ۽ ذهن ۾ محفوظ رهيو. جيئن اسين ڏسي آيا آهيون ته، فرقا ۽ رواج هلندا رهيا، ايجا تائين مايائي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندڙ ۽ 1848ع ۾ تڪال جي کنڊرن تي يورپ واسين جي پهريون پيرو پهچڻ مهل جهنگ ۾ رهندڙ انڊينز ان کي پنهنجي اڳاٽي نالي

'ٽڪال' ''اهو هنڌ جت ڏينهن جو حساب ڪتاب رکجي،'' سان سڏي رهيا هئا، جتي سندن پيشرو ابن ڏاڏن وقت جو ٻار ڪيو هو.

ايزٽيڪ

قديم مايا جي ڊهي پٽ پوڻ کان پوءِ وچ آمريڪي سڀيتا جو ڌيان پيهر ان جي پراڻي مرڪز ميڪسيڪو جي ماٿريءَ ڏانهن منتقل ٿيو. هت جبلن جي گهيري ۾ ڍنڍن ۾ زرخيز ڪنارن وارن عظيم الشان ڍنڍ ٽيڪسڪوڪو ۾ هڪ وسيع ايراضي هئي. اڄ ان سڄي تي ميڪسيڪو سٽي (راڄڌاني) پکڙيل آهي. هت چوڏهين صديءَ ۾ هڪ جنگجو قبيلو ٽائيڪو ٿيو، جنهن پاڻ کي ميڪسيڪا ٿي سڏايو. هت سندن قائم ڪيل شهر ٽينوڪٽيٽلان اڄ ڌرتيءَ تي سڀ کان وڏي شهر جو پوين جنم هو. ان ڏينهن ۾ ٻه لک ماڻهن جي آباديءَ وارو پٿر جي اڏاوت وارو شهر هڪ اهڙي ٻيٽ تي هو جيڪو ڍنڍ مان حاصل ڪيل ايراضيءَ ذريعي پيچرن وسيلي مرڪزي علائقي سان ڳنڍيل هو.

هت پندرهين صديءَ جي اپرنڌ ايزٽيڪ راڄ جو داستان انساني تاريخ جي انتهائي ڊرامائي ڪٿائن مان هڪ آهي. ايزٽيڪ اڃا تائين اسان لاءِ هڪ هراس ڀريل ڪشش ٿا رکن. سندن فن ۾ هڪ شاندار روحانيت ته محسوس ٿا ڪريون پر اها روحانيت ان قسم جي آهي جيڪا اسان جي سڀيتا مان ڦٽندڙ روحانيت کان بنه مختلف آهي. ڌرتي- ماتا ڪواٽليڪيو جو 1790ع ۾ زوڪالو واري مرڪزي هنڌ تان هٿ آيل مشهور مجسمو، ٽرنٽڪرز ۾ انهيءَ ڊپ وگهي پيهر دفن ڪيو ويو ته ڪٿي ميڪسيڪو جا نوجوان ان کي ڏسي نه وٺن ۽ ان جو اڃا تائين موجود اونداهو ۽ خطرناڪ جادو نه لڳي پوي. اٺويهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ پيهر کوٽيل ۽ پوريل ان جي دهشت ڀري موجودگي اوستائين به برداشت ڪرڻ جوڳي نه هئي، بعد ۾ به ان کي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ پڙدي پويان جاءِ ملي سگهي. اڄ ميڪسيڪو سٽيءَ جي قومي ميوزم واري ايزٽيڪ ڪمري ۾ ڪواٽليڪيو کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. جيئن اوڪٽاويو پاز چيو، ديويءَ کان ڊائڻ تائين ۽ ڌرم جي علامت کان فن جي ڪمال خوبيءَ تائين ان جو بدلجندڙ ڀاڱي گذريل چار سؤ سالن دوران اسان جي ادراڪ ۾ تبديلي ٿيو ڄاڻائي. اسان جي دور ۾ ٿي ان جي ڀيري ڏانهن نهارڻ ممڪن ٿيو آهي، سو پڻ بيچينيءَ واري ڪيفيت کان خالي ناهي.

''نانگ جي دامن واري ديوي'' ڪواٽليڪيو جي دريافت ايزٽيڪ تاريخ

ڪوٽليڪيو، ايزٽيڪ ديوي- ماءُ.
(نانگن جي لباس واري)

واري اسان جي دريافت کي آئينو ٿي ڏيکاري: ان کي رڳو ”شيطاني ڪم“ سڏي رد ڪرڻ بدران ان جي ”ٻئي- پٽي“ سان له وچڙ اچڻ جي وڏندڙ خواهش جي ڪهاڻي. ميڪسيڪو سٽيءَ جي گرجا گهر جي چوڏاري وارو هاڻوڪو مرڪز ٻه ايزٽيڪ شهر جو پاڪ- مرڪز هو. هت 1970ع واري ڏهاڪي کان هلندڙ کوٽائين جنگي ديوتا هيوٽزيلوپوچٽليءَ جي عظيم الشان اهرام جا بنياد ظاهر ڪيا آهن. هت ئي ڪورٽيس جي سرواڻي ۾ اسپين واسين 1521ع ۾ شهر مصلوب ڪرڻ مهل انساني پيٽنا جا ڏيڇاريندڙ منظر ڏٺا. هت، برنال دياز چيو، شهر جي پيش پوڻ واري رات، ايزٽيڪ پنڊتن جنگ جي ديوتا کي آخري پيٽا ڏيڻ لاءِ سندن باندي بنايل سائين کي ڏاڪڻين تان گهليو، ان کي اسپين واسين تڏهن کان Noche Triste ’گوڙهن واري رات‘ سڏڻ شروع ڪيو. هي فقرو نئين دنيا جي تاريخ ۾ انتهائي اهم فقرن مان هڪ آهي، ’پوءِ



ايزٽيڪ راڄ، پنهنجي پاڙيسرين تي ظلماڻي ڏاڍ وسيلي قائم ڪيو ويو، ڪين انسانن ۽ پيداوار جي صورت ۾ خراج ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

ميڪسيڪو جي ماٿري ۾ ٽيڪس ڪوڪو ڍنڍ تي (1541ع ۾ لکيل مينڊوزاڪوڊيڪس تان ورتل) ٽينو چٽيٽلان جو 1325ع ۾ بنياد پوڻ. ايزٽيڪن هڪ ٿوهرتي هڪ سرڻ جي پاڳ پري علامت هٿ ڪئي. (اهو اڄ ڏينهن تائين ميڪسيڪو سٽيءَ جو نشان بڻيل آهي.)

اهرام مان هيوٽزيلوپوچٽلي جي غمگين دهل، سنگن، خولن ۽ نوبتن جهڙين انيڪ شين جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا، اهو آواز انتهائي ڀوائتو هو. اسين رعبدار اهرام ڏانهن نهاريندا رهياسين جتي اسان جي ساٿين جي ٻلي چاڙهڻ لاءِ کين ڌاڪٽين تي گهليو ويو هو. اسان کين سندن مٿن تي پَرَ لڳائيندي ۽ نچڻ لاءِ مجبور ڪندي ڏٺو... ۽ ناچ کان پوءِ هنن کين ڪنبي پٿرن تي ويهاريو ۽ چاقن سان سندن ڌڙڪندڙ دليون ڪوري پنهنجي ديوتائن تي چاڙهيون.“

هين اڪثر ثقافتن جي عنصر وانگر رت جي پيئا وچ آمريڪي سيپتا جو ڏکهي عرصي کان حصو رهي آهي. پر انساني پيئا_ الهامي قتل، رت هارڻ جي ابتڙ طور، سندن ثقافت جي پڇاڙڪن سالن تائين ٻه مايا ۾ ظاهري طور تي

هڪ ايزٽيڪ ڪوڊڪس تان ورتل انساني پيٽا.

محدود پئماني تي رهي آهي. بهرحال ايزٽيڪي اعتقاد هو ته خدائن کي اونداهيءَ جي قوتن سان پنهنجي ويڙهاند ۾ انساني رت ۽ دلين جي ضرورت پوي ٿي. جن کان سواءِ، سندن خيال هو ته سج اڀرڻ ڇڏي ڏيندو. جيئن ته هنن پنهنجي سلطنت ميڪسيڪو جي ميدانن جي ٻين ماڻهن تي ڏاڍ ڏمر وسيلي قائم ڪئي هئي، تنهن ڪري اهو نظريو جيئن پوءِ تيئن جنوني ٿيندو ويو ۽ اسپيني سوپ تائين هزارين ماڻهو انهيءَ هڪ رسم جو بک ٿيا هوندا. عظيم الشان ايزٽيڪ پوڄا گهر. ٽيمپلوميئر واري ماڳ جي ڇنڊڇاڻ ۽ آرڪيالاجسٽن سندن عقيدت جا ثبوت هٿ ڪيا آهن. پوڄا گهر جي اڳئين جي بار بار ٿيل اڏاوت ۽ مرمت جي الهامي خزانن ۾ ڪوپڙيون به شامل هيون. ان هنڌ چيڪمولس هئا جيڪي انساني دليون وصول ڪندا هئا، اُت اهڙا بت به هئا جيڪي شڪار ٿيندڙ انسانن جي ڪوپڙين واري ڍير جي پٺرايل ”مصنوعي ڪري“ جي ڏاڪڻين تي شڪار سان مڪاميل ٿيندا هئا. ان کان سواءِ اهڙا چاقو به هئا جن سان دليون ڪوريون وينديون هيون.

ميڪسيڪو سٽيءَ جي گهٽين واري جيوت جي ڇهل پهل سان وڪوڙيل ٽيمپلو ميئر اڄا تائين ڌرتيءَ جي انهن جاين مان هڪ آهي، جنهن جا پوانتا تعلق ڏکي ٿا ڪن. فن، مجسمي سازي، ڪپڙي سازي، شاعري ۾ اهڙي پرسپيتا ڪيئن ٿي وڏي پئماني تي رت وهائڻ ۽ انساني پيٽا جي ڪرت ڪري سگهي؟ ڇٺن ڏينهن واري تهوار دوران، جيئن اسپيني ٻڌائين ٿا، ڏهن هزار ماڻهن کي سندن دليون ڪورڻ لاءِ ان وڏي پوڄا گهر جي ڏاڪڻين تي

گهليو ويندو هو، تان جو اها جاءِ ”رت ۾ ٻڏندي ۽ آسمان ڏانهن ٻاڦ اپاريندي هئي. ساڳيو سوال، اهو ڇئي سگهجي ٿو ته خود اسان جي دور ۾ يورپ جي واقعن بابت به ڪيو ويو آهي. جڏهن اسپين واسين اهي منظر ڏٺا ته پڪ ڄاڻائون ته اهو شيطان جو ئي ڪم ٿي سگهي ٿو، اهو هن لاءِ مڪمل طور تي اوپرو هو. هونءَ به ايزٽيڪ پنهنجي قتلام جي نوعيت ۾ سڀ کان نيارا هئا. مذهبي ماهر ۽ جلاد سڄي تاريخ ۾ يارِ غار رهيا آهن.

ايزٽيڪن جو مسئلو اسان سڀني جو مسئلو آهي ۽ اهو اهڙو مسئلو آهي، جنهن تاريخدانن ۽ انسانن بابت علم جي ماهرن کي ڪيترن ئي نسلن تائين مصروف پئي رکيو آهي. تشدد ۽ پوڄا هڪ ٻئي سان ايترو ڳنڍيل ڇو رهيا آهن؟ آخر موت کي حياتيءَ جي تجديد لاءِ ضروري ڇو ليکيو ويو آهي؟ آخر هومو سيپينس جي نفسيات ۾ قتلام گهرو اثر ڇو ڪيو آهي؟ ڇا هومو سيپينس جن سڄي آڳاٽي Hominids واري وسيع دنياکي فتح ڪيو Homo necans ’قتل ڪندڙ‘ هئا؟ انهن بابت اسين رڳو انومان ئي ڪدي سگهون ٿا. حياتي جي تسلسل لاءِ رت وهائڻ ضروري هئڻ وارو نظريو شايد تاريخ کان اڳ شڪار ڪندڙ طور اسان جي هزارين نسلن دوران اسان جي، نفسيات ۾ پيهجي ويو آهي: ايترو گهرو جو اڄوڪي اولهه واري ثقافت ۾ به رتوڇاڻ قرباني/ پيتا جو انتهائي سگهارو اهڃاڻ آهي ۽ اهو خيال اهڙي علامت جو حامل آهي جيڪو موروثيت پري اختيار ۽ تشدد جو پڙڪو ٿو ڪائي. پنهنجي سنگتي ساٿين کي موت جي ڏاکڻين تان گهليندڙ جنوني قتلام جا جيڪي پل ڪورٽيز ۽ سندس پيروڪارن هٿ ڏٺا، هڪ لحاظ کان ايزٽيڪ جي خدا سان لڳاءُ جو ثبوت هئا. (جيئن ان کي ڊومينيڪن لاس ڪيساس جهڙن شروعاتي اسپيني چرچ جي اهلڪارن ٿي ڏٺو.) دنيا جي عظيم سپيتائن ۾ نيارو هئڻ طور، هن ڪائنات سان يڪجهتيءَ کي انسانذات سميت هر شيءِ کان مٿاهون رکيو. ان ۾ هو عظيم الشان پراڻي دنيا جي سپيتائن جي انسان دوست قدرن کان ڪو گهڻو مختلف نه هئا، جن تاريخ وسيلي ۽ اڪثر هڪ ٻئي کان سبب جي اختيار کي ڏاوڻ وجهڻ، انساني زندگيءَ جو قدر ڪرڻ ۽ ٻين طريقن سان تشدد کي قابو ۾ رکڻ سکيو. اسان لاءِ ايزٽيڪ ڪائنات پنهنجي بيرحميءَ ۾ قاتل، ڊيڄاريندڙ ۽ مشتعل ڪندڙ ٿي سگهي ٿي، پر اها ان هوندي به اسان آڏو اسان جي اُن انسان دوستيءَ جو آئينو ٿي جهلي جنهن کي اسين پنهنجي مفادن آڏو نظرانداز ٿا ڪريون. ٻين نظرين ۽ ٻين ديوتائن جي نالي ۾ اولهه جي ثقافت خود اسان جي صديءَ ۾ به ڪو گهٽ قتلام نه ڪيو آهي.

ٽينوڪٽيٽلان جو زوال

هت اسان کي وچ آمريڪا جي اسپيني سوبِ جي واقعن کي بيان ڪرڻ جو خفو ڪرڻ جي ضرورت ناهي. بس رڳو هڪ اهڙو داستان درج ٿا ڪريون جنهن کي وقت ۽ تاريخ جي هڪ نظرئي مٿان ٻئي تي فتح جي علامتي روپ ڏيڻ طور وٺي سگهجي ٿو. هڪ عجيب اتفاق سان ڪورٽيز اُن ايزٽيڪ سال 'هڪ ڪانو' دوران اتي پهتو جنهن بابت ايزٽيڪن جي آڳاٽي اڳڪٿين جو چوڻ هو ته ڪيٽزلڪوٽل خدا اوڀر ۾ پنهنجي ڏيهه نيڪاليءَ کان موٽي سگهي ٿو، ايزٽيڪن لاءِ جن جو تاريخ جي ڦيري ۽ وقت جي بار ۾ اعتماد ڪنهن به ريت مايا کان گهٽ نه هو، انهيءَ اتفاق ڪانئن مزاحمت واري سندن خواهش کسي ورتي. جيڪڏهن تڏهوڪن اسپيني تاريخدانن تي اعتبار ڪيو وڃي ته ايزٽيڪ هڪدم سمجهي ويا ته اِهي پراسرار ٻاهريون قوتون سندن ڪائنات لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون.

آخري پوائتي رات جڏهن ٽينو ڪٽيٽلان مصلوب ٿيو، ايزٽيڪن لاءِ هڪ اهڙو شگون ظاهر ٿيو جنهن کي هنن پنهنجي ڏندڪٿائي ۽ ڪائناتي ضابطي جي ٽوڙ ڦوڙ جو اهڃاڻ ٿي ليکيو. اهو قصو فري برناردينو دي سهاگن پنهنجي شاندار ڪتاب "نئين اسپين جي معاملن جي عمومي تاريخ" ۾ لکيو آهي جنهن جا راوي ميڪسيڪو جا خابرو جاسوس هئا. "رات لڙندي ئي مينهن وسڻ شروع ٿيو پر اهو ڪڻ ڪڻ بدران انتهائي تيز وسڪارو هو. ان کان پوءِ اوچتو هڪ پچڙ تارو ظاهر ٿيو، آڪاش ۾ ٻرندڙ باهه جي گولي وانگر. ان ڳاڙهن تتل ٽانڊن وانگر آسمان تي پنهنجي روشنيءَ جا وڏا ڇٽ ڇڏيا. ان باهه ۾ ٻگهرجندڙ ڪنهن ڏاتو وانگر تڙڪاٽ ٿي ڪيا. ان ڍنڍ جي ڪنارن پرسان ڦيٽين مٿان ڦيرو هنيو. ان ڪن پل لاءِ ڪويونڪازڪو (وڏي اولهه واري راهه جو ڪناري وارو ڇيڙو) مٿان ڦيرو ڪاڏو. بعد ۾ اهو ڍنڍ جي وچ- سير ڏانهن وڌيو ۽ هڪدم ختم ٿي ويو. پچڙ تاري جي ظاهر ٿيڻ تي ڪنهن ٻڙڪ به نه ٻولي، ڇاڪاڻ جو هنن ڄاتو ٿي ته ان جو مطلب ڇا آهي ۽ هو خاموشيءَ سان ان کي ڏسندا رهيا."

گواڊ لوپ: پراڻن ديوتائن جي قائميت

فتح ڪانپوءِ اسپين واسين ايزٽيڪ ثقافت کي ختم ڪرڻ جو شعوري سلسلو شروع ڪيو. پر اڄ ادب ۽ ديد پِري فن ۾ انتهائي اثرانداز ميڪسيڪو جي

شاندار ثقافت، مقامي ۽ يورپي اعتقاد جي آميزش جو هڪ حقيقي احساس تي پيش ڪري. ڪولمبيا کان اڳ وارو اهو مظهر 1821ع ۾ آزادي کان وٺي هيل تائين ميڪسيڪو جي روح ۾ اوتيل آهي ۽ جمهوري ماحول ۾ وڌندو ويجهندو ٿو رهي، جيڪو مايا جي اڄ ڏينهن تائين ڏاڍ ڏمر برداشت ڪرڻ جي متضاد آهي. اسين اڄ ڏينهن تائين آمريڪي کنڊ ۾ عظيم ترين ياترائن جو تسلسل ڏسي سگهون ٿا. هر سال پنهنجي ضيافت واري ڏينهن تي ويه لک پيروڪارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ ميڪسيڪو سٽيءَ جي ٻاهران ورجن آف گئاڏلپ وارو تيرٿ عيسائين ۽ ڪولمبس کان اڳ واري رسمن ۽ روايتن جو گاڏڙ آهي. اهو مقبرو ايزٽيڪ ديوي ـ ماتا تونانتزن جي ماڳ تي آهي، اڄ جا پوڄاري بيبي مريم کي انهيءَ ئي نالي سان سڏيندا آهن.

عجيب ته لڳندو پر عيسائي اسرارن نئين ۽ پراڻي عقيدي وچ ۾ هڪ پل جوڙي. ان جو سبب ڳولهڻ شايد ڏکيو نه ٿئي. عيسائين جو مرڪزي نڪتو خود يسوع مسيح جي قرباني آهي! پيغمبر جنهن پنهنجو جسم ۽ رت ته ڇا پر مقدس دل به دنيا کي بچائڻ لاءِ قربان ڪئي. (سورهين صديءَ جي يسوعيت واري فن کان وٺي فريدا ڪاهلو ۽ خواب پرستن (Surrealists) تائين، پيڙا پريل دل ميڪسيڪو جي فن ۾ هڪ ست پريو ۽ مستقل موضوع آهي.) ايزٽيڪ، عيسائيت ۾ پنهنجي مذهب جو بنيادي تت ڏسي پئي سگهيا، جيڪو هڪ صوفياڻي هموار سطح تي بلند ڪيو ويو هو. صليب تي به حوصلي وارو، حياتيءَ جي وڻ "سڄي دنيا لاءِ سائو وڻ" واري آڳاٽي ميسو ـ آمريڪي علامت طور سامهون آيو.

انهيءَ ساڳي انداز جو مشاهدو ڏکڻ آمريڪا ۾ انڪا سپيتا ۾ به ڪري سگهجي ٿو. اُت مقدس شهر زاديت (شهرن جو داستان) اڃا تائين رائج آهي، ابن ڏاڏن وارو شمنيتي مسلڪ (Shamanistic Cult) جيڪو انڪا رياست لاءِ انتهائي اهم هو، اينڊس جي سموري دور ۾ محفوظ رهيو آهي. اهو خاص طور تي مقدس جبلن واري فرقي تي صادق ٿو اچي، جنهن سان هڪ جهڙائپ رکندڙ اڃا تائين چين ۾ ملن ٿا. ڪوزڪو جي اوڀر ۾ اهسان گيٽ هيٺان برف جي ڇپ (گليشئر) واري ساليانې ياترا هزارين ماڻهن کي Qoyllur Rit (برف ـ تارو) ڪاچ ڏانهن هرڪائي ٿي، جنهن تي آسماني ڪٽ (ستن تارن جو جهڳٽو) اُڀرڻ تان نالو پيو ۽ جيڪو عيسائي ڪئلينڊر جي حساب سان ڪارپس ڪرسٽيءَ کان ٿورڙو اڳ ۾ ٿيندو آهي. ان وقت "رڇ ـ ماڻهو" يا شينهن گڏبا آهن، نوان رکن ڪندا آهن ۽ گليشئر جي مقدس جاين مان پاڪ پاڻي پريندا آهن،

جيڪو وچ ايشيا جي Palaeolithic Shamanism ڍانچي جبلن واري پوڄا سان تمام گھڻي هڪ جهڙائپ ٿو رکي. خود پراڻي راڄڌاني ڪوزڪو ۾، جديد ڊاڪٽرن ۽ صحت ڪارڪنن کان وڌيڪ روايتي مسيحا ۽ Curanderos آهن، جيڪي جابلو ديوتائن جي علم ۽ چوٽين تي ٿيل اُڪر جي پاٺ وسيلي علاج ڪندا آهن. سڄي آمريڪا کنڊ ۾ جنگ ۽ فتح، تشدد ۽ بيماري ۽ ڌمر ماضي جي شاندار ثقافت کي 'لوڪ ثقافت' ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، پر اها اڄا تائين به جيئري ۽ قائم آهي.

نئون نظام

گوئٽيمالا جي فتح کان پوءِ اسپين واسين آڳاٽي مقدس جبلن اگونا ۽ فيونگو جي چانوري ۾ پنهنجي نئين راڄڌاني اينٽيگئا اڏي. اها يورپي سيپتا جي نظرين جي ڏيکاءُ جي اظهار طور هئي. پر انهيءَ انسان دوست ظاهر جي پويان واري حقيقت تاريخ جي وڏي شاهي تباهي ۽ رتوڇاڻ سڏي وئي. اڄ اهو ڪاٿو لڳايو ٿو وڃي ته سوب جي پهرين صديءَ دوران آمريڪي کنڊ جي مقامي آباديءَ جو ٽيون حصو، لڳ ڀڳ پنج ڪروڙ انسان بيمارين يا تشدد وگهي موت جو بک ٿيا. پنهنجي اکين ڏٺي شاهدي تي هراسيل يورپ واسين ۾ جوسي دي اڪوسٽا به شامل هو، جنهن جي مقامي انڊينز سان ٿيندڙ ويڌن بابت سينسر ٿيل رپورٽ تازو ئي ڇپجي سگهي آهي. "هت ٿيندڙ وارتائن جي اسپينن کي سموري ذميواري قبولڻ گهرجي." هن لکيو: "پنهنجي افعالن ۾ اسان اهو ڪجھ نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي، جنهنجي پنهنجي دنيا ۾ وڪالت ڪندا آهيون، هرڪو ان ڳالھ سان سهمت آهي ته سڀ کان وڌيڪ خراب صورتحال جو شڪار اُهي انڊينز آهن، جيڪي يورپي ثقافت سان له وچڙ ۾ آيا. اسان انهن غريبن کي ايترو لوٽيو آهي جو لڳي ٿو ته يورپي سندن انساني حقن جو تحفظ ڪرڻ جي ڪوشش بدران اهو فيصلو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ بيچين آهن ته سندن پيننگ ڪرڻ جو وڌيڪ حق ڪنهن کي حاصل آهي. اسان ڪين عيسائيت ۽ ايمانداري نه، پر زبردستيءَ وسيلي فراڊ ۽ تشدد ڏنو آهي. يونانين يا وحشين به ڪنهن اڳرائي ۾ اهڙي ظلم جو مظاهرو نه ڪيو ويو هوندو."

لاس ڪيساس: سيپتا ڇا آهي؟

فتح جي شروعاتي ڏينهن ۾، خود پوپائي روم به يسوع ميسح جي نالي تي مقامي ماڻهن کي غلام بنائڻ تي زور پريو. پر اهي ڪيٿولڪ پادري هئا، جن ۾

يورپي شعور اُسريو ۽ جن تي اڃا تائين ڊاٻ ۾ پاڳي پائيوار ٿيڻ بدران مقامي ماڻهن جي محافظ هئڻ جو الزام ڏريو ٿو وڃي. انهن عظيم شروعاتي لبريشن ٿيالاجسٽن (مذهب کي نظريو بڻائي عوام جي آزاديءَ جي ڳالھ ڪندڙ مذهبي پيشوا) ۾ ڪوبان جو بشپ بارٿولوميو ڊي لاس ڪيساس به شامل هو. مقامي ماڻهن جي حقن جي سپاجهي محافظ لاس ڪيساس جي آدرشن هن لاءِ ڏکار پيدا ڪرائي ۽ کيس سرڪاري طور تي "انڊينز جي محافظ" وارو لقب ڏنو ويو. سندس يادگار اڃا تائين اُن علائقي ۾ قائم آهي، جنهن کي سندس ياد ۾ ويراپاز "سچو امن" سڏيو ويو. ڪوبان گوئٽيمالا جي نئين گرجائن مان هڪ آهي جت مذهبي سرگرميون اسپيني بدران مايا ٻوليءَ ۾ ٿين ٿيون. لاس ڪيساس مقامي ماڻهن سان اتفاق ڪرڻ تي زور ڀرڻ واسطي پنهنجو ڪيس اسپين جي بادشاهه ۽ راڻي تائين به کڻي ويو. (هن آهستي آهستي ڄاتو ته انڊينز جي غلاميءَ خلاف سندن دليل ساڳي سگھ سان آفريڪا سان تعلق رکندڙ حبشي غلامن ۽ سڄي دنيا جي سمورن مظلومن لاءِ به ڪارائتي انداز ۾ لاڳو ٿين ٿا.)

لاسيڪيساس جي قصي جو هڪ غيرمعمولي اَنت آهي، هڪ اهڙو واقعو جنهن سورهين صديءَ جي تاريخ کي جوت جيان جرڪايو ۽ اڄ تائين اسان کي روشني ڏيکاري رهيو آهي. اسپين جي ويلادولڊ ۾ 1550ع ۾ لاس ڪيساس ۽ ناميارِي ارسطوي فلسفي سيپلويدا وچ ۾ عام بحث (مناظرو) ٿيو. (اصل ۾ هو ٻئي پاڻ ۾ سڌو سنئون مکاميل نه ٿيا، پر هر ڪنهن ڌار ڌار پنهنجو موقف هڪ شاهي ڪميشن آڏو پيش ڪيو، انهيءَ شاندار علمي خزاني جو لفظ به لفظ اڃا تائين محفوظ آهي.) تڏهونڪا اٿاريل سوال اڄ به دنيا جي مسئلن جو تت آهن: بنيادي طور تي پهرين دنيا کي ٽين دنيا تي بالادستي، غلامي يا استحصال ڪرڻ جو ڪهڙو حق حاصل آهي؟

"ڇا هو انسان ناهِن؟" لاس ڪيساس پڇيو. "ذي العقل احساس رکندڙ انسان، جن کي اسان جهڙو ئي روح آهي ۽ ڇا ان ڪري هو برابريءَ واري سلوڪ جا اهل ناهِن؟" لاس ڪيساس يوناني ۽ رومي سيپتائن بابت پنهنجي اپياس مان شاندار دليل آڻي ظاهر ڪرڻ لڳو ته وچ آمريڪا جون شهري رياستون گهڻن حوالن ۾ يوناني موقف جي تائيد ٿيون ڪن ته هڪ آدرشي رياست کي بهرصورت معتدل، تعظيم، سهپ، راغب- پٽي ۽ رحمدليءَ جو اظهار ڪندڙ سياسي وجود هئڻ گهرجي. بيشڪ لاس ڪيساس اخلاقي سوڀ ته ماڻي پر جيئن ائينڊز سموري تاريخ ڄاڻائي ٿي، اوله جي حاڪمن، ڏوڪڙ ۽

CS CamScanner

اختيار رکندڙ ماڻهن وچ آمريڪا جي انڊينز کان وٺي آفريڪي حبشين تائين دنيا جي مقامي ماڻهن کي اهڙي ريت ٿي ڏسڻ جاري رکيو، جنهن جو يونانين پنهنجي توهين آميز اصطلاح "فطري غلام" وسيلي اظهار ٿي ڪيو. سيپنا ڏانهن يورپ جي ترقي، جيئن لاس ڪيساس واضح ڪيو، پين وانگر ٿي ڏکي ۽ پيڙا ڀري رهي آهي.

ٽاڪا سال جو زوال

فتح کان ڪو ڏيڍ سؤ سال پوءِ ئي وچ آمريڪا جي آخري آزاد سلطنت مصلوب ٿي. اترين گوئٽيمالا جي ڏورانهن جهنگلن ۾ مقامي ٻوليءَ ۾ ٽاڪا سال سڏجندڙ پيٽ وارو ڪوٽ فلوريس هو. هت پوئين مايائي آبادي مايا ۽ ميڪسيڪائي جو ميلاپ هئي، جنهن کي اسين يوڪاتيڪ سڏيون ٿا. يوڪاتن مايا جا اڳڪٿين وارا ڪتاب اڳڪٿي ٿا ڪن ته تيرهين ڪيٽنس 256 يا 257 سالن جي هر ڦيري ڪانپوءِ مٿن ڪا آفت ڪڙڪندي. ايندڙ ڦيرو 1697ع ۾ شروع ٿيڻو هو. انهيءَ چاڻ سان ليس اسپين واسين نئين سال جي تيرهين مارچ تي حملو ڪيو. پيٽن ڍنڍ جي وچ ۾ هو مايائي جنگي ٻيڙن تي قابض ٿيا ۽ Obsidian چنهبن وارا تير اسپيني بکتربند ۽ بارودي باهه آڏو

موموسٽينانگو، گوئٽيمالا "اٽ پولڙا" ڏينهن تي اڳاتو مايائي تهوار، ڏينهن جو ليکو چوکو رکندڙ "پوڄا گهرن جي شهر" جي چوڌاري منترن جي ادائگي ڪندا ۽ مُشڪ ٻاريندا آهن.

سٽ سهي نه سگهيا. بچاءُ ڪندڙن ياڄ ڪاڏي ۽ اسپينين هيٺ جي چوٽيءَ تي نهيل ٽايا سال واري عظيم الشان پوڄا گهر تائين چڙهائي ڪئي. ڪين هيٺ تي پارهن پوڄا گهر تباهه ڪرڻ، انهن جا هزارين بُت ٽوڙڻ ۾ هڪ ڏينهن ئي لڳو ۽ شام جو پنهنجي ڪرت پوري ڪرڻ جو جشن ملهائڻ طور هنن انهيءَ عظيم الشان پوڄاگهرن جي کنڊرن تي پنهنجي عبادت ڪئي. هاڻ اُتي هڪ گرجا گهر آهي، مايا جي آخري بادشاهت به دهي چڪي هئي. مقامي مائهو وقت جي ڦيري واري پنهنجي نظرئي جي روشنيءَ ۾ ان کي مقدس تعظيم واري انداز ۾ قبوليندي نظر ٿا اچن. ڏهين صدي کان 256 يا 257 سالن واري انهيءَ ڦيري مٿن تي پيرا آفتون آنديون هيون. مايائي نظر ۾ اهو وقت جو سچو پچو بار هو. ۽ اها پراڻي ڳڻپ اڄا تائين جاري آهي. جديد گوئٽيمالائي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي آفت 1954ع ۾ آمريڪي پٺيرائي سان بغاوت وسيلي سندن جمهوريت جو تختو اونڌو ڪرڻ وارو واقعو ٽايا سال جي زوال کان پورا 257 سال پوءِ پيش آيو.

جديد مايا

اڄ مايا گوئٽيمالا جي اڪثريتي آبادي اڄا تائين يورپي اشرافيا جي بالادستيءَ هيٺ ٿي گهاري. 1980ع واري ڏهاڪي جي گوريلا ويڙهه چاليهه هزار کن ماڻهن کي موت جو کاڄ ۽ ڏهن لکن کان وڌيڪ ماڻهن کي بي گهر بڻايو آهي. اها اميد ڪئي پئي وڃي ته 1990ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن وٽن هڪ نئين جمهوريت قائم ٿيل آهي، سندن تاريخ هڪ مختلف ڏگ اختيار ڪندي.

لاءِ مايائي حڪمت عملي گڏيل هوڏ ۽ سرڪشي تي بدل رهي آهي. پنهنجي اهم تهوارن ۾ هو بزرگن کي برادريءَ جي نگران طور ليکيندا آهن. نه ڪي عيسائين وانگر خدا جي پانهن طور. هن لاءِ سجاٽپ اڄا تائين گڏيل قدرن ۾ واسو ٿي ڪري جيڪي پيشروئن/ ابن ڏاڏن ۽ برادريءَ پيش ڪيا ۽ نمائندگي ڪيائون.

وچ آمريڪا تي ڏگهو راڄ ڪندڙ يورپي اشرافيائن وٽ ماضي ۽ مستقبل جا ڌار نظريا آهن. گوئٽيمالا جي جديد آمرن مان هڪ ايسٽرادا ڪابريرا يورپي سڀيتا جي قدرن ۾ پنهنجي ايمان جو اظهار بيٺڪي ترقيءَ جي يادگارن 'وحشين' تي يوناني سوڀ سان لاڳاپيل سڄي خطي ۾ نئوس Parthenons اڏرائي ڪيو. سڄي وچ آمريڪا وانگر راڄڌاني گوئٽيمالا سٽيءَ ۾ مقامي ثقافت اڄ واري وڏي پاڙيسري 'انڪل سام' جي ڪاپي واري قدرن پنهنجي

ميڪسڪيلٽيٿان، ميڪسيڪو: پيسفڪ جي ڪناري تي ڏيڻ واري ڍنڍ اسپيني فتح کان اڳ واري وسندي ايزٽيڪ ڍنڍ جي شهرن بابت هڪ شاندار خيال پيش ڪري ٿي. ڪي انڪي ايزٽيڪن جي اصل گهر ايزٽلان سان لاڳاپين ٿا. آڳاٽو ’چنڊ- فرقو‘ هت اڃا تائين قائم آهي.

بيرحم قدمن هيٺان لتاڙي ڇڏي آهي. شهر ۾ انڊينز غرق ٿيل ۽ خود پنهنجي ديس ۾ اوپرا بيٺل آهن، جڏهن ته گهرو لڙائي ۾ بيواهه عورتون چانوري ۾ ويهي بيڪ ٿيون گهرن. پر پسگردائي ۾ ٻهراڙيون بنهه مختلف آهن، پراڻي ڪائنات اڃا تائين مضبوطيءَ سان جڙيو بيٺي آهي.

مايائي ڪئلينڊر ۾ سڀ کان وڏيڪ مقدس ڏينهن Wahxakib Batz ’اٺ پولڙا‘ آهي. ان صبح جو، هونئن نظر نه ايندڙ عام گوئٽيمالائي روح جي ڳجهي دنيا جي سڌ تي وراڻي ڏيندي مومو سٽينانگو ’پوڄا گهرن جي ماڳ‘ تي گڏ ٿيندا آهن. سال جي ان ڏينهن لاءِ شهر جي چوڌاري پيشروئن وارن نون پوڄاگهرن کي رنگ روغن ڪيو ۽ سجايو ويندو آهي ۽ سڄي گوئٽيمالا مان ڏينهن جو حساب ڪتاب رکندڙ، وقت جو بار کڻندڙ نون Shaman جي شروعات لاءِ گڏ ٿيندا آهن. ڪولمبس جي آمد کان شروع ٿيندڙ پنج سؤ سالن ۾ اهي ماڻهو ظاهري طور تي اولهه جي وقت ۽ اولهه جي تاريخ ۾ گهاريندا پيا اچن، پر ان هوندي به هنن صبر ۽ تحمل سان هڪ ڳجهي ڪائنات جو سماءُ رکيو

آهي. اڪثر اهو لڳندو رهيو آهي ته وقت جي بار واري سنڌن سرڪش پر ايمانداري پري سنيال سنڌن زوال ٻڌبي پر شايد اها ئي سنڌن نجات آهي. چاڪاڻ جو اهي ئي طريقا هئا جن سان هنن پنهنجي سڃاڻپ کي اوستائين محفوظ رکيو آهي، جڏهن اميد ڪٽي پئي وڃي ته سڀ ۾ ميلاپ جو هڪ نئون دور شروع ٿيندو، جڏهن آمريڪا کنڊ جا مقامي رهواسي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي تاريخ ۾ خود پنهنجي وقت جي حساب سان رهڻ لڳندا.

باب ڇهون

وحشي يورپ

هن ڪتاب ۾ جنهن جديد سڀيتا جي بنيادن ڪي اسان پروڙيو آهي ۽ جيڪا هاڻي ڌرتيءَ تي ماڻهن جو اڪثريتي معاشرو ٺي جوڙي، سا بنيادي طور تي ايشيا جي ٺي آهي. اسان ڏٺو ته سڀيتا ويجهي اوڀر، چين ۽ هندستان ۾ انتهائي مختلف ڏسائن ۾ اُسري، ڏسائون جيڪي اڄا تائين سندن نقطهٔ نظر جا واسطيدار رستا ٺيون جوڙن. انهن مان قديم ترين ۽ عظيم ترين هندستاني ۽ چيني پنهنجي جنم ڀوميءَ ۾ اڄا تائين قائم آهن، جڏهن ته ويجهي اوڀر ۾ اسلام اڳاٽين سڀيتائن جي جاءِ والاري چڪو آهي. ايشيا واسي گڏيل طور تي اڄوڪي دنيا جي اڪثريتي آبادي ٺا بڻجن. هن آخري باب ۾، جيڪو هڪ قسم جي پڇاڙي آهي، اولهه جي عروج ڪي جاچڻ ۽ انهن پراڻين سڀيتائن، جيڪي ان جون پيشرو هيون، سان ان جي لڳ لاڳاپي، ڪائڻ حاصل ڪيل ڄاڻ ۽ ماخذ جي انداز وارن ڪجهه پهلوئن ڪي جاچڻ جو وقت آهي. اسان جو مقصد اهو جاچڻ آهي ته اولهه جا عمومي طور تي رهندڙ نظريا پنهنجي دعويٰ وانگر عالمگير سچائي آهن يا انهن ڪي يورپي ڌرتي، ماحول ۽ تاريخ ۾ پيدا ٺيل ڪيفيت جي تت طور ڏسڻ گهرجي.

هاڻوڪن ڏينهن ۾ اسين (اولهه واسي) "اولهه جي ڪاميابي" بابت گهڻو ڳالهائيندا آهيون، 'اولهه' ڪنهن خطي بدران هڪ ذهني حالت جو نالو بڻجي ويو آهي. پر هن ڪتاب ۾ ان جو مطلب اولهه يورپ ۽ ان جي پرپاسي وارن پاڙيسرين، ان جي آمريڪي ڪنڌ ۽ هر هنڌ بيٺڪي پنجوڙ واري ثقافت آهي. اها اولهه جي ثقافت- يورپي، عيسائي، سرمائيدار، عقليت پرست ٿي آهي،

تخليق جو عيسائي ديوتا پنهنجي تخليق کان ٻاهر بيهي پنهنجا قانون واضح ڪري رهيو آهي. وحدانيت جو اهو تصور اولهه جي روايت ۾ ٻه اوتري ئي اهميت ٿو رکي جيتري هندستان ۾ شوا جو نرت.

جنهن نڪور جاڳرتا کان وٺي دنيا ۾ بالادستي حاصل ڪئي آهي: سچي دنيا ۾ حياتي، قدرن ۽ ٻولين بابت پنهنجي طريقن کي پکڙيندڙ ڀرين ثقافت. پر هندستان ۽ چين سان ڀيٽ ۾ اها وڏيڪ نئين آهي. ڪنجهي ۽ لوهه واري دور ۾ اولهه يورپ گهٽي ڀاڳي وڏيڪ ڳنڀير معاشرا رهيا هوندا، پر پڙهيل ڳڙهيل شهري سڀيتا اولهه يورپ ۾ ڪنهن اوپري ڳُل جيان رومين جي وسيلي آئي ۽ سندن سلطنت جي زوال تي ڪجهه خطن مان ميسارجي وئي ۽ ان جي ڪنڊرن تي ٽانيڪو ٽيندڙ وحشين جي وارثن فرينڪن، گوٿن، اينگلسن ۽ ميڪسيڪو وارن ذريعي اونداهي دورن ۾ نئين سر نمودار ٿي. ان ريت اولهه يورپ ۾ وچئين دور واري ثقافت چوٿين ۽ پنجين صدي عيسويءَ ۾ پوئين لوڪ تحريڪن جي پيداوار هئي. ان دور کان پوءِ ئي ڪجهه بنيادي نظرين جهڙوڪ رومي عيسائيت ۽ لاطيني ثقافت کي لاڳو ڪيو ويو. ته اهي اتي وارا اهڙا مرڪزي اعتقاد مقامي ناهن، جيئن مثال طور هندستان ۽ چين ۾ آهن، جن جي ثقافت جي ڏکهي تاريخ ۾ انتهائي اهميت ٿي سگهي ٿي. ٻئي پاسي، اولهه جي ثقافت ۾ ڏکاريل روايت هڪ انتهائي سگهاري مادل طور رهنٽي هئي:

عظيم ماءُ ڊيميٽر لاءِ پناهه گاهه.

”ڌرتيءَ تي قبضو ڪرڻ“ جرمن سورمائي داستانن ۾ اها روايت انتهائي گهري جڙ ڪيل هئي. ۽ پراڻي عيسائي مذهب جي ڏنڊڪٿائن ۾ هڪجهڙايون هٿ چڙهڻ اولهه يورپ جي وحشين کي پنهنجي ڌرمي ڪتاب ۾ مڪمل سچ آڻيندڙ سورما جلا وطن ڀڏائيندڙ ”نون اسرائيلين“ جي روپ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جو موقعو مهيا ڪيو. جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، مڪمل سچ جو قطعي نظريو اوڀر جي سيپيتائن لاءِ بند اوپرو.رهيو آهي.

تنهن ڪري اولهه يورپ جي ثقافت ڪنهن به ريت ويجهي اوڀر، چين ۽ هندستان جي ثقافتن وانگر انتهائي گهريون پاڙون رکندڙ نه هئي، نه ئي ان جا سماجي ۽ مذهبي عقيدا ڪو اوترا نوس هئا، جن جو وچئين دور جي ڪجهه عرب راوين ذڪر ڪيو آهي. نه وري اولهه يورپ ۾ ڪڏهن به ڪا سياسي، ثقافتي يا لساني ايڪتا رهي آهي، جيتوڻيڪ اُتي اترين يورپين، جن جرمن ٻولي ٿي ڳالهائي ۽ ميڊيٽيرينين سمنڊ جي اوسي پاسي رهندڙن، جن رومي ٻولي ٿي ڳالهائي، وچ ۾ آڳاٽا لڳ لاڳاپا قائم هئا. 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ئي اهي ايڪتا ڏانهن وڌي رهيا آهن، سو به خود اسان جي حياتين دوران ئي

چانڊي تي ٺهيل اڪر ۾، هن ۾ هٿ اچا ٺاهين ڳاڻسوس پوريٽيسا ٻج اند خاتون طور پوڄي وڃائي آهي. سيرو موجب هن ڄڻن رسمون انسانيت لاءِ ائٿينس واسين پاران عظيم سوکڙي آهي جنهن ۾ ٻوٽ کي شهر تي ۽ عورت کي مرد تي ترجيح ڏني وئي آهي. صوفيا پيرينس جو پراڻو مجسمو (ازلي ڏاهپ) جنهن مان اولهه واري ثقافت سجاڳيءَ واري دور ۾ به لاڀ ماٺيو.

لڪين ماڻهن کي موت جو کاڄ بنائيندڙ، هر دور ۾ لڳندڙ رياستن وچ ۾ جنگين جي بيرحم ۽ ڏکي سلسلي ڪان پوءِ. آيا اولهه جي ثقافت ئي پرتشدد آهي، سو چوڻ ڏکيو ٿيندو. سموريون سڀيتائون پنهنجي آدرش ۽ پنهنجي تاريخ جي حقيقت وچ ۾ تضادن جو شڪار رهيون آهن، چاڪاڻ جو اهي سموريون تشدد روڪڻ يا گهٽائڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام رهيون آهن. ٻئي پاسي اولهه جي ڪاميابين کي هٿ ورجائڻ جي ضرورت ناهي. ان جو آزاديءَ بابت انفراديت پسندي وارو نظريو دنيا لاءِ هڪ شاندار سوکڙي هو ۽ جيڪو ان جي ذرتي ۽ ماحول ۾ پيدا ٿيل ان جيءَ انفراديت پسند علائقائي ثقافتن ۾ گهريون پاڙون رکندڙ هو. فن، ادب ۽ سنگيت ۾ ان جي ڪماليت بي مثل آهي. پر گذريل پنج سؤ سالن ۾ اهو اولهه ئي آهي جنهن ڌرتيءَ جي هر ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ تباهي ۽ موت لاءِ ٻاگي پائيواري ڪئي آهي. ان جا سبب ڄاڻڻ لاءِ اچو ته روايت جوڙيندڙ رسيءَ جي اهم وڪڙن تي نظر وجهون.

يونان جو ورثو

مغربي ثقافت ۾ يوناني روايت جو ڪردار اعتراض جوڳو ۽ مسئلن ڀريو رهيو

چا اسين يونان کي اولھ جي حصي طور ڳڻي ٻه سگھون ٿا؟ اهو سوال آهي. پر جت ڏهين صديءَ واري بغداد ۾ هڪ مسلمان پيڙا پريو لڳي سگھي ٿو. پنهنجو پاڻ کي قديمي يونانيت جي ڏاهي وارث طور تي ڏٺو، اُت اهو عالم ڏهينءَ صديءَ جي ڪنهن انگليند جي ڪاتب کي آيو ئي نه هوندو. خيال انگليند ان (يونان) جي ڪجھ داستانن ۽ ڏندڪٿائن ۾ دلچسپي ڏيکاري هوندي. يونان جي عظيم الشان پٺرسٽڪ ورثي لاءِ پاڻ کي قرضي محسوس ڪيو هوندائين، پر ان جي وارث طور ڪڏهن سوچيو به نه هوندائين. يونان کي پنهنجي شاندار روحاني پيشرو طور ليکڻ واري يورپي ايجاد انتهائي دير سان ٿي، اها ڪرت ارڙهين صديءَ واري روشن خياليءَ کانپوءِ تڏهن کان شروع ٿي جڏهن جديد سيڪيولرزم ۽ سائنس آڏو اولھ ۾ روايتي مذهب جو ڪردار ميسارجڻ لڳو هو. تڏهن نوان ۽ وڌيڪ اثرائتا دانشور سرنهان يورپ جي وڌندڙ بالادستي کي وڌيڪ پراڻي ۽ عظيم تر سڀيتا سان ليس ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪرڻ لڳا. روشن خياليءَ واري تحريڪ کان اڳ پڻ، قديمي يوناني ثقافت رومن ثقافت، وسيلي پنهنجي معتدل جماليات ۽ رومي عيسائيت، ذريعي پنهنجي بزرگي واري آپيشاهي سان تدبير ڪندي رهي. يونان جو رومي نقطهٔ نظر ئي هو، جيڪو نڪور جاڳرتا ۾ جوڙيو ويو ۽ جنهن جو روشن خياليءَ مان بنياد وڌو ويو. ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري ئي اولھ- يورپ واسي پهريون ڀيرو اصل يوناني ثقافت جي باقي بچيل عنصرن، زميني خطي، عمارتن، روايتن ۽ خاص طور تي يونان جي رهواسين جو مطالعو ڪري سگھيا، جيڪي تُرڪ راڄ جي صدين دوران ڏاڍ ڏمر جو نشانو بڻجڻ ۽ ڪمزور ٿيڻ جي باوجود فطرت جي انهيءَ آڳاٽي مقدس نقطهٔ نظر کي سوگھو جهلي بيٺا هئا، پر جيڪو يورپ، ۽ اولھ روشن خياليءَ ۽ زندگيءَ جي جديد سائنسي نقطهٔ نظر هٿان وڃائي چڪا هئا. اِهو آڳاٽو يوناني ثمر بهرصورت پنهنجي حاصلات ۾ بي مثل هو.

يونان حقيقت ۾ سدائين يورپ ۽ ايشيا وچ ۾ رابطي واري پُل جو ڪم ڏيندو رهيو آهي. ڪنجهيءَ واري دور ۾ ويجهي اوڀر جي محلاتن تي ٻڌل سڀيتا کان اخذ ڪرڻ ۾ يونان ئي سڀ کان پهريون پانديئڙو هو پر اها گهري پاڙ ڪيل نه هئي ۽ جڏهن محل ڊٺا ته سڀيتا به پويان پير ڪنيا. ساڳي ريت ڇهين صدي قبل مسيح، ايڪسس دور ۾ ايشيا جي عراق، ايران ۽ هندستان کان ايندڙ نون سائنسي، فلسفن کي سڀ کان پهرين هضم ڪندڙ به يونان ئي هو. پنجين صدي (ق. م) جي شروعات ۾ اِهي فهم پريل يونانين، عالمي ثقافت ۾

عظيم دورن مان هڪ ۾ تبديل ڪيا.

قديم يوناني سپيتا جو دهمان انتهائي مختصر عرصي، پنجين صدي (ق. م) جي پهرين اڌ لاءِ هو. اچرج ۾ وجهندڙ Riace ڪنجهيءَ وارا ڏاتو، اولمپيا، پندار، ايسڪلس سان تعلق رکندڙ مجسما، ايلو زيني اسرار، آئيونيا جي نئين سائنس اٿينس جي بلند و برتر جمهوريت ۽ ايراني (پارس) سلطنت تي ان جون سوپون هڪ روحاني روايت جي مڪمل ترين ادراڪ، چاٽايل حاصلاتن کي تشڪيل ٿيون ڏين. پنجين صديءَ جي پڇاڙ، پيريڪلين دور کان وٺي افلاطون تائين، پنهنجي تمام تر شاندار پٽي لاءِ، عالمي تاريخ ۾ انتهائي حيرت انگيز يادگار دورن مان هڪ ڏانهن جيڪا شايد حد کان وڌيڪ معياري هئي. ان ريت اهي حاصلاتون ايتريون ته واضح هيون جو انهن جو ثاني ڳولهڻ ناممڪن آهي، شايد اوپر يا اولهه بدران انهيءَ نرالي منتقليءَ يوناني ڌرتيءَ تي اٿمڻ اثر وڌا. چار سؤ (ق. م) ڌاري اهي سامراجيت جي ور چڙهيون، جمهوريت جي ڍهڻ، پيلوپونيسي جنگ جي دهشتن، سياسي تباهي ۽ نظام جي ناڪاميءَ جو شڪار ٿيون. جن ڏانهن افلاطون ناسٽلجيا مان نهاريندو رهيو. پنجين صديءَ واري روشن خيالي هر امڪان ڪوليو پر اها سونهري دور ڏانهن سونهون نه بڻجي سگهي. يونان ڪڏهن به متحد نه رهيو، اهو ايڪتا بدران ويري شهري رياستن ۾ ورهايل رهيو ۽ چوٿين صديءَ جي وچ ڌاري اِهي اُتر کان ايندڙ بيرحم ۽ زورآور ميسيڊونين هٿان مصلوب ٿيون. ان سان اٿينس پنهنجي ثقافتي معتبري وڃائي، جنهن هندستان کان بالڪل تائين پکڙيل هڪ گهڻ- نسلي سلطنت جي بااختيار مرڪزن ايشيا ۽ اُتر آفريڪا ۾ عظيم الشان يوناني بنياد منتقل ڪيا. رومين جي اختيار ڪيل انهيءَ يوناني دور جي نظرين کي اولهه جي روايت جون پهريون شبيهون بڻجڻو هو.

ايشيا تي يوناني سوڀ

'يوناني' ارسطو چيو: "ذهين ۽ خودمختيار آهن ۽ سڄي انسانذات تي راڄ ڪرڻ جي اهليت رکن ٿا." چوٿين صدي قبل مسيح ۾ ارسطو جي شاگرد سڪندر اعظم جي سرواڻي ۾، هن ويجهي اوڀر تي چڙهائي ڪئي ۽ اناطوليا، شام، فلسطين ۽ اڳتي هلي مصر پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيائون. Hellenistic طرز سڃاتو ويندڙ ايشيا ۾ اهو يوناني دور هاڻ عالمي تاريخ ۾ انتهائي انقلابي دورن مان هڪ ليکيو ٿو وڃي.

هڪ نسل دوران ئي، نيل ماٿري يوناني آبادڪارن سان ائين سٽجي وئي

CamScanner

يوناني انداز: ايٿنا ٻي صدي (ق- م) سان تعلق رکندڙ پيرگامون قربان گاھ جي ھڪ ٿلھي ڪيڙي تي اُڪريل چترڪاري. رومين کان وٺي شاهي بروق کان ٿيندو نڪور جاڳرتا ۽ هاليووڊ تائين اولھ جي نمائندگي وارن طريقن تي اهو سڀ کان وڌو انفرادي اثر ٻڌجڻو ھو.

جڻ سُون جي بيک ملندي هجي! مصر جي آڳاتي، پراسرار ۽ پرڏيهي سيتا يوناني ذهن تي گهرو اثر وڌو. مٿانهين مصر ۾ اهڙا يادگار هٿ آيا آهن، جيڪي ڏيڍيءَ جو شڪار ٻٽيل يوناني شبيهن سان ڀريل آهن. مقامي مصري، جيئن اسين هاڻ بردبار ۽ الهامي پاپائيري کان ڏسون ٿا، انهن ڏارين آڏو ماضيءَ جيان ئي مزاحمتي ٻٽيل رهيا. (اها ڪا نئين ڳالھ نہ هئي: هيروڊوٽس لکيو آهي: ”هنن آڳاتا قانون جاري رکيا ۽ پرڏيهي رواجن کان بچڻ لاءِ انهن ۾ ڪو اضافو نہ ڪيائون.“). يوناني دور ۾ هڪ اڳڪٿي سبب مقامي مصرين ان ڏينهن ڏانهن ٿي نهاريو جڏهن: ”اسان تي مڙهيل پرڏيهي سيتا دفع ٿي ويندي، مصر تي قبضو ڪندڙ اهي پرڏيهي پڻ- جڻ ۾ چٽندڙ پڻ جيان ڌڪ ٿي ويندا.“ ٻيا پنهنجي دشمنيءَ ۾ وڌيڪ واضح هئا. ”اهي يوناني چور ۽ نوان دولتمند، تشدد جا هيراڪ آهن.“ هڪ مصري ڪاوڙ مان ڀڙڪندي چيو هو. ۽ لڪسر ۾ اڄ تائين، هڪ آڳاتي مصري پوڄاگهر جي اندرين مدفن ۾ اولھ جي تاريخ جو پُرتشدد ۽ سون رنگو چوڪرو خود سڪندر اعظم، ڪنهن

قديمي فرعون جو ڏيک ڏئي رهيو آهي.

ايشيا ۾ اوپر ڏانهن اڳتي وڌندي، يونانين بابل جي آڳاٽي سيپنا فتح ڪئي، اُرڪ ۽ بابل جا پيا شهر پرڏيهي ديس ۾ يوناني بيٺڪون بڻيا. اهو هڪ بابلي الهامي فقري موجب: ”اسان جي ماٿهن لاءِ اياڳ جو وقت هو پر هڪ ڏينهن اهو به گذري ويندو.“ زيگروس جبل اورانگهي يونانين هاڻ اوڪسس ندي پار ڪري وچ ايشيا ۾ قدم رکيا ۽ سمرقند جهڙا شهر اڏيائون، جيڪي اڄ به پنهنجي جوڀن سان ڀرپور آهن. خيبر لنگهه ذريعي هو هندستان ۾ داخل ٿيا، اتر اولهه سرحد تي پنهنجيون بيٺڪون قائم ڪيائون، جن انهن خطن ۾ هڪ ڏکهي معيار واري اندو- يوناني ثقافت جا بنياد رکيا.

آڳاٽي تاريخ ۾ گهڻ ڇاتل وارتائن مان هڪ ۾، سڪندر اعظم جا پونئر ايا اڳتي ويا. ٻين صدي قبل ميسح ۾ هن گنگا جي علائقن ڏانهن برباديءَ ڀريون مهمون اُماٽيون بنارس ۽ پٽنا جا آڳاٽا ڌرمي مرڪز مصلوب ڪيا. ڪوسمبي ڳوٺ ۾ جديد آرڪيالوجيءَ تباهيءَ جي سلسلي جي تصويري ثابتي هٿ ڪئي آهي. هتان ٻڌمت جي اهڙي خانقاه ڪوٺي هٿ ڪئي وئي آهي، جيڪا هڪ يوناني حملي ڪري تاراج ٿي، اها گهرن کان انتهائي ڏور جمنا جي اُس ۾ سڙندڙ يوناني ياڙيتو قاتلن هتان سڙي ناس ٿي. (حيرت انگيز طور تي ان جو ذميوار يوناني سپه سالار مينيندر، هندستاني روايت موجب پنهنجي پڇاڙڪي ڄمار ۾ ٻڌمت جو پيروڪار بڻجي ويو هو!)

”اِهي ڏيڇاريندڙ ۽ خطرناڪ دورَ هئا.“ هندستانين چيو: ”بدڪار پر دلير يونانين اسان جي ڌرتيءَ کي باهه ۽ ڏڪر جو مرڪز ۽ عورتن ۽ ٻارن تہ ڇا پر ڳائي ماتا جي قتل وارا بدسوڻ ڏئي تاراج ڪيو.“ هن جو به اسان جي عهد وانگر هڪ تاريخي انقلابي دور هو، جنهن ۾ بيچيني، محبِ عالم، خود-آگهي، جنس ۽ تشدد تي هرڪجڻ جو ڏاڪو هو. ۽ ان جي تت ۾، گذريل ٽن صدين جيان، ٻين ثقافتن کي بي رحمي سان پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ جو جذبو لڪيل هو. هندستان ۾ هن پنهنجي قسمت پروڙي ورتي. ”اهڙي طاقت، جيڪا نہ رڪندڙ خواهش ۽ ظلم ڪري يونانين جا وارث ايندڙ دور ۾ دنيا تي راڄ ڪندا.“ جيئن يورپي پنهنجي تاريخ کي ڏسن ٿا، اهو پهريون ڀيرو هو، جو اولهه ٻاهرين دنيا ۾ گهڙيو هو.

هڪ دنيا جي شروعات

يوناني سوڀن انتهائي زوردار تاريخي سگهن جا به زنجير ٽوڙيا. يوناني دور جون

اڪيون ڪيرو ڪنڊز بين الاقواميت مصر ۽ هندستان جي وچ واري گهٽي ٿي ايراضيءَ جي نقطهٔ نظر جي گڏيل اندازن واري هڪ اهڙي گڏيل ثقافت جا بنياد وڌا، جنهن کي اڳتي وجود وٺندڙ اسلامي دنيا جي جوڙجڪ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪرڻو هو. يوناني دور پراڻي عالمي سيپيٽائن جي معيشت کي پڻ هڪ دڳ ڏنو. هاڻ شاهراه ريشم ذريعي وچ ايشيا کان چين تائين واپاري رستا کلي چڪا هئا. 'آڳاٽن دورن ۾' ٻئين صدي (ق.م) جي تاريخدان پوليبئس چيو: "دنيا جي تاريخ غيرواسطيدار واقعن جو هڪ سلسلو هئي، پر هاڻي کان تاريخ هڪ مڪمل عضوو بڻجي ٿي. يورپ ۽ آفريڪا جا معاملا ايشيا سان گڏيل هئا ۽ سمورا واقعا هڪ تعلق پريا ۽ هڪ ئي چيڙي ڏانهن ياڳي پائيواري ٿيندڙ هئا."

ٻي صدي قبل مسيح ۾ چينين اولهه ايشيا ڏانهن ايلچي اماڻيا، جت اُهي ايران جي پارٿيا راڄ کان واقف ٿيا ۽ ان کان اڳتي وارن يونانين بابت ٻڌائون. ان دنيا بابت سندن نقطهٔ نظر تي زوردار اثر وڌو. ٻي ڌسا ۾ سفر ڪندي، پهرين صدي قبل مسيح ۾، يوناني ٻيڙائن چوماسي جي وقت جي جدول ڇاتي. تن ڏينهن ۾ يوناني ۽ رومي واپاري مصالحن، موتين ۽ چيني ريشم جو واپار ڪرڻ لاءِ هر سال هندي سمنڊ جهاڳيندا هئا. سگهو ئي تبر نديءَ ذريعي مرچن جي ٻني ٻاري ۾ سيڙپ واسطي رومي ادائيگين جو انگ لکن ۾ پهچي ويو. يوناني بينڪون افغانستان تائين بہ قائم ٿيل هيون، تامل نظمن موجب اهي واپاري ڏکڻ هندستان ۾ بہ ٿانيڪو ٿيا ۽ سندن انتظام جو انداز سترهين صدي عيسوي واري هندستان جي واپاري 'فيڪٽرين' کان ڪو گهٽو مختلف نہ هو. آڳاٽي دنيا کان اسان تائين ايندڙ شاندار ڪتابن مان هڪ سڪندري واپاريءَ جو پهرئين صديءَ وارو روزنامچو آهي. جنهن ۾ اوڀر آفريڪا ۽ هندستان جي سمورن بندرگاهن ۽ اتان جي وکرن مصالحن، موتين، ريشم ۽ عاج جو ڀيرائتو ذڪر ٿيل آهي. اِها ڪا حيرت جوڳي ڳالهه ناهي تہ عيسوي سن جي پهرين ٻن صدين دوران رومي ۽ هندستاني سلطنتن وچ ۾ سرڪاري سفارتخانا قائم هئا. تامل نادو مان مليل رومي سون جون دُربون انهيءَ دور سان تعلق رکن ٿيون. 166ع ۾ تہ رومي سفارتخانو چين ۾ بہ موجود هو. سمنڊ وسيلي اولهہ ۽ اوڀر وچ ۾ واپار جا آرڪيالاجيڪل ثبوت، جن ۾ ڏکڻ هندستان جي پانڊيچري پرسان ايريڪائن شراب سان ڀريل گودام ۽ ميڪنگ ڊيلٽا، اوڪايو ۾ هڪ شاندار شهر، جتي هڪ وڏي هندستاني واپاري ڪوٺي ايران ۽ ميڊيٽرينين جهڙن ڏورانهن ماڳن تي وکر جي ڏيتي ليتي ڪندي هئي، هٿ آيا

آهن. اهڙن ئي ڳانڍاپن وسيلي هندو ديوي لڪشميءَ جو بت 79 عيسويءَ ڌاري پومپيئي کان وچي نڪتو ۽ پوسئيڊان جو بت ٻمبئي جي ڏکڻ ۾ ڪولهاپور جي زينت بڻيو. اهڙيون مُتاسنائون زميني رستن تان به ٿيون. ڪابل پرسان بيگرام ۾ 100ع کان 300ع تائين سان تعلق رکندڙ هڪ شاندار مال گودام مان چيني شراب، ڪشيدگيءَ جو ڪم، مصري سماق پٿر جون ٻيڙيون، يوناني شيشو ۽ جمنا ماٿري سان تعلق رکندڙ هندو تراش هٿ آئي آهي. سگهوئي جاپان ۾ پوچا گهر به پرشيا ۽ بازنطيني خزانن سان مالا مال ٿيڻا هئا.

ان ريت قبل مسيح جون آخري ۽ عيسوي سن جون شروعاتي صديون سڄي دنيا ۾ ثقافتن ۽ نظرين جي وسيع تر مُتاسنا جي شروعات هيون ۽ اهو ڪو حادثو ناهي. عظيم الشان عالمي مذهب به انهيءَ دور ۾ اُڀريا، جيئن عيسائيت پهرين صديءَ ۾، مينيڪيئن ازم ٽئين صديءَ ۾، ۽ اسلام ستين صديءَ ۾، اهي سمورا ستين صديءَ جي پڇاڙ ڌاري هندي سمنڊ ۽ وچ ايشيا ذريعي شاهراهِ ريشم لتاڙيندي چين تائين پهچي چڪا هئا. عالمي معيشت جو پهريون پڙڪو به ان دور ۾ ٿيو، ايشيا ۾ مرڪز بنائيندڙ معيشت جيڪا ڏهين کان ٻارهين صديءَ تائين بلندين تائين وڃي پهتي هئي ۽ جنهن جي راهه منگول اڳرائين ۽ بعد ۾ اولهه يورپ جي وڌندڙ واپاري ۽ سامونڊي طاقت هٿان کوٽي ٿيٽي هئي.

روم جو عروج

يونانين بدران رومين دنيا تي اولهه جي بالاستي جا بنياد رکيا. ڇاڪاڻ جو ايجا تائين اولهه ليڪجندڙ ميڊيٽيرينين دنيا ۽ اولهه يورپ کي سڀ کان پهرين متحد ڪرڻ وارا اهي ئي هئا. سمورين سلطنتن وانگر سندن سلطنت به فوجي سگهه، غلامي ۽ ظلم تي ٻڌل هئي. انتهائي منظم، منتظم شاندار معمار، انجنيئر ۽ فوجي منصوبي ساز رومي يونان، مصر، شام ۽ اتر آفريڪا جي نفيس شهرين سان گڏوگڏ يورپ جي اڳاتي 'اڻ اُسريل' علائقائي ثقافتن، گال ۽ برطانيا جي لوهه واري دور جي مقامي آبادين کي پڻ فتح ڪيو. پهريون ڀيرو اولهه يورپ سڌوسنئون ميڊيٽرينين، آفريڪي ۽ ايشيائي سڀيتا جي اثر هيٺ آندو ويو. ڪجهه هنڌن تي رومين وارو اهو سلسلو انتهائي معمولي هو، جيئن برطانيا ۾ روم جي آمد کان پوءِ شهرن کي ڇڏيو ويو ۽ اشرافيا ديسي روايتن ڏانهن واپسي ڪئي. پر اها شروعات ضروري هئي.

پنهنجي عروج وقت رومي سلطنت برطانيا ۾ هيڊريان ڀت کان وٺي نار

پهريون عيسائي رومي شهنشاه ڪانسٽنٽائين، اهو جنهن پنهنجي پاڻ کي خدا جي ويجهي تعلق ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو. ان پل کان اوله ۾ مذهب سياسي اختيار سان ڳنڍجي ويو.

پوئين رومي فوجي جنتا، ٽيٽارڪس (300ع). بيرحم آپي شاهانو انداز هڪ اهڙي دنيا جو اعلان ٿو ڪري، جنهن قديمي انسان دوستيءَ کي پوئتي ٿي ڇڏيو.

ٽائين پڪڙيل هئي ۽ مانچسٽر (برطانيا) اٿينس، (يونان) لڪسر يا ايسٽائين جو ڪجھ عرصي لاءِ اُرڪ ۾ رهندي به توهان پنهنجو پاڻ کي روم جا شهري سڏرائي پئي سگهيا. پر هندستان يا چين جي ابتڙ، انهن ڏورانهن علائقن کي سوگهو رکڻ لاءِ ڪي به مذهبي يا سماجي اخلاقياتي مظهر نه هئا ۽ چوٿين صديءَ ۾ اهي معاشي، سماجي ۽ خاص طور تي روحاني معاملن جي هڪ وڏي شاهي گهوٽالي جو شڪار ٿيا. اهو ئي وقت هو جڏهن مختلف نوان مذهبي لاڙا

۽ فرقا هڪ ٻئي سامهون بيٺل هئا، انهن مان گهڻي ڀاڱي ويجهي اوڀر ۽ ايران جي پر امن روايتن تي دارومدار رکي رهيا هئا، جن ۾ يهوديت، ايمان بدران علم وسيلي نجات تي ايمان رکندڙ عيسائي فرقو(Gnosticism) ۽ زرتشت اهم هئا. پر انهيءَ روحاني ولولي ۾ عيسائي صحيح وقت تي صحيح هنڌ هئا ۽ تازو عيسائي ٿيل شهنشاهه ڪانسٽنٽائين جي پيرائي سان عيسائيت 330ع ۾ رومي سلطنت جو سرڪاري مذهب بڻي. تڏهن کان زميني ۽ آسماني سلطنت جا نظارا اولهه جي ثقافت جا اٽوٽ حصو ٿي ويا.

عيسائيت جي سوڀ جوڊيا، شام، فلسطين ۽ عراق جي سرڪش ۽ ميدان ۾ پيدا ٿيندڙ آدرشن جي غير معمولي زرخيزيءَ جو هڪ وڏيڪ مثال آهي، اولهه طرفان اوڀر جي وڏيڪ آڳاٽي ثقافت کان مسلسل اُتساهه حاصل ڪرڻ جو هڪ حلفيه ثبوت. تاريخ ۾ ڦهريون ڦيرو ڪنهن مذهب پنهنجي پيدائشي ماڳ کان ڏورانهين ڌرتي ۽ ثقافت ۾ گهريون پاڙون پيدا ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو. فلسطين جي لوهه واري دور جي ماڻهن ۽ حتمي طور تي عراق جي ڪنجهيءَ واري دور جي شهر واسين کان اخذ ڪيل اعتقادن، ڏندڪٿائن ۽ پابندين ڪي اولهه يورپ جي حاڪمن تاريخ جي حتمي ظهور طور قبوليو ۽ جيتوڻيڪ خود رومي سلطنت 410ع ۾ اترين وحشين هٿان ڊهي پٽ پئي، پر تاريخي مهر جو اهو احساس ڪڏهن به ختم نه ٿيو. ان جي بدران هڪ حوالي سان رومي ڪڏهن به زوال پذير نه ٿيا، جو رومي ثقافتي نظريا، رومي سامراجيت ۽ رومي عيسائيت اولهه جي نظرين ۽ آدرشن جي بنياد طور هلندا پيا اچن ۽ انهن آدرشن جي نئين جنم جي ڪوشش طور اولهه جي تاريخ ۾ ڪيترين ئي نڪور جاڳرتا واريون مهمون هليون آهن. ايستائين جو 1990ع واري ڏهاڪي دوران يورپ کي متحد ڪرڻ وارين ڪوشش کي به اِن حوالي سان ڏسي گهجي ٿو. ان احساس/ لاڙي ۾ سمورا يورپي ۽ آمريڪي اُن ثقافت جا وارث آهن. پر چين ۽ هندستان جي ابتڙ، جن پنهنجي ڊگهي تاريخ دوران هڪ بنيادي تسلسل جو مظهر پئي ظاهر ڪيو آهي، اهو انهيءَ گهڻي ڀاڱي دير ڪيل لمحي ۾ ئي اولهه پنهنجي لاءِ اخذ ڪيو، جو هاڻ وحشين کي رومين جي جاءِ ولاريندي هڪ اهڙي ثقافت تخليق ڪرڻي هئي، جيڪا اسانجي اجوڪي اولهه جو پڙ بڻياد آهي! وحشي اولهه.

اونداها دور

رومي سلطنت جي زوال کان پوءِ، جرمن وحشي قبيلن ڪندر بٽيل صوبن ۾

پنهنجا نوان گهر اڏيا. برطانيا جي ڪشادن سامونڊي ڪنارن تي، ويجهي اوير سان تعلق رکندڙ هڪ مذهب، مصر جي بنواس- پٽي ۽ آئرليءَ سان تعلق رکندڙ هڪ تحريري ٻوليءَ سان اينگلو- سيڪسن سامونڊي ڪنارن تي لٽل سمورن جلاوطنين جي اميد پرستيءَ سان پنهنجو نئون نظام جوڙڻ شروع ڪيو.

ٽائن نديءَ تي نارٿمبريا ۾ ماضيءَ واسطي محقق ڪي ڪيترن ئي تاريخن مان ۽ ڪوئلي، فولاد ۽ ٻيڙين تي ٻڌل بعد واري سلطنت جي ڪنڊرن مان لنگهڻو ٿو پوي، پر جئرو (Jarrow) اهڙو ئي ٿوٽ ماڳ آهي، جهڙو اوله جي داستانن ۾ ڪو ٿي سگهي ٿو. هت ايس ايس پيٽر ۽ پال جي خانقاهه ۾ اوله جي شروعاتي تاريخن مان هڪ لکي وئي. اوله جي پنهنجي مقدر بابت موقف واضح ڪندڙ اها لاطينيءَ ۾ وحشين جي پونيرن لکي. ان جو ليکڪ هتان جو هڪ معزز راهب بِڊ هو. هو پهريون شخص آهي، جنهن يسوع مسيح جي پيدائش کان شروع ٿيندڙ ڏينهن ۾ عيسوي جدول مشهور ڪئي، جيڪا اڄڪلهه سڄي دنيا ۾ استعمال ٿئي ٿي. هتان جا لکيل ڪتاب سنڌن دنيا جو ڏس ڏين ٿا. مثال طور بائيبل جو سورمو دائود ع، وحشي اوله جي نون راڄن جي حاڪمن لاءِ هڪ ماڊل هو، جنهن کي پنهنجي ماڻهن جي معلم، حمد و ثنا جوڙيندڙ طور واضح ڪيو ويو هو. ساڳي نسخي ۾ دائود ع کي ايمان نه رکندڙ (ملحدن) خلاف جنگ ۾ خدا جي پالي سميت ڏيکاريو ويو آهي. انهن ٻنهي نظرين کي گڏائيندؤ ته اوهان کي مذهبي لڙائين کان وٺي نار جنگ تائين اوله جو هڪ آدرشي حاڪم سمجهه ۾ اچي ويندو.

بِڊ جي تاريخ ۾ اهو ڏيکارڻ جي انتهائي شاندار ۽ ڪامياب ڪوشش آهي ته وحشي اوله جي رهواسين ڪهڙي ريت اونداهي دورن ۾ پنهنجو پاڻ کي عيسائي، لاطيني ۽ ميڊيٽيرينين سپيتائن جي مختياري وسيلي تبديل ڪيو. بِڊ ان ڏس ۾ ڏور تائين ويندڙ يورپي هو. ٽانگ چين جهڙي ڪنهن همعصر آڏو اينگلو- سيڪسن ۽ يورپ واسي هرحال ۾ وحشي هئا. اُهي، جيئن اوله واسي اڄ ڪمزور ٻٽايل ٽين دنيا جي جلاوطنين واري ٻوليءَ جي سهائتا ۾ چوندا ۽ ان هوندي به ته هت اٺين صديءَ ۾ نارٿمبريا جي سامونڊي ڪناري تي اُهي بنيادي عنصر، يهودي- عيسائي مذهب، اخلاقيات، يوناني ۽ رومي انسان دوست ۽ قانون جا ڳنڍيندڙ، مقامي جرمن معاشرو ۽ ٻولي اڳي ئي موجود هئا، جن تي جديد اوله جي ثقافت کي اسرڻو هو. بِڊ جهڙي تاريخدانن جي هٿ ۾ اهڙو ڳاڏڙ هڪ زوردار قصو ٻڌائڻ لاءِ ٺهيل ٿي سگهي ٿو، قصو جنهن ۾ وحشي اوله جي بادشاهن ۽ ماڻهن کي رومي سلطنت جو عيسائي وارث مقرر ڪيو ويو، هڪ

چونڊيل انسان (عيسائي) جنهن کي اسان جي انساني شهر کان خدائي شهر ڏانهن سفر جو سونهون مقرر ڪيو ويو ۽ جنهن کي سينٽ آگسٽائين کان وٺي مارڪس تائين ۽ جڙو کان وٺي ٽيائن چوڪ تائين جي عالمي ثقافت جي محرڪ مضمون مان هڪ بڻجڻو هو.

جديد يورپ جا بنياد

ٻارهين ۽ تيرهين صديءَ دوران وحشي ڏاهپ پريا بڻيا. هُن اوستائين دنيا جي شاندار ترين فن ۽ اڏاوتن مان هڪ ڪيٿيڊرل (وڏو گرجا گهر) دور تخليق ڪيو. پر اوستائين بہ سماجي قوتون سرگرم هيون، جن کي اڳوڻن وحشين جي سامهون رومي چرچ تي پنهنجي بالادستي هلڪي ڪرڻي هئي. اوپر انگلينڊ ۾ اٺ سؤ سال اڳ عام ماڻهوءَ جي جيوت ۾ تبديلي پروڙي سگهجي ٿي، جن جو مستقبل ۾ انتهائي اهم ڪردار بڻجڻو هو. اها وڏن واقعن جي تاريخ ناهي پر جمر، وهانءَ ۽ ٻار پيدا ڪرڻ جو هڪ انساني داستان آهي ۽ اهو اسان تائين اولهہ جي عروج واري قصي ۾ انتهائي دلچسپي ڀريل سوالن مان هڪ کي سامهون ٿو آڻي. ڪهڙي ريت اهڙا ننڍي پيماني وارا ملڪ ۽ ميعشتون دنيا تي بالادست ٿي پئي سگهيا؟ 1550ع جي ڀڃاڙ تائين بہ انگلينڊ جي ڪُل آبادي پنجويہ لک هئي. چين ۽ هندستان پنهنجي وسيع ۽ انتهائي سڌريل معيشتن سبب صديون اڳ ڏهہ ڪروڙ جي آباديءَ وارو انگ حاصل ڪري چڪا هئا. انهن سائنسي ۽ صنعتي انقلابن لاءِ گهربل سموريون عظيم ايجادون ڪري ورتيون هيون. پوءِ ڪهڙي ريت اولهہ يورپ جا ملڪ ڪائنات اڳتي نڪري ويا؟ ڇا اولهہ جي ڪردار ۾ ڪو نيارو پڻ هو؟ يا اهو ڪو رڳو اتفاق هو؟

سچي اتر اولهہ يورپ ۾ خاص طور تي اوپر انگلينڊ ۾ جمر، شادي ۽ موت جا روزنامچا ظاهر ٿا ڪن تہ ٻارهين صديءَ ڌاري هڪ منفرد لاڙو ايري رهيو هو، سو وڏي ڄمار ۾ شادي ڪرڻ، ننڍي ڦرندڙ گهرندڙ مرڪز واري ڪٽنب سان گڏوگڏ ملڪيت تي ٻڌل انفراديت جو هو. هت بہ آزاد مارڪيٽ واري فلسفي جا اهڃاڻ ملن ٿا، جيڪي اڳتي واري اولهہ جي نظرئي جا گهڻ تخمي ٻج لڳن ٿا، نظريو جيڪو انگلينڊ، فرانس ۽ آمريڪا جي انقلابن وسيلي اولهہ جو بالادست فلسفو بڻجي ويو ۽ جيڪو اڄ ڏينهن تائين اسان تي راڄ ٿو ڪري. خاص طور تي انگلينڊ ۾ اهڙا نظريا انتهائي گهري جڙن وارا ٿي پئي سگهيا. ان جي خاطري نہ هئڻ جو سبب ان جي چوڌاري پاڻي سان گهيريل لوهي دور جي اترين هارين جي وڏيڪ پراڻي روشن خيال روايتن جي حدن کي

محفوظ رکڻ ۾ مدد ڪرڻ ٿي سگهي ٿو. اهو ڪنهن حد تائين رومي رنگ ۾ رنگيل هو. پر انگلينڊ جو عام قانون يقيني طور تي پنهنجي بنياد ۾ اينگلو-سيڪسن آهي، ساڳيو حال جمهوري ادارن، جن ۾ انهن کي عملي روپ ڏنو ويو، شائر ۽ هڪ سؤ ڪورٽن جو به آهي. ڏهين صديءَ دوران اسين غلاميءَ جي مخالف طور شخصي آزادي، مڪاني حڪومت ۽ مضبوط ڪرنسيءَ جي متوازي ترقي پروڙي سگهون ٿا. روڪ رقم عيوض غلامن کي آزاد ڪرڻ وارا انيڪ واقعا ظاهر ٿا ڪن ته غلاميءَ کي هاڻ معاشري لاءِ وڏيڪ ڪارائتي بنيادن آزادي ۽ ڪرنسيءَ جي پيٽ ۾ رد ڪيو پئي ويو. قانون، ڪرنسي، شخصي آزادي ۽ نمائنده حڪومت جو وچور جنهن سان اڄ اسين تمام گهڻو هريل آهيون، اوله ۾ گهرين پاڙن وارو ٿي پئي سگهيو.

ماڻهو به وڏي ڇمار ۾ پرڻجي رهيا هئا، جيڪو معاشي ترقي ۽ آباديءَ تي ڪنٽرول جو هڪ اهم عنصر هو. جيترو جلد شادي ڪبي اوترا ئي هڪ صديءَ ۾ وڌيڪ نسل پيدا ٿيندا. غريب ملڪن ۾ ماڻهو ننڍي وهيءَ ۾ پرڻبا آهن، تنهن ڪري سندن ڪٽنب به وڏا ٿا ٿين، اهو ئي وڌيڪ آبادي جو اصل سبب آهي. وچئين دور واري يورپ جي اڪثر حصن ۾، بهرحال عورتون ۽ مرد پنهنجي ڇمار جي پين ڏهاڪي ۾ ”دانائي واريون شاديون“ ڪري، ننڍا ڪٽنب ٺاهڻ ۽ ورهائجي نه سگهجندڙ وراثت تي عمل جاري رکيو ويٺا هئا. ان ريت اوله واسي ان جي شروعات ڪري رهيا هئا، جنهن کي اڄ چين ۾ قانون وسيلي لاڳو ڪيو پيو وڃي.

اِهو رڳو آباديءَ تي ڪنٽرول جو ئي نه پر دولت جي ريل پيل جو پڻ بنياد هو. زندگي جي ضمانت، وراثت ۽ ملڪيت هوندي ڪوبه وڏو ڪٽنب ٺاهڻ نه چاهيندو. ان ريت اوله هڪ متحرڪ ملڪيت تي ٻڌل هو. اها قدرن ۽ انقلاب جي پهرين نشاني آهي، جنهن کي جديد اوله جي سمورن روايتي معاشرن کان ڌار ٿيڻ، اوله واري انفراديت پسندي جي پهرين اهڃاڻ جو مشاهدو ڪرڻو هو. اهي انفراديت پسند زرعي معاشرا اتر يورپ جي ڀين حصن خاص طور تي جرمني ۽ هالينڊ ۾ به نظر اچي پئي سگهي. دنيا کي ڏسڻ بابت سندن هڪ ڌار نقطهٔ نظر هو، بيشڪ اهو به هندستان يا چين وانگر، ماحول، علائقي ۽ ڌرتيءَ ۾ گهرو ڪتل هو، انهن اٿرن انسانن جي پنهنجو پاڻکي منظم ڪرڻ واري ريت کي ئي بدلائي ڇڏيو. سندن آزاديءَ وارو تصور ملڪيت ۽ گڏيل/ عمومي قانون ۽ عام ماڻهن جي حقن تي ٻڌل هو، هڪ اهڙو تصور جيڪو آڳاٽي ائٿينس کان نه پر يورپ کان ئي ورثل هو. ان اوله جي روايت

جي وڏائيءَ مان هڪ ڪليل/ آزاد معاشري جي تصور کي جنم ڏنو. ان مجموعي حقن تي دارومدار رکڻ بدران فرد کي مرڪزي حيثت ڏني ۽ اهو ئي فلسفو هو جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪجھ عرصي لاءِ ئي سهي پر ڌرتيءَ جو وارث بڻجڻو هو.

اسلام جي نڪور جاڳرتا ۽ اولھ

اٺين ۽ ٻارهين صديءَ دوران ٻه اولھ ايشيا ۾ ثقافت جو عظيم ٿاڪ ”زرخيز چنڊ“ ئي رهيو. مسلمان آڳاٽن ماڻهن جي ميراث جا وارث بڻيا هئا ۽ وچئين دور جي بغداد ۾ ئي اوپر ۽ اولھ جي مذهبن ۽ فلسفن وچ ۾ پُل ٺاهڻ جي سڀ کان ڀرپور ڪوشش ٿي هئي. اتان جي يونيورسٽين ۽ لائبررين ذريعي عرب انسان دوستن بابل ستاره شناسي، هندو حساب ۽ چيني سائنس يورپ ڏانهن منتقل ڪيا. هت عرب عالمن ايراني، يوناني، يهودي ۽ مسلم فلسفي ۽ مابعد الطبعيات جو هڪ شاندار ڳاڌڙ تخليق ڪيو، اهو سمورن دورن جي شاندار گهڻ- ثقافتي دورن مان هڪ هو. ڏهينءَ صديءَ ۾ مصري ’پاڪائي جي پائيچاري‘ طور مشهور عالمن جي هڪ گروهه اهڙن لفظن ۾ پنهنجو مقصد بيان ڪيو، جيڪي اڄ ٻه چوڻ جي ڪو ورلي ئي همت ساري سگهندو. ”جيڪڏهن ڪو عرب اعتقاد ۽ يهودي ڏاهپ کي“ انهن مان هڪ جو چوڻ هو: ”عراقي تعليم، عيسائي ورثاءُ، يوناني ڇاڻ، هندستاني تصوف ۽ حياتيءَ جي صوفي انداز سان ڳنڍيي ته اهو انساندات جو ڪمال هوندو.“ اهو سپنو اڄ ٻه ڪنهن عالمي سپيتا ۾ عقيدي جي سمورن عظيم ترين اعلان نامن مان هڪ طور اڻ- ساپيان مائل آهي.

جڏهن اولھ جي انسان دوستي اٽليءَ ۾ نڪور جاڳرتا وسيلي ورجائي وئي ته اها آڳاٽي يوناني ورثي جي مسلم منتقلي ۽ سپيتا جي انهن شاندار اپارن جي، جيڪي اوستائين ٻه اولھ جي روحاني ۽ فلسفياڻي جيوت کي زرخيز بنائڻ لاءِ ايشيا کان اچي رهيا هئا، جي وڏي منتقلي هئي. وچئين دور جي پڇاڙ ۾ يورپ اندر ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي عروج بابت جديد اپياس رٿين ٿا ته اهي تنظيم ۽ نصاب ۾ پنهنجي همعصر مسلم ادارن جي اثر هيٺ هيون. جڏهن پندرهين صدي عيسويءَ جي مشهور انسان دوست ۽ اٽليءَ جي رهواسي پيڪو ديلا مراندولا انسان جي عظمت بابت پراڻي يوناني اصول جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي ته، هُن ان جو سڌو سنئون لفظن ۾ اظهار ڪيو. ”دنيا جي گولي تي خود انسان کان وڌيڪ موهيندڙ ٻيو ڪجھ ٻه ناهي. مون اهو عربن جي لکڻين

مان پروڙيو آهي.“

تيرهين ۽ چوڏهين صديءَ دوران اٽليءَ ۽ يورپ جي ٻين حصن اهو رستو اختيار ڪيو جيڪو بغداد جي عالمن ڪو چار سؤ سال اڳ ورتو هو، جيڪو اوستائين نه بالادستي اختيار ڪيل مذهبي ثقافت ۽ قديمي سکيا جي نظرياتي راڄ ’يونانيت‘ شُرڪ ۽ معتدل سائنس، نيوليٽي فلسفي ۽ ايستائين جو وڏيڪ پراڻي جادوئي ۽ علميت پيري روايت وارو هو. ”اسان دير سان ٻڌو،“ ابن خلدون 1377ع ۾ لکيو، ”ته تمام گهڻن استادن ۽ شاگردن ڪري اولهه يورپ ۾ فلسفياڻيون سائنسون وڌي ويجهي رهيون آهن، سندن علمي پورهيو ورجائجي رهيو آهي، سندن اڀياس جا وقت وڌي رهيا آهن.“ اولهه جي ثقافت ۾ انهي شاندار نفسياتي تبديليءَ جا اثر اڄا تائين اسان تي پون ٿا، جنهن دنيا بابت مذهبي نقطهٔ نظر کي تمام سخت ڇيهو رسائيندي چڱائي يا برائي ۾، اڄ جي ڪامياب سيڪيولر سڀيتا جي راهه هموار ڪئي. اسلام ۾ ان جي وانگو نه ٿيڻ جو سبب اسان جي دور جي اهم ترين سوالن مان هڪ آهي، جيتوڻيڪ اهو هن قسم جي ڪتابن جي دائري کان ٻاهر جو بحث آهي. اهو چاٽڻ واسطيدار ٿي سگهي ٿو ته زندگيءَ جو انسان دوست نقطهٔ نظر ۽ تاريخ جي پنهنجي مستقل مزاجيءَ واري نقطهٔ نظر سميت عيسائي مذهب جا اصول شايد بنياد ۾ سخت ناموافقت پيريا هئا. پر ٻنهي جي تضاد ۾ خود اولهه جي پنهنجي عظيم ترين ڪاميابين ۽ ان جي بدترين تباهين واري نقطهٔ نظر جو بنياد آهي. جيتوڻيڪ انهن تضادن کي ڦهلوريندي اهو فن، سنگيت ۽ ڊرامي جي انهن انتهائن تي پهتو آهي، جنهنجو دنيا ۾ ڪو ثاني ناهي ۽ ان هوندي به شايد اها باقي سمورين سڀيتائن جي ڀيٽ ۾ پنهنجي ڪردار ۾ انهيءَ گهري ڀاڱ ڪيل تضاد جي وڌيڪ ور چڙهي آهي، انجي روح ۾ دائمي مينيڪين جدوجهد اسان جي عهد ۾ يورپ اندر پنهنجي پوائنتي اَنت تي پهچي وئي آهي.

باقي دنيا

تيرهين صديءَ تائين اسلام سڀيتا جي اڳاٽي خطي هندستان کي پنهنجي ٻڪن ۾ پيري چڪو هو. ان دور جي تباهه ڪُن منگول حملن کان پوءِ سورهين صديءَ کان ويانا جي دروازن کان وٺي گنگا جي مُهاڙ تائين راڄ ڪرڻ وارين ٽن اسلامي سلطنتن جو هڪ سلسلو اڀريو. اهي ترڪ، ايران ۾ سفاويد ۽ هندستان ۾ مغل هئا. ايراضي، ماڻهن ۽ وسيلن ۾ محدود هئڻ سبب اولهه يورپ جا ملڪ ٻئي پاسي يعني ايشيا جي پراڻين طاقتن جي جاءِ ولارڻ تي مجبور هئا.

مغل شهنشاهه جهانگير ڌرتيءَ جي گولي تي بيهي 1620ع ۾ ايران
جي شاهه عباس کي ڀاڪر پائي رهيو آهي. اُن پل، جڏهن ايران،
هندستان ۽ منگ چين جي پراڻي دنياواريون سپيتائون هڪ شاندار
اوج ماڻي رهيون هيون، سندن پير ڇهندڙ نقشو نئين سر جڙي رهيو هو.

ورِي به اسين اهو سوال اٿاري سگهون ٿا ته اهو ڪو تاريخي حادثو هو يا طئي ٿيل ڪو امر، پر ايشيائي تاريخ ۾ هڪ ناگهاني لمحي دوران پيش آيو، منگولن جي گرهڻ جو مشاهدو ڪندڙ صديءَ جي پڇاڙ ۾ اوله نئين دنيا 'ڳولهي'



سينٽ جيمس جي ڪيٿيڊرل چرچ ٻاهران گوئٽيمالا مومو‎س ٽيننگو ۾ "اٽ پولڙا" واري تهوار تي هڪ مايائي باهه وارو منتر ساڙيو پيو وڃي. جيئن لاس ڪساس 1542ع ۾ لکيو: "آمريڪا کنڊ جي شاندار دريافت کان پوءِ ٿيندڙ هر ڪا شيءِ ايتري ته غيرمعمولي آهي جو ڪنهن کي به پنهنجي اکين سان ڏسڻ کان سواءِ اعتبار نٿو اچي."

ورتي. جيئن اسين سمجهي سگهون ٿا، اهو اهڙو واضح واقعو هو جنهن تي جديد اوله جي تاريخ جو چرخو بيٺل آهي، اهڙو واقعو جنهن تصور ۾ به نه اچي سگهندڙ اپار آندا ۽ يورپ ڏانهن دولت جي اڻ روڪ ريل پيل جو رستو کوليو. اهو تاريخ جو شايد عظيم ترين واقعو هو، جيئن آدم سمٿ چوي ٿو. ميڪسيڪو کان اندس تائين، يورپ واسين نئين دنيا جي لامحدود وسيلن کي پنهنجي هٿ وس ڪيو، ان جي ماڻهن کي غلام بڻايو ۽ مٿن پنهنجا ديوتا مڙهيا. تاريخ ۾ پهريون پيرو، هڪ سيپتا شعوري طور تي ٻئي کي تباهه ڪرڻ ۽ ميسارڻ جا سانباها ڪيا. ڌرتيءَ تي اُسريل اصلوڪين ۽ آزاد سيپتائن مان به پيرو ۽ وچ آمريڪا واريون يورپ سان تعلق رکندڙ اڳرائي ڪندڙن ۽ سندن حتمي سچ جو شڪار بڻيون.

پڻتي نهارڻ سان اسين هاڻ ڏسي سگهون ٿا ته، سال 1492ع سڄي دنيا جي مقامي ماڻهن لاءِ، اوله جي هٿيارن، مذهب ۽ نظريئي خلاف سندن جوٽيل منظر

جنگ جي حوالي سان انتهائي اهميت وارو هو. اها اولهه جي ثقافت جي انتهائي گهٽي اثر خلاف پنهنجي روايتن، اعتقادن ۽ رواجن، مشاهدي جي پنهنجي انداز تي مستقل مزاج ٿيڻ جي بہ شروعات آهي. پنج سؤ سال گذرڻ کان پوءِ بہ اها جدوجهد جاري آهي. اها سوب انساني جانين جي وڏي شاهي ڪاچ سان گڏ عمل ۾ آئي. ڪولمبس کان پوءِ واري هڪ صديءَ دوران آمريڪا کنڊ جي مقامي آباديءَ جو بہ ڀاڱي تي حصو بيمارين ۽ تشدد وگهي مري ويو. ڪولمبس اسپين جي رائيءَ کي لکيو "اسان جي يورپي سپيتا مقامي ماڻهن جي اونداهيءَ تي روشني ڪندي، اسان پنهنجي لاءِ سون حاصل ڪري سگهنداسين ۽ سون سان اسان دنيا ۾ پنهنجي مرضيءَ سان سيڪجھ ڪري سگهنداسين، گڏوگڏ روحن کي بہ جنت پيڙو ڪري سگهنداسين."

روشن خيالي

نئين دنيا جي دريافت اولهه جي ڪشش ثقل جو مرڪز ميڊيٽرينين واري ان جي پراڻي مرڪز کان هٽائي. اوتر اولهه يورپ جي ساموندي ڪنارن، پروٽسٽنٽ ۽ سرمائيدار هالينڊ ۽ انگلينڊ کي بٽايو. اهو ڪٽي ميجي بہ تہ ان جا اهڃاڻ گهڻو اڳ موجود هئا. اترين يورپي ملڪن، جيڪي ڪڏهن بہ رومي پريا نہ هئا يا هئا تہ بہ مصنوعي طور تي ۽ ڏاڪٽي ميڊيٽرينين ملڪن وچ ۾ فرق يورپي تاريخ ۾ انتهائي اڳاتي فرقن مان هڪ هو ۽ ٻولي، خوراڪ، رواج، فن، مذهب ۽ ٻين ڪيترن ئي معاملن ۾ چٽو پٽو هو. ماضيءَ کي ذهن ۾ رکندي اهو اٽڪر هو تہ اتر اولهه يورپ جا انفراديت پسند رهواسي روم جو روحاني اختيار ٽوڙن ۽ انهن اهو سڌارڪ انداز ۾ ڪيو: برطانيا ۾ پروٽسٽنٽ، هالينڊ ۾ ڪيلون جا پوئلڳ ۽ جرمنيءَ ۾ لوٿر جا پوئلڳ پنهنجي راهہ سان وڌيا ۽ ان سان روم آخرڪار اولهہ تي پنهنجي ثقافتي سرواٽي وڃائي ويٺو. جيتوڻيڪ نئين دنيا ۾ ۽ ڦلهور واري دور ۾ هر هنڌ اهو پنهنجي روحاني سلطنت کي ٻيهر بحال ڪرڻ ۽ ان جي توسيع ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو.

انگلينڊ جي اوير واري ساحل تي مالدان واري ننڍڙي بندرگاهہ تي انفراديت واري دور، پروٽسٽنٽ جو هڪ اهڃاڻ ڪيمبرج ۾ ستارن جي علمن بابت پروفيسر ۽ بعد ۾ دنيا تياڳيل سورهينءَ صدي جي هڪ عالم ٿامس پليوم جي اجا تائين موجود لائبريري آهي. هت انفراديت پسندي ۽ سائنس جي اثر هيٺ اولهہ جي دنيا بابت نقطہ نظر ۾ ايندڙ تبديليءَ جا وڏيڪ چٽا ڏس ٿا ملن. پليوم جا ست هزار ڪتاب اسان کي دنيا تي پنهنجي ڏاڪي پوڻ مهل اولهہ جي

فرانسس بيڪن (1561ع کان 1626ع) جديد سائنس جو پهريون فلسفي. گليلو کان هاڪنگ تائين جديد مباحثا 'نج سائنس' جي اثر تي وڌيڪ زور پرن ٿا پر 'عملي سائنس' اصل ۾ وڌيڪ اهم آهي جيڪا دنيا جي سياسي، اقتصادي ۽ فوجي سرشتن تي ظاهر ٿي آهي. بيڪن 'سائنس جي ڏاڏ ۽ سرواٺي' جو پيغمبر هو.

نئين ۽ سيڪيولر سپيتا جي دانشوراڻي دنيا ۾ پير رکڻ جو موقعو ٿا ڏين. هتي يوناني ۽ عربي سائنس جا ترجما آهن، هڪ ڪائنات بابت گليليو جي تصور ۽ ديڪارت جا انساني جسم جي حيرت انگيز بناوت بابت نسخا آهن، پر نئين سکيا ۾ اهم شخصيت فرانسس بيڪن هو. بيڪن پروڙيو ته ڪهڙي ريت سائنس ۽ ٽيڪنالوجي مستقبل ۾ ڌرتيءَ جي ٻين ماڻهن کي بي دخل ڪرڻ ۽ خود فطرت تي ڪنٽرول لاءِ استعمال ٿينديون. "بيڪن، عظيم ترين سلطنتن جي سياسي اڳواڻن وانگر نئي سکيا ۽ ڄاڻ جي شعبي ۾ جوهر ڏيکاريا." اطالوي فيلسوف ويڪو لکيو، "جن انساني نسل تي پنهنجو بي روڪ اقتدار ماڻيندي ئي پنهنجا وسيلا فطرت سان ٽڪر کائڻ ۾ ڪتب آندا." بيڪن هاڻ ته اسان جي دور جو پيغمبر ٿو لڳي، جنهن اهڙي راهه اڳواٽ چتاوٽي ڏني جيڪا مهاڀاري لڙائين، نيوڪليائي بمن ۽ ماحولياتي گهوٽالي ڏانهن وڃتي هئي.

انهيءَ نئين سائنس جي ڏور رس اثرن کي ٻيڪن ئي سمجهي سگهيو، جيڪڏهن اهو درست هو، جيئن هُن لکيو، ”هاڻ کان انساني معاملن ۾ جيڪو عملي طور تي انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيندو سو ئي نظرئي ۾ سڀ کان درست ليکيو ويندو، پوءِ خود سچ کي مذهب ۽ اخلاقيات جي حوالي سان نه پر ڪارج جي حوالي سان واضح ڪرڻو پوندو ۽ ان ريت ”انسان پاڻ قانون بڻيو،“ جيئن ٻيڪن چيو ۽ ”خدا تي وڌيڪ نه ڀاڙيندو.“ اهو اسان جي جديد اوله جي سائنسي سڀيتا جي بنيادي نظرين مان هڪ آهي، جنهن کي سائنس جي ناليءَ تي سڄي دنيا کي سرنگون ڪري استعمال ڪرڻو هو.

هاڻ اوله جي جيوت کي سائنسي وضاحتن جي عجيب و غريب اهليت واري سلسلي طور ڏسڻ ممڪن هو. خود ڌرتي مقدس نه رهي هئي. هاڻ اهو خلا ۽ وقت بابت اوله جي اپنارن ۽ گرين وچ (لنڊن جو وقت) تي ٻڌل پيهريءَ جي تعين تي ٻي لٽو ۽ اُبر ٿو ٿي. جڏهن چينين کي جيسيوٽ ميٽيورڪيءَ سڄي دنيا جو نقشو پهريون ڀيرو ڏيکاريو ته هو انهن نام نهاد ’وحشين‘ جي جاڻ هٿان دنگ رهجي ويا. ’اوستائين‘ رکي چيو ”هُن چين تائين محدود دنيا جا نقشا جوڙيا هئا.“ پر جڏهن ڏٺائون ته دنيا تمام گهڻي وسيع هئي ۽ چين ته ان جي بس رڳو هڪ ڪُنڊ ئي ٿي والاري ته ان پل اهو ٻه ڄاتائون ته دنيا سچ پچ بدلجي چڪي هئي.

آمريڪا جي آزادي

انهيءَ نئين ڄاڻ جو پهريون سياسي اظهار يورپ ۾ نه پر آمريڪا ۾ ٿيو. هتان جي وسيع ايراضي ۽ گهٽي ڀاڱي ننڍي مقامي آبادي سيٽلر طبقي کي سولائي سان مقامي ماڻهن تي غالب اچڻ ۽ پنهنجو نئون معاشرو اڏڻ جو موقعو فراهم ڪيو. سنڌن پورهئي وارين گهرجن کي آفريڪا سان تعلق رکندڙ غلامن وسيلي پورو ڪيو ٿي ويو. هڪ اندازي موجب سترهين صديءَ جي پڇاڙ کان اوڻويهين صديءَ جي شروعات تائين واري عرصي دوران هڪ ڪروڙ ڏهه لک کان وڌيڪ ڪاري چمڙيءَ وارن آفريڪين کي انهيءَ مقصد ۽ مصنوعات ٺاهيندڙ يورپين جي وڌيڪ نفعي لاءِ جهازن ۾ ڀيڙن وسيلي آندو ويو. اها تاريخ ۾ زور زبردستيءَ سان ٿيل سڀ کان وڏي لڏپلاڻ هئي. ٻيڪن جو خود غرض نقطئه نظر درست ثابت ٿي رهيو هو. غلاميءَ جي ناانصافيءَ کان پلي پٽ واقف جيفرسن، فرينڪلن ۽ سنڌن ساٿين وٽ سبب ۽ آئيندي کي هڪ رخ ڏيڻ لاءِ محدود جمهوريت ۽ سيني لاءِ، جيئن کين اميد هئي، حياتي،

آزادي ۽ خوشيءَ جي هوند جي قطعي پنهنجاپ ۾ پنهنجي اعتقاد کي سچائيءَ پرڀو ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجين لائبررين ۾ بيڪن ۽ هوبس ۽ فرانسيسي نڪور جاگرتا جي سرواڻن جون لکڻيون موجود هيون. اهو يورپ جي غريبن ۽ ڏتڙيلن واسطي هڪ فريبي نظريو هو. سترهين ۽ ويهينءَ صديءَ دوران لکين يورپي خود پنهنجي زندگي ۽ آزاديءَ جي روايتي حدن کان بچڻ جا اهل بڻجي، آمريڪا ۽ دنيا ۾ جتي ڪٿي ٻين ماڻهن جي ديس ۾ ٺانيڪو ٿيا ۽ عالمي تاريخ، آبادي ۽ ماحول جي تناسب کي مڪمل طور تي تبديل ڪرڻ جو سبب بڻيا آهن.

آمريڪا ۾ جڏهن جيفرسن ۽ 1776ع جي انقلابين پنهنجي نئين رعيتي راڄ لاءِ عظيم مُهر جي تدبير تي ڪئي ته هنن ان ۾ ڌرتيءَ تي هڪ نئين نظام جو اعلان ڪندڙ سامراجي روم جي شاعر ورجل کان ورتل مقولو به شامل ڪيو. اڄ به اهو هر آمريڪي ڊالر جي نوٽ تي ڏسي سگهجي ٿو. پر نئون نظام دراصل پراڻي خيالن تي ئي ٻڌل هو. اهو قابض انفراديت پسنديءَ تي ٻڌل هو، جنهن جو چيهه اسين وچئين دور واري يورپ ۾ ڏسي آيا آهيون. اهو اڇي چمڙي، عيسائيت ۽ اينگلو- سيڪسن نسلن جي عظمت وارين دعوائن تي پڻ ٻڌل هو. ملڪيت جي مالڪن ۽ ڌوڪڙن جي ريل پيل ڪندڙن هٿان هلندڙ محدود جمهوريتن جي هٿ وس اهي نظريا اولهه جي طاقت جي يقين ۾ نه ايندڙ ڪاميابين جو بنياد بڻجڻا هئا.

صنعتي انقلاب ۽ عالمي واپار

اوستائين تاريخ ۾ گهڻي ڀاڱي اهم ٽيڪنالاجيڪل پيشقدميون ايشيا کان ئي آيون هيون. سترهين صديءَ ۾ بهترين معيار جو فولاد، بهترين ڪپهه ۽ ڪپڙي جي پيداوار هندستان جي هئي. چين ڊگهي عرصي کان پگهاريل لوهه واري ٽيڪنالوجيءَ ۽ وڏي پئماني تي ٻين اسمن جي پيداوار ۾ سرواڻ هو. پر ارڙهين صديءَ دوران اتر اولهه يورپ جي ساموندي سگهه رکندڙ ملڪن طرفان سمنڊ جي پرجوش استعمال ڪين پنهنجي ديس ۾ صنعتي انقلاب جي پٺڀرائي سان عالمي واپار تي غالب اچڻ جو موقعو فراهم ڪيو. عالمي ثقافت جو هڪ نئون انداز، جنهن ۾ اسان مان گهڻي ڀاڱي اڄ به گهاري رهيا آهن، نمودار ٿيو سو شيون ٺاهڻ واري سرمائيداري، اهڙو سرشتو جيڪو سلطنتن ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ ٽين دنيا سڏجندڙ جي استعمال وسيلي برقرار رهڻو هو. انهن ڏينهن کان، پارٽ جي ميدانن کان وٺي چين ۾ هيڊي نديءَ تائين دنيا جي هر ڪُنڊ ڪڙڇ

۾ صنعتي شهر ڦهلجڻ لڳو. ان جا انسان، ماحول ۽ ساهواري مخلوق تي پوندڙ اثر اچا سوڌو ڳڻجن پيا. اٺويهين صديءَ ۾ پرڏيهي مبصر نئين يورپ جي سورمائي ماديت پرستي کان انتهائي متاثر هئا. ”هي غير معمولي حاصلاتن جا مالڪ آهن. برطانيا ۾ هڪ چيني سفارتڪار چيو هو، ”هنن جي سپيتا جو گُر حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪين وحشي ڪيئن ٿو سڏي سگهجي؟“ ڪجھ پرڏيهين ته معاشري جي انهيءَ انداز جي روحاني اهليت جي حق ۾ دليل ٿي ڏنا. مثال طور هُوشه ان بنياد تي ماديت پرست اولھ جو بچاءُ ڪيو ته اهو چين کان وڌيڪ روحاني هو، ڇاڪاڻ جو ان جا نظريا، ”انساني خوشيءَ لاءِ جاکوڙ ۽ سندن مادي ڇڳ ڀلائي وڌائڻ تي ٻڌل هئا، جيڪي انساندات جي روحاني ضرورتن جون گهرجون به پوريون ڪندا. فلسفي، مذهب ۽ اخلاقيات ۾ ترقي وسيلي اهو مافوق الفطرت مذهب جو اَنت آڻيندو ۽ ماڻهن جي وڏي تعداد لاءِ عظيم الشان خوشيءَ جو باعث بڻيو. هُوشه اهو سڀڪجھ ٻي مهاڀاري لڙائي ۽ نئين چين جي پرتشدد جنم کان اڳ 1920ع واري ڏهاڪي ۾ لکيو. پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سندس خواهش ڪي اچا تائين اولھ ۾ هر هنڌ، اقتداري ايوانن کان اسڪولي ڪلاسن تائين ورجايو ويندو آهي. شايد هو سچو ثابت ٿئي.

موت

سو هاڻ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ اولھ جي تاريخ ڪٿي بيٺل آهي؟ ڇا اسين گهٽي ڀاڱي سڄي دنيا تي اولھ جي قدرن جي سوڀ تي ڳالهائي سگهون ٿا، جيڪڏهن ها ته اها ڳالھ درست به ٿيندي؟ ڪولمبس کان پنج سئو سال پوءِ، اولھ راڄڌاني، في الحقيقت ڌرتيءَ جي گولي جي راڄڌاني، هاڻ نئين عالمي نظام ۾ واشنگٽن آهي. آمريڪا، اونداهن دورن جي اولھ وارن وحشين جي ٻولي، ثقافت ۽ مذهب ونڊيندي سندن وارث آهي. مصري مينارن، رومي ۽ يوناني پوڄاگهرن وارا واشنگٽن جا يادگار، نه رڳو يورپ پر آڳاٽي سپيتائن جي به ميراث تي وارثي جي دعويٰ ٿا ڪن. تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪنهن هڪ قوم جي هٿن ۾ ايڏو گهڻو اختيار نه رهيو آهي. انهيءَ نئين نظام جا نظريا اوترائي معتبر آهن، جهڙا هُوشه ڄاڻايا هئا. اسان کي بس رڳو هڪ تلخ گهرو لڙائي ۾ به يورپي روشن خيالي ۽ فرانسيسي ۽ آمريڪي انقلابن جا آدرش سنڀاليندڙ، ايٿنس ۾ پارٿينن کان متاثر لنڪن جي يادگار ڏانهن نظر ڊوڙائڻي پوندي، لنڪن جنهن جو ايمان هو ته سمورا انسان هڪ جهڙا آهن ۽ ڪين آزادي ۽ خوشيءَ جا به هڪ جهڙا حق حاصل آهن.

”ڪيڏو نہ عجيب آهي“ هڪ هندستاني نقاد لکيو، ”تہ اسان جا جديد اسڪولي ماستر انگريز آهن. جيڪي اولہ جي سمورين قومن جي پيٽ ۾ نظرين جي ڪوڙه ڪان بچڻ لاءِ سڀ ڪان وڌيڪ مزاحمت ڪن ٿا.“

پر اولہ جي ڪاميابيءَ جو هڪ ٻيو پهلو بہ آهي. ويهين صديءَ سڄي دنيا ۾ اولہ جي قوتن هٿان سڌي سنئين يا اڻسڌي جنگين جو اهڙو مشاهدو ڪيو آهي، جن جو مثال ملڻ محال آهي. انهن سمورين ۾ وڌيڪ پيڙا ڀري 1939ع ڪان 1945ع تائين يورپي ثقافت جي مرڪز ۾، ان ملڪ جي لڙي وئي، جنتي اولہ جي سنگيت ۽ فلسفي پنهنجو شاندار ترين اظهار ماڻيو، اها ويڙه (ٻي مهاڀاري لڙائي) نسلي بالادستي جي بگاڙيل نظرين تي ٻڌل سوچ هيٺ لکين ماڻهن جي ڪوس جي هڪ سوچيل سمجهيل ۽ شعوري ڪوشش هئي. اهو ڀوائتو واقعو جنهن اعتقاد يا بيان کي ڪنگال فقير بڻائي ڇڏيو، اهڙو واقعو جيڪو ڪنهن بہ ريت ماضيءَ جي شاندار سپيتائن جي وارثن کي نہ ٿو سونهين. تڏهن کان وٺي دنيا جون ننڍيون ۽ غريب قومون پنهنجو پاڻ کي وڏين طاقتن جي مسلسل تڪرار وچ ۾ ڦهرين ڏکهي ۽ پرتشدد حملي ۽ غارتگيري ۽



مشنري 1898ع ۾ پالڪيءَ سان گڏ. فوڪين ۾ پروٽسٽنٽ مشنرين جي اچڻ سان چين جو پراڻو نقطهٔ نظر جلدي زيردست بڻجي ويو: ”ڪنهن ٻئي درجي وارو ملڪ جنهن جا رهواسي، خدا جي روشنيءَ کان وانجهيل هجن، هر صورت ۾ حقير ليکيا وڃن.“

پوءِ اوتري طول سان ڪين اولهه جي نظرين ۽ سامان جي وڪري جي تحمڪاڻي ڪوشش ڪندي ڏيون ڏسن. انسانذات جي مرڪز آفريڪا کان وٺي ايشيا ۽ آمريڪا ڪنڊ تائين دنيا جون سموريون مقامي ثقافتون اولهه جي اثر هيٺ درهم برهم ٿي ويون. گذريل ٽيهن سالن دوران شاهوڪار ۽ غريب وچ ۾ تفاوت ايجا تائين وسيع ٿي ويو آهي.

جيڪڏهن اسان جي دور اسان کي ڪا ڳالهه سيکاري آهي ته اها هيءَ ته خيالن (Utopia) ۾ اعتبار نه رکڻ گهرجي. پر جيڪڏهن هڪ ’نئين نظام‘ جي ڳالهه جو تعلق ايندڙ صديءَ سان آهي ته پوءِ اسان کي پنهنجي تاريخ ڏانهن نئين سر واجهائڻ گهرجي، ٻين وانگر ني ڏسندي پنهنجي پوين ڏندڪٿائن ۽ پنهنجي پيار سان سانڊيل آدرشن، شايد ايجا تائين خود پنهنجي آزاديءَ واري قياس آرائي تي سوال اٿارڻ گهرجن. شاهوڪار اولهه جي ملڪن ۾ هڪ وڌندڙ ۽ فاصل بيچيني آهي، هڪ احساس ته جيوت بابت اولهه جو انداز، گدلاڻ،

ترقيءَ جو نظريو- وڪٽوريا جي راڄ جي 1887ع ۾ ٿيل جوبليءَ لاءِ ناهيل چٽن ۾ مواصلات ۽ ٽيڪنالوجيءَ ۾ پيشقدمين جو اظهار، اولهه جو تسلط پريو آيار مادي فائدن ۽ ماحولياتي تباهي جو ڪارڻ بڻيو.

ماحولياتي تباهي ۽ انسانذات جي لاڳيتي استحصال سبب پنهنجي سر اخلاقي يا عملي طور تي مددگار نہ رهيو آهي. جيڪڏهن اها بيچيني باجواز آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پوءِ ايندڙ نسل لاءِ اهم سوال انتهائي سولو آهي. ڇا اولهہ جا قدر اڪيلي سر ڌرتيءَ جي گولي جي لاڳيتو تندرستيءَ لاءِ ڪافي آهن؟ اُهي قدر، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، اولهہ جي تاريخ ۾ ڇتاپيا آهن. انفراديت پسندي، اهليت جو تذڪرو، حاصلات جو جنوني شوق سدائين ٻاهر ڏانهن ڏڪيندڙ ”ڪنهن خالي ڪمري ۾ ڪڏهن بہ خوش نہ رهندڙ“ جيئن پاسڪل چيو. تنهن هوندي بہ زندگيءَ جي انهيءَ نقطئہ نظر ۾ پاسداري اولهہ جي حاڪمن جو شيوو آهي، جن جي هٿن ۾ ڌرتيءَ جو مستقبل آهي. پر شايد پنهنجي ڪاميابيءَ مهل اولهہ اُن نڪتي تي رسي ويو هو، جيڪو سمورين سڀيتائن جي جيون ۾ ايندو آهي تہ ڪنهن وڏي حادثاتي مصيبت کان بچڻ واسطي اها ٻين کان سکي پاڻ ۾ تبديلي آڻي. اڄ اسان کي ڌرتي ۽ روح جي جنهن گهوٽالي جي سامهون ڪرڻو پيو پوي، سو هڪ سڀيتا، جيڪا اولهہ جي

پهرين مهاڀاري لڙائي جو ڌڪاءُ اولهه جي غير اولهه واري نظرئي ۾ هڪ تبديليءَ وارو نقطو هو. ”اولهه جي سڀيتا؟“ گانڌيءَ چيو: ”اها چڱو نظريو ٿي پئي سگهي.“



1815ع، دهليءَ ۾ شهنشاهه اڪبر ثاني جي دربار جو جلوس. جنهن ۾ ڏکڻ ٽوپلن وارا انگريز پڻ شامل آهن. ”اوڀر جي وسيع آباديءَ ۾ يورپي سڀيتا جي پکيڙ ڪان حاصل ٿيندڙ اسانجي امڪاني لاڀن جو اندازو تمام گهڻ حد تائين ممڪن آهي.“ ميڪاولي 1833ع ۾ لکيو.

آهي، ان جي انداز سبب پيش آيو آهي. شايد هاڻ جنهن شيءِ جي ضرورت آهي، سا دنيا جي ٻين ماڻهن ۽ ثقافت سان ڳالهيون ڪرڻ جي آهي، ڳالهيون اڳ نظر ايندڙ ڪنهن به شيءِ کان اڳڀريون، ان جي اڳيئي پيش اچڻ جا اهڃاڻ موجود آهن. ۽ جيڪڏهن ڪڏهن به اهڙيون ڳالهيون برابريءَ جي حقيقي جذبي سان ٿيون ته اسان کي ويساهه ڪرڻ گهرجي ته اهي انهن بنيادي اصولن جي آڌار رسنديون جيڪي گهڻو گهڻو اڳ ايڪسس دور ۾ ڪنفيوشس، گوتم ٻڌ ۽ سندن همعصرن آزادي ۽ برابريءَ جون، فرد ۽ جيءَ جون، معقوليت ۽ روحانيت جي ٽڪراءُ ۾ ايندڙ مطالبن لاءِ پيش ڪيا هئا.

جيئن هندستان تمام گهڻو اڳ سيکاريو ته ملڪيت جو نشو اسان کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ اهو ته رڳو انسان جي نه پر سموري حياتي انتهائي مقدس آهي. گهڻو وقت اڳ ني چينين جو اعتقاد هو ته زندگيءَ جو بنياد انسان ۽ فطرت وچ ۾ درست هم آهنگي ڳولهڻ آهي، اهو ته اسان کي ڪنهن فرد جي ۽ معاشري

جي گهرجن جو هر صورت ۾ تناسب رکڻ گهرجي ۽ اهو نه فرد کي محدود پر مفيد وسيلي واري دنيا ۾ خواهشن ۽ حدن کي قبول ڪرڻ گهرجي. اسلامي سپيتام جيتوٽيڪ اولهه ۾ اَويساهو ۽ گهٽ همدردي جو اسم بٽيل آهي، پڻ جديد معاشري ۾ انسان دوست قدرن، جمعيت ۽ روحانيت جي امڪانن ”روايت جي قدر“ بابت دنيا کي سيڪارڻ جو وڏو ست رکي ٿي. اهي عظيم متبادل روايتون اسان جي تباهيءَ پريل صديءَ جي پڇاڙ تي هاڻ اسان سان انتهائي تڪڙ ۾ مخاطب آهن ۽ اهي ڌرتيءَ جي اڪثريتي عوام پاران ٿيون ڳالهائين، سندن ادراڪ زندگيءَ لاءِ اوترائي ڪارائتا آهن، جيترا اڄوڪي دور ۾ برساتي جهنگ، ان حوالي سان اسين انهن کي روح جا برساتي جهنگ سڏي سگهون ٿا.

”سپيتا جو مقصد“ سمورن تاريخدانن مان عظيم ترين ابن خلدون چيو، ”تانيڪو حياتي ۽ عيش ماڻڻ آهي، پر ان جي هڪ حد آهي جيڪا اورانگهڻ نه گهرجي. جڏهن ڪنهن ماڻهو کي خوشحالي ۽ عياشي حاصل ٿيندي آهي ته هو انهن جو وڏيڪ ڪاپو ۽ فضول خرچي ڪندو آهي.“ ان سان، هو چوي ٿو: ”انساني روح دنياوي چڱائي ۽ پنهنجي روحاني حياتي ٻنهي ۾ پنهنجن ئي هٿن سان ڪاٽ ٿو هٽي.“

اُرڪ ڏانهن موٽ

سپيتائن جي بنياد واسطي هن ڳولا ۾ هڪ آخري سفر آهي، شروعات نڪتي، ڏاکڻي عراق باغ عدن ۽ ڌرتيءَ جي پهرين شهر اُرڪ ڏانهن سفر تان. هٽ پنج هزار سال اڳ تڏهن عظيم الشان انقلاب رونما ٿيو جڏهن ماڻهن پهريون پيرو شهر ۾ رهڻ شروع ڪيو، حياتيءَ جو هڪ اهڙو انداز جيڪو اڄ ڌرتيءَ جي وسيع آباديءَ جي زندگين کي انداز ٿو ڏي. هاڻ اُرڪ هڪ اونداهو رڻ آهي، ان جي ماضيءَ واريون زرخيز پنيون ماحولياتي تباهي هٿان ڪنڌر بڻجي چڪيون آهن. اڄ کان پنج هزار سال اڳ واري وقت بابت سوچيندي جڏهن عراق ۾ هٽ پهرين سپيتا اُڀري، اسين انهن شروعاتي انسانن جي تجزبي تي نه رڳو سندن ايجادات واري خصلت تي پر پنهنجي خيال ۾ انساني تاريخ جي سندن پر سڪون اپياس تي، انساني زندگيءَ ۾ جنگ کي واڳه ڏيڻ، عمل ۾ اچي سگهندڙ اخلاقي قانون ۽ سماجي ضابطو هٿ ڪرڻ تي ڌرتيءَ کي محفوظ رکڻ تي ڌندين آگريون ٿا ڏيون. خود اسان پنهنجي دور ۾ خلا ۽ ذهن جي ڪم ڪار کي ڦلهوريو آهي. پر ڪنهن به ريت ڌرتي- ماتا سان آدجڳادي ناهه کان ڪانئس وڏيڪ فرار ٿي نه سگهيا آهيون، جنهن کي سمورن نام نهاد

قديم معاشرن لاپرواهيءَ سان پنهنجي ورتو. پنج هزار سال اڳ، عراق ۾ شهرن جي نمودار ٿيڻ سان انساني نفسيات ۾ هڪ ڏار پوڻ شروع ٿيو. ڪائنات تي علم ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي هڪ بنيادي نئين صف بندي، هڪ تبديل ٿيندڙ عمل جنهن فطرت کان ڌار سڀيتا جي صورت ۾ نتيجو ظاهر ڪيو، جيڪا معاشي ضرورتن تي حل جي محتاج هئي ۽ جنهن ورثاءُ جي پراڻن طريقن جي جاءِ والاري. گذريل هڪ سؤ سالن دوران اولهه جي ڪارڪردگي هيٺ اهو تصور سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو آهي. پنج هزار سال پوءِ به سڄي دنيا ۾ سڀيتا تي درپيش مسئلا اُهي ئي آهن، جيڪي ان جي شروعات مهل هئا: پراڻا سياسي ادارا جن وسيلي اقليت اڪثريت تي بالادستي ٿي رکي، وڏيڪ آبادي، اميرن ۽ غريبن ۾ ڌرتيءَ جي ثمر جي اڻ برابريءَ واري ورڇ ۽ وسيلن جي شاهوڪارن هٿان انتهائي ضايع ٿيندڙ کپت ۽ هاڻ خودمختيار آزاد قومي رياستن جي سخت انارڪي، سکهو ئي تاريخ جي گند جي ٽوڪريءَ ۾ پوڻ لائق نظريو.

سڀيتا جو ورثو، ڏيڍ سؤ کن نسلن جي لنگهڻ کان پوءِ به گلگاميش جو رزميه نظم لکندڙ، اُرڪ جي آڳاٽي شاعر جي سپني واري آهي، جيڪو اسان

هندستاني نوڪرائي ۽ يورپي ٻار. ”هندستاني ڌرتيءَ تي اوڀر ۽ اولهه جو ميلاپ پنهنجي مقصد ماڻڻ ۾ ناڪام رهيو آهي.“ رابندرناٿ ٽئگور 1901ع ۾ لکيو: ”پر سندس شاندار حاصلاتون داد ڏيڻ جوڳيون آهن ۽ سندن سچو پچو سهڪار هڪ عالمي ثقافت لاءِ ضروري هوندو.“



”سمير جي خدائي آدرش جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ مقرر ٿيل وقت کي بدلائڻ لاءِ، طوفان پوڙ جيان ڪڙڪيا آهن.“ ذڪڻ عراق، شهرن جي دل، بهار 1991ع ۾.

جي تصورن ۽ ست پرئي انداز ۾ اسان جي زندگين کي مُڪت ٿو ڪري. هيل تائين واري اسان جي مادي ڪاميابي هاڻ پين ساهدار حياتين جي وجود لاءِ خطرو بڻجڻ لڳي آهي، جن جا پنهنجا حق هاڻ اسان جي گهٽي لباڙ هنيل حقن سان گڏوگڏ اثر انداز ٿيڻ شروع ٿيا آهن ۽ اها هڪ ڳجهارت آهي، جيڪا اسين ايڪويهين صديءَ ۾ پنهنجي ٻارن ۽ سندن ايندڙ نسلن کي ڏئي رهيا آهيون.

آڳاٽي سميرين، پهرين سيپيتا جي تخليقڪارن، پنهنجي بنياد بابت هڪ وٺندڙ ڏندڪٿا ٻڌائي آهي. اهو، سندن چوڻ موجب هڪ شيطاني قول قرار (Bargain) هو. ان انسانذات جا معتبر ترين نظريا ته آڇيا پر تشدد، هيڄ ۽ تباهي به آندائين. اها ئي سيپيتا آهي، سميري ڏاهپ جو ديوتا، اُرڪ جي انانا کي ٻڌائي، جيڪا اها ڳالهه پنهنجي شهر ڏانهن کڻي وئي ۽ ان ريت دنيا سان

وندي ائين ته جيڪڏهن تون ان مان جو لاڀ پرائڻ چاهين ته پوءِ ان جون سموريون وصفون ڪنهن دليل ڏيڻ کان سواءِ قبول ڪرڻيون پونديون؛

”... سگهاري هٿ جو فن،
رياڪاريءَ جو فن،
سڌوسنواٽو هٿ جو فن،
شهرن جي تباهي،
آه و زاري ڪرڻ،
دل جي سُرهائي.

وادي جو هُنر،
ٺانٺاري جو هُنر،
ڪاتب جي ڪرت،
سوناري جو هُنر،
تير/ بانسري ٺاهيندڙ جو فن.

... ٻاجهارو ٽيڻ جو فن،
باھ دڪائڻ...
ٽڪيل ٻانهن،
ٻڪايل وات،
جُڙيل ڪٽنب،
پيدائش...

... دپ، گهٻراهٽ، دهشت،
عداوت جي باھ،
دل جي تڪسين...
اِهي سموريون شيون
توکي ڏيندس، او مقدس انانا!
ان تي ڪو ڦڏو نه ڪنداسين،
پر هڪ پيرو ماڻڻ تي
تون اهي واپس موٽائي نه سگهندين.“

مددگار مواد

هيءُ ڪتاب فلمي اسڪرپٽ تان اخذ ڪيو ويو آهي ۽ فلمن لاءِ لکڻ ڪتابي سلسلي لاءِ لکڻ کان بنھ مختلف آهي. هن قسم جو ڪتاب پڙهندڙن کي ڪجھ ٻين پاسن ڏانهن نهارڻ تي هرڪائڻ جي اميد ڪري سگهي ٿو، خاص طور تي اهڙن عالمن ڏانهن جن جي لکڻين تي هن ڪتاب جو گهڻو ٿڪو دارومدار رهيو آهي، عالم جهڙوڪ چين بابت: سائمن ليئز، ريمنڊ ڊاسن ۽ ٿيوبور دي بيري، مصر بابت: بيري ڪيمپ، هندستان بابت: ٽي ايف مدن. ان ريت مددگار مواد جي فهرست ۾ اُهي اهم ڪتاب شامل آهن، جن کي مون ڪارائتو ۽ دلچسپ پاتيو.

عراق

عراق تي هوندءَ تہ ڪو چڱو سونهون ڪتاب (Guide Book) ناهي. (پراڻو Guide Bleu اجا تائين بهترين آهي)، پر هتان بابت هڪ شاندار نقش وارو ڪتاب ايمر رئوف جو A Cultural Atlas of Mesopotamia 1991ع ۾ ڇپيل آهي. سياحن جي قصن لاءِ ايف اسٽارڪ جا Baghdad Sketches (1937ع) ۽ East is West (1945ع)، اي ايس اسٽيونس جو By Tigris and Euphrates (1922ع)، ڊبليو ٿيسگر جو The Marsh Arabs (1964ع)، جي ميڪس ويل جو A Reed Shaken by wind (1957ع)، جي ينگ جو Return to the Marshes (1977ع) ڏسڻ گهرجن. ڪيترن ئي وڏيڪ قديم احوالن ۾ ڊبليو لوفٽس جو Chaldea and Susiana (1857ع) شامل آهي. بنيادي تاريخ لاءِ جي رائوڪس جو Ancient Iraq (پينگوئن جو 1980ع ۾ سهيڙيل) مناسب آهي. عراقي پراڻن آثارن جي رومانوي داستان کي سيٽن لائيڊ جو Foundations in the Dust (1980ع ۾ سهيڙيل)، آڳاٽي مذهب تي ٽي جيڪبسن جو The Treasures of Darkness (1976ع) شاندار اخذ ڪيل نتيجو آهي. ايس اين ڪريمر جا History Begins at Sumer (1981ع ۾ سهيڙيل) ۽ The Sumerians (1963ع) اڃا تائين ڪلاسڪ آهن. اُرڪ، اريدو، اُر، نيپور وغيره ۾ ٿيل کوٽاين جا تفصيل انهن کان سواءِ ايس لائيڊ جي The Archaeology of Mesopotamia (1978ع) ۾ ملن ٿا. سميري ادب ۽ شاعري تي ٽي جيڪبسن جو The Harps that once... (1987ع) ۽ ايس ڊيلي جو Myths from Mesopotamia (1989ع). اسلامي دور جي عمومي اڀياس لاءِ هڪ سٺو تعارف اي هئوراني جو

A History of Arab Peoples (1989ع). وچٿين دور جي بغداد تي جي منڪدسي جو The Rise of Colleges (1981ع)، ايم جي ايل ينگ ۽ جي ڊي لاٿن جو سهيڙيل ۽ ڪمبرج جو 1990ع ۾ ڇپرايل Religion, Learning and Science -The Abbasid Period بغداد ۽ بصري جي صوفين بابت چڱا تعارف، جي بالڊڪ جو Mystical Islam (لنڊن 1989ع) ۽ اي شمل جو Mystical Di- mensions of Islam (1975ع) آهن. ايم مومن جو Shi'i Islam (1985ع) شيعيت جو چڱو تعارف آهي، پر شيعا ريتن رسمن لاءِ پڙهندڙ کي وڌيڪ پراڻا مواد جهڙوڪ اي ايس اسٽيونس يا ڊي ڊونالڊسن جو The Shiite Religion (1933ع) ڏسڻا پوندا. مينڊيائنس بابت اي ايس ڊراور جو The Mandaeans of Iraq and Iran (1962ع) ۽ ڪي رودولف جا Mandaeism (1978ع) ۽ Gnosis (1987ع) جنهن ۾ مانيڪن بابت پڻ هڪ ڪارائتو تعارف ڏنل آهي. سڄي عرصي بابت شاندار سونهون پيٽر براؤن جو The World of Late Antiquity (1971ع) آهي. جي ايم ويگ اسٽاف جو The Evolution of Middle Eastern Land scapes (1985ع) تاريخ ڪان اڳ واري دور ڪان وٺي اڄ تائين جي ملڪي تاريخ تي هڪ مک ڪوشش آهي.

هندستان

هندستان تي هڪ شاندار پيپر بيڪ ڳٽڪو Sources of Indian Tradition (1988ع ۾ اي ٽي ايمبري جو سهيڙيل) آهي. بهتر عمومي تعارف لاءِ آر ٿاپر جو A History of India (پينگوئن 1966ع). تاريخ ڪان اڳ واري دور تي بهترين سونهون بي ۽ آر ايلچن جو The Rise of Civilisation in India and Pakistan (1982ع) ڪلاسڪ بيان سرجان مارشل جو (1931ع) Mohen jo Daro and the Indus Civilsation. هندستاني فن تي آرٽس ڪائونسل آف گريٽ برٽين جو In the Image of Man (1982ع) سي ٽيبڊ جل جو. The History of Architecture in India (لنڊن 1990ع) سيرا مورتي جو South Indian Bronzes (1981ع جي ڊيلي جو سهيڙيل)، ايس ڪرامرش جو The Art of India (فنڊون 1954ع)، پي چندرا جو The Sculpture of India 3000 BC-1300-AD هارورڊ يو پي (1985ع) وي ڊيهيجيا جو Art of the Imperial Cholas (1990ع)، سي بئلي جو سهيڙيل The Raj: India and the British 1600-1947 (1990) پي مٽر جو Much Maligned Monsters (1977ع) هندستاني فن تي اولهه جو رد عمل جاچڻ لاءِ شاندار مواد آهي.

هندومت تي عمومي تعارف جي بروڪل بينڪ، آر زاهينر، ايم بناڙديو ۽ ڪي سين جي لکيل سميت انيڪ مواد آهن، هندو بت پرستيءَ جو شايد بهترين تعارف اي ڊينئلو جو The Gods of India (1985ع) آهي. هندستاني مذهب جي وسيع تر سوالن تي هڪ شاندار سونهون تي ايف مدن جو سهيڙيل Religion in India (1991ع) آهي. ياترائن ۽ تيرٿن تي انيڪ مواد آهن، جن مان ڊي ايڪ جو Benares, City of Light (1983ع) ايس ايم ڀيردواج جو Hindu Places of Pilgrimage انتهائي دلچسپ ۽ معلوماتي آهن. ٻولي ۽ آريائي سوال تي جي پي ميلوري جو In Search of Indo-Europeans (1991ع)؛ دراوڙي ٻولي ۽ لکت تي ڊي، ڊي ميڪ ايلپن جو Transactions of the American Philological Society (جلد 71 صفحو-3 1981ع) آهن. سنسڪرت ٻوليءَ جو شاندار تعارف ايم ڪوسن جو Teach Yourself sanskrit (1976ع) آهي. هندستان بابت بهترين سونهان ڪتاب پراڻي جان مري سيريز آهي، Lonely Planet ڪارائتي گائيڊ آهي. ازابيل شا جي Pakistan Hand Book (1989ع) سنڌوءَ جي علائقي لاءِ بهترين آهي.

چين

چين تي 1960ع ۾ ڊي بيري جو سهيڙيل Sources of Chinese Tradition شاندار ڳٽڪو آهي. ريمنڊ داسن جو Imperial China (1964ع) پڙهڻ جوڳو ۽ انسان دوست تعارف آهي، سيمن ليٽز جو The Burning Forest (1988ع) چين جي ”عظيم روايت“ جي جديد ياڳ بابت شاندار سونهون آهي. آر ڊواسن جو سهيڙيل The Legacy of China (آڪسفورڊ 1972ع) تاريخ، فن، سائنس ۽ ادب تي مضمونن جو ڪارائتو ڳٽڪو آهي، ڊبليو جي بيسلي ۽ اي جي پليبلينڪ جي Historians of China and Japan (1961ع ۾ سهيڙيل)، ڊي نيوسين جي The Life and Thought of Chang Hsueh Cheng (1966ع) ايم سوليون جي A Short History of Chinese Art (1967ع)، ڊبليو واٽسن جو Ancient Chinese Bronzes (1977ع ۾ سهيڙيل) جي نيڊهم جي سهيڙيل Science and Civilisation in China (ست جلد 1954ع) ڌانهن متوجه ٿو ڪري. چين جي تاريخ کان اڳ واري دور تي تازي سروي بابت لي چي جو Anyang (1977ع)، ڪي سي چانگ جو Archaeology of Ancient China (1986ع ۾ سهيڙيل)؛ Shang Civilisation (1980ع) آهن. پائول انشلب جو Medicine in China (1985ع) شانگ کان ويهين صديءَ تائين شاندار سروي آهي. خوراڪ تي ڪي سي چانگ جو

سهيڙيل Food in Chinese Culture (1977ع) پڙهڻ وٽان آهي، سنگ ڪئفنگ جو هڪ اهم پهلو ان جي هوٽلن واري ثقافت هئي. دنيا جي قديم ترين ريسٽورنٽ ڪئفنگ ۾ مايوزينگ جي ڊونگي واري ڪڪڙ هائوس ڪي ليڪيو ٿو وڃي.

ڪنفيوشس ۽ ٻين شروعاتي فلسفين جي پيپربيڪ ۾ موجود انفرادي لکڻين ۽ ٽانگ شاعرن جي ڳڪٽن جو ذڪر ڪرڻ سج ڪي ڏيئو ڏيکارڻ برابر ٿيندو، انهن سمورن ۾ موتي جيان جرڪندڙ اي سي گراهم جو سهيڙيل Late Tang Poets (پينگوئن 1965ع) آهي. گهڻي ڀاڱي عظيم سونگ ليکڪن جي انگريزي ۾ نمائندگي نه هئڻ برابر آهي، پر آر ايگن جو Literary Works of ou-Yang Hsiuh (1007-72) اها وڏي وٿي ڀرڻ ۾ مدد ٿو ڏي. چين سان يورپي ناتن تي نيجل ڪيمرون جو Barbarians and Mandarins (1989ع) ۾ سهيڙيل) ۽ جيرومي چن جو China and the West (1979ع) آهن. بعد واري چيني تاريخ تي پڙهڻ جوڳي سروي جي. اسپينس جو The Search for Modern China (1990ع) آهي. نه رڳو چين ۾ شهرن جي بنياد پر هن ڪتاب جي هر باب، سان واسطيدار پائول ويٽليءَ جو The Pivot of the Four Quarters (1971ع) آهي. اٽلسن ۾ سي بلنڊن ۽ ايمر ايلوِن جو سهيڙيل A Cultural Atlas of China ۽ اين سيوين، ايف وود، پي بروڪ ۽ سي رونان جو سهيڙيل The Contemporary Atlas of China (1988ع) شاندار آهن. آخر ۾، چيني عظيم روايت جي اُتساهيندڙ جائزي لاءِ، ٽي ڊي بيري جو East Asian Civilisations (1988ع) جنهنجي آخري باب منهنجي نقطهٔ نظر، زينگ هيءَ جي سفر تي، جوڙڻ ۾ مدد ڪئي. ايف ووڊ جو Blue Guide to China پڻ اپياس جوڳو آهي.

مصر

مصر بابت ڪيترائي چڱا عمومي تعارف جهڙوڪ، ٽي جي ڄي جيمس جو Ancient Egypt (1988ع) ۽ بئينس ۽ جي ميلڪ جو The Atlas of Ancient Egypt موجود آهن. هيءَ فهرست شروعاتي ۽ پوئين دور تي دارومدار رکي ٿي، ان ڏس ۾ ايمر هفمين جو Egypt before Pharaohs (1986ع) ۽ والترايمري جو Archaic Egypt (1961ع) بي مثل آهن، ان کان سواءِ بيري ڪيمپ جو عمومي جائزو Ancient Egypt: Anatomy of a Civilsation (1980ع) آهي.

يوناني دور لاءِ ايلن بومين جو Egypt after the Pharaohs (1986ع) ۽ جي بوور اسٽاڪ جو Hellenism in late Antiquity (1990ع) آهن. گارٿ فودين جو The Egyptian Hermes (1986ع) مصري بُت پرستيءَ جي پڇاڙ بابت چڱو اپياس آهي. مصر جي شروعاتي صوفين ۽ ڪيميادانن بابت شمل جو Mystic

Dimension of Islam ڏسڻ گهرجي. اين ليوس جا ٻه شاندار اپياس Greeks in Ptolemaic Egypt (1986ع) ۽ Life in Egypt under Roman Rule (1983ع) ٻ آهن. پوئين دور جي فن بابت هڪ شاندار نمائشي ڪيٽلاگ بروڪلين ميوزم جو 1988ع وارو Cleopatra's Egypt آهي. آڳاٽي رسمن جي بقا ني اي ڊبليو لين جو The Modern Egyptian s (1836) ۽ آر ڊيوڊ جو The Ancient Egyp-tians (1982ع) آهن. مصر بابت بهترين گائيڊ بڪ اچا تائين پراڻا بائڊيڪرس ئي آهن.

وچ آمريڪا

وچ آمريڪا بابت ڪيترائي مشهور مواد موجود آهن. اين هيمنڊ جو Ancient Maya Civilisation (1982ع) ۽ جي ڊبليو ڪونرڊ ۽ اي اي ڊيمارسٽ جو Relig-ion and Empire (1984ع) انتهائي شاندار آهن، ساڳي ڳالهه ايم ڪوئي، ڊي سنو ۽ اي بينسن جي Atlas of Ancient America بابت چئي سگهجي ٿي. ماضي ۽ حال کي جوڙيندڙ ٻه ڪيترائي ڪتاب آهن، جن ۾ ڪي پيئرسي جو The View from the Top of the Temple (1984ع) باربرا ٽيڊلاڪ جوTime and the Highland Maya (1982ع) ۽ بي اين ۽ ايل ايم ڪولبيءَ جو The Day Keeper (1981ع) شامل آهن. اسپيني اثر تي آءِ ڪليندائين جو Ambivalent Conquests (1987ع) ۽ اين ايم فارس جو Maya Society under colonial Rule (1984ع) ڪيترن ئي ڪتابن مان هڪ آهي. بيلز، گوئٽيمالا ۽ ميڪسيڪو جي سياحتن تي تازو ئي هڪ شاندارڪتاب رونالڊ رائيٽ جو Time Among the Maya (1989ع) سامهون آيو آهي، جيڪو مايا ڪائنات جي ڳولا تي اُسهندڙ سمورن کي پڙهڻ گهرجي. آخر ۾ ڊينس ٽيڊلڪ جي ايندرس زلوج جي مدد سان ڪيل مايائي پراڻي عهد جي پهرين ڪتاب Popol Vuh جو 1985ع وارو ترجمو ضروري آهي.

وحشي يورپ

اولهه بابت ڪتابن جي چاڻيٽي ڏيڻ مون ضروري نه سمجهي هئي، پر The Times Atlas of World History ۽ Past World: The Times Atlas of Archaeology (1988ع) خيالن جا مستقل ذريعا آهن. آءُ آخري لفظ چنگ هسيوئي چنگ تي ٿو ڇڏيان، جنهن 1797ع ۾ لکيو هو: ”هڪ صدي پوءِ اسين به ماضيءَ جا ماڻهو هونداسين. پوءِ اچو ته پنهنجو پاڻ کي سنڌن جاءِ تي رکون. پوءِ اسان لاءِ اهو وکر ڪيئن هوندو؟“

مهڪتا

هي ڪتاب اڪيچار سالن جي سير سپاٽي جو ثمر آهي. انهيءَ مسرت ڀريءَ سفر ۾ جن ماڻهن مون سان سهڪار ڪيو، تن جا ٿورا نه مڃڻ بي واجبي ٿيندي. سفر جي شروعات عراق کان ٿئي ٿي، جتي ڪامل علون شهاب (Kamil Alwan Shihab) جي ساٿ ۾ ڪيترائي هفتا رهيس ۽ سندس شگفته طبيعت ۽ ملڪ بابت ڄاڻ مان لاڀ پرائيندو رهيس، انهيءَ سان گڏوگڏ اسان جي ڊرائيورن مڪلس (Mukhus)، مرسن (Mersin) ۽ فلاح (Falah) جي لاڳيتي سارسنڀال ۽ دوستيءَ مان پڻ مزو ماڻيو. وارڪا (Warka) واري سفر ۾ نه وسرندڙ يادگار ڏينهن ۾ مهر ابو گمر (Muhar Abu Gumar) جو ساٿ؛ موصل (Mosul) ۾ ڊاڪٽر جوزف هبي (Dr. Joseph Habbi) ۽ اربل (Irbil) ۾ ملا خاندان سان ملاقات وسارڻ جوڳي ناهي. لڪين قرب ۽ واقايون ڪربلا جي مذهبي اختياريءَ وارن لاءِ جن سهڪار ڪيو، خاص طور تي بغداد جي گيلاني خاندان جا ٿورا، جنهن پنهنجين وڏين درگاهن ۽ انهن جي لائبريرين ۾ وڃڻ، گهمڻ ۽ مطالعي ڪرڻ جي اجازت ڏني.

بغداد ۾ مينڊيئن ڪميونٽيءَ جي اڪٽ مهمان نوازيءَ موهي وڌو، ساڳو ئي حال شيخ ادي (Sheikh Adi) جي يزيدن جو هو، جن هوادار ڪليل ڪمري جي هڪ آئيڊيل هنڌ تي مون کي انتهائي بهترين ماني کارائي، جنهن کي آئون ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. مان بغداد ۾ آمريڪي ۽ برطانوي اسڪولن جي سهڪار جو ٿورائتو آهيان: خاص طور تي ٽوني ولڪنسن (Tony Wilkinson) ايريڪا هنٽر (Erica Hunter)، جيريمي بلئڪ (Jeremy Black) ۽ جارجينا هرمان (Georgina Hermann) جو؛ انهيءَ کان علاوه پروفيسر آر بوهمر (Prof. R. Boehmer) جو پڻ. سڄي عراق ۾ وسيل ڪيترن ئي دوستن خلوص ڀريي ۽ بي غرض مدد ڪئي. خاص طور تي ڊاڪٽر لاميا الگيلانيءَ (Dr. Lmia Al-Gailani) جو نالو ڳڻائيندس.

انڊيا ۾ ڀريائين تامل نادو ۾ پير پاتو؛ مان مدراس ۾ تنجور (Tanjore) جي ڊائريڪٽرن جو ٿورائتو آهيان؛ ايم ناگ رتينم (M.Nagaratinam) ۽ سندس خاندان جو، جن پنهنجي دوستي ۽ مهمان نوازيءَ جو تسلسل برقرار رکيو ۽ تامل جي مذهبي هنڌن جي رولاڪيءَ دوران پڻ گڏ گڏ رهيا؛ چدام برم ۾ آر اين ڊڪشٽر (R.N. Dikshithar) ۽ نٽارجا (Nataraja) مندر جي سڀني ڀائيڙن جو ٿورائتو آهيان؛ مادوراءِ (Madurai) جي مناڪشي مندر جي مندر سنڀاليندڙن جي خصوصي مهربانيءَ جو ٿورائتو آهيان؛ انهيءَ کان علاوه

جمبو ڪيسورا (Jambukesvara) ۽ رام نات سوامي (Ramanathasvami) مندرن جي ڪاميٽين جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن غير هندو مقبرن ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني.

ڪونيري راجا پُرم (Konerirajapuram) جي وڏي پوڄاري ايس نٽارجن (S. Natarajan) جا ٿورا؛ تروورر (Tiruvarur) ۾ ٿيا گرجا (Thyagaraja) مندر جي پوڄارين جا ٿورا ٿو مڃان؛ مدراس ۾ ايس ڪانن (S.Kannan) ۽ سُشيلا رويندرنات (Sushila Ravindranath) جا ٿورا هميشه ياد رهندا. ڪلڪتي ۾ ايشياٽڪ سوسائٽي جي اسٽاف اسان کي پوڄه نه سمجهيو، تنهن لاءِ مهرباني- رهيل ٿورا جيوتي مايا دت (Jyoti Maya Datta) ۽ سندس خاندان جا به مڃان ٿو جنهن وڏي اڪير سان آجيان ڪئي.

بنارس ۾ ريٽائرڊ ڪرنل وي پي سنگھ (Col. V.P. Singh (Retd.) جو خصوصي طور تي شڪرگذار آهيان، جنهن پنهنجي شهر بابت مثالي رهنمائي ڪئي ۽ پنهنجي خانداني روايتن بابت يادگيريون ونڊيون؛ گنيش پانڊي (Ganesh Pandy) ۽ ان جي خاندان جو به ٿورو ميڃان ٿو، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ٽي صديون مهنتءَ رهيا. اله آباد ۾ مان رستم (Rustom) ۽ شيرناز گانڌي (Shernaz Gandhi) ۽ سندس اسٽاف جو شڪرگذار آهيان، جن اسان جي مدد ڪئي ۽ وڏي جاڪوڙ ڪان پوءِ اسان کي هوٽل فنارو (Finaro) ۾ جڳھ ونڌي ڏني، جيڪو بلاشڪ انڊيا جي بهترين هوٽلن مان هڪ آهي. پاڪستان ۾ آئون آرڪيالاجيڪل سروس ۽ سياحت واري وزارت وارن جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن موئن جو دڙو گهمڻ دوران منهنجو اوسيئڙو ڪيو ۽ سار سنڀال لڌي.

چين جي قوفو (Qufu) شهر ۾ جناب گئو (Mr. Guo) سان ڪنفيوشس (Confucius) جي جنم پونءِ ۽ پراڻي ۽ جديد تاريخ بابت گهري ڇاڻ مان لاڀ پرايو. زيان (Xian) شهر ۾ لائو ڪنگ (Lao Kung) ۽ مسز سيوئن (Ms. Suen) جا ٿورا ميڃان ٿو. جڏهن لائوڪنگ اسان کي جون جي گرم مهيني ۾ هيڊي ڊنڊ گهمائڻ هليو، تڏهن اسان جي ڊرائيور جناب يو (Mr.Yu) جي بي پناهه حوصلي ۽ مزاحيه ڳالهين ڪلائي ڪلائي ڪيرو ڪري ڇڏيو. اهي ڳالهيون وسرڻ جوڳيون ناهن؛ زيان شهر ۾ وڏي مسجد جي امام جي مهمان نوازي ۽ ڏاهپ پڻ وسارڻ جهڙي ناهي. زنگ جيوس (Xingjiose) خانقاه جي مهنداريءَ جا ٿورا؛ سام ليو (Sam Lieu) ۽ پيٽر بريڊر (Peter Bryder) جا ٿورا، جنهن مون کي ڪوئن زوءَ (Quenzhou) ويجهو دنيا جي آخري مانيڪيئن مندر

ڪائوئن (Cao'an) مندر ڏانهن موڪليو؛ ان يانگ (Anyang) جي يانگ هي چنگ (Yang Hsi-chang) جو ٿورائتو آهيان.

تائي آن (Tai'an) ۾ تائيشان (Taishan) هوٽل جي مينيجر ۽ اسٽاف جي مهرباني؛ پر سينئي ڪان وڌيڪ مان هي يوگزي (He Yuxie) جا ٿورا مڃان ٿو، جنهن 1990ع واري منهنجي چين ياترا کي يادگار بنايو.

آئون مصر جي شهر لڪسر (Luxor) ۾ رهندڙ حامدي محمد موسيٰ (Hamdi Mohammad Mosa) ۽ سندس گهروارن جو خصوصي طور تي ٿورائتو آهيان، ساڳئي خصوصي مهرباني حجاج السنوئسي (Haggag el Sa-nousy) ۽ محمد خالد ابو زيد(Mohammed Khalid abu Zed) ۽ سندس گهروارن جي بي مثال مهمان نوازيءَ ۽ آدرڀاءُ لاءِ ادا ڪيان ٿو. لڪسر ۾ فرعونز (Pharaohs) هوٽل وارن جي اسٽاف جون پڻ مهربانيون جن طويل قيام دوران سٺي سار سنڀال لڌي. لڪسر ۾ ابو الحجاج (Abu'l Haggag) جي مسجد جي سارسنڀال ڪرڻ وارن واسطيدارن جا ٿورا؛ سينٽ پال (St. Paul) خانقاه جي راهبن ۽ پادرين جا ٿورا؛ قاهره (Cairo) جي الازهر (Al Ahzar) مسجد جي مذهبي واسطيدارن جو ٿورائتو آهيان.

وچ آمريڪا (Central America) ۾ جم ڪون راءِ (Jim Conroy) گوئٽي مالا (Guatemala) ڪان اسان جي سفر جي شروعات دوران جيڪي ڪجھ هن ڪي سمجھ ۾ آيو، مون کي ٻڌائيندو ويو ۽ پنهنجا تجربا ونڊيندو رهيو تنهن لاءِ ٿورائتو آهيان؛ بيريو سينٽ ازابيل، مومونسٽينانگو (Barrio St Isabel, Momostenango) جي آندري زلوج (Andres Xiloj) هن پرديسيءَ کي اوچي مايا (Highland Maya) جي ريتن رسمن ۽ ثقافت کي وڏي فراخ دلي سان ڏيک ڏيکاريو، جنهن لاءِ مان سندس هميشه احسانمند رهندس. پروفيسر ڊينس ٽيڊلوڪ (Professor Denis Tedlock) اسان جي ميٽنگ ممڪن ڪرائي. گوئٽي مالا ۽ هونڊراس (Honduras) جي آرڪيالاجيڪل سروسز پاران خاص طور تي سهڪار ۽ لياقت پريو رويو اپنايو ويو. گوئٽي مالا جي رستي تي ويندي وني (Vinny) جا ٿورا، جنهن مضبوط ٿاور جيان منهنجو ساٿ ڏنو.

ميڪسيڪو (Mexico) مان پروفيسر رابرٽو گيلي گوس (Professor Roberto Galliegos) جا ٿورا مڃڻ نه وساريندس، جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڏنو ۽ ٽيوٽيهيوئيڪن (Teotihuacan) بابت ڄاڻ ڏني ۽ مقدس غار ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني. يورپ (Europe) ۾، روم (Rome) جي ڊاڪٽر گياني پونٽي (Dr.

(Gianni Ponti جا ٿورا ٿو مڃان ۽ ايٿنس جي هارا پالاندي (Hara Palamidi) مائران پاپا ڊڪس (Myron Papadakis) پنهنجي دوستن ۽ سونهن جا وڏيڪ ٿورا ٿو مڃان.

سينٽرل ٽي وي (Central T.V) جو رچرڊ ڪريسي (Richard Creasey) ان پروجيڪٽ کي ”واحد پيش ڪندڙ“ هيو ۽ روجر جيمز (Roger James) انهن ماڻهن مان هيو، جيڪي جوش ۽ خلوص سان سرشار، هلندڙ ڪم کي ڏسندا آهن ۽ اهڙا ماڻهو دنيا ۾ ڏاڍا گهٽ هوندا آهن، انهن پنهنجي جا آئون ٿورا مڃان ٿو. ايٽلانٽڪ (Atlantic) جي ٻئي پاسي ميري لينڊ پبلڪ ٽي وي ۽ (Maryland Public TV) جو ليو ايٽن (Leo Eaton) هو، جيڪو پروجيڪٽ جي مضبوط حامين مان هو. ۽ هر وقت سوال پڇندو رهندو هو. ايڊيٽنگ جي ڊگهي عرصي وچ ۾ اهي سوال پڇڻ جي ڪيس انهيءَ ڪري ضرورت پوندي هئي جو سندس دل ڪنهن ٻئي هنڌ هوندي هئس؛ ليو (۽ جيري (Gerry) جا پيهر ٿورا ٿو مڃان. مان واشنگٽن ۾ پبلڪ ٽي ويءَ جي جينيفر لاسن (Jennifer Lawson) جو بہ انتهائي شڪرگذار آهيان، جو ڪيس پروجيڪٽ تي ويساهه هيو. ”ورثو“ (Legacy) فلم ٺاهڻ واري عملي ۾ ٽي اهم ماڻهو هيا، جن جا نالا پيٽر هاروي (Peter Harvey) لائنيٽ فريون (Lynette Frewin) ۽ مائيڪ ڪليڊن (Mike Claydon) آهن.

اسان جيرو (Jarrow) کان بغداد (Baghdad) تائين فلم بندي ڪندي ڏکڻ چين (South China) ڏانهن وڌياسين. مون کي اطمينان جوڳا اُهي لفظ نٿا ملن جن سان سندن فن، سگهہ ۽ سٺي مزاح بابت تعريفي اکر لکي سگهان. سنجيو تلريجا (Sanjiv Talreja ۽ فريڊي جارج (Fredy George) انڊيا جي قسط فلم بند ڪندي پنهنجو ڪم شاندار طريقي سان انت تي پڄايو؛ ساڳيءَ ريت ميري لينڊ پبلڪ ٽي ويءَ جي ري ڪاواٽا (Ray Kawata)، بل بيل ميئر (Bill Bealmear) ۽ ڪيرول ايورسن (Carole Everson) وچ آمريڪا (Central America) جي فلم بندي سٺي نموني مڪمل ڪئي. انهن سڀني جا ٿورا مڃان ٿو. هال لنڊس (Hal Lindes) ۽ ايڊ وائن (Ed Wynne) جا ٿورا جن موسيقي ترتيب ڏني. فلم ايڊيٽنگ مارڪ (Mark) ۽ پال برائون (Paul Brown) ۽ اسٽيفن گرفٿس (Stephen Griffiths) ڪئي. سندس ايثار ۽ فن ۽ اهڙي قسم جي ڊگهي ايڊيٽنگ هڪ وڏي ڪارنامي مثل آهي. تن جا آئون ٿورا مڃان ٿو.

مون کي هن ڪتاب جي ايڊيٽر جوليا وگ (Julia Wigg) جا بہ ٿورا مڃڻ

گهرجن، جنهن جو قيمتي سهڪار هن ڪتاب جي مسودي ڪي جوڙڻ ۽ ترتيب ڏيڻ ۾ شامل رهيو. آخر ۾ آئون انهن ٻن ماڻهن جا ٿورا مڃڻ چاهيان ٿو، جن سان پچاڙيءَ جا چار سال مون ”ورٿو“ سيريز جي تياري، فلم بنديءَ ۽ ايڊيٽنگ جا گذاريا. انهن مان پهريون نالو پيٽر اسپراءِ ليورٽن (Peter Spry-Leverton) جو آهي. جنهن فلم ڪي وڏي مهارت سان پروڊيوس ۽ ڊائريڪٽ ڪندي، ايتري سڪون جو مظاهرو ڪيو جو جڏهن ڪيس فلم ڪي سيڪيورٽي واسطيدارن پاران تباهه ڪرڻ جون ڌمڪيون مليون، تڏهن به هو ڪونه ڊنو، هن ڪان سواءِ ”ورٿو“ (Legacy) اسڪرين تي نه اچي سگهي ها. ٻيو نالو ايسوسي ايٽ پروڊيوسر ۽ تحقيق ڪندڙ ڪرس ليجر (Chris ledger) جو آهي، جنهن اڻ ڪٿندڙ حمايت، جوش جذبي ۽ خوشيءَ سان پنهنجو خصوصي فن ڏيکاريو. جڏهن اهڙي جوکم ۾ اهڙا به جوڌا شامل ٿيندا ته انهيءَ جو تصور ڪرڻ به مشڪل هوندو، انهن ٻنهي جا دل جي گهرائيءَ سان ٿورا مڃان ٿو!

جي پُر اسراريت بابت سر مورٽيمير
وهيلر جي خوشگوار نثر پڙهڻ تي پڻ
پيش آئي هئم. بعد ۾، شاگرد طور
منهنجو پوسٽ گريجوئيٽ تحقيقي
ڪم اينگلو - سيڪسن انگلينڊ بابت
هو، پر آڳاٽي سيپيتائڻ سان منهنجو
شروعاتي چاهه ڪڏهن به ختم نه
ٿيو. آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پيٽر
برائون جي اتساهيندڙ پڙهائيءَ
منهنجي ٿيهيءَ جي شاگردن جي
ويجهي اوڀر واري ثقافت، اسلام
هٿان آڳاٽي دنيا جي تبديليءَ کان
پوءِ واري سموري تاريخ لاءِ سخت
ضرورت بابت، مينيڪيئڻ ۽ علميت
پرستن (اسلامي علميت پرستن جي
عظيم الشان ڌارا سميت) جهڙن
ڏکيو عرصو ڏمر جو شڪار رهندڙ
متبادل روايتن سان مڪاميل ٿيڻ جي
انتهائي پرجوش ڪيفيت ڏانهن به
نظر وجهرائي.

مائيڪل ووڊ

پنج هزار سال اڳ انساني تاريخ ۾ هڪ انتهائي زوردار انقلاب شروع ٿيو. اڄوڪي عراق ۽ تڏهونڪي ميسوپوٽيما ۾ سڀ کان اڳ شروع ٿيندڙ شهري سڀيتا ڌرتيءَ تي پهريون ڀيرو نمودار ٿي، جنهن جي مصر، هندستان، چين ۽ آمريڪا ڪنڊ پوئواري ڪئي. هر هنڌ، سڀيتا آزاداڻي نموني اُڀري ۽ هر ڪنهن اڏو حياتيءَ جي مقصدن جو پنهنجو ڌار ۽ نيارو نقطئہ نظر هو. انهن اڳاٽي سڀيتائن جا نظريا اڄا تائين انسانذات جي اڪثريت جي حياتيءَ کي دڳ ڏيکارين ٿا. هن موهيندڙ تاريخي تحقيق ۾ مائيڪل ووڊ انهن اڳاٽين ثقافتن کي ڦلهوريندي سندن بنيادي ڪردار ۽ سندن لاڳيتو جاري ورثي تي نظر ٿو وجهي.

سڀيتا ڇا آهي؟ ڇا چينين، هندستانين ۽ يونانين لاءِ اهو ساڳيو مقصد ۽ مفهوم رکندڙ هئي؟ اڳاٽي ثقافتن جا قدر اڄ اسان کي ڇا ڏا سيکاري سگهن؟ مشهور ٽيليويزن سيريز Legacy لاءِ ڪيل تحقيق تي ٻڌل مائيڪل ووڊ جو هيءُ ڪتاب انهن ئي سوالن، معاشرن جي عروج ۽ زوال تي جديد نظرين واري اڀياس ۽ سڀيتا جي فطرت بابت آهي.

بيلڪ اينڊ وائيٽ تصويرن سان سينگاريل هيءُ ڪتاب انتهائي اتساهہ ڀريو آهي. اڳاٽين ثقافتن جي هيءَ سڌُلي انداز واري پرک تاريخ ۽ ويهين صديءَ جي ڇهاڻي تائين بہ ان جي اثرن بابت اسان جي ديد کي هڪ نئون دڳ تي ڏسي.

سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ پبلشرز ڪراچي